# آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي




ايم. ايڇ. پنهور

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي

(مقالا ۽ مضمون ـ اِتهاسِڪ اڀياس)

**ايم ايڇ پنهور**

**ڊاڪٽر محبت ٻرڙو**

مرتب: رياضت ٻرڙو

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ)

قنبر ـ 2010ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي(رجسٽرڊ) قنبر جو ڪتاب نمبر (33)
© ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر 2010ع

[هي ڪتاب ڊاڪٽر محبت برڙي جي 13-هين
ورسيءَ جي موقعي تي ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.]

ڪتاب: آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي
ليکڪ: ايم.ايڇ. پنهور
مترجم: ڊاڪٽر محبت برڙو
مرتب: رياضت برڙو
پهريون ڇاپو: اپريل 2010ع
ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر

قيمت: 120 رپيا

"Aagati Sindh aen Sindhi Boli"
[Ancient Sindh and Sindhi Language]
Written by: M.H. Panhwar
Translated by: Dr. Muhabbat Buriro
Compiled by: Riazat Buriro
1st Edition: April 2010 A.D
Published by: Dr. Muhabbat Academy®, Kambar
E-mail: drmuhabbat_academy@yahoo.com
riazatburiro@yahoo.com

هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر جي چيئرمئن عبدالستار هڪڙي،
ذڪي پريس ڪراچيءَ مان ڇپائي، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي پاران پڌرو ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سَنَاءُ


اداري پاڙان ............ عبدالستار هڪڙو 04

پہ اکر ............ رياضت برڙو 05


## ايم. ايڇ. پنهور جا ترجمو ڪيل مقالا ۽ مضمون


❊ سنڌ ۾ ماڻهو ............ 09

❊ سنڌ جا شهر ۽ وسنديون ............ 35

❊ سنڌ جون ٻوليون ............ 60

❊ سنڌ جي ٻولي ............ 106

❊ جاگيرپ خلاف سنڌ جي سرويچ جدوجهد ............ 120

❊ آبهوائي تبديليون ۽ انهن جو اتهاس تي اثر ............ 153

❊ سنڌ ۾ زرعي-آبهوائي علائقن بابت نئين سوچ ............ 175

❊ سنڌ ۾ گهڻ‌ناٿي مفلسي ............ 184


## ضميما (تخليقي مضمونَ، خطَ ۽ ترجمو مضمون)


❊ پاٽر چمار ............ ڊاڪٽر محبت برڙو 190

❊ ماڻهو-جهڙو-جانار ۽ ماڻهو ............ ڊاڪٽر محبت برڙو 195

❊ ڊاڪٽر محبت برڙي ڏانهن خط ............ ايم.ايڇ. پنهور 200

❊ ايم.ايڇ. پنهور ڏانهن 2-خط ............ ڊاڪٽر محبت برڙو 201

❊ ٿر ۽ ڪوهستان رڻ جا وڻ ٽڻ ............ مسز فرزانہ پنهور 208

❊ ايم.ايڇ. پنهور (پروفائيل) ............ رياضت برڙو 217

❊ ڊاڪٽر محبت برڙو (پروفائيل) ............ رياضت برڙو 222

❊ ڪوش (Glossary) ............ مرتب: رياضت برڙو 232


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري پاران

اسان ڊاڪٽر محبت اڪيڊميءَ پاران ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ورسيءَ تي، سندس نئون ۽ اهم ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. اسان جي مشاهدي ۾ اها ڳالهه آئي آهي ته جاگرافيءَ، جيالاجيءَ ۽ آرڪيالاجيءَ تي سنڌ بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ مواد جي تمام گهٽي ڪوٽ آهي، جڏهن ته اهڙو ٿورو گهڻو مواد انگريزيءَ ۾ آهي. ان ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ جناب ايم.ايڇ. پنهور جا مضمون اسان جي ڏاهي رهنما ڊاڪٽر محبتؔ ترجمو ڪيا. اڪيڊميءَ گذريل تيرهن سالن کان ڪوشش پئي ڪئي آهي ته ڊاڪٽر محبت جي مواد کي سنڌي پڙهندڙن تائين پهچائي ۽ پنهنجو هڪ مقصد حاصل ڪري. هي ڪتاب ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

اڪيڊميءَ وٽ هڪ نئون پراجيڪٽ به زير غور آهي ته سنڌ جي حوالي سان جاگرافيءَ، جيالاجيءَ، آرڪيالاجيءَ، آبپاشيءَ ۽ زراعت وغيره بابت گهٽ-قيمتي ڪتاب ڇپرايون. ان لاءِ سنڌ جي ليکڪن کي ڪوٺ ڏيون ٿا ته هو انهن موضوعن تي 64 کان 80 صفحن جا ننڍا ڪتاب لکن ته جيئن اسان اهي ڇپرائي پڌرا ڪيون. ان رٿا بابت اوهان جي راين جو پڻ انتظار رهندو.

مهرباني،

عبدالستار هڪڙو

چيئرمئن،

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

منهنجي سڄاڻ ياءِ ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جو سندس وفات کان پوءِ، ٽيرهين ورسيءَ تي ٽيرهون ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي، جيڪو بنيادي طور سنڌ جي نالي واري هارٽيڪلچرسٽ سائنسدان ۽ محقق ايم.ايڇ. پنهور صاحب جي تحقيقي ۽ علمي مقالن ۽ مضمونن جو ترجمو ۽ سهيڙ آهي، پر ان ۾ ضميمن ۾ مون مختلف مضمون، خط، پروفائيل ۽ ڪوش به شامل ڪيا آهن، جيڪي پڻ، پڙهڻ کان پوءِ، اوهان ڄاڻي سگهندا ته اهي هن ڪتاب جو حصو ٿيڻ ضروري هئا.

1991ع ۾ ڊاڪٽر محبتَ علمي دنيا ۾ پير پائيندي، سڀ کان اڳ جنهن شي جي سنڌي تحقيقي دنيا لاءِ ضرورت سمجهي ۽ ان لاءِ پنهنجي سِر تحريري ڪم جي شروعات ڪئي، اهو انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا جوڙڻ هو ان سلسلي ۾ هن انسائيڪلوپيڊيا بابت تعارفي مضمون لکيو ۽ ڪم جي شروعات ڪندي فهرستون ناهڻ ۽ مواد سهيڙڻ شروع ڪيو ان دوران ڪيس انسائيڪلوپيڊيا لاءِ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازيءَ جي ضرورت محسوس ٿي، ته هن ان ڪم کي به هٿ ۾ ڪنيو ۽ ٻول ڳهاڙيتو ۽ سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي نالي مقالا لکيا جن ۾ هُن اِن حوالي سان پيچرا ناهڻ جا ڏس ڏيندي، ڪجهه علمي ۽ سائنسي اصطلاحن جا سيٽ به متعارف ڪرايا. اهي مضمون ڊاڪٽر محبت جي پهرين ورسيءَ تي ڇپرايل ڪتاب "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا" (1998ع) ۾ سهيڙيل آهن. افسوس آهي ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي ڇپايل انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد پهريون — الف-ب، 2009ع) ۾ ڊاڪٽر محبت جي انهن ڪوششن جو ذڪر نالي ماتر هِن ريت ڪيو ويو آهي ته "نوجوان محقق ڊاڪٽر محبت ٻرڙي 'سنڌي انسائيڪلوپيڊيا' عنوان سان هڪڙو ڪتابڙو ڇپرايو" (ص 17). جڏهن ته ساڳي صفحي تي اهو پڻ ڄاڻايل آهي ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران انسائيڪلوپيڊيا اسڪيم بابت سوچ ويچار 1994ع ۾ شروع ٿي ۽ 1998ع ۾ 'انسائيڪلوپيڊيانا بابت سيل' جوڙي ڪم جي شروعات ڪئي وئي اها سراسر ڊاڪٽر محبت سان علمي زيادتي آهي، جو ڪيس نه رڳو جائز ڪريڊٽ (ڪيل ڪم جي ميڃتا) نه ڏنو ويو آهي (جيتوڻيڪ ڊاڪٽر محبت ڪڏهن به ميڃتا جي پرواهه نه ڪئي)، پر سندس ڪتاب جو نالو به غلط لکڻ سميت ٻڌايو ويو آهي ته ڊاڪٽر محبت ڪتابڙو ڇپرايو. ان کان سواءِ نه ئي سندس ان ڪتاب جو 'الف' اکر ۾ هڪ داخلا طور ذڪر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سندس ٻين ڪتابن "اَٽڪ قلعي کان" (ترجمو)، "اڄو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون" "ٻوليءَ جو ٻڻ" ۽ "ٻول جو ٻڻ" جون داخلائون پڻ درج ناهن ڪيون ويون. بهرحال، ان دوران ڊاڪٽر محبت جي شناسائي جناب ايم.ايڇ. پنهور سان ٿِي. ڊاڪٽر صاحب سندس مقالن کي بيحد اهم ڄاتو ۽ ضرورت سمجهي ته ان ڪارائتي مواد جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ گهرجي. هتي تحريري طور اهو ڄاڻائڻ پڻ منهنجو فرض



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ ڊاڪٽر محبت ٿي اهو پهريون سنڌيڪار آهي جنهن باضابطا طور پنهور صاحب جي مقالن کي ترجمو ڪرڻ سميت سندس اهم ترين ڪتابن مان ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" ۽ "سورس مٽيريل آن سنڌ" جو ترجمو پڻ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. خاص ڪري "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" جا تہ ڪيترائي باب ماهوار ڪونج لاڙڪاڻو ۽ ماهوار ڪينجهر رسالن ۾ پڻ ڇپيل آهن ۽ جن کي سهيڙڻ منهنجو اينڊڙ ٽاسڪ (مقرر ذميواري) هوندو. پنهور صاحب جا مقالا ڊاڪٽر محبت جن مقصدن هيٺ ترجمو ڪيا، انهن جو ذڪر هن ٽن هنڌن تي هن ريت ڪيو آهي:

1. "توهان (ايم.ايڇ. پنهور) جي تحقيق سنڌ ۾ سنڌ بابت هڪ وڏيءَ ۽ مکيہ ڪوٽ کي پورو ڪري ٿي ... توهان جو مواد نہ رڳو علمي ۽ تحقيقي آهي پر سنڌ سان بہ واسطيدار آهي" (ڏسو: جناب ايم.ايڇ. پنهور ڏانهن خط-1)
2. "... اهي سڀ مضمون [سنڌ جون ٻوليون، سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ ماڻهن پاڻ چمار ۽ ماڻهوجهڙوجانار ۽ ماڻهو] هڪ وڏي موضوع جي مختلف پاسن کي ظاهر ڪن ٿا. خاص ڪري ماڻهوءَ جي اوائلي ماحول ۽ ماڻهوءَ جي ٻوليءَ بابت. جڏهن سڀ مضمون ڇپجي ويندا تہ ماڻهوءَ جي آڳاٽي دَور بابت 'گهڻو ڪجهہ' سمجهہ ۾ اچڻ جوڳو ٿي پوندو.." (5 فيبروري 1995ع تي. ڊاڪٽر محبت جو مون ڏانهن لکيل ذاتي خط ۾ اظهار.)
3. "هِن پيري ماڻهوءَ جي ابتدائي سماج تي لکڻ جو ارادو ٻڌم. سنڌيءَ ۾ هن موضوع تي مواد نہ هجڻ برابر آهي. خوش قسمتيءَ سان ايم.ايڇ. پنهور صاحب جن انهيءَ موضوع تي بہ ڪيترائي اعليٰ پائي جا علمي مضمون لکي ورتا آهن جيڪي انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ الٿو ڪري سنڌي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪندي خوشي محسوس ڪيان ٿو. هن موضوع کي ڀرپور نموني سمجهڻ لائق ڪجهہ ننڍن ننڍن وضاحتي مضمونن جي گهرج محسوس ٿي، جيڪا پوري ڪرڻ لاءِ پُوڄائي ڪئلينڊر بابت بنيادي ڄاڻ، پاڻ چمار ۽ انساني ابتدا (ماڻهوجهڙوجانار ۽ ماڻهو) جهڙا مضمون لکيا اٿم. انهن مضمونن ۾ ڪيترن ئي نون اڳ اڻڄاتل اصطلاحن سان واسطو پوي ٿو، توڻي جو انهن جو ڪوش (Glossary) گڏ ڏنو اٿم. (ناز سنائيءَ ڏانهن لکيل خط مان ٽُڪرو، جيڪو ماهوار "ڪينجهر" حيدرآباد ۾. مارچ 1995ع ۾ ڇپيو.)

افسوس تہ اهو ڪوش ڇپجي نہ سگهيو ۽ پبلشر (ايڊيٽر) وٽ اڻ ڇپيل رهجي ويو يا وڃائنس گم ٿي ويو. پر اسان وٽ ان جي ڪا بہ ڪاپي موجود ناهي. ان ڪري ئي مون هن ڪتاب ۾ ڏنل پنهور صاحب، مسز پنهور ۽ ڊاڪٽر محبت جي مقالن ۽ مضمونن مان نئين سر ڪوش جوڙي پيش ڪيو آهي، تہ جيئن سنڌي لغت ۾ پڻ واڌارو ٿي سگهي، جو تہ ان ۾ ڊاڪٽر محبت گهڻا ئي نوان سنڌي لفظ متعارف ڪرايا (جوڙيا) آهن.

ڊاڪٽر محبتَ 1993ع جي شروعات کان جناب ايم.ايڇ. پنهور جي مقالن، مضمونن ۽ ڪتابن جو ترجمو ڪرڻ جي وڏي رٿا جوڙي هئي، جنهن ۾ هُن نہ صرف پنهور صاحب جي ٻن ڪتابن "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري..." ۽ "سورس مٽيريل..." جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ٿي سگھندو. مون پنھور صاحب جي ستن مقالن کي، سواءِ سنڌ ۾ زرعي-آبھوائي علائقن بابت نئين سوچ جي (جو ته ان جي انگريزي ڪاپي هٿ ٿي نه سگھي). اصلي انگريزي مقالن تان پيٽيو آهي ۽ مسز فرزانه پنھور جي مضمون کي به چڪاسيو آهي، ته جيئن سنن ۽ اصطلاحن توڙي انھن جي انگريزي اسپيلن جي غلطي وس پڄي نه رهي. ان کان سواءِ ڪافي مقالن کي ڊاڪٽر محبت جي اصل ترجمي سان پڻ پيٽيو اٿم ته جيئن سنڌي ترجمي جي پڻ خاطري رهي ۽ ڪا شي ڪُتل محسوس نه ٿئي، جو ته ڇپائيءَ ۾ پڻ پروفن جون ڪيتريون ئي غلطيون رهجي وڃن ٿيون. ٻن مقالن "سنڌ ۾ ماڻھو ۽ "سنڌ جون ٻوليون ۾ ڏنل نقشا ۽ تصويرون پڻ ڇپيل مقالن ۾ شامل نه هيون، جيڪي پڻ هتي شامل ڪيون ويون آهن. ان کان سواءِ ايم.ايڇ. پنھور ۽ ڊاڪٽر محبت جي ٽن خطن کي پڻ رڪارڊ جو حصو بڻايو اٿم. افسوس ته پنھور صاحب جو ترجمو ڪيل هڪ مضمون "پاڪستان ۾ سنڌ جي معاشي قُرلت" (ڇپيل روزاني "جاڳو" ڪراچي) باوجود انتھائي ڪوشش جي ملي نه سگھيو. ان ڪري جڏهن ان جي ڪاپي ملي، ته ڊاڪٽر صاحب جي ڪنھن ٻئي ڪتاب ۾ شامل ڪبو. پنھور صاحب جو مقالو "سنڌ ۾ ماڻھو" ۽ ڊاڪٽر محبت جا به ننڍا مقالا، سندس ڪتاب "ماڻھو ۽ ماڻھپو" ۾ پڻ ڇپيل هئا. جيڪي اصل ۾ موجوده ڪتاب جو حصو آهن. ان ڪري انھن کي ٻيهر ڇپيو آهي. ارادو رکان ٿو ته ڪتاب "ماڻھو ۽ ماڻھپو" کي ٻيهر سٺي طرح ۽ ڀرپور نموني سھيڙي پيش ڪندس، جنھن ۾ ڊاڪٽر محبت جا موضوع سان واسطيدار ٻيا مضمون پڻ شامل ڪندس.

منھنجي دوست ۽ ڊاڪٽر محبت اڪيڊميءَ جي سجاڳ ميمبر دين محمد ڪلھوڙي وڏي محنت ڪري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري جي تحقيقي لائبريريءَ مان هن ڪتاب ۾ شامل ڪجھه مضمون فوٽو ڪاپي ڪرائي موڪليا جنھن لاءِ سندس تمام گھڻو ٿورائتو آهيان. ڊاڪٽر محبت اڪيڊميءَ جي چيئرمئن ۽ پنھنجي ويجھي دوسُت عبدالستار هَڪڙي هر سال جيان هِن سال به ڪتاب جي ڇپائيءَ لاءِ مالي سھائتا ڪئي، جنھن لاءِ سندس وڏيون مھربانيون. سندس ساٿ کان سواءِ اڪيڊمي اڌوري آهي، جنھن سان هُو هر لحاظ سان نڀائيندو پيو اچي. هن جي من ۾ سنڌ لاءِ گھڻو ڪجھه ڪرڻ جا جذبا سدائين موجود رهيا آهن.

مان اطمينان محسوس ٿو ڪريان ته مون ڊاڪٽر صاحب جو هي ڪتاب سھيڙي، تيار ڪري، پنھنجو فرض نڀائڻ جي مڪمل ڪوشش ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب اهڙو ئي ماڻھو ته هو: پنھنجي سنڌ وطن، سنڌي ماڻھن ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان بي انتھا پيار ڪندڙ ۽ انھن لاءِ سدائين سوچيندڙ ۽ لوچيندڙ.

سنڌ سلامت.

رياضت برڙو
30-مارچ 2010ع
لاڙڪاڻو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم. ايچ. پنهور
ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# سنڌ ۾ ماڻهو

## پاڻر جمار کان نوپهڻي تائين

جُهوپهڻي (Paleolithic) جمار جنهن کي پاڻر جمار (Stone Age) يعني پٿر جي وکرن وارو زمانو پڻ سڏيو وڃي ٿو. پنهنجن وکرن ۽ وقت جي حوالي سان هن طرح ڀاڱيل وڃي ٿي:

**10 لک ــ 1 لک ورهه ق.م**

اوائلي جهوپهڻي جمار (Early Paleolithic Age).

هن جمار کي پراڻي پاڻر جمار (Old Stone Age) يا هيٺين پاڻر جمار (Lower Stone Age) پڻ سڏيو وڃي ٿو.

**1 لک ــ 40 هزار ورهه ق.م**

وچين (Middle) جهوپهڻي جمار.

هن جمار کي وچين (Middle) پاڻر جمار پڻ سڏيو وڃي ٿو

**40 هزار ــ 10 هزار ورهه ق.م**

ديرائت (Late) جهوپهڻي جمار.

هن جمار کي ديرائت (Late) پاڻر جمار يا مٿئين (Upper) پاڻر جمار پڻ سڏيو وڃي ٿو.

انساني سڀيتا (Human Civilization) واري زماني کي هن طرح ڀاڱيو وڃي ٿو:

10 هزار ــ 5 هزار ورهه ق.م: وچپهڻي (Mesolithic) جمار.

(وچپهڻي ۽ وچين پاڻر جمار ۾ فرق کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي.)

7500 ــ 3000 ورهه ق.م: نوپهڻي (Neolithic) جمار.

3770 ورهه ق.م کان شروع: ٽنگارپهڻي (Aeneolithic) يا ٽاماپهڻي (Chalcolithic) جمار.

1400 ورهه ق.م کان شروع: لوهي جمار (Iron Age).

(ٽنگارپهڻي ۽ لوهي جمار کي پاڻر ۾ شامل نه ٿو سمجهيو وڃي.)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڌرتيءَ جي ڄمار جي حوالي سان وقت کي جن مُدن ۾ ورهايو ويجي ٿو. انهن مان آخري/پوئين/هلندڙ وڏي-مدي واپَل (Period) کي چاريت (Quaternary) سڏجي ٿو. جيڪو ٻن نسبتاً ننڍن مَدن پاپَلن (Epochs) ۾ ورهائي، پهرئين پاپَل کي ڄَڄهرُوپ (Pleistocene)• ۽ ٻئي (پوئين، هلندڙ) پاپَل کي سَپرُوپ (Holocene)♦ سڏيو ويجي ٿو. پوڄاڻي (Geological)♥ ڪئلينڊر جي حوالي سان سپروپ پاپل (Holocene Epoch) ۾ انساني سڀيتا جي حوالي سان وچپهڻي (Mesolithic) ڄمار جي ابتدائن کي پاڙ ۾ هڪ ٻئي سان ساڪيات (Contemporary) سمجهيو ويجي ٿو.)

ماڻهو (Human Being) جن ساهوارن (Livings) جانارن (Animals) جي ڏگهيءَ قطار مان اسري، اڄوڪي منهن مهانڊي، هڏ ڪاٺ ۽ ذهني ذات ڏاهپ کي پهتو آهي، انهن جانارن مان ڪجهه جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

## 1. ڏاڪٽباندر/آسٽرالو پٿيڪس (Australopithecus)

50 لک — 1 لک 20 هزار ورهه ق.م تائين موجود هو. باندر جهڙي جانار جو هيءَ قسم مختلف نمونن جا اوائلي پاٿر وکر ڪم آڻيندڙ ماڻوت (Hominid. هومينڊ. ماڻهوءَ سان ڪِي قدر مشابهت رکندڙ) هو. پٿر جا قدرتي طرح ملندڙ يا ٽهي پيل اهڙا ڳوڙها ڳنڍيا جيڪي شڪاري وکر طور ڪم آڻي سگهجن. انهن

---

• ڄڄهروپ (Pleistocene): ڄڄهه = ڄڄهو+روپ = صورت.
Pleistos (پلئيسٽو) = ڄڄهو + Kainos (ڪائنو) Cene (سين) = تازو (روپ). مولسڪ (mollusc) نالي جاندارن جي ملندڙ پاهٽيل (fossilized) وجودن جي حوالي سان سڏجندڙ جيڪي هن دَور جي ٽاڪرو پرتن ۾ ڄهڄهيءَ ڳٽپ ۾ ملن ٿا.
ڄهڄهروپ جي ابتدا 10 لک ورهه اڳ ٿئي ٿي ۽ 10 هزار ورهه ق.م ڌاري ختم ٿئي ٿي. (ڪي عالم ان جي ابتدا 20 لک ۽ ڪي 70 لک ورهه اڳ مقرر ڪن ٿا)
♦ سپروپ (Holocens): سپ = هڙئي، مڙيوئي+روپ = صورت
Holos (هولو) = سپ + Kainos (ڪائنو) Cene (سين) = تازو (روپ) آخري بارفاٿپ (Glaciation) يعني پوئين برفاني ڄمار (Ice Age) يا بارفي دَور (Glacial Period) سان لڳ ڀڳ ساڪيات ۽ پوڄاڻي ڪئلينڊر ۾ سپ کان پويون، تازو عرصو
سپروپ جي ابتدا لڳ ڀڳ 10 هزار ورهه ق.م ڌاري ٿي ۽ اڃا سوڌو هلندڙ آهي.
♥ پُوڄاڻ (Geology): پو = پوِنءِ، ڌرتي + ڄاڻ = علم. يعني ڌرتيءَ (يا ڌرتيءَ جي ڪل) ۽ ان جي تاريخ سان واسطيدار سُڄاڻ (Science) جنهن سان ڳَڏ مخصوص دَورن ۾ واسطيدار وٿن ٻوٽن ۽ جناورن جو ذڪر آهي.
Geo (جيو)= ڌرتي + Logos (لاگو)= علمي بحث [پوڄاڻي = پوڄاڻ سان واسطيدار]



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتهائي سذريل سطح کي پهتو. هن ئي قبيلائي سرشتو پيدا ڪيو. ڪي 25 هزار ورهه اڳ نيئينڊرٿل ماڻهوءَ جي جاءِ ڪرومئگنن ماڻهوءَ ولاري ۽ ٿي سگهي ٿو تہ هن نيئينڊرٿل ماڻهو کي ماري ڇڏيو هجي. ڪرومئگنن هاڻوڪن اينگلو-سئڪسن (Anglo-Saxon) ۽ اسڪينڊينيويائي (Scandinavian) ماڻهن جيان هو. هن جي کوپريءَ جي گنجائش هاڻوڪن يورپي ماڻهن جيتري هئي. انهن ماڻهن مختلف گفائن ۾ تصويرون چٽيون. ڪرومئگنن ماڻهن شڪار ڪرڻ لاءِ ڪوڙڪا ۽ پکڙ ڪڍا ناهيا ۽ لڪي گهات هڻي سگهندا هئا هن جنن، ڀوتن، وهمن (وهمي، تصوراتي وجودن)، جادو ٽوڻيمر (Totem، ڪنهن قبيلي جو ان تائين محدود اهڃاڻي، وهمي، مقدس نشان) ۽ تابو (Taboo، جن شين/ تصورن کي مقدس سمجهيو وڃي انهن بابت عقيدن وارو سرشتو) ۾ پروسو رکيو ٿي. هو هڪ سٺو فنڪار (Sculptor، نقاش، بت تراش، مجسمه ساز) ۽ وينجهار (Engraver، سخت سطح تي اکر ڪندڙ) هو.

ماڻهوءَ جا سڀ کان آڳاٽا وڏڙا (Ancestors) باندر-جهڙا (Ape-like) ماڻوت (Hominids) هئا جيڪي 200 لک ورهن کان 40 لک ورهه اڳ تائين واري عرصي ۾ ٿي گذريا آهن. انهيءَ باندر جهڙي ماڻوت جي جاڙيءَ جا هڏا 1930ع ۾ سوالڪ ٽڪرين مان لڌا ۽ انهن جهڙا ٻيا هڏا افريڪا ۾ بہ هٿ آيا. اهو ماڻوت يا ماڻهوءَ جهڙو اتميت (Primate، جانارن جي ان شاخ جو نالو جنهن جو آخري سرموڙ ماڻهو آهي) راماباندر سڏجي ٿو ۽ ڏاڪٽباندر جو آڳيلو (Predecessor) آهي، جنهن لاءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ اُبو ٿي، ٻن پيرن تي گهمي سگهندو هو. سوالڪي (Siwaliks) جانوٽ (جانار جهڙو هر وجود، ننڍو توڙي وڏو جيڪو ڪنهن مخصوص مدي يا علائقي ۾ ملي) سنڌ ۾ گاج ٽڪرين جي جوڙجڪ واري مدي سان ساڪيات آهن. راماباندر ممڪن آهي تہ سنڌ جي الهندين ٽڪرين ۽ جبلن ۾ گهميو گهتيو هجي. پر ان ايراضيءَ ۾ هن جو پاهڻ (Fossil) ملڻ هڪ ڀاڳ چٽبو.

---

ياد رهي تہ قبيلائي سرشتي جي رواج کان اڳ واري سڄي مدي دوران انسانذات هڪ غير طبقاتي سماج ۾ گذاريندي رهي آهي. جنهن ۾ ڪو بہ معاشي، سياسي ڦورو طبقو يا ڦرجندڙ طبقو موجود نہ هو. ڌرتي ۽ ان جا خزانا سڀني جي هڪ جهڙي ملڪيت هئا ۽ پورهيت پنهنجي ڪُل پورهئي جو مالڪ پاڻ هو. جيئن تہ سڄي برادريءَ جو هر فرد، جيڪو پورهيو ڪري سگهي، پورهيو ڪندڙ هو تنهنڪري سڀني جي گڏيل پورهئي جو گڏيل مالڪ برادري ئي هئي. جيڪا هر هڪ کي سندس گهرج آهر پنهنجا سمورا وسيلا مهيا ڪندي هئي. - سنڌيڪار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راماباندر جي هڪ مڪمل هيمين جاڙي ڪور (Kaur) ويجهو پونوار مان تازو ٿي لڌي آهي. جنهن کي 1 ڪروڙ کان 80 لک ورهہ آڳاٽو چيو وڃي ٿو
ڏاڪٽباندر جون ٻہ ذاتيون آهن: ڏاڪٽباندر ٻلوان ( Australopithecus (Robustus ۽ ڏاڪٽباندر افريڪي (Australopithecus Africanus)، جنهن کي ڪجهہ وڏيڪ اسريل ڏاڪٽباندر بہ سمجهيو ويندو آهي پهريون قسم ڪجهہ وڏو هو، وڏيڪ کهرو (بدمزاج اڻ گهڙيو) هو پوريءَ طرح ٻاڄين تي گذارو ڪندو هو ٻويون قسم قد جو ڪجهہ هلڪو هو ۽ گوشت تي گذارو ڪندو هو. پهريون نابود ٿي ويو ۽ وڏو امڪان آهي تہ جديد ماڻهوءَ جو وڏڙو نہ هو، پر ٻيو (ٻويون) يعني افريڪي پڪ ئي ماڻهوءَ جو وڏڙو هو. اڳيون (پهريون) پنج فوٽ ڊگهو هو ۽ وزن 140 پائونڊ هوس ۽ ٻيو (ٻويون) چار فوٽ ڊگهو ۽ 100 پائونڊ وزن رکندڙ هو.
پنهنجيءَ 35 لک ورهي ارتقائي زندگيءَ ۾ گذاريل وقت جو 99.666 حصو "ماڻهو" جهنگلي پکين، ٻجن، ميون، ڪجهہ قسمن جي اوبڙ جي ٻاڙن ۽ ماڪيءَ تي گذارو ڪندڙ شڪاري-ڪم-کاڌو ميڙيندڙ ٿي رهيو. آخري، رڳو 10 — 12 هزارن ورهن دوران هُو جانورن کي پالڻ لڳو ۽ پوکراهپ جي عمل ۾ داخل ٿيو. جن موٽ ۾ وري سندس گذارڻ جي اوائلي ڍنگ کي تبديل ڪري ڇڏيو. هو رڳو ان ننڍڙي مدي دوران پنهنجي اوائلي ڍنگ کي تبديل ڪري ڇڏيو. هو رڳو ان ننڍڙي مدي دوران پنهنجي اوائلي ٻاٽر، هاڏر ۽ ڪاٺر وکرن سان گڏ ڪي ٻيا ڏاتو ڪم آڻي سگهڻ لائق ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي جسم جي سگهہ سان گڏ ڪي ٻيا ڏاتو ڪم آڻي سگهڻ لائق ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي جسم جي سگهہ (energy) سان گڏ هڪ ٻي واڌو سگهہ وڌائي سگهيو.
وکر ٺاهڻ لاءِ هر قسم جو پٿر ڪم نہ اچي سگهندو آهي. ڏڳندڙ جبلن مان نڪرندڙ ٻاڳار (Lava، رجيل پٿرن جي ڳار) ۾ ملندڙ چقمقي اثر رکندڙ فلنٽ (flint، آڳار) پٿر ۽ اوبسيڊين (Obsidian، ڪانڳان ڪارو سڙيل پٿر)، چرٽ (Chert) ۽ ڪٿارٽزيو (Quartzite) اهي پٿر آهن جيڪي وکر/اوزار ٺاهڻ لاءِ ڪم آڻبا آهن چو تہ انهن جو ڦر (Blade) ٺهي سگهي ٿو (جنهن جي ڌار ٺاهڻ سولي آهي.) ڪاٺڪ وکر ٺاهڻ لاءِ کهرا داڻيڪ (Granular) پٿر جيئن سماق (Granite) بيڪار آهي.
ڏاڪٽباندر پٿريلا وکر ڪم آڻيندو هو. هڪ گولائين يا اُپي/بيضوي پٿر کي هڪ پاسي کان ڇليو ويندو هو تہ جيئن ان کي ڇهنب/چک/اني/چوٽي يا ڌار ٺاهي سگهجي، جيئن گوشت ۽ ٻاڄين کي وڍي سگهجي. سنڌس ٺاهيل وکر 35 لک ورهن ۾ انهيءَ سطح کان گهٽو مٿي اسري نہ سگهيا

---

* تازو ئي ڏاڪٽباندر جي ٽين ذات بہ لڌي وئي آهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com






sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڻيندا هئا جيستائين اها حد درجي جي سنهي ٿي وڃي. لڌل شين کي هنن نالن هيٺ درجيبند ڪيو ويو آهي:

- پرتائين (چلهڙ رکنڊڙ) ماس (Flake cores) جا گُنڊيا.
- ڦر ماسَ (Blade cores) جا گُنڊيا.
- اياڪ ڦر وارو چلهڙ لٿل ماس (Longitudinal blade core trimming flakes).
- ڦـرَ (Blades).
- جُهڪنيا-اپٽيا چيلها (Concavo-convex scrapers).
- جهوڪڙ چيلها (Carinated scrapers) (پيڙيءَ جي پيٺ جهوڙي چلهه ڪنڊڙ وڪر).
- چيٽيون (Burins).
- واهولا (Adzes).
- ڪريبون (Cleavers).
- چاپڪ (چاپون. چاپوڙا ڪنڊڙ) وڪر (Chopping tools) (ڪات).
- نوڪدار پرت (Pointed flakes).

چنچا بلوچ ويجهو نواب پنجابي ڳوٺ واري ڪارخاني ۾ ڦر ٺاهڻ واري صنعت نمايان آهي. انهن ٻنهي هنڌن (چنچا بلوچ ۽ نواب پنجابي) جو واسطو وچيهٽي ۽ نويهٽي برادرين يعني هڙپا ۾ ٻنگاريهٽي کان آڳاٽين راهپن (ثقافتن) سان آهي.

نواب پنجابي ڪارخانو شايد ڪوٽڏيجي کي مال پهچائيندو هو. ان جا وڪر هڙپائي (Harappan) وڪرن جي پيٺ ۾ عمدي قسم جا آهن.

ميل 101 ڪارخانو سنوت وارو متاچرو رکنڊڙ نعل/سُنب شڪل ٽڪريءَ متان لڳ ڀڳ اڌ چورس ميل جي ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي. اها چرٽ وڪرن جي تهه سان ڍڪي پئي آهي. انهن وڪرن جي درجيبندي هن طرح ڪيل آهي:

- ٽڪوان ڳر (Discoidal cores) جا گُنڊيا.
- اسرالوئي ڳر (Israllois cores) جا گُنڊيا.
- گهڻ چوٽيا ڳر (Polyhedral cores) جا گُنڊيا.
- هڪ رُخا ڳر (Unidirectional cores) جا گُنڊيا.
- ڦروان ماس (Blade cores).
- اياڪ ڦر وارو چلهڙ لٿل ماس (Longitudinal blade core trimming flakes).
- جهوڪڙ چيلها (Carinated scrapers).
- چاپڪ وڪر (Chopping tools) (ڪات).



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪي هئي ۽ انهن قبيلن جي وچ ۾ لڳ لاڳاپي ۽ اچ وڃ جا بهترين وسيلا موجود هئا

روهڙي ٽوٽي چنچا بلوچ ۽ نواب پنجابي ڪان وڪرن جي ڍوئي/ٽرانسپورٽ ٽي سگهي ٿو ته نارو-هاڪڙو-سرسوتي نديائي سرشتي وسيلي يا سنڌو وسيلي ٿيندي هجي. جنهن جي پاٿيءَ جو ڪجهه حصو ان زماني ۾ الور چورلڪ وٽان گذرندو هجي.

پروفيسر عبدالرؤف خان ڪوهستان جي برساتي ندين (نئن) حب، ڪڏيجي، جيراندو نال وغيره جي مختلف ايراضين ۾ پوئين جهوپهٽي ڏور جا هنڌ ڳولي لڌا آهن. بدين ضلعي ۾ هاڪڙي جي ڪيٽيءَ وٽ به ڪجهه پاٿر چماري هنڌ لڌا آهن. انهن مان ڪنهن هڪ به هنڌ کي پرکڻ لاءِ ڪي ريڊيو ڪاربان چڪاسون نه ڪيون ويون آهن. جنهنڪري ڪنهن به هنڌ لاءِ سن مقرر ڪرڻ ۽ ان جي درجيبندي ڪرڻ ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي.

سنڌ جي ٿر واري ايراضيءَ ۾ وچپهٽي راهپن جي موجودي ۽ انهن لاءِ چنچا بلوچ ڪان وڪرن جي پهچ سنڌ ۾ شڪاري-ڪم-ڪاڏو ميڙيندڙ قبيلن ۽ سنڌو راهپ (Indus culture) جي وچ ۾ ماڻهن جي سرگرميءَ جو نئون باب کولي ٿي. (هيل تائين اهو سمجهيو پئي ته مجموعي طرح سنڌ ۾ وچپهٽي راهپ وجود نه پئي رکيو.)

اهو ڪٿيو ويو آهي ته سڄي ڌرتيءَ جي مائوٽ (Hominid) آبادي ويهه لک ورهن دوران هڪ لک فردن کان وڌيڪ نه هئي جيڪي لڳ ڀڳ سڀ آفريڪا ۾ رهندڙ هئا ٿي لک ورهه اڳ ماڻو اپير جي برتريءَ جي ابتدا مهل اها آبادي ٿيهه لکن کان مٿي هئي. ڇهه هزار ورهه ق.م اڳ اها 865 لک هئي يعني هڪ چورس ميل ٽن کان به گهٽ ماڻهن حوالي هو. مون (ايم.ايچ. پنهور) پنهنجي مضمون *"سنڌ جا اڳ-نويهٽي (Pre-Neolithic) کاڌ خوراڪ جا سرچشما"* ۾ ڪاٿو ڪيو آهي ته سنڌ ۾ 6 هزار ورهه ق.م موجود آبادي 2 لک کان مٿي هئي يعني هڪ چورس ميل ۾ لڳ ڀڳ چار ماڻهو رهندڙ هئا يعني انهن ڏينهن ۾ دنيا اندر آباديءَ جي سراسري گهاٽائيءَ جي ڀيٽ کان وڌيڪ.

## سنڌ ۾ وچپهٽي چمار (10 هزار - 35 سَو ق.م)

سنڌ ۾ وچپهٽي ڏور چڱيءَ طرح جاتل نه هو. پر برجيت آلچن ۽ گوندي (Gondie) جي تازي لکتي *"عظيم انڊين ريگستان جو اڳ اتهاس ۽ جهوسنڌ"* (The Pre-history and paleography of the great Indian desert) ان تي چڱي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاثايل دورن دوران مختلف لڏپلاڻن واري نظريي کي رد ڪري ٿو. هي نڪتي نظر بڌائي ٿو تہ وڏ ۾ وڏ اها 35 سَو ڪان 11 سو ورهہ ق.م تائين ايراني پوٺي (Plateau) ڪان ساڳين قسمن جي ماڻهن يا ممڪن آهي تہ ساڳي لڏي (Stock) چاڙهہ. لڇ جي ماڻهن جي هڪ لاڳيتي لڏپلاڻ آهي. سرڪار (Sarkar) جي لکڻي "بلوچستان، سنڌ ۽ پنجاب جا نسل" ڏيان لهڻي ٿي، جيڪا ٻڌائي ٿي تہ گهڻن هڙپائي ماڻهن جي ڪوپ-ڏساڪ (Cranial Index) ڪوپڙيءَ جي ماپ ۽ پيٽ ڏسيندڙ انگ) ايڪهتر آهي ۽ انهن تاپ حصار (Tape Hissar) جي ماڻهن سان ساڳيائپ رکي ٿي، ۽ اهي هاٿوکن سِکن، جَتن، جاٽن ۽ سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي ٻين ڏيهي قبيلن جهڙا ڏيکاربا هئا. هيلپش (Hellpusch) ۽ ويسٽ پال پاران پاڪستان جي جاٽن/جتن بابت اپياس جٽ برادريءَ جي درجيبندي ڪري ٿو. انهن لڏپن جي روشنيءَ ۾ ٻولي-جاڻو مانسجاڻڪ ماهرن ( Linguistic anthropologists) کي سنڌو جي لکيت بابت پنهنجيءَ تحقيق تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي چو تہ انهن انهيءَ مفروضي جي بنياد تي ڪم پئي ڪيو آهي تہ سنڌو (Indus) ماڻهو دراوڙ هئا. انهيءَ ئي جٽي جي ٻولي ڳالهائيندا هئا. ۽ ان ڪري سنڌو مهرن تي موجود اهڃاڻ انهن جا دراوڙي اسم سمجهي پڙهڻ گهرجن.

ايراني پوٺي ڪان اپکنڊ (Sub-continent) ڏانهن انهن ماڻهن جي 2500 — 1100 ق.م تائين لڏپلاڻ، رگويدي آرين جي 1000 — 800 ق.م تائين لڏپلاڻ ۽ وري ٻارهين ۽ تيرهين صدين ۾ منگول لڏپلاڻ جيڪا سچي تيرهين صدي دوران جاري رهي، وڏو امڪان آهي تہ مرڪزي ايشيا ۾ آبهوا جي خشڪ ٿي پوڻ واري دَور سان لاڳاپيل هجي. (هن علائقي ۾ گذريل 10 هزار ورهن دوران جيڪا آبهوا رهي، ان جو اپياس اڃا ٻالجتي (infancy) ۾ آهي ۽ ان جي بنياد تي نتيجو نہ ٿو ڪڍي سگهجي.) ڏکڻ يو.ايس.اي (اميريڪا) ۾ اڄ ڪان ساڍا 9 هزار اڳاٽي تاريخ رکندڙ وڻن جي اپياس خشڪ دَورن جي نشاندهي ڪئي آهي، پر اها ڳالهہ سچي ڌرتيءَ بابت پڪ سان نہ ٿي چئي سگهجي.

سنڌ وٽ پنهنجو پڪو پختو وچيهڻي دَور آهي پر ان تي ٻين، پوئين جهويهڻي ۽ نويهڻي دَورن پردو وجهي رکيو. حقيقي دَور بابت پڪو نتيجو رڳو سنڌ نہ پر راجستان، لسٻيلي، قلات، سبي ۽ ڪڇي ضلعن ۽ پڻ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ تي ٻڌل وسيع ايراضيءَ ۾ قديم آثارن جي ووڙ ڪرڻ ڪان پوءِ ئي ڪڍي سگهجي ٿو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



Fig. 50. Fossil men

Upper row: Cro-Magnon (extinct 35000 B.C.,

Middle row: Neanderthal

Bottom row: Sinanthropus by M.M. Gerasimov.

From book "Races of Mankind" by M. Nesturkh. Moscow.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com





Ancient quern and saddles, evolved by Hunter-food gatherers probably around 10000 B.C.



Fishing hooks made from antlers



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



Primitive drillmachine, to bore holes in stone. Such machines were in use, until middle of this century. A simplified version of it for manual operation by one man is widely used in carpentry work.



2300-1700 B.C. Saddle-quern and muller stone found at Mohenjo Daro. Rotary quern is later development after 1000 B.C.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




7-5 million years ago. The set of teeth, found at Siwalik in 1930 with small canines, evenly proportioned premolars arched palate curving outwards, proved them to be of men like species, the Ramapithecus.

From Early Man, by Howel 1970.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



14-5 million years ago. Ramapithecus, who roamed Siwaliks and Potwar plains, may have existed in Gaj plains of Sindh.

From Early Man, by Clark Howel 1970.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



1.6-1.5 million years ago. Advanced Austrolapithecus.
From Early Man, by Clark Howel 1970.
Austrolapithecus had two different types, purely vegetarian and non-vegetarian, who also took vegetables occasionally.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وچ اوڀر ۾ پنهنجي بڻ (Origin) کان نوپٿڙي راهپ جو پکڙجڻ (1000-2300 ق.م)

نوپٿڙي انقلاب بابت پروسو ڪيو وڃي ٿو ته قبل مسيح ۾ اٺين هزارين ورهه جي وچ ڌاري شروع ٿيو جيئن جرمو، جيريڪو ۽ ڪتال هيوڪ (Catal Huyuk) ۾ ڪيل کوٽاين وسيلي ظاهر ٿئي ٿو. قبل مسيح جي ڇهين هزارين ورهه جي پڇاڙي مهل (5100 ق.م) اهو انقلاب ايران ڏانهن وڌيو. وچ اوڀر، ايران، بلوچستان ۽ سنڌ جي وچ ۾ نوپٿڙي انقلاب جي اها شروعات هڪ ٻئي سان نهڪندڙ نه هئي، پر ڏاڍر ويجهو مهر ڳڙهه ۾ تازين کوٽاين هن ايراضيءَ جي نوپٿڙي ڄمار کي 8 هزار ورهه ق.م تي آڻي بيهاريو آهي. مهر ڳڙهه بابت تفصيلي رپورٽ پڌري ٿيڻ جو اڃا انتظار آهي.

سڀ کان اوائلي ڄاتل ڀاڄ (ٽڪر-ٽانو) ڪتال هيوڪ (انطوليا) لڳ ڀڳ 6800 ق.م، ۽ ايران ۾ تاپ گران (Tape Guran) 6500 ق.م ڌاري پڌرا ٿين ٿا اناجن مان ڪڻڪ جرمو (عراق) ۾ 6000 ق.م ڌاري ظاهر ٿئي ٿي جيڪا ڪڻڪ جي جهنگلي وڻڪ (variety) ڊسوڪوڊيس (Disoccuides) جي ويجهو يا ان سان ملندڙ جلندڙ آهي. ڇڪڙي (Hexaploid) ڪڻڪ 3000 ق.م کان پوءِ سنڌو ماٿر ۾ اپائي ويندي هئي ۽ ان کان هڪ هزار ورهه پوءِ چين پهتي. مهر ڳڙهه ۾ ڪڻڪ 6000 ق.م ڌاري اپائي ويندي هئي. سڀ کان اوائلي جَوَ (هسپونتانيم Hispontaneum وڻڪ) جي ڄاڻ ڪتال هيوڪ ۽ جرمو ۾ 6000 ق.م ڌاري ملي ٿي.

ڏٻي وسيلي ڪاهيو ويندڙ هَر وچ اوڀر جي ڪجهه حصن ۾ 300 ق.م ڌاري هلايو ويندو هو پر يورپ ۾ اهو 1500 ورهه پوءِ ظاهر ٿيو. سنڌ ۾ ان جا اوائلي آثار 3000 ق.م ملن ٿا. جمدت نصر (عراق) ۾ 3000 ق.م ڌاري ٻاجهري ظاهر ٿي. سانئون (ڇيٽو، جوئر، Sorghum) جيڪو گهٽ مينهوڳيءَ واري علائقي ۾ ٿيندو آهي، تاپير (Tropical)، کوسي ڪمربند واري) افريڪا (صحرا جي ڏکڻ کان عرب ۽ عرب کان اپکنڊ ۾ ۽ پڻ يونوچ (Mediteranian) سمنڊ جي ڏيهَن ۾ پهتو چانور ڏکڻ ۽ اوڀر انڊيا ۾ اپايو ويندو هو، جتي وڌو امڪان آهي ته اهو 2000 ق.م ڌاري چين کان پهتو. مٽر (Field pea) ڪتال هيوڪ ۾ 6500 ق.م ڌاري ۽ جرمو (عراق) ۽ ميرند (مصر) ۾ 4500 ق.م ڌاري اپايو ويندو هو.

ڪُتا، بنيادي طرح ڳوناٺا رولو، پروسو ڪيو ٿو وڃي ته ٻين سڀني کان اڳ ۾ هيرايل (domesticated گهريلو ڪيل) جانور آهن. توڻي جو ان بابت پڪي پڙاڇاڻي (آرڪيالاجيڪل قديم آثارن واري) ثابتي موجود ناهي. انهن جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيرائجڻ بابت پهرين سڀ کان آڳاٽي شاهدي 8400 ق.م ڌاري ملي ٿي. رڍ پالجڻ جي شاهدي زاوي (Zawi) حڪيمي شنيدر (عراق) ۾ 8300 ق.م ۾ ملي ٿي. گڏهه پهريائين مصر ۾ گهريلو ڪيو ويو. گورخر خچر (گڏهه جو مائٽ. جهنگلي گڏهه. Onager) ڦيٽي واري گاڏي ۾ 3000 ق.م ڌاري سينگاريو ويو. اتر-اولهائين ايشيا ۾ گهوڙو هيرايو ويو ۽ اٺان اهو 2000 — 1500 ق.م ڌاري يورپ ويو. ٻڪري 6000 ق.م ڌاري جيريڪو، جرمو ۽ علي ڪوش (Ali Kosh) ۾ ڌارجڻ لڳي.

هيرايل سوئرن (Pigs) جي موجوديءَ جا نشان 6800 ق.م ڌاري جرمو ۽ جيرڪو ۾ ملن ٿا. ڍڳو 6000 ق.م ڌاري ڪِريٽ (Crete) ۽ يونان ۾ ۽ 5500 ق.م ڌاري خَزستان (ايران) ۾ هيرايو ويو. اُٺ اهو آخري جانور آهي جيڪو 1300 ق.م ڌاري عرب ۾ واپرايو ويو.

ڏنل نقشو يورپ ۽ باقي ايشيا ۾ نويهٽي راهپ جي پکڙجڻ جو عمومي خاڪو ٻڌائي ٿو. يورپ لاءِ، راهپ جي اها پکيڙ ٻن ڏاکڻ ۾ ڏيکاريل آهي: پهريون 5 هزار — 4 هزار ق.م ۽ ٻيو 4 هزار — 25 سَو ق.م. توڙي جو اها وٿيءَ وٿيءَ سان 7 هزار — 6 هزار ق.م ڌاري پکڙبي رهي، جڏهن اها اويرائين يونان ۾ اڪسگا (Akgissa) تائين، اولهائين ترڪي ۾ هسيلار (Hacilar) ويجهو ۽ پڻ ڪريٽ (Crete) ۾ وڃي پهتي. وري 6 هزار — 5 هزار ق.م ڏاکڻي رومانيا ۽ اترادي بلغاريه جي ڪارپاٿين ۽ بالڪن جبلن جي وچ ۾ ڊينيوب نديءَ جي ماٿرين ۾ (ان جي ڪينين ۾)، بلغاريه جي نديائي ماٿري ڪارتسا ۾ ڪرانوو تائين ۽ يوگوسلاويا ۾ مراوا ۽ واردار جي نديائي ماٿرين تائين وڃي پهتي. اها راهپ اٽلي جي اولهائين سامونڊي ڪناري سلسلي جي اولهائين اڌ، ڪورسيڪا، سارڊينيا، فرانس جي ڏاکڻي سامونڊي ڪناري ۽ هاٽوڪي الميريا (اسپين جي سامونڊي ڪناري) تائين پڻ وڃي پهتي. ان ۾ موراڪو ۽ الجيريا جو اترادي سامونڊي پٽو ۽ پورچوگال جو اولهائون سامونڊي ڪنارو شامل آهن.

اها راهپ 5000 — 4000 ق.م ڌاري سڄي يورپ تائين پکڙجي چڪي.

نويهٽي ماڻهوءَ کي پوکراهپ لاءِ ٻيلا صاف ڪرڻا پيا. هن اهو ڪم خاص طرح 3000 ق.م کان پوءِ ٻاهه ڏيڻ ۽ پٿريلي ڪهاڙيءَ سان وڻ ڪرڻ وسيلي سر انجام ڏنو. سنڌ ۾ ڪهاڙا ناهڻ لاءِ روهڙي، چنچا بلوچ، نواب پنجابي ۽ ميل 101 جو آگار پٿر ڪم آندو ويندو هو. اهي، ماڻهو ڪاڻ مان آگار ڪڍڻ لاءِ سِڱَ ڪم آڻيندا هئا. شروعات ۾ مڇي مارڻ لاءِ ڊونڊي طور وڻن جا پورا، اندران ڪاڙل ٿڙ، ڪم آڻيا هئا. ميسوپوٽاميا (عراق) ۽ ميلوها (سنڌ) جي وچ ۾ لاڳاپا تڏهن ممڪن ٿيا جڏهن ٻيڙي ناهي وئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com






sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻن جا تمام ٿورا ٺيڪرانا (pot shreds) لڏا آهن ۽ امڪان آهي تہ پنجين هزار ق.م کان گهٽ ڪجهہ پوءِ جا آهن.

**ٻيو دَور (الف):**

پنجين هزارين ق.م جي پڇاڙي.

همعصر راهپ: ڪلي گل محمد-2 ۽ منڊيگڪ-1 (1 — 3). چوٿين هزار ق.م ابتدا چڪ تي لٺل ٿانو، جاميٽريڪل گُلڪاري ۽ ڪک ڪانن/ڪچهر جي باھ تي پچايل هٿ ٺهيا انهن جا پاسا.

**ٽيون دور:**

4000 — 2500 ق.م. چڪ تي لٺل ٿانو ڪيپرڊ پکين (Caprid birds) ۽ جاميٽريڪل گلڪاري سان چٽسالي ڪيل.

همعصر راهپ: ڪلي گل محمد-2 ۽ منڊيگڪ-1،3 ۽ ٽاگاءِ-الف (Togau-A).

**چوٿون دَور:**

چوٿين هزارين ورهن جو وچ. چڪ تي لٺل نڪر-ٿانو يڪرنگا ۽ گهڻ رنگا جاميٽريڪل نمونا ۽ سينگار، تيراڪوٽا (Terrocotta) زنانا عضوا. 5500 ق.م جو هڪ پراڻو سر در/امريو (Lintel) بلڪل سٺي حالت ۾ مليو آهي.

همعصر راهپ: دمب سادات-1، ٽاگاءِ-ب ۽ ت، ۽ آمري-الف-1.

**پنجون دَور:**

چوٿين هزار ق.م جو ٽيون چوٿاڱ (2500 — 3250 ق.م). اڇي رنگ جي چٽن وارا ٿانوَ يڪرنگي جاميٽريڪل گلڪاري، انساني شڪليون. هن دَور جي پڇاڙي مهل پهريان خاڪي ٿانو ظاهر ٿيا.

همعصر راهپ: ٽاگاءِ ۽ منڊيگڪ-2.

**ڇهون دَور :**

چوٿين هزار ق.م جي پڇاڙي ۽ ٽين هزار ق.م جي ابتدا. خاڪيءَ تي ڪاري رنگ وارا ٿانوَ ڪوٺا ٿانوَ نال گهڻ رنگي ۽ پيپل، انساني شڪليون ۽ لئپس لئزولي (Lapis Lazuli)، چِٽي آسماني رنگ وارو ڪجهہ قيمتي پٿر) رنگ چٽيل ڳاڙها ٿانوَ.

**ستون دَور:**

ٽين هزار ق.م جو وچ (2500 ق.م). خاڪي رنگ تي ڪاري رنگ وارا ٿانو، ديرائتو ڪوٺا نمونو، وڏي پيماني تي انساني تصويرن جا نقش، يادگاري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽلها، زالب (Zalib) تصويرون، ڪوٽڏيجي ٺيڪراٺا، ڪنجهي جون ٽڪون ٻٽي وڪڙيل مٽي واريون ـــ شايد وچ ايشيا ڪان گهرايل ۽ نقل ڪيل. ايران کان گهرايل ٽرڪوئز (Turquoise)، ساواڻ مائل نيرو قيمتي پٿر) مڻيا ۽ مالهائون، اترائين افغانستان مان لئپس لئزولي وڪر ۽ مڻيا/مالهائون.

همعصر راهپ: دمب سادات-2 يڪرنگي نال، منديگڪ-4، شهرِ سوخته-2، ڪوٽڏيجي، آمري-2.

ڪوٽاين اهو به پڌرو ڪيو آهي ته هن ايراضيءَ جي ماڻهن جا وچ ايشيا سان واپاري ناتا پڻ قائم هئا مهرڳڙه 1739ع جي پڄاڻيءَ تائين سنڌ جو حصو هئي تان جو نادر شاهه سبي ۽ ڪڇي ضلعن کي سنڌ کان ڇني قلات جي خانن حوالي ڪري ڇڏيو.

سنڌ ۾ آمريءَ سان گڏ نويهڻي جمار پوري ٿي ۽ ٻنگاريهڻي جمار شروع ٿي. مضمون سان گڏ ڏنل نقشو ٽامي ۽ ڪنجهي (ٻنگار Bronze) جي پکيڙ کي ظاهر ڪري ٿو.

❊❊❊

نوٽ: هيءُ ليکُ پنهور صاحب جي انگريزي مقالي "مَئن اِن سنڌ ـــ اِسٽون ايج ٽُ نِئوليٿِڪ" (Man in Sindh — Stone age to Neolithic) جو ترجمو آهي، جيڪو ماهوار "ڪينجهر" حيدرآباد ۾ سيپٽمبر 1995ع ۾ ڇپيو ۽ بيهر ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ڪتاب "ماڻهو ۽ ماڻهپو" (1999ع) ۾ ساڳيءَ ريت ڇپيو ويو. پر افسوس ته ٻنهي هنڌن تي مقالي ۾ ڏنل ٻئي نقشا ۽ تصويرون ڇپجڻ کان وانجهيل رهيون، جنهن سان مقالو اڌورو ٿي پيو هو. هي مقالو مڪمل صورت ۾ آهي. - مرتب



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لونيءَ ۽ اوير وارين ٻين نئين جو ذڪر پڻ گهٽ ڇرڪائيندڙ ناهي. انهن ٻُوجاڻي (Geological)، ڌرتي جي بناوت ۽ جوڙجڪ بابت علم) زمانن ۾ سنڌ جو هاڪڙو اوڀرائون رڻ ٿاهيو جنهن کي ٿر سڏيو وڃي ٿو ۽ وڏي اندين رڻ جو حصو آهي. درشادوَتي-سرسوَتي سرشتي، اوائلي جَجهرُوپ (Pleistocene). ججهه = ججهو Pleistos + روپ، Kainos) عرصي ۾ لونيءَ ۾ ڇوڙ ڪيو ٿي. وچين ججهروپ دوران اَنَ هاڪڙي هاڪڙو ۾ امرڪوٽ ويجهو ڇوڙ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پوئين ججهروپ دوران اُن مَکِي-فراش-ڇوتياري ڍنڍين جي سرشتي ۾ (سمنڊ ڏانهن ويندي) هاڪڙو وسيلي ڇوڙ ڪيو ٿي. ڪي 10-هزار ورهه اڳ ان بيڪانير ۽ بهاولپور کان سکر ڏانهن پنهنجو تازو وهڪرو جوڙي ورتو ۽ پوءِ هاڪڙي ريٽي ۽ هاڪڙو يا اوڀرائين ناري وسيلي ڪوري ڪاڙيءَ ڏانهن وهڻ شروع ڪيو. اوير ۾ اندين رڻ ۽ اولهه ۾ ڪوهستان سبب سنڌ جو وچون حصو سنڌوءَ جي وڙ وَڪڙ وهڪ حوالي ٿيو. (هاڪڙي) سنڌ ۾ داخل ٿيڻ مهل سنڌوءَ اڪثر ڪري پنهنجي اولهائين شاخ وهائِي ٿي، جيئن اڳ ۾ بيان ڪيل آهي، ۽ اڪثر ڪري وتس اتر سنڌ ۾ اوڀرائين شاخ نہ هوندي هئي سواءِ گهٽ ۾ گهٽ گذريل 5-هزار کان 1-هزار ورهه اڳ واري عرصي دوران جڏهن اها پنهنجي اوڀرائين شاخ وهائيندي هئي جيڪا الور ڇورلڪ (Gorge) وٽان لنگهي اوڀرائين مير واهه کان ڪوٽ ڏيجي ۽ ڏکڻ ڏانهن سنئين زمين ۾ هلي ويندي هئي.

ان جي مکيہ ۽ مرڪزي وهڪ سدائين سکر جي اولهه ۾ هلندي هئي ۽ پوءِ وڪڙ کائي خيرپور ضلعي ۾ هاڪڙي واهڪ کي ڪراس ڪندي اڃوڪيءَ وهڪراهه جي اوير ۾ ڏهہ پندرهن ميل پرتي وهندي هئي. سڪرند جي اوير کان اولهه ۾ اڃوڪيءَ وهڪراهه هيٺان سنڌوءَ پنهنجي ڪيٽيءَ (دوآبي، Delta) جو مٿو پئي ٺاهيو ۽ عام طرح بہ يا ٽي ڪيٽيائي ڇاڙهون ڪڍندي هئي. ساموندي ڪناري ويجهو هر هڪ ڇاڙهہ وري ٻن يا وڌيڪ شاخن ۾ ورهائجي ويندي هئي. سمورين گذريل صدين دوران سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندڙ مکيہ ڪيٽيائي شاخن جي ڳڻپ 5-8 رهي آهي.

سنڌ جي ميدانن جي لاهي جيئن تہ هر ميل تي 8-انچ آهي. ايتري ٿوري لاهيءَ جي ڪري پاڻيءَ جي وهڪري جي تيزي ايڏي تہ گهٽجي وڃي ٿي جو پنجاب ۽ سرحد کان آندل لٽ، جيڪو اتي موجود ميدانن ۽ جبلن جي گهٽيءَ لاهيءَ سبب ڪرڙجي اچي ٿو، سنڌ جي ميدانن ۾ پکڙجي وڃي ٿو. لٽ سبب سنڌوءَ جو پيٽ/تر پرپاسي جي پيٽ ۾ مٿي اُڀرڻ لڳي ٿو جنهنڪري اها نيون ڇاڙهون ڪڍي نوان ڏگ/راهون وٺي وهڻ شروع ڪري ڏئي ٿي. اهي وهڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دڳ/وهڪراهون پائدار نہ ٿيون ٿين پر ندي جيڪ ُهن کو چورلڪ ٺاهي وٺي ٿي تہ اها عام طرح اتي ڪيترين ئي صدين تائين قائل رهي ٿي.

سنڌ ۾ چڱيءَ طرح جاتل چورلڪ هي آهن:

- الور چورلڪ. جتان سنڌو گهٽ ۾ گهٽ 5-هزار — 1-هزار ورهه اڳ تائين وهندي رهي.
- بکر چورلڪ. جتان سنڌو گذريل هڪ هزار ورهن کن کان وهي رهي آهي.
- ڪوٽڙي-حيدرآباد چورلڪ. جتان سنڌو 1758ع کان وٺي وهندي رهي آهي.
-ساموئي چورلڪ (جنگشاهي ۽ مڪلي ٽڪرين جي وچ ۾) نديءَ اتان 1333ع ۽ 1350ع جي وچ ڌاري ڪنهن وقت وهڻ ڇڏي ڏنو.
- ڀنڀور چورلڪ (ڀنڀور ۽ ان جي ابتي پاسي هرجنيا (Harginia) لوڻ ڪاٽين وارين ٽڪرين جي وچان). اهو چورلڪ 325 ق.م — 1228ع دوران موجود رهيو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ نديءَ اتان 1300ع ڌاري وهڻ بند ڪيو هجي.
- پير پٺو چورلڪ. هن چورلڪ سنڌوءَ جي بگهاڙ شاخ جو پاڻي قديم زماني کان ۽ وري 1-هزار عيسوي کان نئيو پئي ۽ نسبتاً گهٽ اهم هو.
- اڙل نئن. جنهن سنڌوءَ جي اولهائين شاخ جو پاڻي ۽ ٽڪرين/جبلن جو پاڻي نئيو پئي، هڪ نئون ۽ دائمي منهن سيوهڻ ۽ ڀڳوٺوڙو ٽڪرين جي وچ ۾ ڳولي لڌو

چورلڪَ نديءَ يا ان جي شاخن کي صدين تائين سوگهو جهلي رکن ٿا ۽ انهن هنڌن تي دائمي وسنديون آباد ٿيڻ لڳن ٿيون. وسندين سان گڏ خشڪ/ سوڪهڙيل (Arid) ايراضين ۾ پاڻيءَ جي دائمي موجودگيءَ وارن هنڌن تي پاڻي-پوڄا جا مرڪز اسرڻ لڳن ٿا جنهنڪري اهي هنڌ مقدس/پوتر ليکجڻ ۾ اچن ٿا. اهڙن ماڳن جي جدول هيٺ ڏجي ٿي:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| ڳڻپ انگ | مرڪز جو نالو | پاليءَ ديوتا | ٻوڌي مندر | هندو مندر | مسلم عبادتگاهه | وڻجارڪ مرڪز | سرڪاري ادارا | چا 3 - صديءَ ۾ موجود هئا | چا 18 - صديءَ ۾ موجود هئا | رايا |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .56 | ميان نصير (Nasir) | نه | نه | نه | ها | نه | ها | نه | ها | |
| .57 | پاٽ | نه | نه | نه | ها اسڪول | ها | نه | نه | ها | هڪ دريائي بندرگاهه |
| .58 | باغبان | نه | نه | نه | ها | ها | نه | نه | ها | |
| .59 | ٺلٽي | نه | نه | نه | نه اسڪول | نه | نه | ها | ها | |
| .60 | سامتاڻي (Samtani) | نه | نه | نه | ها | نه | ها | نه | ها | |
| .61 | ٻوبڪ | ها | ها | | ها | ها | نه | ؟ | ها | |
| .62 | ريل (Rel) | نه | نه | نه | ها اسڪول | نه | نه | نه | ها | |
| .63 | هالا ڪندي | نه | نه | نه | ها | ها | ها | نه | ها | |
| .64 | ساموئي (Samui) | نه | نه | نه | ها اسڪول | ها | ها | نه | نه | 13 - صديءَ ۾ اسريو ۽ 1500ع کان پوءِ ختم ٿي ويو. |
| .65 | سونڊا | نه | نه | نه | ها | نه | نه | نه | ها | |
| .66 | چوڪنڊي (چوڪنڊي؟) | نه | نه | نه | نه | ها | نه | نه | ها | |
| .67 | جُن ، جوڻ (Jun) | نه | نه | نه | ها | ها | نه | نه | ها | |
| .68 | ٻلڙي | نه | نه | نه | ها | ها | نه | نه | ها | |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پاڻ چمار (پٿر واري دَور، Stone age) ۾ انساني وسنديون

روهڙي ٽڪرين ۾ 32-ايڪڙ ايراضيءَ تي پکڙيل پاڻ چماري (پٿر جي اوزارن واري) فئڪٽري (ڪم ڪرڻ جو هنڌ، جتي ڪا شي ٺاهي وڃي، خاص ڪري مشينريءَ يا اوزارن جي مدد سان) موجود آهي. اتي ملندڙ وکرن/اوزارن جو هڪ حصو 5-لک ورهه قبل از مسيح (ق.م، عيسوي سن کان اڳ واري دَور) سان واسطو رکي ٿو. پر اتي اهڙا پٿريلا وکر به مليا آهن جيڪي پوئين پاڻ دَور جي اوزارن (35-هزار کان 10-هزارن ورهه ق.م) ۽ **پٿپٻهٽي** (Microlithic، پٿر جي نفيس، نازڪ ۽ سَنهن) اوزارن (10-هزار کان 2-هزار 5-سَو ورهه ق.م) سان واسطو رکن ٿا.

انهيءَ زماني جا وکر ڪوٽ ڏيجي ويجهو اتي جي ٽڪرين ۾، ابن شاهه (Uban-Shah)، چنچا (شهنشاهه) بلوچ (Chanchar Baloch) ۽ انڙ ڪيٽ ( Unar Farm) وٽ پڻ مليا آهن.

وکرن جو هڪ نيارو ڍير، جنهن ۾ مڇي مارڻ جا اوزار به شامل آهن، حيدرآباد-ٺٽي روڊ تي حيدرآباد کان ڪي 25-ميل پري هڪ ٽاڪرو چوٽيءَ تي به مليا آهن. انهن سيني ماڳن وٽ مليل وکرن مان ڪي اهڙا پٿپٻهٽي وکر به آهن جيڪي 10-هزار ق.م کان پوءِ ٺهڻ شروع ٿيا. ۽ ٽامي جي وکرن واري عرصي تائين، 'سنڌو ثقافت دَور' دوران ٺهندا رهيا.

## سنڌ ۾ انساني وسنديون (6-هزار 5-سو ق.م — 3-هزار 5-سَو ق.م)

دائمي انساني وَسنديون پوکراهپ (زراعت) جي ابتدا سان گڏ سڀ جي ڏکڻ-اولهه ۾ ڍهن ميلن جي مفاصلي تي مهر ڳڙهه وٽ بولان نديءَ جي ڪناري تي ساڍا ڇهه هزار ورهه ق.م ڌاري وجود ۾ اچڻ لڳيون. بولان ندي انهن ڏينهن ۾ 'سنڌ چنبڙ' منجهان منڇر ڍنڍ ڏانهن ۽ پوءِ اڙل نئن وسيلي سنڌو نديءَ ۾ وهندي هئي. منڇر ڏانهن بولان جو آڳاٽو وهڪرو ڪيترين ئي وسندين/ماڳن جو هڪ سلسلو ڏيکاري ٿو جن جي اجا سوڌو کوٽائي نه ٿي آهي، پر اهي پنهنجي دَور ۾ انساني وسندين جي نشاندهي ڪن ٿا. اهو سلسلو (هاٿوڪي) سنڌ (جي ايراضيءَ) ۾ هليو اچي ٿو.

## اسرندڙ سنڌو ثقافت وارا ماڳ (آمري دَور، اوائلي سنڌو وسنديون يا اوائلي انساني وسنديون) (3-هزار 5-سَو ورهه ق.م)

آمري اڙل نئن تي هڪ مکيه وَسندي آهي جيڪا الهندي ٽڪرين کان منڇر جو پاڻي سنڌو نديءَ ۾ آڻي ٿي. ان جا ساڳيات (همعصر، ساڳيلا، ساڪيات) ماڳ بولان-منڇر وهڪري تي علي مراد، ٽنڊو رحيم خان، غازي شاهه، شاهه حسين ۽ سيوهڻ آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منڇر ڍنڍ. پنهنجي سر شڪارين جي جنت. گهٽو آڳاٽو ماڻهن جي واهپي هيٺ آئي. منجهس ڪي 2-سَو ڪن مڇين جون جنسون هيون ۽ ان تي 12 ڪان وڌيڪ قسمن جا لاڏائو/پرڏيهي پکي (سياري ۾ سائبيريا ۽ سُويت يونين جي ٻين ڏيڏين تان) ايندڙ هئا.

## مکيہ وسنديون (3-هزار ق.م ـــ 2300 ق.م)

ڪوٽ ڏيجي، هڪ مکيہ وسندي. الور چورلڪ منجهان وهندڙ سنڌوءَ جي هڪ وڏي اوڀرائين وهڪري تي آباد هئي.

## ساماٽل/رچيل سنڌو ثقافت وارا ماڳ (2300 ق.م ـــ 1650 ق.م)

رچيل سنڌو ثقافت وارن ماڳن جي نمائندگي مُهين جو دڙو (موهن جو دڙو) ڪري ٿو. مهين جي دڙي سان ساڳيات ماڳن کي درجيبندي ڪندي رچيل يا ساماٽل سنڌو ثقافت (mature) جي سري هيٺ رکيو وڃي ٿو. ساماٽل سنڌو ثقافت وارا ماڳ سنڌوءَ جي وڏن وهڪرن ۽ شاخن تي هيٺ ڄاڻايل هنڌن وٽ موجود هئا:

- جُونِڙو (Juniro) جو دڙو (بلوچستان ۾، بولان-منڇر وهڪ مٿان) ۽ لائيم (Lime ؟) جو دڙو (سنڌوءَ جي اولهائين وهڪري مٿان).
- وِنجروٽ (درشادوَتي-سرسوَتي-هاڪڙو سرشتي مٿان).
- مُهين جو دڙو، لوهم جو دڙو ۽ چانهو-دڙو (اترادي سنڌ ۾ سنڌوءَ جي وڏي وهڪري مٿان).
- پانڌي واهي، علي مراد، ٽنڊو رحيم، غازي شاهه، شاهه حسين، سيوهڻ ۽ آمري (سنڌو ڏانهن بولان-منڇر-اڙل وهڪ مٿان).
- ڪوٽ ڏيجي (الور چورلڪ منجهان وهندڙ سنڌو جي اوڀرائين وهڪري/شاخ مٿان).
- پوڪران (Pokran)، ٽَنگ (Taung)، کجور (Khjur)، شاهه جو ڪوٽڙيو عارب جو ٿاڻو عثمان ٻُني، جهانگاري (Jhangari ؟)، ۽ ڏِسو (Diso) سنڌوءَ جي باران ڏانيڪ نديءَ مٿان.
- نوهٽو (Nohoto) سنڌوءَ جي درشادوتي-سرسوتي-هاڪڙو وهڪ مٿان.

۽ ٻيا ڪيترائي اڻ-ڦولهيل ماڳ ريٽي-هاڪڙو (درشادوتي-سرسوتي) مٿان (سکر ۽ خيرپور ضلعن ۾).

## جُهرندڙ/پُرندڙ/ڍهندڙ سنڌو ثقافت (1650 ق.م کان پوءِ)

- جُهڪر، سنڌوءَ مٿان.
- جهانگري، منڇر ڍنڍ مٿان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ ۾ وسنديون 500 ق.م ـــ 200 ق.م

- الور، سنڌوءَ جي اويرائين وهڪري مٿان الور چورلڪ وٽ ۽ ميوزيڪانس (Musicanus) جي گادي.
- ماهوٽا، سنڌوءَ جي وڏي/مکيه وهڪري مٿان.
- پاتل (Patala، پٽال) (برهمڻ آباد) جنهن کي پاٽني جي جوڙيل سنسڪرت گرامر ۾ برهمنڪا سڏيل آهي، سنڌوءَ جي اويرائين ڪناري تي آباد هو.
- سکر جنهن کي پاٽني سَڪَرَ (Sakara) سڏيو آهي، سنڌوءَ جي وڏي وهڪري مٿان.
- اليگزينڊر ِس هيون (Alexender´s Heaven، سڪندر جي جنت) (پنيور يا باربريڪان) سنڌوءَ جي اولهائين ڪيٽيائي شاخ مٿان.
- سيوهڻ، بولان-منڇر-اڙل ڊوهڪ مٿان اڙل تي.

## سنڌ ۾ وسنديون، 200 ق.م ـــ 100ع

- الور، سنڌوءَ جي اويرائين شاخ تي الور چورلڪ مٿان.
- سڏومن (Sadoman، سيوهڻ)، سنڌوءَ جي ڏانيتي اڙل نئن تي.
- ميناڳرهه (Minnagara) يا پاتل (Patala، پٽالہ؟) يا بيناڳرهه (Binagarah)، سنڌوءَ جي ڪيٽيائي اويرائين شاخ تي.
- باربريڪان (Babarikan، پنيور)، سنڌوءَ جي ڪيٽيائي اولهائين شاخ تي.
- هاٽوڪي عربي سمنڊ کي انهن ڏينهن ۾ ايريٿرين (ڳاڙهيتو ڳاڙهسرو Erythrean) سمنڊ سڏيو ويندو هو.
- رني ڪوٽ ميداني ۽ دريائي ڪاهه کان بچڻ لاءِ سنڌوءَ جي اولهه ۾ 35-ميل پري ٺاهيو ويو.

## سنڌوءَ جي اولهائين شاخ ۽ بولان-منڇر-اڙل وهڪ مٿان موجود شهر، 100ع - 750ع

ليمُو جو دڙو، ليلا جي ماڙي، پانڌي واهي، سِنسَمَ (Sisam)، شاهه حسن، ٽنڊو رحيم، غازي شاهه، علي مراد، سيوهڻ، ڏامراهو ۽ ماهوٽا.

- الور-چورلڪ مان لنگهندڙ سنڌوءَ جي اويرائين شاخ مٿان بڏل شهر: لِيڪاڻي (Likani)، ماٿيلو هاڪڙا، ڪداسر (Kadasur) ۽ ڪوٽ ڏيجي.
- سنڌوءَ جي وڏي/مکيه شاخ مٿان بڏل شهر: سَکر (سکر)، دربيلو ٺل مير رڪڻ، ڪوٽ لالُو ڏيرو گهانگهرو ۽ برهمڻ آباد.
- سنڌوءَ جيَ ڪيٽيائي اويرائين شاخ يا اويرائين پراڻ مٿان بڏل شهر: ڏاليا/ڏليا (Dhaliya ؟)، ميرپور خاص.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 499ع — 700ع

منچر ڍانهن ويندڙ، سنڌوءَ جي اولهائين شاخ تي اهم شهر ڏامراهو هو ونجروٽ، ماٿيلو ۽ ڊِب/ڊرب ڏيٿاري (Dribh Dethari) هاڪڙي مٿان موجود هئا جيڪا سڪل هئي پر سنڌوءَ ۽ ستلج جو ڇُلڪيل پاڻي پيئندي هئي. ٻاڳڙوڙ (ٻغرور، Baghrur) الور ويجهو ننڍڙي وسندي هئي ۽ الور چورلڪ مان وهندڙ سنڌوءَ جي اوڀرائين شاخ جي پاڻيءَ تي پاڙيندي هئي.

هيٺين سنڌ ۾، 700ع ڌاري، سنڌوءَ جي وهڪراهن ۾ تبديليءَ سبب هيٺين سنڌ جا ڪيترائي مکيه شهر تباهه ٿي ويا. ۽ جيڪڏهن ٽڪي سگهيا به ته ڪِين جهڙين وسندين صورت ۾. نئون ڪوٽ، ڏليا (ڍاليي؟)، نيرون ڪوٽ، جهرڪ ۽ سڏيرن جي ڏڙو جو نصيب اجهو اهو هو.

## 700ع — 1000ع

850ع ڌاري، سنڌونديءَ هڪ ڀيرو وري پنهنجا پير جمائي ورتا ۽ سنڌ جي پوکراهپي/زرعي (ايگريڪلچرل) معيشت لاءِ ڏاڍي ٻاجهه پرني ٿي پئي. سنڌوءَ جو وڏو/مکيه وهڪرو لڳ ڀڳ 1000ع تائين الور چورلڪ مان وهندو رهيو جڏهن اهو بکر چورلڪ مان وهڻ لڳو تڏهن ٻاڳڙوڙ (ٻغرور، روهڙي) ۽ بکر/سکر جي اهميت وڌائي ڇڏي. سنڌونديءَ جي اولهائين شاخ، جيڪا بيگاري واهه جي سنوت ۾ ڦٽي نڪرندي ۽ سنڌ جي هيٺاهين/ماتري ڏانهن وهندي هئي، ۽ اها شڪارپور ضلعي ۾ رستم ويجهو پڻ هڪ چاڙهه ڪيندي هئي (جيڪا اولهائين ناري سان سيڌ ۾ وهندي هئي) ۽ ڪڪڙ ويجهو پنهنجي ماتا شاخ سان ملي منچر ڍنڍ ڏانهن هلندي هئي. وڏي شاخ (سنڌوءَ جو مرڪزي وهڪرو) بکر چورلڪ ڇڏڻ کان پوءِ ٽل مير رکڻ ۽ ڪلريءَ کي سينگاريندي هاٿوڪي نواب شاهه انجنيئرنگ ڪاليج ويجهو هاٿوڪي نواب شاهه جي اولهه ۾ لنگهندي هئي. هوءَ پنهنجي هڪ چاڙهه/لام ڪنڊياري کان سعيد ڏانهن هاٿوڪي روهڙي ڪئنال جي سيڌ ۾ اولهه پاسي پڻ ڪيندي هئي.

ڏاکڻي سنڌ ۾ ڪيٽيائي اوڀرائين شاخ ٽل مير رکڻ جي اتر ۾ وهندي هئي ۽ برهمڻ آباد ان جي اولهه ۾ هئي. اها اوڀرائين پراڻ ۾ وڃي پوري ٿيندي هئي. مکيه شاخ جهرڪ جي اوپر ۾ لڳ ڀڳ ٽيهن ميلن تي ٻن حصن ۾ ورهائبي هئي ۽ ان جي اولهائين ڪيٽيائي شاخ گجو ۽ ديبل ويجهو لنگهندي هئي اهڙيءَ طرح سنڌوءَ جي ڪيترين ئي شاخن زراعتي اپار آندو ۽ سک مهيا ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ هبارين جي خودمختياريءَ لاءِ راهه هموار ڪئي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 10-صدي عيسوي جا شهر، ابن هوقل ۽ اصطخري موجب سنڌن بيهڪ:

| 10-صديءَ جي عربن چوائي ـ نالو | هاڻوڪو نالو |
|---|---|
| سدوسن (Sadusan) | سيوهڻ |
| ال-رور (Al-rur) | الور |
| ڪلري (Kalari) | ديهه ڪلري (نواب شاهه ضلعي) ۾ موجود آثار |
| منصوره (8-صدي ۾ عربن نئون نالو رکيو) | برهمڻ آباد |
| نيرون | (نيرون بابت اڳ ذڪر ڪيل آهي) |
| بحرِ فارس | عربي سمنڊ |
| بانيا (Bania يا بائزه، Baiza) | ڪاهو دڙو جا آثار يا ڏليا ڪنڊر |
| مَنجاباري (Manjbari) | منگهو پير |
| ديبل | ڀنڀور |
| جِهم | جهمپير |

## 1000ع ـــ 1500ع

ڏهين صديءَ کان تيرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين سنڌونديءَ برهمڻ آباد جي ويجهو ۽ ان جي هيٺان گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا پنهنجي وهڪراهه بدلائي، جو ته سومرن کي پنهنجي گادي ٿري (Thari، تعلقي ماتلي ۾ ڪنڊر) ڏانهن، محمد تور (Tur، جاتي جي اتر ۾ 5-ميل پري موجود ڪنڊر) ڏانهن ۽ نئي ڏانهن پنهنجي گادي بدلائڻي پئي. برهمڻ آباد کي 1026ع ۾ محمود غزنيءَ ساڙائي ڇڏيو ۽ ان کان پوءِ اڄ تائين ويران آهي.

ديبل کي 1226ع ۾ خوارزم شاهه ساڙايو ۽ اهو ئي حشر پاري نگر جو ڪيو ويو. هاڪڙي ڏانهن ڇُلڪي، ڇَرَ تي ايندڙ پاڻي پڻ گهٽجي ويو ۽ ونجروٽ واري وسندي تي وئي.

هيٺين سنڌ ۾ انهن 500 ورهن دوران پاڻيٺائي (Hydrological) تبديلين ڪيترين ئي ننڍڙين شاخن کي واهي ڇڏيو جنهنڪري چانورن جي پوکيءَ ۽ مڇيءَ جي پالنا تي پاڙيندڙ نيون وسنديون وجود ۾ آيون. هڪ هزار کان وڌيڪ اهڙين وسندين جي پروڙ اٿئون ۽ انهن جي جاڻ *پاڪستان آرڪيالاجي-8* ۾ ڏنل آهي.

سنڌوءَ جي اولهائين شاخ تي، اترادي سنڌ ۾، سومرن جي جاناڻي (Janani، جناني؟) جهڙو سهڻو شهر ظاهر ٿيو جيڪو وارهه تعلقي جي ساڳي نالي واري ديهه ۾ موجود آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 1550ع ـــ 1700ع، ننڍي برفاني ڇمار (The Little Ice Age)

هيءَ ننڍي برفاني ڇمار جو عرصو آهي جنهن دوران هماليه جبلن ۾ برف رجڻ جو عمل نه رهيو 15-30 ڏينهن (؟) دير ٿي ويو ۽ پاڻيءَ جو مقدار به گهٽجي ويو. آبڪلاني/چاڙهه/ٻوڏ جي مند پڻ دير ٿي وئي جنهنڪري نديءَ ۾ پاڻيءَ جو اوچو وهڪرو پڻ گهٽجي ويو. ان ڪري ندي پنهنجي وهڪراهه تبديل نه ڪري سگهي سواءِ ان جي ته دربيلي مٿان نديءَ جو وڏو وڪڙ/ڪڙو 1542ع کان ترت پوءِ بند ٿي ويو ڪي به نوان شهر نه اسريا. پوک گهٽجي وئي. ننڍيون وسنديون ويران ٿي ويون. وڏيون وسنديون آباديءَ ۽ ويڪر/پکيڙ ۾ گهٽجي ويون. ڏڪار اچي منهن ڪڍيو ۽ هر هر ٿيڻ لڳا. مکيه وسنديون جُهريل حالت ۾ ئي ٽڪي سگهيون.

مقامي قبيلا پنهنجي پنهنجي ترن ۾ خودمختيار ٿيڻ لڳا ۽ ان ڪري جيڪي اهم شهر انهيءَ عرصي ۾ اسريا. اهي هئا: شڪارپور ضلعي ۾ شڪارپور شهر، خيرپور ناٿن شاهه ۾ گهاڙي (Ghari) ۽ باغبان پرڳڻي ۾ شڪارپور، جنهن کي 1701ع ۾ نئون نالو خدا آباد ڏنو ويو.

اهي نيون وسنديون ان ڪري اسريون جو سنڌوءَ جا ڪي مکيه پراڻا ڍورا/ ڦاٽ واهن ۾ بدلجي ويا. گهاڙ شاخ تي 16-صديءَ جي وسندي لاڙڪاڻو ان جو مثال آهي.

يورپي واپار وسيع ٿيو ۽ پورچوگيزن، انگريزن، ڊچن ۽ فرينچن سان. واپار ڪندڙ مرڪز ڦلارجڻ ۽ پکڙجڻ لڳا. اهڙا واپاري مرڪز هئا سکر، روهڙي، دربيلو سيوهڻ، بوبڪ، نصرپور، ٺٽو جهرڪ، هالا ۽ لاهري بندر (جتي پورچوگيزن هڪ قلعو ۽ هڪ چرچ/ڪليسا جوڙيا).

لاهري بندر پنهنجا هنڌ (ڪجهه قدر) تبديل ڪيا ۽ 16-صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري هڪ نئون اورنگا بندر (اورنگزيب جي نالي پٺيان) جوڙيو ويو. ان جي ڇمار پڻ ٿورڙي ٿي ۽ شاهه بندر ان تي ڇانئجي ويو.

## 1701ع ـــ 1758ع ۾ وسنديون

ننڍڙي برف-ڇمار دوران هيءُ تپاڻ (ڪوسائپ، Warming) جو عرصو هو ۽ ڪلهوڙن آبپاشي هيٺ (پيچارڪ، Irrigation) ايراضيءَ کي ڏهن لکن کان وڌائي 21-لک ايڪڙن تي پڄايو. آبادي 15-لکن کان وڌي 30-لکن کي پهتي. نوان شهر جيئن: شهدادڪوٽ، قنبر وارهه، ميهڙ ناٿن شاهه، ميرپور خاص، خدا آباد نئين (هالا ويجهو)، شهدادپور، نوشهروفيروز، ٺري (Thari، ٺرڙي؟) فتح ڳڙهه



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(جيڪب آباد)، جوهي، دوست علي، رتن (رتو) ديرو، وڳڻ وغيره اسري آيا دادو تعلقي واري شڪارپور کي نئون نالو خدا آباد ڏنو ويو ۽ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي گادي مقرر ڪيو ويو. انهيءَ عرصي ۾ بيا جيڪي شهر قائم ٿيا، اهي هئا: خيرپور (مِيرس)، پريا، سَدُوتا (Saduta) مورو، ڪنهيرا (Khunhera، ڪونهارو؟)، سڪرنڊ ۽ ٽنڊو آدم.

## 1758ع ـــ 1843ع ۾ وسنديون

1758ع ۾ سنڌوءَ جي وڏي شاخ (وڏي وهڪري) هالا ويجهو پنهنجي وهڪراهه بدلائي جيڪا گذريل لڳ ڀڳ پنجن صدين کان جاري هئي ۽ اهڙيءَ طرح ان تي موجود پراڻن شهرن کي ويران ڪري ڇڏيو انهن مان ڪي مکيه شهر هي آهن: اڏيرو لال، نصرپور، شيخ پرڪيو تاجپور، اگهم، نري، جُوڻ (June) فتح باغ، تلٽي (Talti، ؟)، تلهار ۽ بدين. ان جي اولهائين ڪيٽيائي شاخ تي جهوڪ، بلوري پير پٺو شاهه بندر، ٺٽو ڪلان ڪوٽ ۽ ساڪرو هئا. اهي شهر ڪجهه گهٽ اهم ٿي تڳندا آيا آهن. نئين وهڪراهه هاٽوڪي جي سيڌ ۾ حيدرآباد، ڪوٽڙي چورلڪ منجهان نهي. ان تي نوان شهر اسريا ۽ ڪن آڳاٽن پڻ اهميت ماڻي. حيدرآباد، ڪيٽي بندر سجاول، ٽنڊو محمد خان نيون وسنديون هيون ۽ پراڻين وسندين جهڙوڪ پڊاپور ۽ سونڊا نئين سر اهميت ماڻي. حيدرآباد سنڌ جي نئين گادي وڏي اوج کي وڃي پهتي. نئون ديرو لکي، جوڻي ديرو (Junidero) ۽ ڳڙهي خيرو اهميت حاصل ڪري ورتي.

جيئن تہ هالا جي ڏکڻ ۾ هڪ لک ايڪڙ زمين بندش هيٺ اچي وئي ان ڪري ٻارهين کان پندرهين صديءَ جون نندڍيون وسنديون (يعني هيٺين سنڌ ۾ سما-سومرا وسنديون) وڏيءَ ڇُٽپ ۾ تباهه ٿي ويون. هيٺين سنڌ ۾ قبيلن وڏي بغاوت ڪئي ۽ سياسي انڌا ڌنڌ پيدا ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٽالپر اسري آيا جن بندش هيٺ آيل زمين کي آبپاشي هيٺ آڻڻ لاءِ واهه کوٽايا ۽ پاڻ ان جا مالڪ ٿي ويهي رهيا. نيون ٽالپر-بلوچ وسنديون، جن کي عام طرح ٽنڊو سڏيو ويندو آهي، اسري آيون. ٽنڊو مري، ٽنڊو الهيار ٽنڊو ڄام، ميرپور خاص، ٽنڊو باگو ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو غلام علي ۽ ٽنڊو قيصر انهيءَ تبديليءَ جو نتيجو آهن ۽ انهيءَ عرصي سان تعلق رکن ٿا. ريڻ نديءَ کي ڦليلي شاخ، جنهن کي پوءِ ڦليلي واهه ۾ بدلايو ويو، مان پاڻي ملندو هو.

ندي سدائين پيڙن جي اچ وڃ لاءِ ڪم ايندي رهي آهي ۽ نديءَ ڪناري مناسب مثاهن هنڌن تي موجود دريائي بندر ڦلاربا رهيا آهن. جيڪڏهن اهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڇي ويندا آهن ته ساڳي نالي واري نئين وسندي ساڳي مقصد لاءِ ويجهڙ واري مٿاهين هنڌ تي آباد ٿي ويندي آهي. مانجهند، ٻُڌا پور ۽ انڙ پور اهي شهر آهن جيڪي ٽي يا چار ڀيرا ختم ٿيا ۽ وري اسريا.

پوڪ هيٺ ايراضي 22-لک ايڪڙن مان گهٽجي وڃي 9-لک ايڪڙ بيٺي ۽ حڪمران گهراڻا ۽ بلوچ سردار جيڪي زمين جا مالڪ هئا، جيئن ته وراثتي طرح آبادگار/پوک ڪندڙ نه هئا. انهن پوکي راهي تي ڌيان نه ڏنو ۽ عام ماڻهن جانور-پالنا تي زور رکيو. ٿر ۽ ڪوهستان جون ايراضيون ان مقصد لاءِ ڪم اچڻ لڳيون ۽ وسنديون انهن ٻن ايراضين ۾ اسرڻ لڳيون. خوش قسمتيءَ سان اسان جي آڏو 1855ع جو سنڌ بابت تفصيلي نقشو موجود آهي (اسڪيل 480، 1:504) جيڪو نديءَ ڪناري تي بندرن ۽ پتڻ طور موجود وسندين سان گڏ ٿر ۽ ڪوهستان جي ڪيترين ئي ننڍين وسندين جي نشاندهي ڪري ٿو. لسٽ ڏاڍي ڏکي آهي. 1843ع ۾ سڌو سنڌوءَ مان پاڻي کڻي ويندڙ واهن جي ڳڻپ ئي 729 هئي. انهن واهن جي سري وٽ بند موجود هئا ۽ اهڙيءَ طرح ڪن به ٻن واهن جي وچ ۾ پڻ هو. انهن بندرن تي ننڍيون عمارتي صنعتون ۽ گدام اسريا. سومرن جيان ٽالپر دور جو هڪ مکيه پهلو حيدرآباد هيٺان هيٺين سنڌ ۾ وسندين جو واڌارو ٺيٺ هو جتي اهي واهن مٿان رچنديون ويون ۽ وٽن جانور-پالنا لاءِ وسيع ايراضي هئي جيڪا ڪين ڏنارپ/ڌراڙپ (Pastoralism) ڏانهن وٺي وئي.

## 1850ع – 1960ع دوران سنڌ ۾ وسنديون

1860ع کان پوءِ، جڏهن برطانيا نوان واهه کوٽائڻ ۽ وڌائڻ شروع ڪيا، وسندين جو رنگ ڍنگ بدلجڻ شروع ٿيو. ايندڙ چاليهن ورهن دوران آبپاشي/ پيچاري (Irrigation) هيٺ زمين 1843ع جي ڀيٽ ۾ ٽيڻي ۽ 1955ع تائين ان جي به ٻيڻ ٿي وئي. 1910ع تائين سنڌ جي آبادي ٻيڻ ٿي ۽ 1843ع جي ڀيٽ ۾ ٽيڻ هئي. پيچاري هيٺ ايراضين ۾ وسندين جي ان واڌ ۽ ٿر ۽ ڪوهستان کان سنڌ جي ميداني علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ۾ تيزيءَ سبب اتي ڌڻ-پالنا ۾ کوٽ ٿي.

## ريل-راهون (Railways)/ريلويز وچائڻ سبب وسندين جي ڍنگ ۾ تبديلي

ريلراهون اڄ-وچ/ڳنڍپ جي سرشتي لاءِ انقلاب آڻيندڙ هيون. سنڌ جي مختلف حصن ۾ ريل گاڏين جي هلڻ جون تاريخون، هيٺ جدول ۾ ڏجن ٿيون:


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| ڊيگهه | ريلراهه جو ٽڪرو | تاريخ |
|---|---|---|
| 104.90 ميل | ڪراچي سِٽي - ڪوٽڙي | 13-مئي 1861ع |
| 64.14 ميل | راڌڻ - رڪ | 1-آڪٽوبر 1878ع |
| 5.125 ميل | سکر - حبيب ڪوٽ | 1-آڪٽوبر 1878ع |
| 75.52 ميل | ڪوٽڙي-لکي تيرٿ (اڄ ڪلهه ساهه بندر) | 8-آڪٽوبر 1878ع |
| (؟) ميل | لکي - راڌڻ | 27-آڪٽوبر 1878ع |
| 128.53 ميل | حبيب ڪوٽ (اير 22.79 يعني شڪارپور کان سبي) | 2-مئي 1880ع |
| 2.67 ميل | روهڙي - سکر (لئنسڊائون پل جو ڪلڻ) | 27-مارچ 1889ع |
| 3.06 ميل | ڪياماڙي - ڪراچي سِٽي | 16-جون 1889ع |
| (؟) ميل | روهڙي کان پنو عاقل ۽ اڳتي ريتي وٽان لوڌران-2 پنجاب ڏانهن | 1889ع |
| 54.97 ميل | حيدرآباد - شادي پلي | 18-آگسٽ 1882ع |
| 5.29 ميل | ڪوٽڙي-حيدرآباد (سنڌوءَ تي ڪوٽڙي پل جي تڪميل | 25-مئي 1890ع |
| 69.00 ميل | شادي پل-کوکڙا پار ۽ سنڌ-راجستان سرحد | 22-ڊسمبر 1890ع |
| 180.70 ميل | ڏيٿا - روهڙي | 15-نومبر 1898ع |
| 61.75 ميل | حيدرآباد - بدين | 15-آگسٽ 1904ع |
| 49.96 ميل | جمڙائو - جهڏو | 18-اپريل 1909ع |
| (؟) ميل | حيدرآباد - ڏيٿا | 28-مارچ 1910ع |
| 49.43 ميل | ميرپور خاص - کڏڙو (Khadro) | 1-جنوري 1912ع |
| 75.52 ميل | جيڪب آباد-ڪشمور (12-آڪٽوبر 1956ع تي ويڪري پٽي ۾ بدلائي وئي) | 1-ڊسمبر 1914ع |
| 43.77 ميل | پڊ عيدن - نارو شاهه ۽ محراب پور | 20-مئي 1930ع |
| 54.05 ميل | ٽنڊو آدم - سڪرنڊ ۽ نواب شاهه | 10-ڊسمبر 1931ع |
| 64.11 ميل | سڪرنڊ - نارو شاهه | 10-آڪٽوبر 1931ع |
| 30.60 ميل | جهڏو - ٻنورو | 1-جون 1935ع |
| 30.60 ميل | کڏڙو - نواب شاهه | 20-نومبر 1939ع |
| 83.98 ميل | لاڙڪاڻو - جيڪب آباد | 29-جولاءِ 1940ع |
| 4.93 ميل | رڪ - حبيب ڪوٽ | 16-اپريل 1946ع |
| 30.47 ميل | حبيب ڪوٽ - روهڙي، پنو عاقل | 16-اپريل 1946ع |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ريلراهه ۾ ڪا به ترقي نه ٿي، توڙي جو ٻي وڏي جنگ کان پوءِ وارين رٿائن ۾ برطانيا سرڪار جنگشاهي-ٺٽو-سجاول، جاتي بدين رهمڪي بازار-نگر پارڪر، ڇوڙ-ڇاڇرو-مٺي-ڏيپلو-نگر پارڪر ۽ دادو-جوهي-قنبر جي وچ ۾ ريلراهون وڇائڻ جو پروگرام به جوڙي رکيو هو.

جدول جي تياري لاءِ ڪم آندل مواد: (1) جاهن برنٽن (1812-1899ع) جي ڊائري، ڪئمبرج 1939ع؛ (2) پاڪستان ريلوي جي تاريخ 31-مارچ 1945ع تائين درست ڪيل، لاهور 1950ع؛ (3) سنڌ رائيٽ بئنڪ فيڊر ريلويز، لاهور 1929ع؛ (4) انڊين ريلويز جي تاريخ 31-مارچ 1945ع تائين درست ڪيل، نئين دهلي 1946ع؛ (5) سنڌل ريلوي ڪمپني جي تاريخ جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي تان ورتل آهي.

مٿي ڄاڻايل ريلراهن وسندين جي رنگ ڍنگ کي صفا بدلائي ڇڏيو. توڙي جو اهي ريلراهون نديءَ جي ٻنهي پاسي گهڻ ۾ گهڻ ڏهن ميلن جي وٿيءَ تي موجود هيون ۽ ٻوڏ کان بچاءَ وارن بندن سنڌوءَ جي ساليانين ٻوڏ کان نديءَ جي ٻنهي پاسي ريلراهن ۽ وسندين کي تحفظ ڏنو پئي، تنهن هوندي به درياهه رستي واپار ترت ئي گهٽجي ويو ۽ ڪيترائي دريائي بندر، سواءِ انهن جي جيڪي ريلراهه تي اسٽيشنون به هئا، 1900ع کان به گهڻو اڳ برباد ٿي ويا. ڪوٽڙي، سکر روهڙي، ٺٽون ڳوٺ (ڦليلي ريلراهه اسٽيشن ويجهو)، سَن، مانجهند، آمري، سيوهڻ، لَڪي ۽ ڪشمور ريلراهه اسٽيشنون هئڻ سان گڏوگڏ دريائي بندر به هئا. ٺٽون ڳوٺ ۽ ڦليلي جي وچ ۾ ريلراهه پهرين وڏي جنگ (1914-1917ع) دوران هٽائي وئي ۽ اهو اهم واپاري مرڪز ڏهن ورهن ۾ ئي جُهري وڃي هڪ غير اهم وسنديءَ جي درجي کي رسيو.

## پيچارڪ سرشتو وسندين جا رنگ ڍنگ بدلائي ٿو

پيچارڪ سرشتي جي واڌ ۾ پکيڙ پڻ نيون وسنديون ۽ اهم شهر ٺاهيا. برطانيا سرڪار هيٺ صوبائي انتظاميا کي اَڻ مَرڪزائي تعلقي سطح تي آندو ويو. ميرپور خاص رياست جي ستن تعلقن سان گڏ سنڌ ۾ 65 تعلقا هئا. تعلقي مُکگهرن (هيڊڪوارٽرس) ۾ اسڪول موجود هئا جيڪي مڊل اسڪول سطحَ يا مَئٽرڪيوليشن سطح تائين تعليم ڏيندا هئا. انهن ۾ ٽپال ۽ ٽيليگرام آفيسون، اسپتالون، ويمَ گهر، ڪِرمنل (Criminal، ڏوهارين لاءِ) ڪورٽون ۽ ڪِن ۾ ته سِوِل (Civil، شهري يا سماجي مسئلن لاءِ) ڪورٽون به موجود هيون. انهن مان هر هڪ ۾ مقامي خود-حڪومتون جيئن ميونسپالٽيون ۽ نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽيز


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Notified Area Committees) پڻ موجود هيون. اهڙيءَ طرح اهي اقتدار/طاقت جا ننڍڙا مرڪز ٿي پيا ۽ واپار، عمارتي صنعت، ڇانورن جي چڙهڻ ۽ اٽي-پيهائي جون مِلون هٽڻ لاءِ ڪشش ڪرڻ لڳا. ڪن ۾ ڪپهه ٽاٽڻ جو مِلون هيون. اهي پڻ ويجهڙ وارين ريلراهه اسٽيشنن سان متاهين زميني سطح تي ٺاهيل روڊن وسيلي ڳنڍيل هيون. انهن وسندين جو رنگ ڍنگ ئي بدلائي ڇڏيو ۽ ڳوٺاڻين ايراضين لاءِ پڻ واپار ۽ تعليم جا مرڪز ٿي پيا.

## سڏاريل روڊ

سڏاريل روڊ/رستا پڻ برطانوين جو هڪ بيو تحفو هئا. اُٺ-قافلن جا گس ۽ ڏِڳي-گاڏين جا چارا سنڌ جي سيني مکيه وسندين کي ڳنڍيندڙ رستا هئا. پر برطانيا حڪمراني جي اوائلي ڏينهن ۾ ئي، اهو سر بارٽل فريئر هو، جنهن ڏهو ٻن ورهن جي عرصي ۾ سرڪاري خرچ تي ڪيترن ئي روڊن لاءِ ڪلورٽ (Culverts، مانڊول موريون) ۽ پُلون ٺهرائيندي سنڌ ۾ روڊن جو سرشتو سڏاريو ۽ مقامي زميندارن کي چيو ته مختلف شهرن ۽ مکيه وسندين کي سِڌن هنڌن تي، مٽيءَ جو پراءِ پيل رستن سان پاڻ ۾ ڳنڍين. انهن لاءِ مقرر ويڪر ۽ سنوت رکڻ جو بلو حڪومت ڪندي. حڪومت انهن رستن کي ٺيڪ ٺاڪ رکڻ لاءِ پاڻيءَ جو ڇٽڪار ڪرائيندي ۽ انهن کي مختلف گاهن سان ڍڪرائيندي هئي ته جيئن دز/ڌوڙ نه اڏامي. انهن مٽيءَ جي رستن تي 1920ع کان وٺي بَسن ۽ ٽرڪن هلڻ شروع ڪيو. انهن ريلراهن تي باربرداري جو ڪم گهٽايو نه، پر مناسب ريلراهن اسٽيشنن تي سامان پهچائي ان کي اڃا ترقي ڏياري. ريلراهه اسٽيشن ويجهو شهرن کي وڌائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ ۾ انهن مکيه ڪردار ادا ڪيو.

## سکر بئراج

1932ع ۾ سکر بئراج جي کلڻ سان سنڌ اناج ۽ ڪپهه پيدا ڪندڙ برطانوي انڊيا جو هڪ مکيه صوبو ٿي پيو. ٻي وڏي جنگ دوران سرڪار کي منظم نموني اناج ۽ زراعتي وکر پهچائي سگهڻ لائق بنائڻ لاءِ سنڌ حڪومت مختلف ٺيڪيدارن کي مخصوص ايراضيون الاٽ ڪيون. گدامن جي وڌڻ ۽ اسٽيشنن جي الاٽ ٿيڻ سبب ترت ئي هڪ چرچو عام ٿي ويو ته "قلاٽي يا قلاٽي اسٽيشن: قلاٽي يا قلاٽي صاحب کي الاٽ ٿي وئي." 1947ع ۾ سنڌ جو 1855ع وارو نقشو هڪ پوڳ پانڃڻ لڳو. نئون نقشو ڏيکاري ٿو ته هڪ لائق پرڏيهي انتظاميا پنهنجيءَ حڪمرانيءَ جي 104 ورهن ۾ سنڌ جو منهن مهاندو ئي نرالو ڪري ڇڏيو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪاري ريڪارڊ خوشقسمتيءَ سان تمام گهڻو آهي پر يا تہ بمبئي ۾ موجود آهي يا وري انڊيا آفيس لائبريري لنڊن ۾.

## 1960ع ـــ 1990ع

هن عرصي جا مکيہ واڌارا هي آهن:

- 1957ع ۾ ڪوٽڙي بئريج جو ڪلڻ ۽ 1960ع کان پوءِ ان تي آباد ٿيندڙ 16-لک ايڪڙ زمين جو نيڪال/وڪرو. ان سان گڏ 11-لک (؟) ايڪڙ خانگي زمين لاءِ پاڻيءَ جي يقين دهاني.
- 1962ع ۾ گڊو بئريج جو کلڻ ۽ 11-لک سرڪاري زمين جو نيڪال/وڪرو. ان سان گڏ 16-لک (؟) ايڪڙ خانگي زمين لاءِ پاڻيءَ جي يقين دهاني.
- 1960ع کان پوءِ سکر بئريج جي حد ۾ 28-لک سرڪاري زمين جو نيڪال/ وڪرو. 55-لک ايڪڙ زمين اڳ ئي ان جي ڪمان هيٺ هئي.
- 1958ع ۾ ٽيوب-ويل (Tube-well، ٽڙي وسيلي زميني پاڻي چڪڻ) ٽيڪنالاجي رائج ٿيڻ ۽ 1960-1970ع دوران مِٺي جر واري ايراضيءَ ۾ 3-هزار ٽيوب-ويلن جو لڳڻ.
- حيدرآباد ضلعي ۾ جديد ميوي-باغ جو رائج ٿيڻ ۽ انهن جو ميرپور خاص، نواب شاهہ ۽ سانگهڙ ضلعن ڏانهن پکڙجڻ.
- 1958ع کان پوءِ ٺٽي، بدين، حيدرآباد، ميرپور خاص، سانگهڙ ۽ نواب شاهہ ضلعن ۾ ڪيوڙي/ڪيلي جي پوکي رائج ڪرڻ.

انهن واڌارن جي ڪري اهو ممڪن ٿي پيو تہ 1950ع ۾ سنڌ جي ڳوٺاڻي آباديءَ جي اينڊڙ 30-ورهن ۾ هيٺ کان بہ وڌيڪ وڌائي سگهجي. ان ڪري ڳوٺاڻين ايراضين ۾ نيون وسنديون اُبرڻ لڳيون، شهر ڦندڻ لڳا ۽ ڳنڍيپ/اڄ وڄ جا وسيلا سڌريا. 1960ع ۾، اقتدار جي ڏٺين اميريڪا ۾ ڪيل تجربن (تہ سڌاريل روڊن تي اچ وڃ سبب مسافر ريل گاڏين تي برو اثر ٿي پيو) جي اثر سبب ڏامر جا روڊ ٺهرائڻ شروع ڪيا ۽ انهن وسيلي سامان ۽ ماڻهن جي ڍوئي وڌائي چڏي. ان جي ڪري ريلراهہ سرشتي تي بار سان گڏ پيهہ بہ گهٽجي ويو. 1991ع ۾ وهندڙ روڊن جو وسيع جار پکڙجي چڪو آهي جنهنڪري آباديءَ جي چرپر/اچ وڃ ايتري تہ وڌي وئي آهي جو اڳ ٻڌي نہ سُئي. ماڻهو هاڻي شهري سهولتن جو فائدو وٺڻ گهرن ٿا. 1951ع جي ڀيٽ ۾ ڳوٺاڻي آبادي اڄ ٽيڻ تي آهي.

1960ع کان پوءِ سرڪار پاران بہ منظم صنعتڪاريءَ کي همٿايو ويو آهي ۽ جيئن تہ گذريل ٽيهن ورهن ۾ واندو ڳوٺاڻو پورهيت موجود نہ هو ان ڪري


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صنعتن کي بين صوبن کان پورهيت گهرائي هلايو ويو جنهنڪري شهرن جي پکيڙ تمام تيزيءَ سان ٿيڻ لڳي. اڄ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي آبادي 1941ع جي ڀيٽ ۾ ٽيهوڻي آهي. جنهنڪري ڳوٺاڻي ۽ شهري آبادڪاري جي وچ ۾ اڻ-توازني پيدا ٿي پئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ سماجي-معاشي، نسلي ۽ ثقافتي ناموافقتون ۽ سياسي مسئلا پيدا ٿي پيا آهن.

## هن مضمون جو مواد:

سنڌ جي سماجي تاريخ جي هن پهلو کي واضح ڪرڻ لاءِ تمام گهڻن ذخيرن تان مواد ورتل آهي. انهن جو ذڪر هن ليکڪ جي "*سنڌ ۾ آبپاشي جي تاريخ*" (History of Irrigation in Sindh) ۽ "*سنڌ جي پلجاتي لغت*" (Chronological Dictionary of Sindh) نالي ڪتابن ۾ ڪيل آهي. 1843-1950ع واري باب ۾ ذڪر ڪيل ريڪارڊ هن ليکڪ جي ڪتاب "*سنڌ تي مواد جو ذخيرو*" (Source Material on Sindh) ۾ صفحي 475-495 تي ۽ عنوان نمبر 2535 کان 2875 ۽ نمبر 4400 کان 46030 هيٺ ملندو. هن ليکڪ پاڻ 185 تاريخي نقشا تيار ڪيا آهن ته جيئن "*سنڌ جي تاريخي اٽلس*" ( Historical Atlas of Sindh) ڪتاب (اڻ-ڇپيل) تيار ڪري سگهجي، اهو مٿي ڄاڻايل سيني وسندين کي چٽو ڪري ڏيکاري ٿو.

❋❋❋

نوٽ: هيءُ ليک پنهور صاحب جي انگريزي مقالي "دَ سِٽيز اينڊ سيٽلمينٽس اِن سنڌ، ديئر رائيز اينڊ ڊِڪلائين وِٿ-چينجز اِن دَ اِنڊس رِوَر سسٽم" ( The cities and settlements in Sindh, there rise and decline with-changes in the Indus river system) جو ترجمو آهي. جيڪو ماهوار "ڪُونج" لاڙڪاڻي ۾، بن قسطن ۾، نومبر-ڊسمبر 1994ع ۽ اپريل 1995ع ۾ ڇپيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم. ايڇ. پنهور
ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# سنڌ جون ٻوليون

## آمريءَ جي اوسر کان منصوره جي ميسارجڻ تائين

## يعني 5 هزار ورهه اڳ کان 1025ع تائين

سنڌي ٻوليءَ سان گڏوگڏ انڊو-آرين ٻولين جي ٻڻ بابت ڪيترائي نظريا پڌرا ڪيا ويا آهن. جن مان ڄاڻائي سگهڻ جوڳا ڪجهه نظريا هي آهن:

1) 18 صديءَ جي ابتدا کان 1780ع تائين

**18-صديءَ جي ابتدا کان 1780 يورپي ليکڪ**

سنسڪرت

يوناني | لاطيني | زند

2) سر وليم جونس 1786ع ڌاري

**وليم جونس 1786ع ڌاري**

آڳل-انڊو-يورپي

سنسڪرت | يوناني | لاطيني | زند

3) ارنيسٽ ٽرمپ 1872ع ڌاري

**ٽرمپ 1872ع**

سنسڪرت
← پراڪرت
← پالي
← سورسيني
← اپڀرنش
← وراچڊ
← سنڌي (11-صدي)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### 4) گريئرسن 1903ع

هن سمجهيو پئي ته سنسڪرت اپکنڊ (هند-سنڌ. انڊيا) جي پهريني (Primary) ٻولين منجهان هئي ۽ ان جي اتر-اولهائين ڪنهن حصي ۾ ڳالهائي ويندي هئي. گريئرسن جو نظريو اصل ۾ 1903ع ۾ لکيل. ڊاڪٽر دائودپوٽي سميت سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن پاران قبول ڪيو ويو ۽ سنڌس ڏور ۾ ميَسر سائنسي ڇاڻوڪي (Data) تي بيهاريل آهي.

**گريئرسن 1903 ع**

| پهريني پراڪرت | سنسڪرت سميت |
|---|---|
| سنسڪرت | پهريني پراڪرتون |
| پٺيتي سنسڪرتون | سنسڪرت-2 |

هَن سمجهيو پئي .ته سنسڪرت اپکنڊ جي پهريني ٻولين منجهان هئي ۽ ان جي ڪنهن اتر-اولهائين حصي ۾ ڳالهائي ويندي هئي.

### 5) پيرومل 1941ع

**پيرومل 1941 ع**

سنسڪرت
← پراڪرت
← سَورسيني
← اپڀرنش
← وراچڊ
← سنڌي (11-صدي)

هي ترمپ جو نقل آهي سواءِ ان جي جو هُن پالي کي ڪڍي ڇڏيو آهي. هن قسم جي نظريي جا پوئلڳ گهٽي قدر هيمچندر (1088-1172)، ڏنيڪا ۽ مارڻڪنڊ جو حوالو ڏين ٿا، جن هن طرح بيان ڪيو آهي:

سنسڪرت
← پراڪرت
← اپڀرنش.

هنن وراشي کي وساري ڇڏيو. جنهن چيو ته سنڪسرت. پراڪرت ۽ اپڀرنش ٽي مختلف/ڌار ڌار ٻوليون هيون.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6) جيرامداس دولترام 1957ع

**جيرامداس دولترام**

سنڌي پراڪرت
← سنڌي اپڀرنش
← سنڌي (11-صدي)

7) ڊاڪٽر اين اي بلوچ 1962ع

**ڊاڪٽر بلوچ جو ٻولين وارو نظريو**
**جن سنڌي ٻوليءَ تي اثر وڌو**

- آڳل (ٻٽائتي، پروٽو) سامي
- اوستي 500 – 320 ق.م
- يوناني 326 – 325 ق.م
- يوناني 195 – 150 ق.م
- ترڪي داردي 150ق.م – 1ع
- پالي ۽ پراڪرت 40 – 50ع
- ترڪي داردي 120 – 200ع
- پهلوي 200 – 400ع
- ترڪي داردي 400 – 500ع
- مقامي ٻوليون 500 – 700ع
- عربي 700 – 1000ع
- فارسي 1300 – 1900ع

**ايم. ايڇ. پنهور جو نظريو**

- سنڌو ماٿري جي آڳل ٻولي
- سنسڪرت 1000 – 519 ق.م
- آرامي 519 – 325 ق.م
- پالي ۽ يونان 322 ق.م – 283ع
- پهلوي 283 – 355ع
- سنسڪرت 356 – 711ع
- عربي 711 – 1011ع | سنسڪرت 711 – 1011ع
- وچاڙ سنڌي 1011 – 1351ع
- فارسي 1351 – 1900ع
- جديد سنڌي 19 ۽ 20 صدي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

8) سراج الحق ميمڻ 1964ع




هن جي راءِ موجب سنڌو سپيتا سيني کان وڏيڪ آڳاٽي هئي ۽ هتان کان ئي ماٿهو پاڻ سان گڏ پنهنجي ثقافت ۽ ٻولي کڻي سيني ڏسن ۾ پکڙجي ويا.

9) ڊاڪٽر غلام علي الانا 1974ع




هي نظريو ڪالڊويل (1875ع) تي بيهاريل آهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالڊويل جو خيال هو تہ دراوڙ ماڻهن جو واسطو غير آريائي ست سان هو ۽ اهي ستين (Scythian) کهول منجهان هئا جن جي ٻولي توراني (Turanian) ٻولين جي ست سان واسطو رکي پئي. الاتا سمجهي ٿو تہ آريا جڏهن سنڌ ۾ آيا ۽ هڙپائي (Harappans) ماڻهن کي مات ڪيائون تڏهن هڙپا وارن مان ڪي لڏي وڃي بلوچستان ۾ ويٺا ۽ بروهي (Brauhis) سڏيا وڃن ٿا.

ايئن چوڻ ٺيڪ ناهي، ڇو تہ هڙپا وارن کي آرين مات نہ ڪيو هو ۽ ٻنهي جي وچ ۾ 8 کان 9 سَو ورهن جي وٿي آهي. بروهي قلات ۾ ٻارهين صديءَ دوران آيا، ان کان اڳ نہ. بروهي بلوچستان جي پيٽ ۾ افغانستان ۾ وڏيڪ (2 لک ماڻهو) آهن هاڻي تہ ان ڳالهہ ۾ بہ شڪ ڪيو ٿو وڃي تہ بروهڪي ڪا دراوڙي (Dravadian) ٻولي بہ آهي.

هنن نظريدانن (Theorists) مان هر هڪ پنهنجو پنهنجو نڪتي نظر پيش ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. پر سيئي ماهر واسطيدار پڙاجاتي (Archaeological) پاسن کي جاچ هيٺ آڻڻ وساري ويٺا آهن. ڊاڪٽر بلوچ ۽ پيرومل ڪنهن حد تائين ڪجهہ تاريخي پهلوئن کي آڏو رکيو آهي پر سندن اتهاسڪ (Historical) تبصرا قابل قبول ناهن، ڇاڪاڻ تہ پڙاجاتي تحقيق اتهاس (History) کي جيڪو مواد ڏنو آهي، ان سان هنن جو نڪتي نظر تضاد ۾ آهي.

**پيرومل بحث ڪري ٿو تہ:**

1. رگويدي (Rigvedic) ٻولي باقي ٻين ٽن ويدن جي ٻوليءَ کان ڪجهہ مختلف آهي، پر چئني ويدن بابت سمجهيو ٿو وڃي تہ اهي اوائلي (Early) سنسڪرت جو اولڙو ظاهر ڪن ٿا.
2. يجر ويد لکجڻ وارن ڏينهن ۾ مَڌياديش (Madhya Desh) ڏانهن وڌڻ لڳا هئا. (ص 25)

هي بيان غلط آهي، ڇو تہ رگويدي آريا مڌياديش ۾ 500 کان 400 ق.م ۾ پهتا، ۽ اهو بہ پراڻ (Purans) ۽ شاستر (Sutras، ستر) لکجڻ کان پوءِ، جڏهن اوائلي سنسڪرت بدلجي وچين (Middle) سنسڪرت ٿي چڪي هئي. پراڻ ۽ شاستر لکجڻ جو سن 600 - 200 ق.م مقرر ڪيو ويو آهي.

3. مڌياديشي آريا ڪنزرويٽو (Conservative، اڳتي وڌائيندڙ تبديليءَ جا مخالف، جيئن آهي تيئن برقرار رهڻ جا شائق، محدود رهندڙ وغيره) ٿي پيا. انهن دراوڙن کي سنسڪرت سکڻ کان روڪي رکيو جنهن جي نتيجي ۾ اها هڪ مئل (Dead) ٻولي ٿي پئي. (ص 37)

هي دليل درست ناهي. سنسڪرت ان ڪري مئل ٻولي ٿي پئي جو اها ايڪنڊ جي ڪنهن بہ علائقي (Province) ۾ نہ ڳالهائي ويندي هئي ۽ ان کي رڳو


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌرمي ساهت (Religious Literature) ۽ ڪرياڪرم تائين محدود ڪيو ويو هو. اها ان لائق به نه رهي هئي جو مورين (Mouryans) جي ڪنهن صوبي ۾ سرڪاري ٻولي طور رائج رهي سگهي. مورين جي ڏينهنِ ۾ پالي (Pali) سرڪاري ٻولي هئي ۽ اها ئي ٻولي هئي جنهن ۾ 550 ق.م کان پوءِ ٻوڌي گرنٿ (Texts) لکيا ويا.

4. مختلف علائقن جون پراڪرتون (Prakrits) سنسڪرت مان نسريون (ص 38-39) ۽ 1000 ق.م ڌاري سنسڪرت بدلجي پالي - پراڪرت ٿي پئي (ص-39).

هي بيان به غلط آهي، ڇو ته انهن ئي ڏينهن ۾ رگويدي آريا اڃا ته سوات (Savat) پهتا هئا. نه ڪي بهار ۾ جتي 300-50 ق.م تائين پالي ڳالهائي ويندي هئي ۽ انهن ڏينهن کان اڳ ئي اها ٻوڌين جي پوتر (Sacred) ٻولي ٿي چڪي هئي. ان ڪري پالي تي سنسڪرت جو اثر ڪو گهڻو نه پيو هوندو، جنهن ۾ ڌرمي اصطلاح اڌارا ورتل هئا. جيئن ته ٻڌمت جا خيال عوام تائين پهچائڻا هئا ۽ عوام برهمڻت جي اصطلاحن کان چڱي طرح واقف هئا. ان ڪري ڪجهه لفظ پاليءَ به اڌارا (Loan) وٺي رکيا هئا.

5. اپڪنڊ ۾ مورين پاران سڃاتايل پالي جا ٽي نمونا هئا:

1- اپڪنڊ جي اتر-اولهه واري پالي،

2- سنڌ، راجستان، ڪاٺياواڙ ۽ مهاراشٽر واري پالي ۽

3- مرڪزي هند واري پالي.

هي بيان اشوڪ وارن ٽنين ٿلهن تي اڪريل فرمانن واري پالي ٻوليءَ جي بنياد تي بيهاريل آهي. اهڙي ڪا به اکر سنڌ ۾ نه لڌي آهي. انهن اُکرن جي بنياد تي بيهي اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته اڪرون لازمي طرح هر اپراضيءَ جي مقامي ٻولين ۾ ڪيل هونديون.

اشوڪ جي انهن فرمانن ۽ ٿلهن واري اکر ڏيکاريندڙ نقشي جي موک ڏيکاري ٿي ته اها ڪو اپڪنڊ جي رڳو ٽن اپراضين ۾ وڏي پيماني تي هلندڙ هئي. ان ڪري هي بيان غلط آهي.

6. پالي ۾ 60 سيڪڙو کان وڌيڪ سنسڪرت لفظ آهن (ص-49) ۽ ان ڪري پالي سنسڪرت مان نسري آهي.

هي دليل صحيح ناهي. اڄ پنجابي ۽ سنڌي ٻوليءَ وٽ ڪي 50 سيڪڙو هڪجهڙا لفظ آهن. ان ڪري اهو چئي سگهبو ڇا ته سنڌي پنجابيءَ مان يا پنجابي سنڌيءَ مان نسري آهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7. ٽين صدي قبل از مسيح (ق.م) کان سترهين صدي عيسوي تائين لکيل پراڪرتن جي گرامرن جي اڀياس مان هن نيتجو ڪڍيو ته اپڪنڊ ۾ ڪي ڇهه مکيه پراڪرتون عام ڳالهائجڻ ۾ ايندڙ هيون: (ص 56-57 ۽ 65-69)

1- مهاراشٽري (Maharashtri) مهاراشٽر ۾.

2- مگڌي (Magadhi) پراڻي بهاري اها بولي جا ڏکڻ بهار يا مگڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي.

3- ارڌ-مگڌي (Ardha-Magadhi) ڏکڻ بهار کان الهه آباد تائين.

4- شورسيني (Souresenc) اولهائين پنجاب کان مٿرا (Mathura) تائين ۽ راجپوتانا ۽ گجرات ۾ به.

5- پشاچي (Pashachi).

6- اپڀرنش (Apbhransa) معياري (Normal) درجي کان ڪريل ۽ اها بولي جا اڀير (Abhiras) ڳالهائيندا هئا. اڀير مال چاريندا هئا ۽ ان بوليءَ ۾ شاعري ڪندا ۽ ڳائيندا هئا. (ص 58-59) اهي گهڻو ڪري راجستان ۽ ٿر جا رهاڪو هئا.

ڌنڌنا (Dhanndhina، ڌٽي ڌنو)، هڪ گرامر ڄاڻڪ (Grammarian)، اهو پهريون ماڻهو هو جنهن اهو ذڪر ڪيو ۽ پيرومل اتان ڪنيو آهي.

بولين جو اڄ ڪلهه، وڏيءَ ڀُڃپ ۾ موجود هجڻ ٻڌائي ٿو ته ماضيءَ ۾ ڪا هڪ بولي ونڊي هوندي. جڏهن ته اميريڪي-انڊين بولين جو اڀياس ٻڌائي ٿو ته بوليون مڙي هڪ هنڌ گڏ ٿي هڪ بولي ٿينديون آهن. مٿي ڏنل گرامر ڄاڻڪن جي ڏينهن ۾ بولين بابت جيڪا ڄاڻ ميسر هئي، سندن نڪتي نظر ان جو ئي اولڙو آهي.

8. سترهين صديءَ جي گرامر ڄاڻڪ مارڪنڊ (Markanda) جي تحقيق تي بنياد رکندي اهو چيو ٿو وڃي ته وراچڊ اپڀرنش ڏهين صديءَ دوران سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. اهو اڪيلو ماهر ئي آهي جنهن ايئن بيان ڪيو آهي ۽ اهو به پنهنجي دَور بابت نه، پر ڏهين صدي عيسويءَ جي باري ۾. هڪ پيرو وري مارڪنڊ تي بيهاريندي ۽ وولنر (Wolner) جو بيان قبول ڪندي ته سنڌي، هندي ۽ ٻيون بوليون يارهين صديءَ ۾ پراڪرت کان الڳ ٿيون (ص 72) پيرومل چوي ٿو ته يارهين صديءَ ۾ سنڌي بولي اپڀرنش کان ڌار ٿي.

هي بيان شڪ جوڳو آهي، ڇو ته 951ع ۾ استخريءَ (Istakhri) سنڌ جي منصوره ۽ ملتان شهرن ۾ سنڌي ۽ عربي ۽ سنڌ جي ڳوٺن ۾ رڳو سنڌي


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائجندي ڏٺي. اها ٻولي سنڌي جي نالي سان ئي سڃاتي وڃي ٿي. نہ ڪي ڪنهن ٻئي نالي سان.

**ڊاڪٽر بلوچ جو رايو:**

1- سنڌو راهپ (ثقافت، ڪلچر) سامي راهپ جي ڇاڙهہ هئي جيئن سمير ۽ موهن دڙو جا لاڳاپا ظاهر ڪن ٿا (ص 3-4).

هي بيان درست ناهي. سنڌو راهپ پاڻ تي ڀاڙيندڙ (خودمختيار، آزاد) عمل جو نتيجو هئي. ٻنهي راهپن جي وچ ۾ واپاري ناتا هڪ مختصر عرصي لاءِ قائم ٿيا هئا ۽ اهي بہ محدود وکرن جي حد تائين ان سان گڏ سميري (Sumrrians) ڪي سامي (Samis) نہ هئا ۽ نہ ئي وري انهن جي ٻولي سامي هئي. سميري سنڌ ۾ بہ ڪو نہ آيا هئا جو انهن سان گڏ پنهنجي ٻولي بہ آندي هجي.

2- ڊاڪٽر بلوچ مٿئين دليل کي طاقت وٺائڻ لاءِ، بيان ٿو ڪري تہ اتر-الهندي اپکنڊ جون ٻوليون (جيڪي، سنڌس خيال موجب سنڌو سڀيتا جي اوسر ڪان وٺي بنيادي طرح سامي بڻ مان هيون) موٽ ۾ اندو-ايراني، اندو-آرين ۽ داردي ٻولين جي اثر هيٺ آيون. انهي ڳالهہ کي اتهاسڪ ٽيڪ مهيا ڪرڻ لاءِ هن پلجاڻي (Chronological، سن وار) ترتيب سان واقعن جو سلسلو جوڙيندي هڪ جدول جوڙي آهي ۽ فرض ڪري ورتو آهي تہ اتر-الهندي جي ٻولين تي انهن سيني ٻولين جو اثر پيو هوندو. اها جدول هيٺ ڏجي ٿي ۽ ان سان گڏ هڪ پٺيءَ ۾ هن ليکڪ ( ايم ايچ پنهور) جا رايا بہ ڏنل آهن. ←



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جدول وسيلي ڊاڪٽر بلوچ ترڪي ۽ داردي ٻولين جو مقامي ٻولين تي اٺين صدي عيسوي تائين مجموعي اثر ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جدول ۾ ڏنل (ليڪ جي) راين وسيلن ان کي رد ڪيو ويو آهي. اٺين کان ڏهين صدين جي وچ ۾ سنڌيءَ تي عربيءَ اثر جي حمايت ۾ هن (ڊاڪٽر بلوچ) دليل ڏنا آهن (2-22-25) جن مان ڪي درست/پڪا پختا نه آهن. مثال طور:

**(الف) عرب گورنرن جي سگهاري سياسي، مالي ۽ معاشي انتظاميا.**

هيءَ ڳالهه غلط آهي، ڇو ته 714-854ع جي وچ واري عرصي دوران گورنرن جي بدلي هر هر پئي ٿيندي هئي. ان عرصي ۾ 36 گورنرن مان گهڻائيءَ کي ڊسمس (Dismiss) ڪيو ويو، ڪي سنڌ ۾ مري ويا ۽ ٿورڙا ڪي هئا جيڪي عزت سان گهر پهچي سگهيا. امن امان (قانون ۽ حڪم جي برتريءَ) جي اڻهوند هئي. لاڳيتون بغاوتون، قبيلن پاران ويڙهون ۽ بدامني (سلامتي کي خطرو) موجود هئي، جيئن مون پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي پلجاڻي لغت ( Chronological Dictionary of Sindh) ۾ بحث ڪيو آهي (سنڌ ڦڻائرلي جلد 4، نمبر 41976)

**(ب) نوان شهر ٻڌا ويا، ڳنڍپ (Communication، اچ وڃ) جا ڏگ وڌايا ويا ۽ واپار کي وسيع ڪيو ويو.**

714-854ع دوران ٿورڙا ڪي شهر وڌيا. واپاري ناتا/ڏگ اڳ ئي موجود هئا. ڪو به نئون ڏگ نه کليو. بغداد ڏانهن برآمدي واپار سڌريو هو.

**(پ) سنڌ ۾ عربن جي آبادڪاري وڏي ڳڇ ۾ ٿي.**

هي بيان رڳو جزوي طرح صحيح آهي. محمد بن قاسم سان گڏ رڳو 6- هزار سپاهي سنڌ ۾ آيا هئا اهي هتي رهي پيا. مقامي ماڻهن جي گهرن ۾ شاديون ڪيائون ۽ رلي ملي هڪ ٿي ويا. وڳوڙ جي ڪري انهن کي محفوظ ڏانهن لڏايو ويو. ڪجهه نِڌاري ۽ يمني آکيون به آباد ٿيون پر شهرن ۾، ڳوٺن ۾ نه.

**(ڀ) عربي هاري (ڪڙمي) ٿيا.**

هي بيان ٺيڪ ناهي. اسان کي رڳو ابوتراب (هڪ آفيسر) جهڙن ڪجهه عربن جي سڌ آهي جن وٽ ٻنيون هيون. هبارين (Habaris) وٽ به ڪي ٻنيون هيون ان ڪري سنڌن لاڳاپا ڳوٺن ۾ به هئا. هباري زميندار هئا ۽ وڏن شهرن ۾ رهندا هئا.

**(ت) سنڌين سان ڏي وٺ جي بنياد تي شاديون**

اهي شاديون رڳو هڪ طرفيون يعني عرب مردن جون سنڌي عورتن سان شاديون هيون. جيئن ته هڪ صدي دوران پنج پيڙهيون (اولاد جو اولاد) ٿين ٿيون، ان ڪري هر صديءَ دوران هر عرب آکهه ۾ عرب خون 31-38 سيڪڙو گهٽيو


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر بلوچ جو سامي ٻولين مان سنڌيءَ جي اسرڻ وارو نظريو مئسيڪا (Masica) پاران ڪيل موڪ جي بنياد تي قبول ڪرڻ جوڳو ناهي. جنهن سامي ٻولين ۽ سنڌي ۾ ڪا به هڪجهڙائي نه ڏني. ٻئي پاسي، ڊاڪٽر بلوچ چوي ٿو ته اپڀرنش ۾ پ. ن. ٽ. گ. ڪ ۽ ف تبديل ٿي ب. د. ڏ. گهه. ڪ ۽ ق ٿيا. ۽ جيئن ته سنڌي اهو رجحان نه ٿي ڏيکاري ان ڪري اپڀرنش يا وراچڊ (Varehade) اپڀرنش مان نڪتل ناهي. هيءَ ڳالهه به رڳو جزوي طرح صحيح آهي. سنڌي اهڙو رجحان ڪي قدر ڏيکاري ٿي ۽ جيئن ته سنڌ جي ماڻهن سان اپڀرن جو ميل ميلاپ رهيو آهي. ان ڪري سنڌي ۾ اپڀرنش جو ڪجهه حصو ملي جذب ٿي ويو. اپير اپڀرنش ڳالهائيندا هئا. لاڏائو مالوند/پاڄيا هئا ۽ امرڪوٽ ۽ مارواڙ جي وچ ۾ مختلف وقتن تي گهمندا رهندا هئا.

عرب حڪمراني جو امن ڀريو دَور هبارين جي حڪومت مهل هو جيڪي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ 100 ورهن تائين بسنڌ جا رهاڪو ٿي رهيا. انهن جي دَور ۾ امن هو، واپار وڌيو، سير سفر سلامتيءَ وارو هو ۽ عربي-سنڌي لاڳاپو ضرور وڌيو هوندو چو ته ٻئي ٻوليون گڏوگڏ هلنديون هيون.

ارڙهين صديءَ جي نائين ڏهاڪي (Eighties) ۾ ايشياٽڪ سوسائٽي آف بينگال (Asiatic Society of Bengal) جي قيام مشرقي ٻولين جي اڀياس ۽ انهن ۾ موجود ڌرمي ڪتابن (Text، گرنٿن) ۽ اتهاسن (Histories) جي اڀياس کي زور وٺايو.

جتي پارسي ڌرمي ڪتاب يارهين صديءَ کان آڳاٽا نه ٿا سمجهيا وڃن اتي سنسڪرت ساهت کي شاندار جهونائپ (قدامت) آهي. خاص ڪري ويدن واري ساهت کي، جيڪو 1000-900 ق.م سان واسطو رکي ٿو. سڀني کان جهونو ويد ـــ رگ ويد. ان ٻوليءَ جي ودوان پنڊتن چواڻي 5 هزار ورهن کان وڌيڪ آڳاٽو هو. رگويد اِندر ديوتا (God) جي خبر ڏئي ٿو جنهن بابت سمجهيو پئي ويو ته هن ڪاري ڪل واري مقامي نسل کي مات ڏني ۽ انهن کي غلام ڪري ڇڏيو. هن کي هڪ دليل طور ڪم آڻيندي هام هنئي وئي ته ڪنهن زماني ۾ سڄو انڊين اپکنڊ درواڙن (ڪارن ماڻهن) والاري رکيو هو، جن کي آرين کي 5 هزار 5 سَو ورهه اڳ ڌاڪٽي انڊيا ڌانهن تڙي لوڏي ڇڏيو.

اهي ڌاريا ڪير هئا؟ ـــ آريا.

۽ اهي ڪٿان آيا؟ ـــ هيءَ هڪ اهم سوال هو.

آرين بابت جاچ لاءِ گهڻو ڪجهه رهيل هو. پر مئڪس ملر (Max Muller) سنسڪرت جي هڪ وڏي ماهر، سنسڪرت، يوناني، لاطيني ۽ جرمن ٻولين جي


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرامر ۾ ساڳيائپون (Similarities) ڏسندي، 1864ع ۾ اهو نظريو ميدان تي آندو ته سنسڪرت باقي سيني ٻولين کان وڌيڪ جهوني ٻولي هئي ۽ ان مان ئي سموريون يورپي، ايراني ۽ هندي ٻوليون نسريون آهن. هن ڏاڍي محنت ڪري اهو نڪتو پڌرو ڪيو ته سنسڪرت ڳالهائيندڙ آرين جو واسطو ڪيڪاس (ڪوهه قاف، Caucasus) جي ايراضيءَ سان هو ۽ اتان اهي اوپر پاسي ۽ اولهه پاسي پکڙيا جنهنڪري ايڏي وسيع ايراضيءَ ۾ اهي (ايتريون) ٻوليون پکڙيون. هن نظريي کي سڄيءَ دنيا ۾ ڪيترن ئي ڏاهن ورهن لاءِ ساٿي (پوئلڳ) ملي ويا.

سر جان مارشل (John Marshal) پاران موهين جي دڙي جي کوٽائيءَ هڪ نرالو بيان ٻڌايو. هڙپا وارن جو مذهب ويدائي ڌرم (Vedic religion) کان پوريءَ طرح مختلف هو، ان ڪري اهي ماڻهو آريا نه ٿا ٿي سگهن. سندن نسل ڪو ٻيو هو. اتان مليل کوپڙين (Skulls) جي ٺور وقتي تپاس کان پوءِ تڙتڪڙ ۾ چيو ويو ته هڙپا وارا آڳل (ٻڌائتا) پُرنوچائي ماڻهو (Proto-Mediterranain people) هئا، بلڪل ساڳيا جيئن ڏکڻ انڊيا جا دراوڙ. تنهن مثان، ان کان به وڌيڪ سولو ڪم اهو چوڻ هو ته آرين انهن تي سوڀ ماتي. موهين دڙي ۾ ان جي کوٽائي شروع ٿيڻ کان 30 ورهه پوءِ تائين، موهين دڙي جي جهونائپ بابت سموري ڳالهه ٻول هڪ ڏکي جيان هئي، تان جو وهيلر (Wheeler) ان جو دَور 2300-1650 ق.م ٻڌايو. اهو سن هاڻي مسوپوٽاميا (Mesopotamia، عراق) ۾ مليل ساکيات (همعصر واپاري وکرن جي ملڻ سبب پڪو سمجهيو وڃي ٿو. هڙپائين جي تباهيءَ بابت هن نظريي جي ساٿارين ۾ مارشل، مَڪي (Machay)، پگاٽ (Piggot) ۽ وهيلر شامل آهن. هن نظريي بهرحال، هڪ وڏو ڪم اهو ڪيو ته هي جو سمجهيو ويندو هو ته آريا 3500 ق.م کان هتي پهتل هئا (۽ ان ڳالهه تي 90 ورهن کان پروسو رکيو پئي ويو)، ان کي ٽوڙي، آرين جي آمد جو سن 1750-1650 ق.م تي آڻي بيهاريو. مئڪس ملر جي نظريي تي بيهاري، جيڪا اتهاسڪ ساهت خلقي وئي هئي ان کي هاڻي 1750 ق.م موجب ٺهڪائڻو هو. پر ان هوندي به، اپکنڊ جي سمورين ٻولين جو سنسڪرت مان ڦٽي نڪرڻ وارو نظريو ڪنهن خاص شدت سان چئلينج (Challange) نه ڪيو ويو، چو ته ان هوندي به اهو سمجهيو پئي ويو ته 200 ق.م ڌاري مري وڃڻ کان اڳ، هن ٻوليءَ وٽ وري به 1500 ورهه هئا جنهن دوران اتر اپکنڊ جي سيني ٻولين تي اثر وجهي سگهي ۽ انهن کي نسرائي سگهي. آمري ۽ ڪوٽ ڏيجي ۾ کوٽايون اجا نه ٿيون هيون ۽ جڏهن اهي ٿيون تڏهن پهريائين اهو سمجهيو ويو ته انهن کي هڙپا يا موهين دڙي يعني سنڌو سڀيتا وارن ماڻهن تباهه ڪيو هوندو. واقعن جو زنجير سنئين سڌي نموني جوڙيو ويو ۽ اهڙيءَ طرح آرين ۽ ان مان نڪتل مختلف راهپن (ثقافتن) جي اوسر بابت


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنياد تي بيهاريل آهي ۽ ان کي چئلينج نہ تہ ڪري سگهجي. انهن پاڻ سان خاڪي ٿانو (Grey ware) ۽ لوهہ (Iron) آندا. رگويد ۾ لوهہ جو ذڪر ٿيل آهي. هٽائيٽي (Hittitics) کي اهو اعزاز مليل آهي تہ 1200 ق.م ڌاري (ان کان اڳ نہ). لوهہ پگهرائي سگهندا هئا. لاڳاپيل نقشو ڏکڻ ترڪي ۾ سندس اصل شروعات ڪان يورپ ۾ وچ ايشيا ڏانهن لوهہ جي پکڙجڻ جي تصوير ڏيکاري ٿو. اهو سوات ۾ 1050 ق.م ڌاري پهتو پر بلوچستان ۾ پراڪ/پيرڪ (Pirak) وٽ، 800-900 ق.م ڌاري ۽ سنڌ ۽ پنجاب ۾ 800 ق.م ڌاري پهتو. انهن رگويدي آرين جي چال ڏاڍي ڍري هئي. اهي انڊين اپکنڊ جي ايراضين ۾ هيٺين ترتيب سان پهتا:

| | |
|---|---|
| سوات | 1050 ق.م |
| اولهائون بلوچستان | 800-900 ق.م |
| اوڀرائون بلوچستان | 800 ق.م |
| سنڌ | 800 ق.م |
| پنجاب | 700-800 ق.م |
| راجستان | 300-600 ق.م |
| مڌيا پرديش | 400-500 ق.م |
| اتر پرديش | 50-300 ق.م |
| بهار | 50-300 ق.م |

ميسور جي ايراضين ۾ 1000 ق.م ڌاري لوهہ جي وکرن جو ظاهر ٿيڻ هڪ خودمختيار/آزاد عمل هو (ان جو رگويدي آرين جي آمد سان ڪو واسطو ناهي).

رگويدي خدائن/ديوتائن (Gods) اندر (Indra)، مِتر (Mitre)، ورڻ (Veruna) ۽ نَستيا (Nastaya) جو ذڪر 3180 ق.م ۾ هٽائيٽي (Hittetian) بادشاهہ سبليوليما (Subilulima) ۽ متانيائي (Mitanniain) بادشاهہ متياور (Mattiver) جي وچ ۾ ٿيل ناهہ ۾ اچي ٿو. رگويدي آرين جي چرپر جو اهو هڪ پڌرو اهڃاڻ آهي. جيڪو ٻڌائي ٿو تہ آرين کي اپکنڊ ۾ 1000 ق.م ڌاري پهچڻ تائين 300 ورهہ لڳي ويا ۽ ان کان پوءِ ايندڙ 200 ورهن ۾ اهي سنڌ پهتا.

رگيل خاڪي ٿانوَ اڃا سوڌو سنڌ جي رڳو هڪ هنڌ تان مليا آهن. ان ڪري اهو هڪ محتاط نتيجو هوندو تہ آريا سنڌ ۾ ڪنهن وڏيءَ ڳڻپ ۾ نہ آيا.

ميسر ڪرٽا ڪاريہ-تاريخ ۽ م ا س ڪ ا (MASKA) درستيءَ کان پوءِ سنڌ ۾ ٿيل واقعن جي پلجاڻ (Choronology) هن طرح بيهي ٿي:


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 3. اليگزينڊر (سڪندر اعظم) ۽ سندس پويان -- | 325 ق.م- 323 ق.م | |
| 4. موريا ---------- | 321 ق.م- 187 ق.م | |
| 5. سنڌ ۾ ٻڌ مت جو اڀاڄ ---------- | 272 ق.م | |
| 6. باختري يوناني ---------- | 184 ق.م- 70 ق.م | |
| 7. سِٿين ---------- | 70 ق.م- 46 ع | |
| 8. پارٿي ---------- | 46 ع - 78 ع | |
| 9. ڪُشن (مٿين سنڌ/سِري ۾) ---------- | 78 - 175ع | |
| 10. پارٿي (هيٺين سنڌ/لاڙ ۾) ---------- | 78 - 283ع | |
| 11. ساساني ---------- | 283 - 356ع | |
| 12. وهليڪا ---------- | 356 - 415ع | |
| 13. سنڌ جون (مقامي) راڄڌانيون ---------- | 415 - 475ع | |
| 14. هن (Huns) مالوا وارا ---------- | 475 - 499ع | |
| 15. راءِ ---------- | 499 - 641ع | |
| 16. برهمڻ ---------- | — | |
| 17. اميه گورنر (Governors) ---------- | 711 - 750ع | |
| 18. عباسي گورنر ---------- | 751 - 854ع | |
| 19. هباري ---------- | 854 - 1011ع | |

سنڌ ۾ ٻي دلچسپ وِڌار (development) سامونڊي سطح جون تبديليون هيون. جيڪي اڄ کان هڪ لک ورهه اڳ کان وٺي 10 هزار ورهه اڳ دوران ٿينديون رهيون. اهي هيٺ جدول ۾ ڏيکاريل آهن.

**گذريل 1 لک ورهن دوران سامونڊي سطح ۾ آيل لاهه چاڙهه**

| ورهه اڳ | چاڙهه ميٽرن ۾ | زميني نشان، سامونڊي ڪنارو اڄوڪي سامونڊي ڪناري جي پيٽ ۾ | (سنڌيڪار پاران پنهور صاحب جن جي هڪ ٻئي مضمون تان ورتل چاٽ موجب) |
|---|---|---|---|
| 100000 | 0 | — | ڪراچي (ساڳي جيڪا هن وقت آهي) |
| 90000 | 15 | حيدرآباد ويجهو | ٺٽي ۽ سونڊا ويجهو |
| 80000 | 30 | موهين جي دڙي ويجهو | آمري ويجهو |
| 70000 | 52 | گهوٽڪي ويجهو | لاڙڪاڻي ويجهو |
| 60000 | 90 | پنجند ويجهو | رحيم يار خان ويجهو |
| 50000 | 130 | ملتان جي اتر ۾ | ملتان ويجهو |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 40000 | 90 | پنجند ويجهو | .......... |
| 30000 | 30 | موهن جي دڙي ويجهو | آمريءَ وٽ |
| 20000 | 120 | ملتان ويجهو | پنجند وٽ |
| 10000 | 37 | لاڙڪاڻي ويجهو | دادوءَ لڳ |
| 5000 | 3 | — | بدين ۽ ساڪري ويجهو |
| | | | "سنڌ جي آثار قديمہ تي تحقيق ۽ اشاعت" ("مهراڻ". 2-1984ع) |

سامونڊي سطح ۾ تبديليءَ سبب 20 هزار ورهہ اڳ سامونڊي ڪنارو ملتان ويجهو هو. ٿر ۽ راجستان جا اولهاوان حصا پڻ سمنڊ هيٺ هئا. بنگلاديش ۽ اتر پرديش بہ سمنڊ هيٺ هئا. دريائي ڪيٽيون (Deltas، دوآبا) ضرور اتر پنجاب ۽ اتر-اولهہ اترپرديش وٽ هونديون. ۽ نديون ضرور سمنڊ جي ٻن نارن (Gulfs) ۾ سنئين وهڪ جي صورت ۾ ڇوڙ ڪنديون هونديون جنهنڪري سڄي ڏکڻ انڊيا هڪ ٻيٽ ٿي پئي هوندي. 12 هزار ورهہ اڳ سمنڊ ماٿيل (Upper) سنڌ مان لهڻ شروع ٿيو ۽ سڄي سنڌ ضرور 8 هزار ورهہ اڳ ٻيهر ظاهر ٿي هوندي.

اڄ کان 20 هزار ورهہ اڳ ڌاري سنڌو-گنگائي ميدان (Plains، پٽ) دکن (Deccan، ڏکڻ انڊيا) ڌانهن سُريا هوندا جيڪو انهن ڏينهن ۾ ٻيٽ هو. اهي پٽ 8 هزار ورهہ اڳ وري پلٽجي موٽيا هئا انهن 12 هزار ورهن دوران ٽيل ميل جول جي ڪري دراوڙن جو لڳ ڀڳ يڪروپ (Uniform) نسل جڙيو هوندو ۽ دراوڙي ٽولي جي ٻولين جو وڏو انگ هوندو جيڪي مختلف قبيلن ۾ ڳالهايون وينديون هونديون. سمنڊ جڏهن سنڌو-گنگائي پٽن مان موٽ کاڌي تڏهن ماٿهو بہ ضرور پوئتي موٽيا هوندا. اهي سڀ گهٽي پاڳي دراوڙ هئا سواءِ انهن ڪجهہ ماڻهن جي، جيڪي جبلن کان آيا هئا. انهن جو گذارو وچيهٽي (Mesolithic) دَور تائين شڪار ڪرڻ ۽ مڇي مارڻ تي ٽيندو هو اهو دَور نويهٽي (Neolithic) انقلاب سبب ترت ئي بدليو جنهن نيٺ سنڌو راهپ (ثقافت ڪلچر) کي جنم ڏنو.

هيٺ ڏنل ٻئي جدولون سنڌ ۾ ٻولين جي حالت جو ڏس پتو ڏين ٿيون، جنهن جو تت هن طرح بيهي ٿو:

1- اوائلي پاٿر جمار (Early Stome Age) وارا شڪاري ۽ کاڌو گڏ ڪندڙ ماٿهو (5 لک ورهہ ق.م کان اڳ) سنڌ ۾ رهندا هئا. جيئن روهڙي ۾ فلنٽ (flint) پٿر مان وکر ٺاهيندڙ فيڪٽرين جا آثار ٻڌائن ٿا.

2- روهڙي ۾ ملندڙ وکر وچين (Middle) پاٿر جمار (5 لک - 1 لک ورهہ اڳ تائين) ۾ ماڻهن جي موجودي پڻ ثابت ڪن ٿا.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Mile 101 ڪراچي کان حيدرآباد نيشنل هاءِ وي) وٽ پاٽر وکري فئڪٽريون ڪين وکر مهيا ڪرڻ لڳيون. اهي پاٽر وکر پٿپهٽي (Microlethic) راهپ کي نشانبر ڪنڌڙ سمجهيا وڃن ٿا ۽ ان قسم جا وکر 10 هزار ق.م کان پوءِ ظاهر ٿين لڳا.

6- وچپهٽي جمار سنڌ ۾ 5500 ق.م ڌاري شروع ٿي. ڪاڏو ميڙيندڙن ۽ شڪارين ڪجهه قسم جي جانورن کي هيرائڻ/گهريلو بنائڻ شروع ڪيو. جانور پنهنجي آزاديءَ کي ماڻهن آڏو برقرار رکر نه سگهيا ۽ اُهي (ماڻهو) پنهنجيءَ ذهانت وسيلي انهن کي مناسب وِيڻن/چراگاهن ۽ پاڻيءَ جي ذخيرن تائين وٺي ويندا هئا. اهو عمل ماڻهوءَ ۽ جانور (ڍور) ٻنهي جي گڏيل فائدي ۾ هو ۽ ٻنهي هڪ ٻئي سان گڏجي رهڻ جو فيصلو ڪيو.

7- ڪناري علائقي* ۾ ڪنهن نه ڪنهن هنڌ نويهٽي انقلاب يعني ڪجهه قسمن جي اناجن کي اپائڻ ۽ ابتدائي پوکي راهي ڪرڻ جو عمل شروع ٿيو. ان جو سن 7- هزار ق.م سمجهيو وڃي ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو ته هڪ کان وڌيڪ هنڌن تي شروع ٿيو هجي. اهو انقلاب هوري هوري نيل ۽ فرات جي ماٿرين ڏانهن سرڻ لڳو جتي جي سڀيتا (Civilization، تهذيب) اسري پختي ٿي.

8- مسوپوٽاميا (Misopotamia، عراق) سان گڏوگڏ ترڪي مان به پوکراهپ (زراعت) جي ڪرت (ڪڙمت، هارپ) ايران جي ترُوچڙ (ڪُليل) ماٿرين ڏانهن وڌڻ لڳي.

9- ايران کان سنڌ ڏانهن ماڻهن جي لڏپلاڻ 4- هزار ق.م ڌاري شروع ٿي ۽ اٽڪل 200 کان 300 ورهن ۾ اهي بلوچستان، اورنگي (ڪراچي) ۽ ڪوهستان ۾ ڪيترن ئي هنڌن جيئن اربجو (Arabjo)، شاهجو (Shahjo)، کجور (Khajur)، ڪراچٽ (Karachat)، پوڪران (Pokran)، پريک (Padekh)، تندو رحيم، علي مراد، واهي پانڌي، ڏرگمبي، چڪر ڪوٽ، نيگ (Naig) وغيره ۾ (مجمدار، 1934ع جي کوجنا موجب) ۽ ٻين ڪيترن ئي هنڌن تي پهتي جن کي پروفيسر رؤف خان کوجنا ڪري پڌرو ڪيو. اتان اهي 3500 ق.م ڌاري آمري ڏانهن رڙهيا جتي انهن ساوڻ واري مينهن جي مدد کان سواءِ ئي سنڌونديءَ جي ڇڏيل محفوظ گهم (Perserved moisture) تي ڪٽڪ اپائڻ جو هنر سکي ورتو.

10- 3500-1000 ورهه ق.م تائين نويهٽي ۽ ٻنگاريهٽي/ٽاماپهٽي راهپن جا مختلف مرحلا (ڏاڪا، حالتون) آهن جن کي آمري، ڪوٽ ڏيجي، موهين جو

* ڪناري علائقو ان علائقي کي سڏيو ويو آهي جنهن کي عام انگريزيءَ ۾ crescent يعني ٻيهرينءَ جو چند (هلال) سڏجي ٿو. ترڪي، يونان، شام، اسرائيل ۽ اردن وارو علائقو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڙو سميئري-ايج، جهڪر ۽ جهانگر (جي نالن پٺيان نشانبر ڪندي) سڏيو وڃي ٿو بلوچستان ۾ مختلف دؤرن جي ڪيترن ئي هنڌن (جن جو واسطو مختلف دَورن واري راهپ سان آهي) جي اپياس مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته اتي راهپ اها ساڳي ئي سنڌو راهپ آهي جيڪا اسان کي ٽن مرحلن — (1) اوائلي (اسرندڙ)، (2) ساماڻل (رچيل) ۽ (3) جُهرندڙ (ڍهندڙ) — ۾ ملي ٿي، توڙي جو اتي ايران ڪان لاڳيتو لڏپلاڻ ٿيندي رهي. ڏاڍر ويجهو ميرڳڙهه ۾ کوٽايون ان دَور کي 6-هزار ق.م تائين آڳاٽو ثابت ڪن ٿيون. پر اجا به تفصيلي رپورٽ ظاهر ٿيڻ جو اوسيئڙو آهي.

11- جيئن ته سنڌ جا مچي مارينڊ ۽ شڪاري قبيلا دراوڙ ۽ دراوڙي ٻوليون ڳالهائيندڙ هئا. ۽ جيئن ته نوپهٽي ۽ ٻنگاريهٽي (تامابهٽي) راهپ رکندڙ ماڻهو اندو-يورپي نموني جا کي ماڻهو هئا (جيڪي سڪن، جتن ۽ جاٽن وغيره جيان ڏيکارجن ٿا) ۽ انهن کي اندو-يورپي ٻوليون ۽ 20 سيڪڙو دراوڙي ٻوليون ڳالهايون ٿي ۽ سنڌن وچ ۾ جڏهن ميل ميلاپ ٿيو تڏهن 1-هزار ق.م تائين 20-25 سيڪڙو دراوڙي ٻولين جي لفظن کي کٽي جذب ڪيو ويو ۽ سنڌي ماڻهن جي سلسلي ۾ ته اها اڄ تائين پڌري آهي.

12- انهن جي وچ ۾ 25 سَو ورهن تي پکڙيل ميل ميلاپ (1000 ق.م تائين) سنڌو ماٿر جي راهپ وارين ايراضين ۾ (مختلف) ٻوليون پيدا ڪيون جن کي انتهائي احتياط سان آڳل-سنڌي (ٻڌائتي-سنڌي، Proto-Sindhi)، آڳل-پنجابي (Proto-Punjabi)، آڳل-گجراتي (Proto-Gujrati) ۽ امڪانن آڳل-ڏکڻ گجراتي (مرهٽي/مراٺي، Proto-South Marathi) ۽ پڻ پنجاب جي سڀ ڪان وڏيڪ اوپرائن ضلعن ۽ اتر پرديش جي (عالمگير ويجهو) اتر-اولهائن ضلعن ۾ آڳل-هندي (Proto-Hindi) جو نالو ڏئي سگهجي ٿو.

13- 1000 ق.م ڌاري رگويدي آريا آيا. اجا تائين پڪ ناهي ته ويدي-سنسڪرت اهائي ٻولي هئي جيڪا اپکنڊ جي اتر-اولهائن ڪجهه علائقن ۾ ڳالهائي ويندي هئي يا ڪا اهڙي ٻولي جيڪا هندوڪش جبلن ۾ ڪنهن هنڌ يا اجا به ڪشپين ڍنڍ (جنهن کي عام، طرح سمنڊ سڏيو ويندو آهي) جي ايراضيءَ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. گهڻو امڪان اهو آهي ته اها به آڳل-سنڌي، آڳل-پنجابي ۽ آڳل-هندي جيان ٿوريءَ ايراضيءَ اندر محدود هئي ۽ اهي ماڻهو ڳالهائيندا هئا جيڪي پوءِ برهمڻ مت سڏجندڙ مذهبي فرقي جا باني ٿي پيا

14- اهو سمجهندي ته هيءَ ٻولي اها هئي جيڪا آرين آندي، جن ڏکڻ-اوڀر ڪشپين ايراضيءَ مان لڏپلاڻ ڪئي، ته پوءِ هيءَ اها ٻولي چئبي جيڪا


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڳل-انڊو-يورپي (Proto-Indo-European) ٻوليءَ جي مائٽياڻي هئي جنهن مان آڳل-سنڌي ۽ ٻيون ٻوليون اسريون.

15- رگويدي آريا سنڌو ماٿر جي ماٿهن تي (جيڪي 700-800 ورهن تائين ڏاڍين خراب حالتن مان گذرندا پئي آيا) پنهنجو مذهب مڙهڻ ۽ ان کي پکيڙڻ جي سلسلي ۾ ڏاڍا ڦڙت پيا ڏيکارجن. سنڌو ماٿر پنهنجي لکيت (script) وڃائي چڪي هئي ۽ 1650 ق.م کان وٺي هڪ اڻساهتي (Illiterate) ٿي چڪي هئي. آرين ويد لکڻ لاءِ ترت ئي عبراني (Hebrew) مان هڪ لپي/لکيت (script) براهمي (Brahmi) جوڙي ورتي. ان ڏرم هن اڻچٽي (Obscure) ٻولي سنسڪرت کي ان لائق بنايو جو اپکنڊ جي سمورين ٻولين خاص طرح اترادي ٻولين کي 800 کان 600 ق.م تائين پنهنجا لفظ ڏئي سگهي.

16- 600 ق.م ڌاري آرين اترادي انڊيا ۾ 16-آريائي رياستون، جن کي مهاپڊايا (Mahapadhaya) سڏيو ويندو هو، قائم ڪري، پنهنجي سياسي سگهه ڄمائڻ (وڌائڻ) شروع ڪئي. اها پڪي ڳالهه آهي تہ سنڌ آرين جي انهن رياستن مان هڪڙ ڪو نہ هئي. اهي سورنهن مهاپڊايا هي آهن:

| | |
|---|---|
| 1. ڪمبوجا (Camboja)، | 2. گنڌارا (Gandhara)، |
| 3. اوانتي (Avanti)، | 4. اسمڪا (asmaka)، |
| 5. شراسينا (Surasena)، | 6. متسيا (Matsya)، |
| 7. پنچالا (Panchala)، | 8. ڪُر (Kuru)، |
| 9. انگا (Anga)، | 10. مگڌا (Magadha)، |
| 11. ڪاسي (Kasi)، | 12. ڪوسالا (Kosala)، |
| 13. وجي (Vajji)، | 14. ملا (Malla)، |
| 15. چيدي (Chedi) ۽ | 16. وتسا (Vatsa). |

17- مختلف آريائي رياستن جي حڪمراني دوران برهمڻ اڻٽڪ سگهه ماڻي ورتي.

18- سنڌو ماٿر جو مذهب پڻ ستل/ننڊاکڙو (Dormant) نہ هو. رگويدي مذهب ۽ سنڌو مذهب جي ميل هڪ نئين مذهب کي جنم ڏنو، جنهن کي برهمڻ مت (Brahmanism) سڏجي ٿو. پراڻي مذهب کان ورتل اثرن ۾ لنگ پوڄا (Lingum-worship)، شِو-پوڄا* (Shivipuja)، درگا ۽ ٻيا ڪيترائي رڪن (Traits) شامل آهن ۽ 600 ق.م ڌاري آرين جي برهمڻ (Brahamas) ۽ شاسترن (Sutras) ۾ نيون مذهبي سکيائون (عقيدا، نظريا، تعليمون) داخل ڪيون ويون.

---

* شِو-پوڄا شايد اها ساڳي ٿي ڳالهه آهي جنهن کي لنگر-پوڄا چيو وڃي ٿو - سنڌيڪار


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

19- ماڻهن جي ڳُٿپ (آباديءَ) ۾ واڌ برهمڻن کي مجبور ڪيو ته گوشت واپرائڻ
رڳو پاڻ تائين محدود ڪن تنهنڪري ان جو واهپو مذهب جي نالي ۾ هين لاءِ
حرام (منع) ڪيو ويو. انهن ساهتيه (Literacy)، تعليم پرائڻ، لکڻ پڙهڻ ۽
ڪيترين ئي حڪومتي نوڪرين تي هڪ هٽي (Monopoly) رکي ۽
سنسڪرت کي سرڪاري ٻوليءَ طور رائج ڪيو.

20- برهمڻ مت، انهن پاران سنسڪرت جي هڪ هٽيءَ ۽ سندن سرڪاري حيثيت
(status) خلاف چِڙ ٻڌمت (Buddhism) ۽ جين مت (Jainism) کي اوسر ڏني
جن گوشت جي واهپي، جانورس جي ڪوس وغيره کي حرام پئي سڏيو. انهن
جا گرنٿ (Texts) سنسڪرت بدران پالي (Pali) (آڳاٽي بِهاري) ۽ آڳاٽي
مرهٽي ۾ لکيا ويندا هئا. اهو جين مت ئي هو جنهن سنڌ، گجرات، مهاراشٽر
۽ پرپاسي جي هين ايراضين ۾ پاڙون هٽي ورتيون. ٻڌمت وري هين علائقن ۾
پکڙيو پر سنسڪرت جو اثر اڃا به برقرار رهندو آيو.

21- 519 کان 400/450 ق.م تائين سنڌ ۽ هاڻوڪي پاڪستان جي سموري
ايراضي اخميني (Achamenian) سلطنت جو حصو ٿي وئي. سندن پنهنجي
ٻولي اويستي (Avesti) هئي پر انهن سرڪاري ٻوليءَ طور آرامي (Aramic،
آڳاٽي شامي/Old Syraic، اتر مسوپوٽاميا جي ٻولي) کي پنهنجو ڪيو.
سندن مذهب زرتش مت (Zoroasterism) هو جنهن بابت امڪان آهي ته هنن
ان جي دنيا جي هن حصي ۾ پرچار نه ڪئي. سندن سرڪاري سامي ٽولي
جي آرامي ٻوليءَ ڪو وڏو اثر ڇڏيو هجي، نه ٿو ڏيکارجي. اخمينين پنهنجي
قبضي هيٺ علائقي جو انتظام سٺي نموني هلايو ۽ زوريءَ پوري ڊل اڳاڙي،
پر نه ٿو پائيجي ته هنن مذهب سان ڇيڙڇاڙ ڪئي هجي، ڇو ته اليگزينڊر
(سڪندر) 325 ق.م ۾ هتي سنڌ ۾ زبردست سرندي رڪنڊڙ برهمڻ ۽ جين
فلاسافر ڏٺا. ان جو مطلب هي آهي ته آراميءَ يا اويستيءَ مقامي ٻولين تي
تمام ٿورو اثر ڇڏيو.

22- اليگزينڊر ۽ سندس هين گورنرن سنڌ تي رڳو 2-ورهه حڪمراني ڪئي ۽
سندن ٻولي يوناني (Greek) لاءِ اهو ممڪن نه هو ته ايتري عرصي ۾ سنڌي
سا هين ٻولين تي اثر وجهي سگهي.

23- هن کان پوءِ ايندڙ موريا (Mauryans) هئا. انهن مان پهريون حڪمران چندر
گپت موريا هو، جيڪو وڏو امڪان آهي ته جين مت جو پوئلڳ هو. هن پاران
رائج ڪيل سرڪاري ٻولي پالي هئي. هن جي پوٽي اشوڪ (232/272 ق.م)
پنهنجي سڄيءَ سلطنت ۾ ٻڌمت سڃاڻايو. سرڪاري ۽ مذهبي ٻولي هئڻ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري پالي موريا حڪمراني دوران (323-187 ق.م) سڄي اپکنڊ جي ٻولين تي اثر ضرور ڇڏيو هوندو.

24- سنسڪرت لاءِ هيءَ اهو زبرو ڌڪ هو جنهنڪري 200 ق.م ڌاري اها هڪ مئل ٻولي (Dead Language) ٿي پئي. برهمڻي مذهب جي جاءِ سڄي اپکنڊ ۾ ٻڌمت والاري ڇڏي.

25- باختري (Bactrian) يونانين، سٿين، پارٿين ۽ ڪشنن ۽ وري پارٿين سنڌ تي واريسر 184-70 ق.م، 70 ق.م کان 46 ع، 46-78 ع ۽ 78-175 ۽ 175-283 ع تائين حڪمراني ڪئي. پهرين ٽن جي حڪمراني مهل سرڪاري ٻولي يوناني هئي پر انهن پاران رائج ڪيل ٻه-ٻوليائي (Bilingual) سِڪا ڏيکارن ٿا ته پالي پڻ هلندڙ هئي. پوئَرَ يوناني، سٿيا ۽ پارٿي ٻوڌي هئا ۽ پالي انهن جي ڌرمي ٻولي. ان زماني جا ٻه ٻوليائي سِڪا اهو به ڏيکارن ٿا ته ماڻهو يوناني ٻوليءَ جي گهڻي ڄاڻ نه رکندا هئا. ڪشنن ۽ پوءِ پارٿين مهل به پالي سرڪاري توڙي مذهبي ٻولي هئي. 323 ق.م کان 283 ع تائين 600 کان وڌيڪ ورهن دوران پاليءَ اپکنڊ جي سڀني انڊو-يورپي ٻولين تي گهڻو اثر وڌو هوندو ٻولي ڄاڻڪ (Linguists) اها ڳالهه چڱي طرح نه ٿا سمجهن.

26- ساسانين (Sassanians) سنڌ تي رڳو 73 ورهه حڪمراني ڪئي. انهن جي سرڪاري ٻولي پهلوي (Pahlavi) هئي. ان هاڻوڪي پاڪستان جي حدن اندر ايندڙ سڀني ٻولين تي اثر ضرور ڇڏيو هوندو. ساساني دَور ۾ قديم دنيا جون چار مکيه ٻوليون يوناني، لاطيني، پهلوي ۽ ڪلاسيڪي (classical) سنسڪرت هيون. سنڌ ڪلاسيڪي سنسڪرت ۽ پهلوي جي اثر هيٺ ايندڙ علائقي ۾ هجڻ سبب ضرور ٻنهي جا اثر ورتا هوندا. (جيئن هيٺين ٽڪري ۾ بيان ڪيل آهي.)

27- گپتن (Guptas) 3-صدي ق.م ۾ ٿي اقتدار هٿ ڪرڻ لاءِ پتوڙڻ شروع ڪري ڏنو هو. ٻوڌين پاران اپکنڊ ۾ 600 ورهن جي حڪمرانيءَ ۽ ٻوڌي ڀاون (Monks) پاران ڌرمي قدرن تي عمل ۾ ڍرائي ۽ اخلاق جي ٻي معيار ٻڌمت جي تباهي ۽ گپتا حڪمراني هيٺ برهمڻ مت جي وري اوسر ڪرائي. انهن جي پيڙهه ٻڌمتِ جي نيڪ جنم ڀومي ۾ مگڌا ويجهو هئي. ۽ هڪ صديءَ ۾ ئي اپکنڊ جي گهڻن حصن ۾ سندن اقتدار ٿي ويو. گپتا حڪمرانن سنسڪرت کي وري اپاريو، ان کي سرڪاري ٻولي مقرر ڪيو ۽ ڪيترائي سائنسي ۽ مذهبي پستڪ (Texts) ان ۾ لکيا ويا. ٻوڌين پڻ عيسوي سن جي ابتدا مهل، سنسڪرت ۾ پنهنجا ڪتاب لکڻ شروع ڪيا ۽ سنسڪرت


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي وين ڪشمير جي سرڪاري ٻولي سنسڪرت هئي اهو چڱو نتيجو ڇنڊيو ته سنڌ ۾ پڻ واهپي هيٺ اها ئي هئي. سنڌي پڻ واهپي ۾ هئي جيئن ڏهين صديءَ ۾ عرب سياحن ڏٺو.

31- اُمين (Umayyads) (711-750ع)، عباسين (Abasids) (751-854ع) ۽ هبارين (854-1011ع) جي حڪمرانيءَ هيٺ عربي سرڪاري ٻولي هئي پر رڳو وڏن شهرن تائين محدود. سنڌي پڻ شهرن ۾ به ڳالهائي ويندي هئي ۽ ڳوٺاڻن علائقن ۾ ته رڳو اها ئي رائج هئي.

32- اوائلي عرب ٻين مذهبن ۽ ماڻهن ڏانهن سهپ وارو (روادار) رويو رکندا هئا. پوءِ حڪمرانن ان کي بدلائڻ بي فائدي (un-economical) سمجهيو، ڇو ته هندن ۽ مسلمانن لاءِ ڍل (ڏن، رائر) ڌار ڌار هو. هن دؤر سان واسطيدار پراچاڻي (Archaeological) شاهدي ٻڌائي ٿي ته اسلام، هندومت ۽ ٻڌمت سنڌ ۾ ٽيرهين صديءَ تائين گڏوگڏ رهيا ۽ وڌيا ويجها. عربي سرڪاري ۽ مذهبي ٻولي هئڻ جي ڪري مقامي ٻولين تي اثر وڌو هوندو جنهن جو ڪاٿو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ڇو ته ان زماني جون لکيتون تڳي نه سگهيون آهن. ڪلاسيڪي سنسڪرت جيئن ته ٻوڌين ۽ هندن جي مذهبي ٻولي هئي، تنهنڪري ان پڻ پنهنجو اثر ڇڏيو هوندو.

33- سومرن 1011ع کان 1351ع تائين حڪمراني ڪئي. انهن جي حاڪميءَ جي ابتدا تائين مسلمان شايد (سنڌي) برادري (community) جو وڏو حصو هئا. پر اهي شايد سنڌ جي مجموعي ماڻهوءَ ڳڻپ جي گهڻائي نه هئا. اسماعيلي مبلغن جي ورتل ڪوشش جو ئي نتيجو هو جو هندن ۽ ٻوڌين جي وڏيءَ ڳڻپ اسلام قبول ڪيو. ٽيرهين صديءَ ۾ ٻوڌين جو مڪمل طرح ختم ٿي وڃڻ، جيئن پراچاڻي شاهدي ٻڌائي ٿي، شايد ان تبديليءَ جي ڪري ئي هو. اسماعيلي مبلغن جي شاعريءَ (گنان) ۾ ٿورا ڪي عربي لفظ آهن جيڪي ان ٻوليءَ جي ٿورڙي اثر کي ظاهر ڪن ٿا. سما دؤر جي شاعريءَ لاءِ به اها ڳالهه چوڻ ٺي درست آهي. نوشتا (Inscriptions) لکڻ لاءِ سنڌي ٻولي ديوناگري لپيءَ ۾ لکي ويندي هئي. ۽ گهڻو امڪان آهي ته سرڪاري واهپي لاءِ پڻ ايئن ئي ڪيو ويندو هو ڇو ته سومرا دؤر جي گهڻي مدي دوران سنڌ تي دهلي سلطنت جو اثر يا قبضو نالي ماتر هو. مون ان موضوع تي سنڌ جي پلچاڻي ٻولسڏ (Chronological Dictionary of Sindh) ۾ بحث ڪيو آهي.

34- سمن (1351-1525ع)* سرڪاري ٻوليءَ طور فارسي اختيار ڪئي. جيئن سندن لکيتون ڏيکارن ٿيون انهن پنهنجي نوشتن ۾ عربي پڻ ڪم آندي

* سمن جي دؤر بابت هي سن اصل مسودي ۾ 1315-1525ع لکيل آهي. جيڪو سومرا دؤر جي پڄاڻيءَ واري سن 1351ع، جيئن 33-نمبر ۾ لکيل آهي، سان اختلاف رکي ٿو. - مرتب


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عربي ۽ فارسي لفظ به ڪم آندا. جو ته اهي مذهبي ڪٽرپڻي خلاف سخت احتجاج ڪندڙ هئا. ارغون، ترخان ۽ مغل دَور جا سنڌي صوفي شاعر، بهرحال، سنڌي لکڻين ۾ عربي ۽ فارسي لفظ ڪم آڻڻ جي سلسلي ۾ چڱا ڪنزرويٽو (محدود رهندڙ) هئا. جيئن ته انهن جا ٻڌندڙ، سڀ نه، ته به گهڻا عام ماڻهو هئا. تنهنڪري اهي ڪو به پرڏيهي لفظ تڏهن ڪم آڻيندا هئا جڏهن ان ڪان لنوائي نه سگهن.

37- برطانوي دَور (1843ع-1947ع) هلندي سنڌي کي سرڪاري ٻوليءَ طور رائج ڪيو ويو. سرڪاري ۽ ساهتي واهپي لاءِ لفظن جي وڏي انگ جي گهرج هئي. پارسي جا جيڪي لفظ اڳ ئي انتظامي لکپڙهه ۾ ايندڙ هئا، انهن کي برقرار رکيو ويو. سيني ليکڪن ساهتي لکڻين لاءِ سادا سولا فارسي، عربي ۽ سنسڪرت لفظ ڪم پئي آندا. هندو ليکڪن پڻ عربي ۽ فارسي لفظ ايتري ئي آزاديءَ سان ڪم پئي آندا، جيتري آزاديءَ سان مسلمان ليکڪن ڪم آندا پئي.

سنڌيءَ ۾ عربي ۽ فارسي لفظن جو وڏيءَ ڳڀ ۾ واهپو 18 ڪان 20 صديءَ ۾ٿيو نه ڪي 8 ڪان 17 صديءَ تائين، جيئن اڄ تائين عام طرح سمجهيو ويندو آهي.

مٿي ڏنل لَڌين (findings) ۽ بحث جي بنياد تي مون سنڌي ٻوليءَ جي پُوجاڻپي (Geological) جدول ٺاهي آهي.جيڪا هڪ ٻڌائتي (Original) انڊو-يورپي ٻوليءَ ڪان شروع ٿئي ٿي ۽ مختلف وقتن تي مٿس جن جن ٻولين جو اثر پيو آهي، انهن جي نشاندهي ڪري ٿي.





sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ايم ايڇ پنهور جو نظريو

آڳِل-انڊو-يورپي

آڳِل-انڊو-ايراني

آڳِل-انڊين

دراوڙي (جا شڪارين جي بولي هئي)

آڳِل-سنڌي

رگويدي سنسڪرت 600 - 1000 ق.م

ديرائت سنسڪرت 500 - 600 ق.م

پهلوي ۽ آرامي 500 - 400 ق.م

پالي 187 - 325 ق.م

پالي ۽ يوناني 87 ق.م - 283 ع

پهلوي 283 - 356 ع

اوائلي سنڌي

سنسڪرت 356 - 711 ع

عربي ۽ سنسڪرت 711 - 1011 ع

وچاڙ سنڌي (1011 - 1315 ع)

فارسي 1315 - 1600 ع

ڪلاسيڪي سنڌي

فارسي 1600 - 1843 ع

سنڌي (وچ ارڙهين صدي)

فارسي ۽ انگريزي 1843 - 1947 ع

جديد سنڌي

---

• نوٽ: ايستائين مضمون ماهوار "ڪينجهر" حيدرآباد (اپريل ۱۹۹۶ع) ۾ ڇپيل آهي اڳتي ترجمي جي ڪابي ابتدائي ترجمي ڪان پوء اڻاريل حالت ۾ آهي ان ڪي حتمي فيٺر ڪابي سنڌي نہ ٿو سگهجي - مرتب



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مذهب، سامراجيت ۽ سنڌي ۽

## ٻين ٻولين ۾ اڌارا ورتل لفظ

شاداب ڪناري علائقي ۾ ڳالهايون ويندڙ اوائلي سامي ٻوليون اڪادي (Akkadian)، فونيشي (Phoenician)، پيُوني (Punic)، عبراني (Hebrew)، آرامي (Aromic)، شامي (Syriac) ۽ اوائلي عربي هيون. هامي (Hometic) گهراڻي ۾ اترادي افريڪا ۾ ڳالهايون ويندڙ تصويري اُکر واري آڳاٽي مصري ۽ لبيائي-بربر (Libyco-Barbar) ٻوليون هيون. حجاز (Arabia) واري عربي ٻوليءَ اسپيني ۽ سِسليائي (Sicilian) تي اثر وڌو. ايتري قدر جو ڪيترن ئي لفظن سان گڏ پُوسَنڌي (Geographical) نالا بہ عربي بڻ مان آهن. مالٽائي (Maltese) ٻولي عربيءَ ۽ اطالويءَ (Italian) جو ميلاپ آهي. فارسي، سنڌي، هندستاني (پارتي، هندي) ۽ ٻين پارتي ٻولين ۽ انڊونيشيا ۽ ملايا جي مَلائي/مَلئي (Malay) ۾ ڪيترائي لفظ عربي بڻ مان آهن پر جِڻجاڻي (Genetically، جَڙ يا ٻُڻ جي حوالي سان) انهن ٻولين پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکي آهي.

اهو تہ سامي ۽ انڊو-يورپي ٻولين جو ڪنهن آڳاٽي زماني ۾ هڪ ٻئي سان ناتو هو، رد نہ ٿو ڪري سگهجي، پر جِڻجاڻي طرح اهي هڪ ٻئي کان ڌار آهن. لڳ ڀڳ هر مذهب يا تہ هڪ ٻوليءَ کي جنم ڏنو يا وري هڪ اهڙو اڻچِٽو محاورو (Dialect، اپڀاشا) اختيار ڪيو جنهن پهريائين ان جي اها خدمت ڪئي تہ ان کي وسيع ايراضين ۾ ۽ پوءِ دنيائي سطح تائين شهرت ڏني. آرين پاڻ سان گڏ سنسڪرت کڻي ۽ زرتشتين قديم ايراني سلطنت ۾ اويستي پکيڙي، توڻي جو اخمينين سرڪاري ٻولي طور آراميءَ کي اختيار ڪري رکيو هو عيسائيت نہ رڳو لاطيني ٻوليءَ کي پکيڙيو پر اها جديد سائنسي اصطلاحن جو ذخيرو بہ ٿي پئي. قرآن پاڪ عربيءَ کي مسلم دنيا ۾ وٺي ويو. ٻوڌي پاڻا سنسڪرت کي تبت، سيام، هند-چيني، چين ۽ جپان کڻي ويا. فارسيءَ تي عربيءَ ايترو اثر وڌو جو ان جي آڏو پهلوي، جنهن مان اُها نِڪتل آهي، سڃاڻي نہ ٿي سگهجي، توڻي جو ان پنهنجي پهلوي سڃاڻپ برقرار رکي آهي. ڏهين صديءَ ۾ عباسي خلافت جي ناڪاميءَ کان پوءِ فارسي اوپرائين مسلم دنيا جي سرڪاري ٻولي ٿي پئي. ايندڙ 900 ورهہ ان مشرق جي انڊو-يورپي ٻولين ۽ تان جو دراوڙيءَ تي بہ اثر وڌو. هن انهن ٻولين کي ڪيترائي لفظ ڏنا پر انهن جي صرفي بناوت (Morphology) ساڳي ئي رهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامراجيت (Imperialism) پاڻ سان گڏ نہ رڳو اقتصادي ۽ انتظامي پر روحاني سنٿاءُ بہ کڻي ٿي. اها نہ رڳو مفتوح تي شاهي (سامراجي) ٻولي مڙهي ٿي پر مذهبي پرچار جي عمل ۾ اها علاقائي ٻولين کي بہ اوسر ڏئي ٿي. مِشنري (Missionary، مذهبي تبليغ ڪندڙ فردن جو ٽولو) ٽولن جديد يورپي ٻولين مان گهٽين کي نہ رڳو انجيل جو ترجمو ڏنو پر ٻيون بہ ڪيتريون ئي اوائلي ساهتي لکٽيون ڏنيون. اها ساڳي ڳالهہ سنڌيءَ بابت بہ سچ آهي جنهن کي ترجمو ٿيل قرآن، مهاڀارت ۽ رامائڻ واريسِر نائين، ڏهين ۽ يارهين صدي ۾ مليا. ٻارهين ۽ تيرهين صدين ۾ اسماعيلي مبلغن مذهبي پرچار لاءِ سنڌيءَ ۾ شاعري پئي جوڙي. سورهين صديءَ ۾ ان کان پوءِ واري عرصي ۾ صوفين پنهنجو پاڻ کي سنڌي شاعريءَ ۾ پڌرو ڪيو. ان ڪري اٿر نموني سنڌيءَ ۾ سنسڪرت، فارسي ۽ عربي ٻولين مان ڪيترائي لفظ اچي ويا. پر پوءِ بہ ان جي صرفي-بناوت اڻ-اثريل رهي. ٻين ٻولين ۾ لفظ داخل ڪرڻ جو مذهبي طريقو ايڏو تہ اثرائتو آهي جو فارسيءَ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ لفظ ٻين ٻولين کان ورتا آهن، جن جو وڏو حصو عربيءَ مان اچي ٿو. اها ساڳي ڳالهہ ترڪي ٻوليءَ سان بہ لاڳو آهي جنهن 40 سيڪڙو لفظ عربي ۽ 10 سيڪڙو فارسي مان ورتا آهن. سامراج پاڻ بہ پنهنجي مفتوح قومن کان ڪيترائي لفظ وٺي ٿو. سنو مثال انگريزيءَ جو آهي جنهن کي پنهنجا لفظ 40 سيڪڙو آهن ۽ باقي سڀ لفظ اُپَ هيٺ آباد هر وڏِي ٻوليءَ مان ورتل آهن.

جيڪو ڪجهہ ٿيو، اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ سنڌيءَ پنهنجي اوسر دوران ڪيترين ئي ٻولين — پالي، فارسي، سنسڪرت ۽ عربيءَ کان اثر ورتو نہ رڳو انهن جي سرڪاري ٻولي هئڻ سبب، پر مذهبي اظهار جي ڪري بہ. گهڻ ئي سهي پر ٿورڙي جوڳي حد تائين اها انگريزي، يوناني ۽ پورچوگيز ٻولين جي اثر هيٺ بہ آئي آهي. پر ڄٽڄاٽي طرح اها پنهنجن پيرن تي بيٺل رهي آهي جيئن هيٺ ڏنل ٽڪري ۾ مئسيڪا (Massica) جي نقشن تي بحث ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

## اپکنڊ جي ٻولين جو تازو اڀياس

ويجهڙين ٻولين جي وچ ۾ هڪ جهڙائي/مشابهت جو اڀياس 19 صديءَ ۾ ٿيو ۽ ڪلاسيڪي لکٽيون ميدان تي آيون جن مان گريئرسن جو انڊيا جو ٻوليجاتي جائزو (The Linguistic Survey of India) 1899ع کان 1903ع جي وچ ۾ لکيل ڪتاب هڪ يادگار ڪتاب آهي ۽ پڪ آهي تہ هڪ ڊگهي عرصي تائين ڪو بہ ان جي مَتَن (text) کان اڳتي نڪري نہ سگهندو. توڻي جو وقت


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

xiii) Conjuctive participles (Gerunds) in which past Gerunds is dominant and no true forms or usages.

xiv)Explicator compound verbs.

xv) Dative-subject construction or Genitive subject construction.

xvi)Selected distribution of (a) Dative subject construction. OV order, Explicator compound verbs, past Geraunds and Adjective Noun, Superomposed on the same map.*




MAP NO. 1

EXPLICATOR COMPOUND VERBS AND ANALOGOUS PHENOMENA

---

* سنڌيڪار، پنهنجي، گهٽ-ڄاڻ جو اعتراف ڪندي مڃي ٿو تہ هُو مٿي ڏنل تڪري جو صحيح سنڌي ترجمو نہ ٿو ڪري سگهي. اهو تڪرو سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جن ڏانهن انهيءَ درخواست سان گڏ روانو ڪيو ويو آهي تہ پاڻ مهرباني ڪري اهو تڪرو ترجمو ڪري ڏين

نوٽ: اهڙو ڪو ترجمو ملي نہ سگهيو آهي - مرتب



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



**MAP NO: 4**

**DISTRIBUTION OF DATIVE SUBJECT CONSTRUCTION VERSUS THE VERB HAVE**

1. MAJOR AREA OF DATIVE (OR GENITIVE) SUBJECTS
2. MINOR AREA OF DATIVE (OR GENITIVE) SUBJECTS
3. TOPICS AND SUBJECTS CONTRASTIVELY MARKED
4. OTHER OBLIQUE CASE ANALOGIES
5. PRESENCE OF AN ORDINARY VERB HAVE.
6. USE OF VERB HAVE IN SUBJECTIVE-EXPERIENCE SITUATION MARKED BY USE OF DATIVE IN DATIVE SUBJECT AREAS (HUNGER, COLD, FEAR, ETC.)

DRAWN [illegible] M.H. PANHWAR


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



**MAP NO: 5**

**WORD ORDER FEATURE DISTRIBUTION**

**INDEX**

[illegible] PRECEDES HEAD

[illegible] ALSO [illegible] POSTPOSITION EXCEPT WHERE MARKED AS FOLLOWS.

[illegible] INSIDE OV

[illegible] OUTSIDE OV

[illegible]POSITIONS BOTH PREPOSITIONS AND POSTPOSITION AND OTHER [illegible] PHENOMENA EITHER INSIDE OR OUTSIDE

[illegible] ORDER DOMINANT

[illegible] ROMANCE AREA OF MIXED N + ADJ / ADJ + N ORDER FORMER [illegible]

[illegible] PRECEDES HEAD NOUN

[illegible] WORD MARKER [illegible] + ADJECTIVE [illegible] COMPARISONS

[illegible]



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




MAP NO 6

MORPHOLOGICAL CAUSATIVES

INDEX

1 DOMAIN OF MORPHOLOGICAL CAUSATIVES (V₁ > V₂)

2 DOMAIN OF SECOND CAUSATIVES [illegible]

3 CAUSATIVE MARKED BY PREFIXES INFIXES OR COMPLETELY [illegible] BY SUFFIXES



MAP NO 7

CONJUNCTIVE PARTICIPLES (GERUNDS)

1 PAST GERUNDS DOMINANT

2 PRESENT GERUNDS DOMINANT

3 PAST AND PRESENT GERUNDS [illegible]

4 [illegible]

5 [illegible]



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن نقشن کي جاچڻ کان پوءِ هر هڪ سولائيءَ سان ان نتيجي تي پهچي ٿو ته:

**نقشو - 1**

ڪي وصفون ۽ شڪليون جيڪي ڏکڻ انديا جي دراوڙي ٻولين ۽ اپکنڊ جي اندو-آرين ٻولين ۾ عام آهن يعني صفت + نمايان اسم ( Adjective + N dominant)، معياري نشان + پيٽ ۾ اينڊڙ صفتي ترتيب ( Standard marker + Adjective order in composition)، صرفي ڪارڻ جو دائرو ( Domain of morphological causative)، مددي مفعولن ۽ مفعولي جوڙجڪ جي مکيہ نمايان ايراضي (Dominant, major area of dative subjects and subject construction).

**نقشو - 2**

ڪي اهڙيون وصفون آهن جيڪي دراوڙي ۽ ٻين ٻولين، جيئن سنڌي، پنجابي، گجراتي، مرهٽي ۽ راجستاني ۾ عام/هڪ جهڙيون آهن اهي اسم مصدر جي ماضي واري بناوت ۽ مفعولي جوڙجڪ ۽ ٻئي نمبر ڪارڻ (causatives) جي دائري سان واسطو رکن ٿا. اهو سنڌو ماٿر ثقافتي ايراضين جي ٻولين ۽ دراوڙي جي وچ ۾ ڪجهہ مائٽي ڏيکاري ٿو.

**نقشو - 3**

ڪي ڪارڻ-مار (Anti-causatives) آهن جيڪي سنڌي، گجراتي ۽ ڀٽاري (راجستاني جو هڪ قسم)، راجستاني، پشتو، ڪشميري، پنجابي، وچ ايشيائي ٻولين، ڪئسپين ڊنڊ ۽ قاف جبلن جي پسگردائيءَ وارين ٻولين ۽ ٻولين جي روسي ٽولي وچ ۾ عام آهن پر ٻولين جي يوربي ٽولي سان سنڌن ساڳيائپ ناهي. بلوچي ۽ مڪراني ان کان ٻاهر آهن. اها ناتيداري 4-هزار ورهہ ق.م يا ان کان بہ اڳ ڪجهہ ايراضين مان ٽيل اوائلي لڏپلاڻ (جيڪي پاڻ سان گڏ اوائلي آڳل اندو-يوربي ٻولين جو ٽولو، جنهن ۾ سنڌو ماٿر ۾ پاڻ کي قائم ڪندڙ آڳل-اندين بہ شامل آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين پاڻ کي برقرار رکيو اچي) جي ڪري بہ ممڪن ٿي سگهي ٿي.

**نقشو - 4**

تہ دراوڙي ۽ اندو-يوربي گروهہ جي ٻولين بشمول اتر-اولهہ اپکنڊ جي داردي (Dardic) گروهہ جي ٻولين سُوڌو ڪجهہ خوبيون (features) گڏيل آهن، پر اهي سنڌيءَ ۾ موجود ناهن. اهو ڏيکاري ٿو تہ دراوڙي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو سنڌ سان رابطو باقي اپکنڊ (rest of sub-continent) جي پيٽ ۾ اڳ ٿيو هو.

* نوٽ: چوٿين نقشي جو ترجمو ڊاڪٽر صاحب کان ڀُل چُڪ سبب رهجي ويل آهي. جيڪو مرتب ڀاران ڪيل آهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايراضين ۾ موجود هيون ۽ توڙي جو امڪانن ساڳي نسل جون نہ هيون پر لازمن ڪين ساڳي راهپ هئي. اهو تہ. انهن کي اندو-يورپي مهاندا هئا. پڻ ڪجھ رڪ رڪاءَ ڪندي مجي سگهجي ٿو 3500 ق.م يا ان کان ڪجھ اڳ ايران کان سنڌو ماٿر ڏانهن ڪجھ قبيلن جي لڏپلاڻ جون پڙاجائي شاهديون ملن ٿيون. اهو ڏيڪاريو ويو آهي تہ انهن ئي ماڻهن کي آئيندي سنڌو ماٿر جي سڀيتا جوڙڻي هئي ۽ ان جا مختلف مرحلا آمري، ڪوٽ ڏيجي، هڙپائي، سيميٽري-ايچ، جُهڪر ۽ جهانگر راهپن وسيلي نشانبر ڪيا وڃن ٿا. اهي هاڻوڪن سِڪن، جاٽن، جَٽن ۽ سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي ڪجھ ٻين ڏيهي قبيلن جيان ڏيڪاربا/لڳندا هئا.

اهو چڱو نتيجو ڪڍڻ هوندو تہ اهي درواڙ نہ هئا ۽ انهن، گهٽي قدر، پاڻ سان اهڙين ٻولين جو ٽولو آندو جن کي هڪ ٻئي سان مشابهت هئي، ۽ سنڌو ماٿر سڀيتائي ايراضيءَ ۾ گهٽي عرصي تائين هڪ ٻئي جي ويجهڙائپ ۾ رهڻ ڪري ڪيترائي لفظ ڏئي ۽ وٺي، پر پنهنجو مخصوص coreidion ۽ گهاڙيٽو/بناوت (structure) برقرار رکندي پاڻ سان هڪجهڙائي رکندڙ ٻوليون پيدا ڪيائون. سنڌو راهپ جي خاتمي (1000 ق.م) کان پوءِ، گهڻو امڪان آهي تہ انهن 'سنڌي'، 'پنجابي'، 'گجراتي'، 'مرهٽي' ۽ 'ڪشميري' اڳل-ٻولين پنهنجي صورت ناهي ورتي هئي. سنسڪرت پڻ شايد اهڙو روپ ناهي ورتو هو جو سنڌو ماٿر سڀيتا جي ڪجھ حصن يا ٽُڪرن ۾ ڳالهائي سگهجي، ان ڪري ايران مان سنڌو ماٿر ۾ آيل بنيادي ٻوليءَ سان ان ڪري ويجهي رهي جو اتان کان سنڌو سڀيتا جي اوسر واري دَور ۾ لاڳيتي لڏپلاڻ ٿيندي رهي.

آريا اپکنڊ ۾ 1000 ق.م کان پوءِ آيا ۽ بنگال تائين پهچندي 700 ورهہ ورتائون. اهي هڪ سلطنت نہ ناهي سگهيا پر 600 ق.م ڌاري اترادي اپکنڊ ۾ 16 خودمختار رياستون ناهڻ لائق ٿي سگهيا. اهي، بهرحال، ماڻهن تي پنهنجي ٻولي سنسڪرت مڙهي سگهڻ ۾ ناڪام ويا جڏهن تہ هڪ مقامي ٻولي پالي 500 ق.م ڌاري مذهبي پرچار جو وسيلو ٿي پئي. پالي، جيئن چاتل آهي، 322 ق.م ۾ سرڪاري ٻولي ٿي ۽ ان سطح تي 283 ع تائين 600 ورهہ برقرار رهي ۽ ان عرصي ۾ سنسڪرت هڪ مئل ٻولي ٿي پئي. اهو تہ. باقي اندو-آرين ٻوليون سنسڪرت مان نڪتل ناهن، هيٺين حقيقتن مان پڌرو ٿئي ٿو:

1) ڪشادي ٿيندڙ لڏپلاڻ جا وٽس رڳو 500 ورهہ (1000-500 ق.م) هئا جن دوران اها مذهبي چاڻ جو وسيلو هئي.
2) 500 ورهہ ق.م کان پوءِ ان کي پالي سان چٽاڀيٽي ۾ اڃتو پيو نہ رڳو مذهبي طرح پر سرڪاري ٻولي طور بہ.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3) جڏهن اها اچا جيئري ٻولي هئي، ڪڏهن به ڪنهن رياست جي سرڪاري ٻولي نه رهي.

4) گپتن ان ڪي پنهنجيءَ سلطنت جي سرڪاري ٻولي طور چونڊيو پر اها اپکنڊ جي ڪنهن به علائقي ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي نه هئي. اها صوبن جي جيئرين ٻولين تي اثر انداز نه ٿي سگهي پئي. بهرحال، ان اپکنڊ جي ٻولين، اندو-آرين توڙي دراوڙي تي مذهبي لفظن جي واڌ جو اثر ڪيو.

5) جيڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ اتر وارين اندو-آرين ٻولين تي گهڻو اثر ڇڏيو ته اها پالي هئي، پر اهو اثر ڇٽڇاٽي طرح نه هو. اهڙيءَ طرح سنسڪرت پاڻ پنهنجي اوج واري زماني ۾ پاليءَ کان اثر ورتو.

6) ويدي ۽ شوترا (Sutra) سنسڪرت ۽ گپت دَور جي ڪلاسيڪي سنسڪرت جا ٻولسٽ (Dictionarics) پراڪرت سڏجندڙ 'صوبائي ٻولين' مان ڪيترن ئي لفظن جي ورتل اوڌر کي ظاهر ڪن ٿا.

7) اهي جن سنڌو لکيت تي ڪم ڪيو آهي، چوڻ ته اهو اڳ ئي ذهن ۾ ويهاري وينا هئا ته موهين دڙي وارا ماڻهو دراوڙي ٻولي ڳالهائيندا هئا اهي ان حد تائين به ويا جو ڪمپيوٽر کي اها چاٽوڪي (Data) ڏنائون جيڪا انساني ذهن نه ڪري پئي سگهيو. نتيجو مڪمل ناڪامي آهي. جڏهن مصري لکيت پهريائين حل ڪئي وئي، مصرجاڻڪ (Egyptologists) مصر جي ڳوٺاڻين ايراضين ۾ ويا ۽ ڏينهن ڏينهن ڪري/وقت بوقت بدلجندڙ ٻولي جي اڀياس کان پوءِ ان لائق ٿي سگهيا جو اهي لفظ چونڊي سگهن جيڪي اوائلي راڄوٽين (Dynastics) سان واسطو رکن پيا ۽ ان کان پوءِ اهي ڪجهه سِٽون، ٽڪرا ۽ سڄيون ڪهاڻيون ترجمو ڪري سگهيا. بدقسمتيءَ سان اسين اهو سمجهڻ ۾ غلط دڳ تي رهيا آهيون ته سنڌو راهپ جي ماڻهن جي ٻولي دراوڙي هئي.

## اپکنڊ جي ٻوليائي نقشي تي هڪ نوٽ

"ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال" جي قيام کان پوءِ اپکنڊ جي ٻولين جي بڻ بابت تحقيق شروع ٿي. اهو سلسلو ٽيسٽائين هلندو هليو تان جو گريئرسن پاران يادگار ڪمُ ايندڙ (20) صديءَ ۾ ظاهر ٿيو. اهو 1903ع تائين لکيو ويو ۽ 1930ع تائين ڇپجي ظاهر ٿيو. انڊيا ۾ ماڻهوڳڻپ ان نموني شروع ڪئي وئي ته ماڻهن جيڪا ٻولي ڳالهائي پئي ان جي نشاندهي ٿئي. ان ڪري اپکنڊ ۾ اهڙا نقشا تيار ٿي سگهيا جيڪي ٻولي ڳالهائڻ جي ايراضي ڏيکاري سگهن. اهي ٻوليون ڇئن وڏن ٽولن ۾ ورهايل آهن:


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1) انڊو-يورپي (پراڪرت) ٽولو. جيڪو 25 ڪن ٻولين تي ٻڌل هو. جن مان وڏيون ٻوليون بنگالي، هندي، گجراتي، اوريا، راجستاني، پنجابي، سنڌي، آسامي، مرهٽي، ڪشميري، سِلوني يا سنهالي ۽ بِهاري آهن. ساڳي ٽولي جون ننڍيون ٻوليون پهاڙي ۽ لَهندا ۽ اچا بہ ننڍڙيون ٻوليون داردي (ڪافري، ڪافرستان ۾ ڳالهائي ويندڙ)، کووار (چترال)، شينا (گلگت) ۽ سواتي (سوات) آهن.

2) انڊو-يورپي (فارسي) ٽولو. جنهن ۾ پشتو ۽ بلوچي ۽ ننڍيون ٻوليون گولچا (پامير ۾ ڳالهائي ويندڙ) ۽ آرمُودي (وزيرستان) آهن. قنڌار ايراضي واري پشتو نرم ۽ سِيٽيدار (سِيٽيءَ جي آواز جهڙي) ۽ اتر-اولهہ-سرحدي صوبي ۽ اتر-اوڀرائين افغانستان واري پختو گگهي (guttural) آهي.

3) ٻولين جو دراوڙي ٽولو هڪ ٻئي کان ڪجهہ فرق رکندڙ 14 ٻوليون رکي ٿو جن مان تامل، تليگو، ڪنارس (ڪناڊ)، ٽولُو، بروهڪي ۽ مَليالم وڏيڪ اهم آهن. ڪجهہ ماهر سمجهن ٿا تہ دراوڙي ٻولي ناهي. هُنزا ۽ ناگر (Nagar) ۾ ڳالهائي ويندڙ بُرشاسڪي (Burushaski) اچا تائين درجيبند نہ ڪيون ويون آهن ۽ اهائي ڳالهہ اندامَني (Andamanese) سان لاڳو آهي.

4) تبتي-برمي يا تبتي-چيني ٽولو. جيڪو اپکنڊ جي اترادي ۽ اوڀرائن چيڙن تائين محدود آهي. هن ٽولي ۾ بَلتي (Balti)، لداخي (Ladakhi)، نيواري (Newari، نيپال)، ليپيها (سِڪم)، لهو-ڪِ (Lho-ke، ڀوٽان)، ڊِفلا (Dafla)، گروم ناگا (Garom Naga)، ڪوڪِي، چِن، برمي ڀوٽيا (سِڪم) ۽ ڪُوڪِي-چِن (مَنيپور) شامل آهن.

5) پراچين (Aboriginese) يا آسٽرو-ايشيائي ٽولو جنهن ۾ 19 مختلف ٻوليون آهن. هن ٽولي جون ٻوليون ڳالهائيندڙ 1972ع تائين ڪي 50 لک کن ماڻهو هئا. جن مان ڀيل ۽ سنٿالي يا ايٽرواڙي يا هَر (Har) وڏيڪ اهم آهن. هن ٽولي جون گهڻ اهم {ٻوليون} سَوار (Savara، اوڙيسا سرحد ويجهو آنڌرا رياست ۾)، کُفرا (ڪاهڊِيو ٽڪريون) ۽ نڪوبارِي (Nicobarese) آهن.

انگريزن الهندي هنديءَ کي اپکنڊ جي سڀ کان وڏيڪ مکيہ ٻولي سمجهيو. ان جو وڏو محاورو هندستاني، جيڪو اردوءَ جي ويجهو آهي، سيار ٻولي (Lingua franca، جنرل لنگئيج) ڏانهن سڀ کان وڏيڪ پهچ هئي. اردو ٻولي هندستانيءَ جي پارسي-ڪيل صورت آهي ۽ پارسي لکيت ۾ لکي وڃي ٿي. هندستاني جا چار ٻيا لهجا آهن: بنگارُو (Bangaru، ڏکڻ-اوڀر پنجاب ۾)، برج ڀاشا (مَسترا ۽ مرڪزي گنگا ديپ ۾) ۽ ڪَنانجِي ۽ بُنديلِي ('بنديل کنڊ' ۽ نربودا نديءَ جي متاهين پَٽ ۾). راجستانيءَ جا 3 وڏا لهجا آهن: مالوِي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Malwi)، نواتي (Nawati) ۽ جئپوري (Jaipuri). ڍھاڙي ٻولي راجستانيءَ جي ويجهو آهي ۽ ان ايراضيءَ ۾ راجپوتن جي ٻيڻ ـيت جي ڪري پيدا ٿي.

سنڌي ٻولي؛ سنڌ ۽ ڪڇ، لس ٻيلي، سبي، ڪڇي ۽ رحيم يار خان ضلعن ۽ راجستان جي هڪ حصي، بارمير جي اولهه ۽ جيسلمير ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. ان جا وڏا محاورا آهن سِرولي (سرائڪي نه). لاڙي، ڪڇِي ۽ ٿَرِلي. لکي ۽ ڳالهائي ويندڙ سنڌي ٻولي وڏيڪ ٺيٺ آهي بنگالي ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾. جنهن جي ساهتي صورت عام ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ کان گهڻو فرق رکي ٿي، ڇو ته ان جي ليکڪن پنهنجيءَ لِکاپڙهيءَ ۾ حد کان وڌيڪ سنسڪرت لفظ ٺُنبي ڇڏيا آهن.

تيرهين صديءَ تائين، 150 ورهن کان به وڌيڪ عرصو ملتان ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. دهلي سلطنت تي منگولن ڪاهه ڪئي ۽ پنجاب جون سرحدون به سندن لتڙ هيٺ آيون. انهن ڪوئٽا واندِ (Division، ڊويزن)، اتر-اولهه-سرحدي صوبو ديرو غازي خان ۽ لاهور والاريو ۽ لڳ ڀڳ هر سال ملتان ۽ اُچ تي ڪاهه ڪندا رهيا. (لاهور پڻ سندن والار/قبضي هيٺ رهيو) دهليءَ جي سلطانن ملتان ۽ اُچ ۾ پنهنجي لشڪري ڇانوڻي ٺاهي رکي. ڳوناٺيون ايراضون بنا بچاءَ هيون. ماڻهو ڏاڍو پنجاب خالي ڪري ويا. جيڪي ڏکڻ ڏانهن هاٿوڪي سنڌ ۾ آيا يا وري دهليءَ ڏانهن اترپرديش ۽ بيڪانير هليا ويا. ڪي ايران ۽ عراق رستي ڏکڻ يورپ ۾ پهتا ۽ اڄ انهن کي جپسي چيو وڃي ٿو. (سن 1991ع ۾ اسان اسپين ۾ انهن جي هڪ شديءَ جي دعوت ۾ شريڪ ٿياسون. انهن جا شاديءَ جا سهرا بلڪل سنڌي سهرن جهڙا هئا ۽ ڇيريون، دَف بلڪل سنڌي ڳوٺن جي سازن جهڙا هئا. ناچ به سنڌي جهمر جهڙو هيو) پندرهين صديءَ ۾ جڏهن امن امان جي حالت سڌري تڏهن جيڪي ماڻهو پنجاب ۾ سنڌو نديءَ جي ڪنارن تي آباد ٿيا هئا، اهي ميدانن ۾ موٽي آيا. اهي لهندا ڳالهائيندڙ ماڻهو هئا ۽ اهڙيءَ طرح (انهن علائقن ۾) سنڌيءَ جي جاءِ لهندا ورتي ۽ سنڌي (هاٿوڪي) پنجاب جي رحيم يار خان ضلعي جي ڏکڻ حصي تائين محدود ٿي وئي. هن صديءَ جي ڇهين (fiftees) ۽ ستين (sixtees) ڏهاڪي ۾ نئين پيچارڪ ڪم/ترقيءَ وسيلي رحيم يار خان کي بيٺڪ بنائڻ جي ڪري اترادي پنجاب کان نوان لاڏائو اچي ويا. اڄ به انهيءَ طرح ئي ان ضلعي ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو وڏو سيڪڙو موجود آهي. سبي ۽ ڪڇي ضلعا گهڻ-ٻولِيائي (Multi-lingual) آهن. بدقسمتيءَ سان ماڻهوڳڻپ/آدمشماري جيئن ته سياسي غرض پورا ڪرڻ لاءِ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي وڃي ٿي تنهنڪري ان تي پروسو ـ ٿو ڪري سگهجي. لس ٻيلي جي 90 سيڪڙو ڪان وڌيڪ آبادي سنڌي ڳالهائيندڙ آهي. ڪڇي محاورو سنڌي ٻولي ئي آهي ۽ ڪڇ جي سڄي آبادي سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿي. سنڌي ئي سنڌ جي ٿرين، جيسلميز جي سرحدي علائقن، جي ٻولي آهي. اپکنڌ جي سموري آباديءَ جو 70 سيڪڙو انڊو-آرين ٻوليون. 21 سيڪڙو دراوڙي ۽ باقي آبادي پراچين ٻوليون ڳالهائي ٿي.

## ڪي حقيقتون:

- دنيا ۾ سڀني ٻولين جي ڳڻپ لڳ ڀڳ 3 هزار آهي.
- 1961ع ۾ ڪيل ماڻهوڳڻپ موجب مختلف ٻولين جا ڳالهائيندڙ هن طرح هئا:

| | |
|---|---|
| چيني | 70 ڪروڙ |
| انگريزي | 35 ڪروڙ |
| هندستاني | 20 ڪروڙ (رڳو ڀارت ۾) |
| روسي | 20 ڪروڙ (23 ڪروڙ ماڻهن ۾. باقي ماڻهو 145 ٻوليون ڳالهائن ٿا.) |
| اسپيني | 16 ڪروڙ |
| جرمن | 10 ڪروڙ |
| جپاني | 10 ڪروڙ |
| عربي | 9 ڪروڙ |
| بنگالي | 9 ڪروڙ |
| پورچوگيز | ساڍا 8 ڪروڙ |
| نالي (Nalay) | 8 ڪروڙ |

50 لک يورپي پنهنجي ٻولين سان گڏ انگريزي بہ ڳالهائن ٿا. اها روس ۾ اسڪولن اندر لازمي پرڏيهي ٻوليءَ طور پڙهائي وڃي ٿي. پراڻيون برطانوي بيٺڪون انگريزيءَ کي سرڪاري ۽ واپاري ٻوليءَ طور برقرار رکيو اچن پارتي، جن انگريزن خلاف هڪ قسم جي ويڙهہ ڪئي، سرڪاري ٻولي طور ۽ مرڪزي حڪومت مختلف رياستن جي سرڪاري ۽ يونيورسٽي ٻولي طور انگريزي هلائي ٿي.

"انڊيا ڪميشن آف لِنگئسٽ اسڪالرس فار سائنس ائنڊ ٽيڪنالاجي" هڪ لک سائنسي اصطلاحن کي هنديءَ ۾ ناهيو ۽ اهو سمجهن ٿا وڌيڪ 3 لک لفظن جي گهرج پوندي جو سمورن سائنسي اصطلاحن کي هنديءَ ۾ آڻي سگهجي. هڪ ساهتي ٻوليءَ طور هنديءَ ۾ ڪل لک کان وڌيڪ لفظ ناهن ۽ ان کي انڊيا ۾ سائنسي، ٽيڪنالاجي ۽ اڳتي وڌيل اڀياس لاءِ انگريزي کي برقرار رکڻ جو دليل ڪري ڪم آندو وڃي ٿو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# (Bibliography) ڪتابسد


1. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ. حيدرآباد، 1956.
2. الانا، جي.اي. ڊاڪٽر. سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي. حيدرآباد، 1978.
3. Allchins. Raymond and Bridget. 'Pre-historic background of Indian Civilization London, 1968.
4. Allchin, Bridget. 'The discovery of Palaesithic sites in the plains of Sindh and their implications'. Geographical Journal, Vol. 142. Part 3. London. 1976.
5. Allchin. Bridget, Goudie Andrew, and Hedge Karunarkara. 'The II'
6. Chatterji, S.K. Dr. 'The Origin and Divelopment of the Bengali language Calcutta, 1926.
7. Chatterji, S.K. Dr. 'Indo-Aryan and Hindi'. Ahmedabad, 1942.
8. Childe, Gardon. 'A study of Indo-European Origin-The history of civilization London, 1926.
9. Emeneau, B.M. 'Daravidian and Indo-Aryan, the India linguistic Area . Austin (Texas), 1971.
10. Emeneau, B.M. 'The Indian linguistic area revised'. 1974.
11. Gilbert, Martin. 'Jewish History Atlas'. London, 1978.
12. Grierson, Sir George. 'Linguistic Survey of India'. Vol-I, Part I and Vol-viii. Part I. Calcutta, 1903-1928. Reprint New Delhi, 1967-68.
13. Heine. 'Coming of Aryan and end of Harappan Civilization .
14. Jairamdas, Daulat Ram. 'The Ancestry of Sindhi'. All India oriental conference, New Delhi, December, 1957.
15. Kennedy, James. 'Aryan Invasion of Northern India'. London, 1919.
16. Lehmann, W.P. 'Proto-Indo-Europeans' European Phonology. Texas, 1955.
17. Lockwood, K.B. 'Indo-European Phonology'. London, 1969.
18. Mackay, Ernst. 'Indus Civilization'. London, 1948.
19. Masica, Colin P. 'Defining a linguistic area'. Chicago, 1976.
20. Marshal, John, Sir. 'Mohenjo Daro and Indus Civilization'. 3-Volumes, London, 1931.
21. Mughal Rafique. 'Present State of Research on Indus Valley Civilization'. Karachi 1972.
22. Mujumdar, N.G. 'Exploration in Sindh' Mem.Arch.Sur.Ind.48. New Delhi, 1934.
23. Muller, 'Lectures on Science of Language'. London, 1864.
24. Munshi, K.M. 'Early Home of Aryans'. Bharatiya Vidya, Vol. iv, Part v, Bombay, 1943.
25. Panhwar, M.H. 'Languages of Sindh 4000 B.C. - 1000 A.D.' Jour. Sindhiology, Winter, 1978.





sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

26. Panhwar, M.H. 'Heroic Struggle of Sindh against feudalism'. Jour. Sindhiology, Summer, 1979.
27. Panhwar, M.H. 'Chronological Dictionary of Sindh' Serialized in Jour. Sindh Quarterly, 1976-1981. Also under print as one volume. 540 p. + 60 Maps and charts and 150 photographs.
28. Parpola, Asko. 'The Indus Script Decipherment'. Kopenhaten, 1970.
29. Piggot, Stuart. 'Prehistoric India'. London, 1943.
30. Pischell, R. 'Comparative grammer of Prakrit languages'. 2 Edition, New Delhi, 1965.
31. Rapson, E.J. 'Ancient India'. Reprint, Calcutta, 1962.
32. Sarkar, S.S. 'Ancient races of Baluchistan, Punjab and Sindh'. Calcutta, 1964.
33. سراج الحق 'سنڌي ٻولي'. حيدرآباد، 1964ع.
34. Swami, Sankarənda. 'Rig Vedic culture of Prehistoric Indus'. 2 volumes, Calcutta, 1946.
35. Taylor, I. 'Origin of Aryans'. London, 1887.
36. Trumpp, Ernst. 'Grammar of Sindhi Language'. Leipzing, 1872. Reprint, 1972.
37. Wheeler, Mortimer E.C. 'Indus Civilization'. London, 1968.

❊❊❊

نوٽ: هيءُ ليک پنهور صاحب جي انگريزي مقالي "لينگئيجز آف سنڌ بٽوين رائيز آف آمري اَئنڊ فال آف منصوره دشٽ اِز 5000 اِيئرس اَگو ٽو 1025 اي.ڊي" ( Languages of Sindh Between Rise of Amri and Fall of Mansura i.e., 5000 Years Ago to 1025 A.D.) جو ترجمو آهي. هن مضمون پر ڏنل 7-نقشا پنهور صاحب جي ڪتاب "اينشنٽ سنڌ" (انگريزي، اَڇيپيل) تان شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي هن مقالي جو حصو آهن.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم. ايچ. پنهور
ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# سنڌ جي ٻولي

## 4-هزار ـــ 1-هزار ورهه ق.م

گريئرسن (Greirson) جي مشهور رپورٽ: "انڊيا جو ٻوليجاتي جائزو" (The linguistic Survey of India) 1930ع ۾ شايع ٿي. هيءَ هڪ حقيقي سائنسي پورهيو آهي. بدقسمتيءَ سان، اها ان مهل پڌري ٿي جڏهن اپکنڊ انڊيا ۾ قومي تحريڪون پنهنجي اوج تي پهتل هيون. اهڙين حالتن ۾ گريئرسن جو اهو بيان ته سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل/اپريل/اسريل هئي، سنڌ جي هندن سرهائيءَ سان قبول ڪيو پر مسلمانن ان کي باطل قرار ڏنو هڪ سنڌي مسلمان وڏي عالم ڊاڪٽر دائودپوٽي ان کي رد ڏيندي چيو ته سنسڪرت جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي ماءُ هئي ته عربي ان جو پيءُ ٿئي. ان جي نتيجي ۾ هڪ تضاد اڀريو ۽ سائنسي سچاڻن ۽ ڄاڻ ۾ واڌارو ڪندڙ ٻڌائتي (Original) نظريي کي صحيح يا غلط ثابت ڪرڻ لاءِ انتهائڪ (Extremist، انتها پسند) رويا اڀري آيا گريئرسن جي نظريي جي پوري زور سان تائيد ڪندڙن ۾ پروفيسر ملڪاڻي ۽ ڀيرواڻي (Bherwani) شامل هئا ڀيرواڻي توڙي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي دراوڙي ٻولين وارا لاڙا ڏٺا پر انهن ۾ گهرو نه ويو جيئن ٽرمپ (Trump) پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو گرامر" (Grammer of Sindhi Language) ۾ ڪيو، جيڪو 1868ع ۾ ڇپيو. اپکنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ به تضاد نه ڪُتو ۽ نوان نوان نظريا پيش ڪيا ويا. جن ۾ سنسڪرت ۽ عربيءَ جي وچ ۾ شادي ڪرائي ٿي وئي، ته ڪن ۾ سنڌي ۽ سنسڪرت جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جي ناتي کان مورڳو انڪار ڪندي ان کي هڪ نج سامي (Semetic) ٻولي سمجهيو ويو. هڪ وڌيڪ نظريو اهو به اسريو ته سنڌي هڪ دراوڙي ٻولي هئي ۽ ان جي گرامر ۾ اڻنگايون (Abnormalities) ان تي سنسڪرت جي اثر سبب هيون. اجا هڪ وڌيڪ نظريو اهو پيش ڪيو ويو ته سنڌي سنڌو ماٿر (Indus valley) جي ماڻهن جي ٻولي هئي ۽ اها سنڌ مان هر ڏس ۾ پکڙي ۽ ان سنسڪرت سميت سمورين انڊو-يورپي (Indo-European) ٻولين کي جنم ڏنو. هي نظريو توڙي جو سنڌ جي ڪجهه سنڌي قومائڪ (Nationalist، قومپرست) فردن لاءِ ڪشش رکندڙ هو پر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو به اهڙي پڙاجاڻي (Archaeological) شاهدي نه پيو رکي جيڪا اهڙي کا حقيقت ٻڌائي سگهي ته سنڌو ماٿر جي سڀيتا (Civilization) هتان سپني ڏسن ۾ پکڙي هوندي.

2- گڏيل امريڪي رياست (U.S.A) يورپ ۽ ڪن ٻين هنڌن تي هاڻوڪا اپياس ٻڌائن ٿا ته ڪنهن هڪ ٻوليءَ ۽ نسل (Race، قوم، ٽولي) جي وچ ۾ مقرر ناتيداري موجود هئڻ ضروري ناهي. اهڙي ڳالهه رڳو ننڍا ننڍا ٽولا ٿي رهندڙ ننڍڙن قبيلن ۾ ان قبيلي تائين محدود ٻولي ڳالهائيندڙن جي باري ۾ چئي سگهجي ٿي، پر اها ڳالهه انهن ننڍڙن قبيلن بابت به چئي سگهجي ٿي جيڪي ڪنهن وڏي قبيلي ۾ ضم ٿي ويا هجن. راهپي (Cultural، ثقافتي) ٽولن جي حالت ۾ هيٺير (Inferior) راهپي ٽولن، مٿير (Superior) ٽولن جي ماڻهن جي ٻولين کي قبول ڪيو آهي. توڻي جو اهي هڪ ٿورائيءَ (Minority) ۾ هجن. بهرحال، اپڪنڊ جي حوالي سان ۽ خاص ڪري ان سبب، جو ڳنڍپ (Communication) ۽ پکيڙپ (Expansion، توسيع) جا وسيلا گهٽ هئا، اهو نظريو لاڳو ٿيڻ ناممڪن آهي.

3- سنڌ ۽ ڏاکڻي پنجاب کي ڌيان ۾ رکندي، مانسجاڻ (Anthropology) بابت اسان جي تحقيق 6 هزار ورهن کان وڌيڪ پوئتي نه وڃي سگهي آهي. اهو هڪ ڏکيو حل-ٿيندڙ (puzzling) سوال آهي، جنهن جو جواب هن وقت تائين نه ملي سگهيو آهي ۽ ڪيترن ئي عالمن کي منجهائي رکيو اٿائين. اتراڌي پنجاب جي ماٿري، وچين پاٿر جمار (Middle stone age) جي موجودي ڏيکاري ٿي، جنهن جو سن 1-لک — 40 هزار ورهه اڳ تائين ٻيهي ٿو. ڏاکڻي پنجاب ۽ سنڌ ۾ اوائلي (Early) يا وچين (Middle) ۽ حقيقت اها آهي ته ڊيرائث (Late) پاٿر جمار جي موجوديءَ جي شاهدي به نه ٿي ملي. انهن ٽنهي مان آخري جمار [يعني ڊيرائث پاٿر جمار] لاءِ سن سڄي دنيا جي حوالي سان 40 هزار — 7 هزار 5 سَو ورهه تائين مقرر ڪيو ويو آهي. اها ڳالهه پڻ عجب ۾ وجهندڙ آهي ته نويهڻي (Neolithic) انقلاب وچ اوير (Middle East) ۾ جَرمو، جيريڪو ۽ ڪتال هيوڪ ۾ 8 هزار ق.م ڌاري شروع ٿيو ۽ ايران ۾ 5100 ق.م ڌاري پهتو پر (هاڻوڪي) پاڪستان پهچڻ ۾ ان کي 14 سَو ورهه ٻيا به لڳي ويا جو ته پاڪستان ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽيون نويهڻي وسنديون 3700 ورهه ق.م کان وڌيڪ پراڻيون نه آهن. وچ-اوير.

---

هن نقطي هيٺ هاڻي تائين ڪيل ڳالهيون خود پنهور صاحب جن جي ڪيترن ئي مضمونن جي حوالي سان هڪ تضاد رکن ٿيون. ڏسو: سنڌ ۾ ماڻهو — پاٿر جمار کان نويهڻي تائين. سنڌ جون ٻوليون — آمريءَ جي اوسر کان منصوره جي ميسارجڻ تائين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳولي لڌي جيڪا ججهن ماڻهن کي سهارو ڏئي سگهي پئي. آمري ۽ ڪوٽڏيجي جي انهن رهاڪن جي اها لڏپ گهٽ ۾ گهٽ 7 سو ورهه جاري رهي جڏهن 25 سَو ق.م ـــ 23 سَو ق.م ۾ ڏاري ڏکڻ-اولهائين ايران کان لاڏائن جي نئين چولي ظاهر ٿي جيڪي آمرين سان گڏ هڙپائي (Harappan) اثر به ڏيکارن ٿا سنڌو سولو ڪري چئجي ته پراڻي راهپ ۾ اها نون نون ماڻهن جي جذب پذيري ڏيکاري ٿي. اها راهپ رڳو آمريءَ تائين محدود نه هئي. اها سڄيءَ سنڌ، ڏاکڻي پنجاب (پاڪستان تونٽي هاٺوڪي ڀارت وارو)، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، بيڪانير ۽ اتر-اولهائين راجستان تائين پکڙجي ويئي. ڪڇ جو رڻ هڪ ساموندي کاڙي (Creek) هو ۽ ان ۾ نه رڳو سنڌو نديءَ پر سرسوتي نديءَ وسيلي به پاڻيءَ رستي پهچي سگهجي پيو. سرسوتي هن وقت ميسارجي ويل ندي آهي پر بيڪانير، اوپر پنجاب ۽ سنڌ ۾ ريٽي-هاڪڙو سرشتي مٿان ان جي ڪنارن تي ساڳي قسم جا ماڳ لڌا ويا آهن. اهڙيءَ طرح هن راهپ جي يڪروپائي (Uniformity) بلوچستان (۾ ويندي ڪوئٽا تائين) سميت چاڻايل صوبن جي وسيع ايراضين ۾ پکڙيل هئي.

4- انهن ماڻهن ڪهڙيون ٻوليون ڳالهايون پئي، پڪ سان ڪجهه به نه ٿو چئي سگهجي، پر اهو چوڻ اٽڪر آهي ته سنڌو نديءَ جي پيٽ پرسان رهندڙ شڪاري قبيلن ڪي دراوڙي ٻوليون ڳالهايون ٿي ۽ انهن ماهيگري، شڪار ۽ جهنگلي وڻن ٻوٽن مان ڪاڏ خوراڪ حاصل ڪئي پئي. پوڪراهپ ڪندڙ ماڻهو، جيڪي ٻوڏ هيٺ ايندڙ ميدانن ۾ آباد ٿي ويا هئا ۽ گڏريل ستن صدين کان اپڪنڊ جي انهن ئي حصن ۾ رهندڙ هئا، جن ڏکڻ-اوپر ايران کان لڏپلاڻ ڪئي هئي، اهي اتان جون ڪي ٻوليون ڳالهائيندا هئا.

5- 25 سَو کان 23 سَو ق.م جي وچ واري عرصي ۾ اسان کي نج آمرين (آمريائي) راهپ ۽ هڙپائي راهپ جو عارضي مدو مليل ٿو، جنهن ۾ اڳ-هڙپائي اثر ملن ٿا ۽ ممڪن طرح ٻنهي راهپن ۽ ٻنهي قسمن جي ماڻهن جو ميل جول ڏيکارجي ٿو. اهي ماڻهو (جيڪي لڏپلاڻ ڪندڙ ٽين چولي سڏبا) پڻ ڏکڻ-اوپر ايران کان آيا هئا. ڪوٽ ڏيجي جو اڳ-هڙپائي اوائلي دَور ( Pre-Harappan Early Period of Kot Diji) جنهن جو سن 2605 ـــ 140 ق.م سمجهيو وڃي ٿو پڻ اڳ-هڙپائي عرصو آهي، جنهن جي پڄاڻي مهل ڪوٽڏيجي راهپ ميسارجي وئي ۽ ان تي هڙپائي راهپ ڇانئجي وئي، پر اڳ-هڙپائي ۽ هڙپائي، ٻنهي راهپن جا اثر جاري رهيا، جيڪي ٻن راهپن ۽ ٻنهي قسمن جي ماڻهن جي جذب پذيري ڏيکارن ٿا. اوپر پنجاب، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ ساڳئي عرصي دوران ساڳئي ئي قسم جو لقاءُ (Phenomenon) نظر اچي ٿو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6- اها ڳالھ ذهن ۾ رکڻ پڻ دلچسپي کان خالي نہ هوندي تہ اڳ-هڙپائي (آمرين، ڪوٽڏيجين، سٿين) راهپ لڳ ڀڳ اها ساڳي ٿي ايراضي والاري پئي جيڪا هڙپائي (سنڌو ماٿر سڀيتائي) راهپن والاري رکي هئي ان ڪري اهو سمجهڻ ڏاڍو درست هوندو تہ يڪروپ راهپ ۽ نسلجاتي (Ethnological) پس منظر سبب، انهن ماڻهن جيڪڏهن ساڳي ٻولي نہ پئي ڳالهائي تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن ساڳي ٻوليءَ جا مختلف محاورا (Dialects، اپڀاشائون) ڳالهائيندا هوندا. ويندي اڄ بہ ڪڇ پوريءَ طرح سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ آهي ۽ ڪاٺياواڙ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي هڪ حصي سميت اها ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي جيڪا سنڌيءَ سان ويجهي مائٽي رکي ٿي. قلات، لس ٻيلو ڪڇي ۽ سبي علائقن ۾ پڻ سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. ملتان تائين ڳالهائي ويندڙ سرائڪي ٻولي سنڌيءَ سان ويجهي ناتيداري رکي ٿي ۽ ملتان ۾ هڪ هزار ورهہ اڳ تائين سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي، جيئن ڪن عرب سياحن ۽ ڀُوسُڏيرن (جاگرافيدان، Geographer) بيان ڪيو آهي. پاڪستاني سرحد جي ٻئي پاسي پڻ راجستان، جيسلمير، اجمير ۽ بيڪانير جي وسيع بندرن ۾ پڻ اڄ ڏينهن تائين سنڌي ٻولي عام واهپي ۾ آهي. آمري ۽ ڪوٽ ڏيجي، ٻنهي ڪي هڙپائي (راهپ وارن) ماڻهن ساڙي ۽ تباهہ ڪري ڇڏيو پر انهن جي تباهيءَ کان پوءِ بہ انهن هنڌن تي هڙپائي اثر رکندڙ ماڻهن پاران والار جاري رهي ۽ هڙپائي سان گڏ اڳ-هڙپائي اثر ٽڪندا رهيا — ٻنهي راهپن جي جذب پذيري اهو ئي ڏيکاري ٿي. هڙپائي ماڻهو پڻ ڏکڻ-اولهہ ايران کان آيا ۽ اهي جڏهن هت پهتا، توڙي جو انهن وچٽري اوچائي رکندڙ جابلو سلسلن تان اڪرڻ نہ سکيو هو اهي شايد ڏاکڻي پنجاب ۾ بيٺڪ وجهڻ لاءِ بولان ۽ گومل لڪن وٽان لنگهي آيا. سنڌ ۾ انهن لاڏائن جي اچ جاٿايل ٻنهي ڏگن تان جاري رهي. موهين جو دڙو لاڏائن جي نئين ۽ چوٿين چوليءَ نيٺ تباهہ ڪري ڇڏيو. ان چوليءَ ۾ شامل ماڻهن کي اڄ تائين آريا سمجهيو وڃي ٿو پر پوءِ هلي ثابت ٿيو تہ اهي سڏيا ويندڙ رگويدي آريا نہ هئا پر ڪي ڏکڻ-اولهاوان ايراني هئا. جن کي هاڻي سيميٽري-ايچ (Cemetery-H، قبرستان-هہ) ماڻهو سڏيو وڃي ٿو. 3100 ق.م کان وٺي 1750-1600 ق.م ڌاري هڙپائي شهرن جي تباهيءَ تائين مِسوپوٽاميا (Mesopotamia، عراق) جي سامي ماڻهن سان واپاري ناتن جون ڪڙيون قائم ٿيون. پهرين اڳ-هڙپائي ۽ آمرين ماڻهن سان ۽ پي 2100-1900 ق.م سنڌو شهرن سان. سامي ايراضين مان ڪنهن بہ قسم جي لڏپلاڻ نہ ٿي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7- هڙپائي، حصاري (Hisar) ۽ سنڌو ماٿر ماڻهن جي انساني ڍانچن، کوپڙين ۽ کوپ-ڌساکن (Cranial indices) بابت تجزياتي رپورٽ جو ڏگهي عرصي کان اوسيئڙو هو، جيڪا تازو ئي سرڪار (Sarkar) ڇپرائي پڌري ڪئي آهي. اها کوپ-ڌساک کوٽ ڏيجي، آمري، هڙپا ۽ جنڪر (Junkar) ڏورن سميت تاپ حصار (4- هزار ورهه ق.م) جي هڪ واڌ (Extension) آهي. اهو تجزيو هڪ نئون در کولي ٿو ۽ اڳوڻي نظريي کي رد ڪري ٿو ته هڙپائي ماڻهو ڪي دراوڙ (پاربولا-آسٽرالسرا. (Parpola-Australoids) هئا. سنڌو ماٿر جا ماڻهو دراوڙ هئا ۽ دراوڙي ٻولين جا ڪي قسم ڳالهائيندا هئا. انهن راهن تي ويچار ڪندي، يو.ايس.ايس.آر (U.S.S.R)، يونين آف سويت سوشلسٽ ريپبلڪس)، فنلئنڊ (Finland) ۽ نيدرلئنڊس (Nether Lands) جا عالم سنڌو لکيت (Script) جي مام پروڙڻ لاءِ ڪمپيوٽرن سان گڏ ٻيا ڪيترائي طريقا ڪم آڻي رهيا آهن. سنڌو ماٿر جا ماڻهو جيڪڏهن دراوڙ نه هئا ته پوءِ هنٽر (Hunter) کان پرپولا (Parpola) تائين سڀني عالمن جو سمورو پورهيو محض ڪوڙا/غلط نتيجا ئي ڏئي سگهندو

8- ديرائت پاٿر ڄمار (Late stone age) ۽ نويهڻي دوران جيڪي ماڻهو هت رهيا انهن جو ڏڍ تي سگهڻ لاءِ سنڌ جي ميدانن جي گنجائش ڪيتري هئي، ان سلسلي ۾ منهنجو اڀياس ڏيکاري ٿو ته لاٿلپور ۽ هڙپا جي ڏکڻ ۾ سنڌو ماٿر اهڙي قسم جي آباديءَ کي سهي سگهڻ لائق هئي، جنهن جو 80 سيڪڙو پوکراهپ ۽ 20 سيڪڙو شڪار ۽ ماهيگيريءَ تي پاڙيندڙ هجي. ٻئي برادريون ان ڪري، پڪ ئي، هڪ ٻئي جي پرپاسي ۾ ٻئي تي اثر وجهندي ۽ هڪٻئي جون ٻوليون جذب ڪندي اسريون هونديون ۽ هڪ گڏپ (amalgam) ضرور ٿيهي هوندي جنهن ۾ دراوڙي ٻولين جو ڪجهه حصو موجود هوندو. انساني ڍانچين ۽ کوپڙين جي تجزيي ڏانهن موٽ ڪائيندي، 71 ماپ انگ ڏيندڙ کوپ-ڌساک (Cranial index of 71) اها ساڳي ئي آهي جيڪا پنجاب جي سکن ۽ ڇهڙن جي آهي اجا وڌيڪ اڀياس ٻڌائن ٿا ته سکن جو واسطو پنجاب جي جت (Jatt) آباديءَ سان آهي. ڊاڪٽر سگرڊ ويستفل هيلبش (Sigrid Westphull Hell-Busch) جون تازيون تحقيقتون ڏيکارن ٿيون ته هاڻوڪي پاڪستان جي سنڌ ۽ پنجاب ۾ جتن جي ڳڻپ 80 لک آهي. رسلي (Risley) پنهنجي تحقيق (1915ع) ۾ ٻڌايو ته پارت پاسي اهو انگ اجا وڌيڪ آهي. جت سڪُ هئڻ سان گڏوگڏ مسلمان به آهن ته هندو به. اترادي انديا ۾ جتن بابت گوها (Guha) ۽ پرڌان (Pardhan) سميت ٻين به ڪي ئي اڀياس ڪيا آهن. سنڌو سڀيتا سان گڏ اتر پرديش وارين ڪيترين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي ايراضين ۾ انهن جي موجودي پرکي سگهجي ٿي. 400 کان 450ع ۾ جتن جي مهنداري هيٺ مينهون پالڻ جو مرڪز هئي. اسان کي عرب ذريعن مان سنڌ ملي ٿي ته انهن (جتن) 636ع ۾ عربن خلاف ايرانين جي واهر ڪئي ۽ پارسين جي هار کان پوءِ ڪجهه شرطن تي اهي عرب قوتن سان وڃي مليا. اهي جت سنڌ ۽ پنجاب مان هئا. 637ع ۾ اهي بصري ۾ وڃي آباد ٿيا. 662ع ۾ انهن ڪيڪان (قلات) والاري رکيو هو ۽ انهن مختلف وقتن تي مختلف ڪاهُن. جيئن هاريہ بن ابوالقيس (658-659ع) عبدالرحمان بن سامره (662). محلب ان اجي سفراع (664-665ع) ۽ عبدل العابدي (664-665ع) کي رد ڏنو انهن رشيد بن عمر جديدي (668-669ع) خلاف ويڙهه ڪئي. 694-695ع ۾ انهن کي حجاج بن يوسف پاران موڪل ڏني وئي ته اهي وڃي ڪاسڪر (عراق) ۾ آباد ٿين. 712ع ۾ انهن سيوهڻ وٽ محمد بن قاسم سان ويڙهه ڪئي ۽ 4 هزار ماڻهو قيد ڪيا ويا. 836ع ۾ سنڌ جي عرب گورنر عمران بن موسيٰ برمڪي کي بولان لڪ وٽ جتن ۽ ميدن (Meds) سان وڙهڻو پيو ۽ آئينده بغاوتن کان بچڻ لاءِ (اتي) چانوٽي ٺاهڻي پئي. 871-872ع ۾ سنڌ ۾. جت بغاوت ٿي ۽ انهن کي دٻائڻ لاءِ خليفي مهدي کي بغداد کان خصوصي لشڪر موڪلڻو پيو. 1026ع جي اوائل ۾ جتن محمود غزنوي جو سامان ڦري ورتو. جڏهن هو سومنات کان موٽي رهيو هو. هو 1026ع جي سياري ۾ انهن کي سيکت ڏيڻ لاءِ موٽي آيو ۽ ماٿيل (upper) سنڌ تي قبضو ڪيائين. چچنامو ڪيترين ئي سنڌي ذاتين جو جت طور ذڪر ڪري ٿو جهڙوڪ: سهتا، لوهاڻا، لاکا ۽ سما. جتن بابت مٿي ڏنل بيان جي روشنيءَ ۾ پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ ڏاکڻي پنجاب جي آباديءَ جو وڏو حصو سنڌوءَ جي مٿي ڄاڻايل هنڌن تان مليل کوپڙين جي تجزيي ۽ سرڪار جي رپورٽ موجب ساڳئي جتي سان واسطو رکندڙ هو. ڪيل هن سڄيءَ ڳالهه ٻول مان پڌرو ٿو ٿئي ته سنڌ جي آباديءَ جو وڏو حصو جتن تي ٻڌل آهي. جيڪو سنڌو ماٿر جي اڳ هڙپائي ۽ هڙپائي ماڻهن جا پوئيلا (پونير، پوئير، Descendents) آهن.

9- 18 سو کان 16 سو ق.م واري عرصي ۾ جيڪو موهين جي دڙي، آمري ۽ چانهو دڙي جي پاڻي وارو مدو آهي. جت قبيلا مينهون پالڻ جي ڌنڌي سان لاڳاپيل هئا. موهن دڙي ۾ مينهن جا هڏا مليا آهن. پيو ته سنڌ ۽ ملتان ۾ عرب اقتدار کان گهڻو اڳ مينهن جي پالنا جتن سان لاڳاپيل آهي.

10- پرشيائي مڪران ۾ خوراب (Khurab?) (شايد خجراب) وٽ لڌل


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽ-کھاڙو اھا سڀ کان آڳاٽي لڏپ آھي، جيڪا انهن قبيلن جو ڏس ڏئي ٿي، جيڪي نيٺ موهين جي دڙي ۾ رهي پيا هئا. اهي قبيلا 150 ± 2000 ق.م ڌاري مڪران جي ماٿري ڪيچ (ڪيچ) ۾ شاهي ٽمپ (Shahi Tump) ڏانهن هلي آيا. ويجهڙ تائين انهن قبيلن کي آريا سڏيو ويندو هو ۽ ساڳئي ئي وقت اهو سمجهيو ويندو هو ته اهي ڪئسپين ڍنڍ (Caspian sea) وٽان آيا هئا. مسئلو اهو ناهي ته اهي ڪٿان آيا پر انهن جو ڏگ سدائين مڪران کان هوندو هو ته جيئن اوچن جابلو سلسلن تان ٽپڻ کان بچي سگهجي. انهن جي پهچ جي ممڪن راهه پرشيائي مڪران کان اورنگي-ڳجو يا پنجگور-مولا لڪ وٽان هئي. انهن قبيلن نيٺ سنڌو شهرن کي ڦُريو. پڙاڃاٽي (Archaeologically) طرح انهن کي هاٽي سيميٽري-ايچ ماڻهو" سڏجي ٿو ۽ انهن جي لڏپ جي پنجين چوليءَ کي جنڪر (Junkar) ماڻهو سڏجي ٿو. پوٺ-هڙپائي (Past-Harappan) دَور جي ابتدائي ڏينهن ۾ اها پهرئين ۽ ٻئي لڏپ هئي. جنڪر ماڻهو جنڪر-دڙو ۾ 1650 ق.م ڌاري آباد ٿيا. جنڪر ماڻهن پويان ايندڙ چوليءَ جهانگر ماڻهو هئا جيڪي 13 سَو کان 12 سؤ ق.م جي وچ ۾ آيا. انهن ڏينهن تائين رگويدي آريا منظر تي اچا نه اپريا هئا.

11 ان کان پوءِ به اپکنڊ ڏانهن ڪئسپين بڻ رکندڙ ايراني ماڻهن جي نئين لڏپ ٿي، جنهن کي آمريءَ جي حوالي سان اٿين ۽ سنڌو سپيتا جي ميسرِ (fall) کان پوءِ چوٿين چولي سڏيو وڃي ٿو، پر هن ڀيري اهي مهاراشٽر ڏانهن لڏي ويا.

-12 نيٺ 1050 کان 750 ق.م جي وچ واري عرصي دوران آرين ڪئسپين ڍنڍ کان اپکنڊ ڏانهن لڏيو. هٽين (Hittian) بادشاهه سُبيلوليما (Sumbiluliuma) ۽ متانيائي (Mitannian) بادشاهه متيواز (Mattiwaza) جي وچ ۾ ناهه (13 سَو ق.م) متر (Mitra)، ورڻ (Veruna)، اندرَ (Indra) ۽ مَستيا (Masataya) جا نالا ڄاڻائي ٿو، جيڪي رگويدي آرين جا خدا/ديوتا (Gods) هئا. هٽين سلطنت لوهه رجائي سگهڻ وارو راز صدين تائين لڪائي رکيو. اندو-ڪئسپيائين (آرين) کي هٽين سان شايد ڪنهن قسم جو لاڳاپو هو. 12 سَو ق.م ڌاري هٽين سلطنت ۾ ڦوٽ کان پوءِ ئي اهو ممڪن ٿي سگهيو ته لوهه پگهرائڻ جا هنر اولهائين ايشيا، ڪيڪاس (Caucasus)، ڪوهه قاف) ۽ اوڀرائين ۽ مرڪزي يورپ ڏانهن پکڙيا پر اپکنڊ ڏانهن نه. اهو هنر ايران ۾ 11 سَو ق.م ڌاري ۽ سوات ۾ 1050

---

سنڌ جون ٻوليون" مضمون ۾ هِٽين بدران هِٽائيٽين (Hittitian) متيواز بدران متياور (Mattiaver) ۽ مستيا بدران نستيا نالا ڄاڻايل آهن - سنڌيڪار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ق.م ڏاري پهتو بلوچستان ۾ ان جي موجودي 850 ق.م ڏاري ثابت ٿئي ٿي. لوهہ خاڪي ٿانون (Grey-ware) سان ۽ پوءِ آرين سان لاڳاپيل هو ۽ ان ڪري اهو سمجهڻ ٿي درست ٿيندو تہ رگويدي آريا. انڊو-پاڪ اپکنڊ ۾ 1050 کان 750 ق.م ڏاري ٿائين واري عرصي دوران پهتا هوندا. ان ڪري آرين جي سنسڪرت ٻولي اپکنڊ ۾ انهيءَ عرصي کان آڳاٽي ۽ اترادي اپکنڊ جي ٻولين جي ماءُ ٿي ئي نہ ٿي سگهي. سنسڪرت هندو ٻاون جي طبقي جي ٻولي هئي ۽ اپکنڊ جي ڪنهن بہ صوبي جي (عوام جي) ٻولي نہ هئي. حقيقت ۾ ان جون پاڙون گهريون نہ هيون. 6 صدي ق.م ڏاري ٻڌمت جي اوسر سان مذهب جي رسمي ٻولي طور پالي (Pali) ڪم ايندي هئي پر ان جو سنڌي ٻوليءَ تي اثر ٿيو هجي اهڙي ڪا بہ شاهدي نہ ٿي ملي ۽ ان شاهديءَ جي بہ کوٽ آهي تہ ٻڌمت پنهنجي اوائلي ڏينهن ۾ ڪو سنڌ اندر پکڙيو هجي. چوٿين صدي ق.م ڏاري ماٿيل سنڌ ۾ برهمڻ ڏاڍا مضبوط هئا ۽ ان جي پڪي شاهدي ملي ٿي. سنڌ ۾ سرحدن ويجهو شهباز ڳڙهي ۾ اشوڪ (Ashoka) پاران ٺُلهن تي ڪرايل اُکر [جنهن وسيلي مختلف حڪم پڌرا ڪيا ويا] ۽ گنڌارا وارا نوشتہ (Inscriptions) ڏيکارن ٿا تہ پالي مقامي ٻولين جي اثر هيٺي اچي وئي هئي ۽ ان ڪيترائي مقامي ٻولين جا لفظ قبول ڪري ورتا هئا ۽ ڊسيپيٽنگ (Discipating)(؟) هئي. پالي اها ٻولي هئي جيڪا بهار ۾ ڳالهائي ويندي هئي ۽ اها چندر گپت موريا جي راڄوڪي (321-298 ق.م) هئي جنهن ۾ ان کي سلطنت جي سرڪاري ٻوليءَ طور رائج ڪيو ويو هو. گنڌارا وارا نوشتہ ڏيکارن ٿا تہ پالي ٻوليءَ ڪشميري، سنڌيءَ ۽ سرائيڪيءَ سان ڪي ساڳيائپون (Similarities) پيدا ڪري ورتيون هيون. انهن ڏينهن ۾ ان جون اتر-اولهائين اپکنڊ ۾ ٽي مختلف صورتون اڀري آيون هيون: پهرين سنڌ ۽ راڄپوتانہ ۾، ٻي گجرات ۾ ۽ ٽين مرڪزي انڊيا ۾. پنهنجي صورت وچائي پراڪرتن (Prakrits) کي جنم ڏيڻ جو سبب اهو نہ هو تہ ڪو پالي ٻولي مقامي ٻولين سان رلي ملي وئي هئي. موريا دربار ۾ لکشڻ (Lakhshan) 300 ق.م ڏاري پراڪرت ٻوليءَ جو وياڪرڻ (گرامر) لکيو هو پر ان بابت اهو چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو تہ اهو ان پاليءَ جو وياڪرڻ آهي جيڪا بهار ۾ آخري صدي ق.م جي پوئين اڌ ۽ پهرئين صديءَ عيسويءَ جي پهرئين اڌ دوران ڳالهائي ويندي هئي. سنگم (Sangam) شاعري تامل ٻوليءَ ۾ ڪٿي وئي. ان شاعريءَ ۾ سنڌ لفظ ۽ سنڌي وياڪرڻي لاڙا ڳولڻ لاءِ سنڌي عالمن اڃا ان جو اڀياس نہ ڪيو آهي. سنڌ ٻوڌين جي سگهاري اثر هيٺ ڪُشنن (Kushans) کان پوءِ ئي اچي سگهي (65-140ع). توڻي جو سٿين (Sythian) ۽ پارٿين (Parthian) ان کي سنڌ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائيندا هئا ۽ سنڌو ماٿر ايراضيءَ ۾ انهن ٻولين جي گڏپ هڪ نئين ٻوليءَ يا ساڳي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي محاورن کي جنم ڏنو. اهويہ ڏيکارجي ٿو تہ انهن ٻولين تي ٻٽائتن (Original) وچهٽي دراوڙ ماڻهن جو پڻ اثر پيو جن جي ماڻهو-ڳڻپ 20-25 سيڪڙو تائين هوندي ۽ انهن جي ٻولين مان ڪيترائي لفظ ۽ وياڪرڻي گڻ جذب ڪيا ويا هوندا.

15- اها پڪ آهي تہ اپڪنڊ ۾ سنسڪرت گهڻو دير سان پهتي ۽ ان هڪ محدود دائري اندر مقامي ٻولين تي اثر وڌو هوندو جو تہ اها رڳو ٻاون جي طبقي جي ٻولي هئي. سنڌو راهپ جا هنڌ جيڪي هاڻي پنجاب جي حدن کان بہ ٻاهر اتر پرديش ۾ بہ لڌا ويا آهن ۽ ان جي اها وسعت ڏيکاري ٿي تہ سنڌو سڀيتائي ٻولي پڻ لاڏائن سان گڏ انهن ايراضين تائين سفر ڪيو ۽ مقامي دراوڙي ٻولين تي اثر وڌو جن مان اوپرايون دراوڙي ٻوليون اڀريون. جيئن هندي، بهاري، بنگالي ۽ آسامي. جن تي موٽ ۾ وري سندن مقامي دراوڙ ٻولين اثر ڪيو. پالي ٻڌمت جي مذهبي ٻولي ٿي پئي ۽ ٻڌمت سڄي اپڪنڊ ۾ ڪجهہ صدين لاءِ هڪ عوامي مذهب جي حيثيت اختيار ڪري ورتي. اها مقامي ٻولين جي اثر هيٺ وڌيڪ آئي بنسبت ان جي تہ انهن تي هن جيڪو اثر ڇڏيو. پراڪرت سڏيون ويندڙ اپڪنڊ جون مقامي ٻوليون، سمجهيو ٿو وڃي تہ مقامي ٻولين تي پاليءَ جي اثر جو نتيجو هيون. اها ڳالهہ شڪ جوڳي آهي، ڇو تہ سنڌو راهپ جي انڊويورپين ٻولي ڏکڻ ۾ اڳ ئي ڪاٺياواڙ تائين پهچي چڪي هئي ۽ مرهٽي (Marahati) ٻوليءَ جي اوسر ۾ اوس واهر ڪئي هوندائين. پراڪرت مان سنڌيءَ جي اوسر بابت اهي وڏا وڏا بيان، جيڪي غلط رهنمائي ڪن ٿا، هيمچندڙ واري گرامر تي ٻيڌل آهن. هو تيرهين صدي عيسويءَ ۾ مهاراشٽر جي چالڪيہ (Chaulukaya) بادشاهن جي دربار ۾ رهندو هو ۽ سنڌ سان سندس تعلق ڪو معمولي هو. پراڪرت ٻولي جو اهو گرامر جيڪو هن لکيو، درحقيقت، سندس دَور جي مرهٽي ٻوليءَ جو گرامر آهي. هن سنڌ جي ٻوليءَ بابت لکيو تہ اها اپڀرنش (Apbharansa) سڏي وڃي ٿي جيڪا اڀيرن (Abhiras) (اهي جيڪي مال چاريندڙ هئا) جي ٻولي آهي جيڪي راڳ ڳائيندا (گيت جهوڳاريندا) هئا ۽ ان ٻوليءَ ۾ شاعري ڪندا هئا. اپڪنڊ جي ڪيترن ئي ٻوليجاڻڪن (Linguists) اهو بيان ڪم آڻيندي چيو آهي تہ سنڌي ٻولي پراڪرت مان ٻارهين صدي عيسويءَ کان پوءِ اسري، پر اها ڳالهہ سراسر غلط آهي. سنڌي نائين صدي عيسويءَ ۾ بہ ڳالهائي ۽ لکي ويندڙ ٻولي هئي جيئن ڪيترين ئي عرب لکڻين منجهان ٻکي ٿو. اهڙو ڪو بہ نُڪتو نہ ٿو ملي تہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اپيرنش سڌي ويندڙ ٻولي سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. عرب ليکڪ چٽيءَ طرح بيان ڪن ٿا ته سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي ۽ لکي ويندي هئي.

16- اها دعوئ ته سنڌي هڪ سامي ٻولي آهي ڪنهن به ٺوس بنياد تي ٻيٺل ناهي. سنڌ ۾ 712ع ۾ عرب سوڀ کان اڳ ڪنهن به طرح سامي اثر موجود نه هو. سنڌ ۾ عرب اقتدار پنجويهه ورهن ۾ يعني 738ع تائين پڄاڻي تي پهچي چڪو. جنهن کان پوءِ اهو گهٽجڻ شروع ٿيو. 737-738ع ڌاري سنڌ جي مختلف شهرن مان عربن کي اثاري محفوظ ۾ آباد ڪيو ويو جتان پوءِ لڏائي ان جي پرسان شهر بهمڻ آباد ۾ وسايو ويو. جنهن کي منصوره نالو ڏنو ويو هو. اهو به ٻڌايو ويو آهي ته ڏهين صديءَ جي وچ ڌاري خود منصوره شهر ۾ سنڌي ۽ عربي ٻئي ٻوليون ڳالهايون ونديون هيون پر گادي (منصوره) جي ٻاهران (ان جي پرپاسي توڻي پري وارن ڳوٺن ۾) سنڌي هلندڙ هئي. خاص ڪري اٺين صديءَ جي پڄاڻيءَ ۽ نائين صديءَ ۾ راهپي ڏي وٺ ٿي. پر حقيقت ۾ اها هڪ طرفي هئي يعني مختلف سائنسي شعبن ۾ مهارت رکندڙ عالم سنڌ ۾ اپڪنڌ مان نڪري بغداد وڃڻ لڳا. عرب دنيا مان ڪي مذهبي پرچارڪ سنڌ ۾ آيا ۽ انهن ضرور سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪن لفظن جو واڌارو ڪيو هوندو. پر ايئن جيئن هڪ ٻئي مذهبي ٻولي پاليءَ اٺ سَو ورهه اڳ ڪيو هو. اهي مذهبي پرچارڪ نه هئا جن سنڌ تي (مذهبي) اثر ڇڏيو. پر اسماعيلي مبلغ (تبليغ ڪندڙ، مذهبي پرچارڪ) هئا جن ٻارهين صديءَ جي پوياڙيءَ، تيرهين صديءَ ۽ چوڏهين صدي عيسويءَ جي ابتدا دوران مذهبي پرچار لاءِ مقامي ٻوليون ڪم آڻيندي ماڻهن تي (مذهبي) اثر وڌو.

سنڌيءَ ۾ عربي لفظن جو چڱو چوکو مقدار جذب ٿيو پر آڳاٽي سنڌي ڪيترن ئي عربي لفظن کان وانجهي آهي. عربي لفظن جي جذب پذيري فارسيءَ جي سڌي اثر جو نتيجو هئي. جيڪا سنڌ جي امڪانن سومرا دَور جي پڄاڻيءَ کان وٺي سرڪاري ٻولي ٿي رهي. سنڌيءَ تي عربيءَ جي ان محدود اثر ڪري اٺين وسهي نه ٿو سگهجي ته اها ڪو عربيءَ مان نڪتي آهي.

17- آخر ۾، نتيجو سهڙيندي چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي سنسڪرت، پالي پراڪرت يا عربيءَ مان نڪتل/اسريل نه آهي. اها آڳاٽين انڊو-يورپين ٻولين مان (جن مان سنسڪرت ۽ پهلوي ٻوليون پڻ اسريون) چوويهه سَو ورهن جي عرصي دوران (3100 — 750 ق.م) اسري نڪتي. آڳاٽيون انڊو-يورپي ٻوليون ڏاکڻي ايران ۾ "آڳاٽا سِتي ماڻهو" ڳالهائيندا هئا جن سنڌو ماٿر سڀيتا


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارين ايراضين ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي ۽ دراوڙن سان لهه وچڙ ۾ آيا ۽ انهن ٻولين جي ميل جول هڪ نئين ٻولي پيدا ڪئي. تنهن ڪان پوءِ اها ٻولي هوري هوري اوپر پاسي بنگال ڏانهن ۽ ڏکڻ پاسي مهاراشٽر ڏانهن سُرڻ ۽ پکڙڻ لڳي ۽ مقامي ٻولين جا لفظ ۽ وياڪرڻي گڻ جذب ڪندي وئي، تان جو اپکنڊ ۾ ڪيترين ئي انڊو-يورپي ٻولين جي اوسر لاءِ پيڙهه رکيائين. پاليءَ جو ان تي تمام ٿورو اثر پيو. پراڪرت ٻوليءَ سان ان جي هڪجهڙائيءَ جو سبب ان ڪان سواءِ ٻيو ڪو ناهي ته پراڪرت ان مان ڦُٽي نڪتي آهي. ان جو سنسڪرت سان ناتو پراڪرت جي ڀيٽ ۾ ويڪ پَرانهون آهي. ان جون پراڪرت سان ساڳيائپون محض ان ڪري آهن جو ٻئي ايران مان آيل آهن — سنسڪرت اتر ادي ايران ۽ ڪئسپيائي روس (Caspian Russia) مان ۽ سنڌي ڏاکڻي ايران مان، پر اپکنڊ ڏانهن سنڌن لڏپلاڻ ۾ 2-هزار ورهن جي وٿي آهي. سنڌيءَ ۾ عربيءَ جي لفظن جي جذب پذيري ان ڪري ٿي جو عربي مذهبي ٻولي ٿي رهي ۽ انهيءَ حيثيت ۾ لاڳو ٿيندي رهي. 1000ع ڪان پوءِ، سنڌي ڪيترين ئي سماجي-مذهبي ۽ سماجي-سياسي تحريڪن جيئن اسماعيل مت، صوفي مت ۽ جاگيرداريءَ خلاف تحريڪ ڪان اثر ورتو. اهو عرصو بهرحال، هن موضوع جي دائري ڪان ٻاهر آهي.

(نوٽ: هن متن ۾ ڪم آندل سن "ڪرٽا-ڪاربن-تاريخن" (ريڊيو-ڪاربان ڊيٽس، Radio-Carbon Dates) جي بنياد تي ٻيهاريل آهن ۽ انهن ۾ ايم.اي.ايس.ڪي.اي (M.A.S.K.A) درستيون شامل ڪيل ناهن. مضمون ۾ ڄاڻايل سمورن سنن لاءِ ليکڪ جو ڪتاب "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ فرام جيالاجيڪل ٽائيمس ٽُ دَ رائيز آف سماز اِن 1352ع" ڏسڻ گهرجي)

❊❊❊

نوٽ: هيءَ ليک پنهور صاحب جي انگريزي مقالي "لئنگويج آف سنڌ: 4000 ق.م — 1000ع" (Language of Sindh: 4000 B.C — 1000 A.D) جو ترجمو آهي، جيڪو ماهوار "ڪينجهر" حيدرآباد ۾ جولاءِ 1995ع ۾ ڇپيو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم. ايچ. پنهور
ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# جاگيرپ خلاف سنڌ جي سرويچ جدوجهد

## 1500ع — 1843ع

1947ع ۾ آزاديءَ کان پوءِ، گهڻي ڀاڱي هر ماڻهو عام طرح اهو بيان ٻڌي پيو ته جيئن ته انگريزن مسلمانن کان انڊيا کسي ۽ وري ـ کسجڻ جي پوَ ۾ ورتل هئا ان ڪري هندن سان هٿ هٽ ۾ ملائي مسلمانن کي پوئتي رکيو ويو. هندو جيڪي هڪ هار ورهن کان مسلمانن جي تابعداري/پناري ۾ رهيا هئا ۽ ان ڪري مسلمانن جا مخالف هئا. هي بيان درست ناهي. سواءِ 1857ع کان 1885ع يا 1905ع جي وچ واري عرصي جي. انگريزن مسلمانن کان انڊيا جو ٽين پتيءَ ـ ٽن ۾ ننڍو ٽڪرو کسيو باقي سڀ هندن ۽ سِکن کان کسيائون. انگريزن بنگال، بهار، اتر پرديش (يُو پي)، سنڌ ۽ بلوچستان جا صوبا مسلمان حڪمرانن کان کسيا. ميسور به مسلمانن کان کسيو ويو جنهن تي انهن جي حڪمراني رڳو 25 ورهن کان هئي. سڄي ڏاکڻي انڊيا هندن کان کسي وئي. تو ٽي جو 1761ع ۾ احمد شاهه ابدالي هٿان مرهٽن هار کاڌي هئي ته به وٽن ايترو ڪجهه اقتدار هو جو پنهنجو پَرواڌي (توسيعي، Expansionist) لاڙو جاري رکي سگهن تان جو انگريز اچي انهن کي هاناهون ڪيو. انگريزن جيڪڏهن اتر پرديش ۽ بهار صوبا مغلن کان نه کسيا هجن ها ته پڪ ٿي اهو ڪم مرهٽا ڪري وٺن ها. اهي ايترا سگهارا هئا جو مغل شهنشاهه کي پڪڙي لاهي سگهن ۽ وري ان کي تخت تي ويهاري سگهن. سِکن وٽ سنڌ خلاف سِٽائون هيون پر اها برطانوي مداخلت هئي جو رنجيت سنگهه ڏکڻ پاسي (سنڌ ڏانهن) نه وڌيو.

ان ڪري اهو چئي نه ٿو سگهجي ته انڊيا ۾ پنهنجي حڪمراني هلندي برطانوي ماڻهو مسلمانن ڏانهن ساڙيلا هئا. مسلم اقتدا ان حد تائين هيٺو ٿي چڪو هو جو برطانوين جيڪڏهن انڊيا تي قبضو نه ڪيو هجي ها ته مرهٽا مغلن کي لاهي ڇڏن ها ۽ پوءِ انڊيا تي حڪمراني انهن جي هجي ها.

پوءِ سوال ٿو اٿي ته سنڌي مسلمان ڪيئن پٺتي پيل رهيا؟ ان صورتحال کي جاچڻ لاءِ اچو ته 1843ع تائين سري هلون. سنڌ تي سوڀ کان اڳ ۽ ترت پوءِ انگريزن جون ڇپيل ڪيترئون ئي لکڻيون ٻڌائن ٿيون ته 1843ع ۾ ٻڻ سنڌ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا مسلمان هندن جي پيٽ ۾ پنتي پيل هئا. انهن لکڻين ۾ ٻين سان گڏ وڏيڪ اهم لکڻيون اهي آهن جيڪي اليگزينڊر برنيس (Alexander Burnes)، جيمس برنيس، پاٽنگر ۽ برٽن لکيون ۽ بمبئي حڪومت جي ريڪارڊ مان وليَم نئپيئر جون چونڊون. جلد 17. انهن کي ذهن ۾ رکندي برطانوين تي تهمت آڻيندڙ مٽين دعوىٰ رد ٿي وڃي ٿي. پوءِ ڇا اسين انگريزن جي اڳيتن/اڳيلن (Predecessors) يعني مسلمانن تي تهمت آڻي سگهون ٿا ته انهن سنڌين کي پنتي پيل رکيو؟ 1783ع ۾، جڏهن ٽالپرن ڪلهوڙن کان واڳون ورتيون يا خود 1701ع ۾ جڏهن ڪلهوڙن اتر-اولهه سنڌ کان اڳتي وڌڻ شروع ڪيو، اسان کي مسلمان پوئتي پيل نظر اچن ٿا. ان جي جاءِ تي ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن کي رڳو ٿوري ميار ڏئي سگهون ٿا ته انهن پنهنجيءَ حڪمرانيءَ دوران مسلمانن کي پنتي رهڻ ڏنو.

ان جي حقيقي ڪارڻن کي ڳولڻ لاءِ اچو ته ٻه صديون اڃا به پوئتي يعني 1500ع ۾ هلون. ڇا ان مهل به سنڌي مسلمان پنتي پيل هئا؟ پُورو پَڪو جواب 'نه' آهي. 1500ع ۾ سنڌي مسلمانن کي تعليمي ادارن جي سرواڻ، ليکڪَ، شاعر، بزرگ/وَلي (Saint)، جوڌي/سورمي، سرڪار جي انتظامي شعبن جي مهندار ۽ ڏيهه توڙي ڏيساور ۾ واپار ڪندڙ وڻجاري جي حيثيت ۾ ڏسون ٿا. گڏيل نموني چئجي ته انهن کي معاشي طرح آسودو/سکيو ستابو ڏسون ٿا. لشڪري طرح، اهي ايترا ته سگهارا هئا جو بولان لَڪ اُڪري ايندڙ شاهه بيگ جي منگول سپاهين کي تڙي ڪڍڻ. تن ڏينهن کان وٺي انهن پنهنجي لشڪري سگهه لڳ ڀڳ 150 ورهن تائين برقرار رکي. 1351ع ۾ دهلي جي شهنشاهه محمد تغلق کي فوجن وسيلي هارائي نه پيو سگهجي ته به انهن جو پيڇو ڪري ڪين پنهنجي راجداريءَ مان پچائي ڪڍيو ويو. 14-ورهه پوءِ 1365ع ۾ هڪ ٻئي شهنشاهه فيروز شاهه تغلق نئي ويجهو انهن هٿان هار کاڌي ۽ ان کان ڏيڍ سال پوءِ سنڌي سپاهين جي سگهه کي منهن ڏيندڙ فيروز شاهه مجبور ٿي پيو ته سمجهوتو ڪرڻ لاءِ اُچ جي مخدوم جَهانيان کي وٺي اچي. انهن ڏينهن کان وٺي سنڌي سپاهين ڪنهن به جنگي محاذ تي ڪا به هار نه ڏٺي.

تاريخ ۾، ڪجهه کان سواءِ، اسين هڪ بادشاهه جي پوئيتن (Successors) کي ڏسون ٿا جن هڪ ڊگهي عرصي تائين حڪمراني ڪئي، ايتري ئي برجستائي/لياقت سان جيتري سان سندن اڳيتن ڪئي هئي. اهو هو ڄام ننڊو، سنڌ جو حڪمران جنهن مرڻ گهڙيءَ تائين 48-ورهه سنڌ تي حڪمراني ڪئي. ڄام ننڊي کان پوءِ ڇا ٿيو؟ هن جا وارث مُورَک ۽ نالائق هئا اهي ٻاڻ ۾ وڙهي پيا. ڏيهه کي ڏبرو ڪري ڇڏيائون جنهن منگول ڪاهه جا ڪارڻ پيدا ڪيا ۽ ان


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪري نيٺ سما راڄوڪي (Sama Dynasty) ناسُ ٿي وئي. ٺٽو محرم جي پندرهين تاريخ شاهه بيگ جي ور چڙهي ويو ۽ ويهين تاريخ تائين ڪوس هلندو رهيو ۽ ان سان گڏ اتي جي رهاڪن کي انتهائي بيرحميءَ سان ايذايو ۽ ڪيترن کي ٿي قيديو ويو. اهڙيءَ طرح اها چوڻي ته "بادشاهه جڏهن ڪنهن شهر ۾ فاتح جي حيثيت سان گهڙندا آهن ته ان کي تباهه ڪندا آهن". ٺٽي جي مثال سان پوريءَ طرح ثابت ٿئي ٿي.[1] معصومي وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته شهر کي ڦُريو ويو، ماڻهن جي بي عزتي ڪئي وئي ۽ ٻارن کي ٻانڌي بنايو ويو.[2] جام فيروز ۽ شاهه حسن جي وچ ۾ آخري ويڙهه مهل 20 هزار ماڻهو جنگي ميدان/پڙ ۾ ماريا ويا. شاهه حسن جنگ جي ميدان ۾ 3 ڏينهن ترسي گهوڙا ۽ ڦُر جو مال ورهائيندو رهيو. سنڌي مسلمانن جي پسماندگيءَ جا تاريخي سبب اهڙيءَ طرح هن سال يعني 926 هجري (1520ع) ۾ شروع ٿيا. پنهنجن حڪمرانن جي هار سنڌي ماڻهن پاران نه مڃي وئي ۽ اهي ڪاهيندڙن خلاف هٿيار سنڀالي اُٿي بيٺا.

تاريخ جو هڪ عجيب واقعو، جنهن جو ڪِٿي به ڪو مثال نه ٿو ملي. اهو هيءَ ته ويندي سرواڻ بزرگ/ولي، صوفي ۽ لڳ ڀڳ سڀ سنڌ جا قبيلا ڪاهيندڙن خلاف سندرو ٻڌي بيٺا. انهن کي بي رحميءَ سان چيپاٽيو/چِٿيو ويو ۽ ڪين وحشي سزائون ڏنيون ويون. شاهه بيگ خلاف رنڌڪ مهم هلائيندڙ هڪ صوفي بزرگ مخدوم بلاول ۽ هن جا خليفا هئا. شاهه بيگ سيوهڻ کان ٺٽي پهچڻ تي دريا خان جي پٽ محمود جي اڳواڻي هيٺ سوڍن ۽ سهتن کي پنهنجي خلاف ويڙهه لاءِ تيار ڏٺو. انهن کي مخدوم بلاول جي ٽيڪ هئي. اهي دليريءَ سان وڙهيا ۽ پنهنجون حياتيون گهوري ڇڏيون. انهن ۾ رمل سوڍي جي اڳواڻي هيٺ وڙهندڙ سوڍا هئا. مخدوم بلاول کي نيٺ قيديو ۽ پوءِ ڪيس گهاڻي ۾ پيڙايو ويو. هن جي مريدن، باغبان جي هارين پڻ شاهه بيگ ارغون جي مخالفت ڪئي، انهن جو گڏيل ڪوس ڪيو ويو، سندن ملڪيت ضبط ڪئي وئي ۽ انهن جا گهر ۽ قلعا مليا ميٽ ڪيا ويا.[3] سنڌي صوفي، بزرگ ۽ عالم ڀهريان جي شڪار ڪيا ويا. انهن گڏجي لَڏڻ شروع ڪيو ۽ انڊيا جي مختلف هنڌن يا مورڳو اپکنڊ کان به ٻاهر محفوظ هنڌن ڏانهن لَڏي ويا. مقامي سردارن جي اڳواڻي هيٺ سنڌي قبيلن رنڌڪ جاري رکي پر هڪ هڪ ڪري چِٽيا يا گڏيل طرح

---

1 ترخان نامه (فارسي) ص 19

2 تاريخ معصومي (فارسي) ص 115

3 ترخان نامه (فارسي) ص 26

4 مظهرشاهجهاني (فارسي) ص 7 ۽ تاريخ معصومي (فارسي) ص 116 ۽ ص 200


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي رحميءَ سان ڪُٺا ويا. اهي قبيلا جيڪي شاهه بيگ ارغون ۽ هن جي پٽ شاهه حسن خلاف اٿيا ۽ وڙهيا انهن جو ذڪر مظهر شاهجهاني ۽ تاريخ معصومي ۾ موجود آهي. اهي هي هئا:

1. لاڙڪاڻي وارا ڌاريجا شاهه بيگ ارغون هٿان چيپاٽيا ويا.[1]
2. جتوئي پرڳڻي (هاڻوڪو جيڪب آباد ضلعو ۽ سکر سب-ڊويزن) ۾ رهندڙ جتوئي، بليدي ۽ ڪورائي ٻروچن کي شاهه بيگ ارغون 927هه ۾ 42 پروسي جوڳا ماڻهو موڪلي مارائي ڇڏيو. اهي 42 ماڻهو مختلف ڳوٺن ۾ وڃي ترسيا ۽ اڱوات رٿيل وقت تي دولاب سان سمورن لائق ٻروچ اڳواڻن کي انهن ماري ڇڏيو.[2]
3. اهو سڀ ڪجهه پوڻ باوجود اپر سنڌ (سِري) جي ٻروچ قبيلن شاهه حسن جي سڄيءَ راڄپ دوران ويڙهه جاري رکي. نتيجي ۾ مير شاهه محمد ارغون انهن جي انقلاب ۽ آزاديءَ جي ڏپ ۾ پرجي 1552ع ۾ ٻروچن ۽ ٻڙدين کي دٻائڻ (Pressuring) شروع ڪيو.[3]
4. لاڙڪاڻي جا ڌاريجا، جيڪي شاهه بيگ ارغون هٿان چيپاٽيا ويا هئا، ترت ئي وري اُٿيا. سلطان محمود جي مُک گهر (Headquarter) جو گهيرو ڪيائون ۽ ڇهن مهينن جي ويڙهه کان پوءِ بي هٿيار ڪيا ويا ۽ ڪين ٻکر قلعي جي مناري تان اڇلائي ماريو ويو. ان مناري کي هن واقعي کان پوءِ "برج خون" جو نالو ڏنو ويو. معصومي وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته ڌاريجن جي اڳواڻ شاهه حسن جي آڏ مڃي پر انهن 47 ئي اڳواڻن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو.[4]
5. مگسيجا، هڪ ٻيو قبيلو پڻ شاهه حسن ارغون خلاف سندرو ٻڌي بيٺو. گنبٽ ۽ پُوچَر قلعن جو گهيرو ڪيائون ۽ اتي موجود شاهه حسن ارغون جي نائب مير عادل جي سيني سپاهين کي ماري ڇڏيائون.[5]
6. ٻيا قبيلا جن ويڙهه جاري رکي اهي ٻکر سرڪار ۾ ٺڪر پرڳڻي يعني شهدادڪوٽ ۽ ڳڙهي خيري جي جبلن ۾ رهندڙ سميجا، ٻگهيا ۽ لاکيار هئا. نصرپور سرڪار جا سميجا ڏل.[6] هالا جي الهندن جابلو علائقن يعني

---

[1] مظهر شاهجاني (فارسي) ص 6
[2] حوالو ساڳيو (ح س) ص 14 ۽ 15. تاريخ معصومي (فارسي) ص 124 ۽ 125
[3] تاريخ معصومي (فارسي) ص 185
[4] مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 6-9
[5] تاريخ معصومي (فارسي) ص 123
[6] مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 10
[7] ح س. ص 17
[8] ح س. ص 36


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٽڙي تعلقي جي ٽڪرين ۾ رهندڙ شورا ذل ۽ ٻروچ ۽ چانڊڪا پرڳڻي يعني قنبر سب-ڊويزن ۾ رهندڙ ٻگهيا. سانگي ۽ ابڙا ۽ سمورا سميجا پڻ ان جنگ ۾ شامل هئا.

7. شاهه بيگ ارغون بکر قلعي ۾ رهندڙ سمورن سميجن ۽ ترڪن جا گهر ڀڃائي ساڙائي ڇڏيا ته جيئن انهن گهرن جي سڙيل سِرن مان نئون قلعو جوڙائي سگهجي.

8. ڊسمبر 1523ع ۾ شاهه بيگ ارغون بکر کان سِيوستان (سيوهڻ) روانو ٿيو. راهه ويندي سنڌونديءَ جي ٻنهي ڪنارن جي رهاڪن کي سزائون ڏيندو ويو. هُو 15 ڏينهن سيوهڻ ۾ ترسيو ۽ هن علائقي جي قبيلن کان پاڻ کي "مطمئن" سمجهندي ٺٽي ڏانهن وڌيو.

9. نومبر 1524ع يا 929هه ۾ اُباوڙي ۽ ڀِٽا واهڻ (رحيم يار خان جي اتر ۾ 10 ميل) جا ڏهر ۽ ماڇي ۽ ٻروچ ٻه ارغونن جي خلاف اٿي پيا ۽ ماٿيلي پرڳڻي جي ڳوٺاڻن کي هيسائڻ شروع ڪيو. انهن کي ڇيپاٽيو ۽ انهن مان گهڻن کي تلوار حوالي ڪيو ويو.

10. 927هه ۾ شاهه بيگ باغبان جي ماڇين جو گڏيل ڪوس ڪيو ڇو ته انهن آڻ مڃڻو ڏنُ نه پئي ڏنو. حقيقي سبب اهو هو ته اهي مخدوم بلاول جا پوئلڳ هئا جيڪو جيئن اڳ بيان ڪيل آهي ته اهو پهريون ماڻهو هو جنهن شاهه بيگ ارغون خلاف رنڊڪ ويڙهه کي منظم ڪيو.

11. 929هه ۾ سِرائي ٻروچ ۽ مَهر اُٿي کڙا ٿيا ۽ ڀَٽي واهڻ ويجهو بابا احمد خلاف وڙهيا ۽ نيٺ ان کي ماريائون.

12. 921هه ۾ شاهه بيگ ارغون هڪ هزار گهوڙسوار سپاهي موڪليا جن باغبان ۽ گهاها (Kahan/Ghaha) کي ساري ناس ڪيو. قرلٽ ۾ هارين جا هڪ هزار اُٺ هٿ ڪيا ويا جيڪي نارن وسيلي پاڻي ڇڪيندا هئا.

شاهه حسن ارغون پاران ايندڙ ٻن ڏهاڪن لاءِ جنگ جاري رهي، تان جو 17-مئي 1540ع تي شير شاهه هٿان هار کائي سنڌ ۾ اچي لِڪو. همايون (Humayun)

[1] مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 44
[2] ح س. ص 15 ۽ 16
[3] ح س. ص 6
[4] تاريخ معصومي (فارسي) ص 127
[5] ح س. ص 144 ۽ 145
[6] ح س. ص 119


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متان سنڌ کي سائو ستابو ڏسي، اها قبضي ۾ ڪري، انهيءَ پوَ کان شاهه حسن ارغون فصلن کي ساڙيندي، ڳوٺن ۽ شهرن کي تباهيندي ۽ اچ وڃ (ڳنڍپ، ڪميونيڪيشن) جي سمورن ممڪن رستن کي خراب ڪندي سڄي ڏيهه کي ويران ڪري ڇڏيو، جيئن همايون هتي پير ڄمائڻ جو جتن ئي نه ڪري. شاهه حسن ارغون سنڌ کي ناس ڪرڻ جو سرشتو جوڙيو، جيڪو هن طرح هو:

1. رڳو اهو ٻڌي ته همايون هار ڪاڏي آهي (17-مئي 1540ع) ۽ ان ڏِس ۾ وڃي ته متان هُو سنڌ ڏانهن اچي، اُچ کان بکر تائين سنڌونديءَ جي ٻنهي ڪپرن تي سڄي ڏيهه کي سُڃو ڪيو ويو ۽ هن جي هار جي پڪي خبر پوڻ کان پوءِ بکر کان سيوهڻ تائين سُڃ ڪئي وئي،[1] جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته ربيع جو فصل تباهه ڪيو ويو ۽ خريف پوکڻ جي موڪل نه ڏني وئي.
2. 947هه (1541ع) ۾ همايوني سپاهين جي سنڌ مان گذرڻ مهل آسماني آفتون، جيئن مختلف بيماريون، اچي سنڌ تي ڪڙڪيون. ساڳي سال (يعني نومبر 1541ع کان فيبروري 1542ع) واري سياري ۾ لابن ۽ فصلن کي ڳري نقصان سبب، جيئن اڳ ٻڌايو ويو آهي، اُچ کان سيوهڻ تائين، انتهائي خطرناڪ ڏڪار اچي منهن ڪڍيو. ڏڪار ايڏو ته بدترين هو جو ان جهڙو اڳ شايد ئي ٿيو هجي، ايتري قدر جو ماڻهو ماڻهوءَ جو ماس کائڻ لڳو. ايئن به ٿيو جو ڪچو چَم/کل ۽ پراڻو چوڙو اُٻاري کاڌو ويو.[2]
3. 28-رمضان 947هه (27-جنوري 1541ع) تي شهنشاهه (همايون) جا تنبو/خيما روهڙي موڪليا ويا ۽ شهنشاهه ٻيرلوءِ ۾ اچي ڏاڍو ڪيو. بکر جي حاڪم/گورنر سلطان محمودَ شاهه حسن جي آکي/ٽيڪي تي بيٺل ربيع جي فصل کي ساڙائي بکر چوڌاري زمين کي ويران ڪري ڇڏيو.[3]
4. 17-رجب 948هه (6-نمبر 1541ع) تي همايون سيوهڻ قلعي ٻاهران ڏاڍو ڪيو پر سندس پهچڻ کان اڳ شاهه حسن جي ڪماندرن ان قلعي جي چوَڦير باغن ۽ جاين کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو. اهو گهيرو ست مهينا رهيو جنهن سيني ڏرين جي بدقسمتيءَ/نياڳ ۾ واڌارو ئي ڪيو.[4]
5. همايون جا سپاهي، ڳٽپ ۾ 2-لک، لنگهڻ/بک کائڻ لڳا جنهنڪري شاهي لشڪر سڄي سنڌ ۾ ٽڙي پکڙي ويو.[5] ظاهر آهي ته ان جي نيت ڦرلٽ ۽ قتل

[1] تاريخ معصومي (فارسي) ص 166
[2] تاريخ معصومي (فارسي) ص 170
[3] تاريخ طاهري (فارسي) ص 140-141
[4] تاريخ معصومي (فارسي) ص 167-168
[5] ح س، ص 172-173
[6] ح س، ص 175


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪاري ملازم هجي يا عوامي پاتي؛ هُو ان جو سمورو مال متاع قري/ڪسي وٺندو هو. هن پنهنجيءَ حڪمرانيءَ دوران غريب ڳوٺاڻن جو سمورو فصل ڪسي ورتو پئي. گهڻن سنڌي عالمن جي ڪڇ، گجرات، برهانپور ۽ حجاز (عرب) ڏسنهن لڏپلاڻ ۽ اڳواڻ وڻجارڪ برادري يعني ميمڻن جي سنڌ مان ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ڏانهن لڏپلاڻ بڌائي ٿي ته اها ماراماري صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين جاري رهي. انهن لڏي ويلن جا پويان/پوير (Descendents) لڳ ڀڳ چئن صدين کان پوءِ سنڌ ڏانهن موٽيا.

سنڌ جا ڪجهه قبيلا جيئن جاڙيجا (Jadejas)، جورا سما، ڪتري، سنگهار، لهاڻا ۽ ميمڻ وغيره ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ رهيا. جاڙيجا پرمار ڪڇ ۾ رهندڙ سنڌ جي سما راجپوت حڪمرانن جا پوير آهن. ڪتري، ڪوري/ڪپڙو تجيندڙ هئا جيڪي 16 ۽ 17 صدي ۾ سنڌ کان سُورت لڏي ويا. سورت انهن لاءِ مناسب/جوڳو ثابت ٿيو. چو ته اتي يورپ لاءِ ڪپڙي جي گُهر گهڻي هئي. ڪپڙي جي اها ئي گهر هئي جو 1635ع ۾ انگريزن ٺٽي ۾ ڪوٺي (Factory) قائم ڪئي. هندو توڙي مسلمان سنگهار سنڌ جا آهن جن لڏپلاڻ ڪئي ۽ ڪڇ جي نار ۾ وڃي آباد ٿيا. لُهاڻا پڻ هندو اهن ته مسلمان به. مسلمانن کي ميمڻ به سڏيو وڃي ٿو.[1] ميمڻن مان گهڻن ۽ ٻين قبيلن 1947ع کان پوءِ سنڌ ڏانهن موٽ ڪاڏي. عجيب ڳالهه آهي ته اهي اڄا تائين ڪڇي يا ميمڻڪي ڳالهائن ٿا جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو ئي هڪ محاورو (Dialect) آهي.

ترخان سردارن جي وچ ۾ دشمني سبب ايندڙ 35-ورهن دوران سنڌ ۾ امن نه ٿي سگهيو ۽ لوڙيندڙ اوس سنڌي/مَقامي ماڻهو هئا.

سڄي ترخان دَور ۾ قبيلن ويڙهه جاري رکي. اڏ رات جو سميجا انڙن مرزا باقي ترخان جي هيڙيءَ ۽ سپاهين تي راتاهو هنيو. مرزا هڪ ڊونديءَ ۾ پيچي جان بچائي، پر پل وچان هن جي زال، ناهيد بيگم جي ڏي رائجه بيگم کي مرزا باقي سمجهي ماريو ويو معصومي لکي ٿو ته اهي هيئين سنڌ (لاڙ) تي حڪمراني جي دعويدار جان بابا ترخان، جنهن جُلهه/هلان جو بِلو ڪيو. پاران گڏ ڪيل سميجا ۽ عمر/امر ڪوٽ جا سوڍا قبيلا هئا.

ارغونن ۽ ترخانن خلاف سنڌي قبيلن جي جدوجهد بيگلارنامي ۾ بيان ڪيل آهي. خانِ زمان کي، جنهن مرزا شاهه حسن ارغون ۽ ترخان مرزاعن ـــ عيسىٰ، جان بابا، باقي، جاني بيگ ۽ غازي بيگ ـــ جي نوڪري ڪــي.

---

[1] ميرچندائي، بي.ايس. JSHS (جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي)، جلد7، حصو 4، آڪٽوبر 1945ع
[2] مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 90


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجيءَ جوانيءَ توڙي پوڙهائپ دوران سنڌ جي ويڙهاڪ قبيلن سان منهن ڏيڻو هو. مثال طور:

1. شاهه حسن جي مرڻي کان پوءِ ارغونن ۽ مرزا عيسىٰ جي وچ ۾ هلندڙ جهيڙي ۾ جاڙيجن ۽ راهمن [ Rahumas (Rahujas)] جي هڪ حيثيت آهي.[1]
2. سنڌ جي ڪجهه قبيلن جيئن سميجن، هگورن، جوڻيجن ۽ انڙن مرزا باقي خلاف گهرو-ويڙهه ۾ مرزا جان بابا جي مدد ڪئي.[2]
3. جڏهن بکر جي سلطان محمود مرزا جان بابا جو پيڇو ڪيو تڏهن ريل (rail) وارن انڙن سلطان محمود سان ڏاڍيون جونُون ڪاڙيون.[3]
4. جان بابا جي مرڻي کان پوءِ خانِ اعظم کي راهوپوٽن، هگورن، ڏيپارجن ۽ سهتن سان وڙهڻو پيو.[4]
5. مرزا باقي جي حڪمراني دوران هن خلاف ڪڪرالي جو کور مُوباني ( Khor Mubani) قبيلو ميدان تي آيو.[5]
6. 989هه (1581ع) ۾ مرزا باقي پاران خانِ زمان کي مقرر ڪيو ويو ته انڙن کي منهن ڏي.[6]
7. سميجا انڙ ۽ جوڻيجا 1000هه (1591ع) گذرڻ کان پوءِ به اجا ويڙهه جاري رکيو پئي آيا. انهن پنهنجون بنيون ڇڏي ڏنيون، جو آيو تنهن کي رُنبي رکندا ۽ مسافرن کان ڦُر ڪندا هئا.[7]
8. 970هه (1562ع) ۾ مريد بلوچ، هٿان مرزا صالح مارجي ويو مريد جي مائٽن کي مرزا صالح مارايو هو.[8]
9. مرزا عيسىٰ ۽ سندس پٽ جان بابا، مرزا صالح ۽ جان بابا، ۽ مرزا باقي ۽ جان بابا جي وچ ۾ دشمنيون موجود هيون. انهن اهڙو بکيڙو (Turmoil) پيدا ڪيو جنهن ۾ سنڌي قبيلن انتهائي ڦڙتي/چستي سان ڪم ڪيو ۽ هڪ خلاف ٻي جي مدد ڪندا رهيا.[9]

---

[1] بيگلارنامو (فارسي) ص 41، 46 ۽ 47
[2] بيگلارنامو (فارسي) ص 66، 71، 76، 77، 80 ۽ 92
[3] ح س، ص 96 - 100
[4] ح س، ص 130، 134
[5] ح س، ص 197
[6] ح س، ص 210 - 212
[7] ح س، ص 261
[8] تاريخ معصومي (فارسي) ص 208
[9] ترخان نامو (فارسي) ص 47
[10] ح س، ص 46 - 49


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ حسن ارغون کي ڏاڍو علم دوست ماڻهو بيانيو وڃي ٿو جيڪو شاعرن، عالمن، بزرگن/اڪابرن (Saints) کي پنهنجي ويجهو ۽ دربار ۾ رکڻ پسند ڪندو هو. تاريخي سچائي اها آهي تہ سنڌي منتظم، عالم، اڪابر، شاعر يا وڻجارڪ شاهہ حسن پاران مچايل ڦرمار جي ڪري پيدا ٿيل حالتن سبب سنڌ ڪان لڏڻ تي مجبور ڪياويا ۽ انهن جي جاءِ والارڻ لاءِ ٻيا وچ ايشيا کان آيا جيڪي فاتح لاءِ مناسب هئا. سڄي ارغون ۽ ترخان حڪمراني دوران مقامي عالمن جِي انڊيا جي ٻين هنڌن ڏانهن لڏپلاڻ ۽ ايران ۽ وچ ايشيا کان انهن جي عيوض ۾ ايندڙن جو سلسلو 1591ع تائين جاري رهيو.

سيد محمد متيع الله برهانپوري جي ڪتاب "برهانپور جا سنڌي اولياءَ" ۾ سنڌ جي ڪجهہ بزرگن/اڪابرن/وليَن جي لڏپلاڻ جو ذڪر موجود آهي، جنهن مان ڪجهہ هيٺ ڏجي ٿو:

1. قاضي عبدالله بِن/پٽ قاضي ابراهيم 937هہ (1530-1531ع) ۾ گجرات ڏانهن لَڏي ويو. (اخبارالاخيار ص 280 جي بنياد تي مقرر ڪيل)
2. شاهہ جهانگير هاشمي حجاز (عرب) ڏانهن روانو ٿيو پر دڳ ۾ ٺي ڦورن هٿان مارجي ويو.
3. توڙي جو قاضي قاضن شاهہ حسن جي چاڪريءَ ۾ آيو پر حالتن کي ڏسندي مديني لاءِ اسهيو.
4. مولانا شيخ عبدالله پٽ مولانا سعاد سنڌي دربيلي وارو 947هہ (1540ع) ۾ گجرات ڏانهن روانو ٿيو ۽ اتان پوءِ مديني ڏانهن اسهيو. هي اهو سال آهي جڏهن همايون جي اچڻ جي ڏِپ ۾ شاهہ حسن اُچ کان سيوهڻ تائين سنڌو جي ٻنهي ڪنارن جي ايراضيءَ ۾ پينگ ڪرائي ڇڏي. (پڻ ڏسو .f.n نمبر 3.) ان ڳالهہ جي تائيد فارحي جي "ڪشف الحقائق" ۾ بہ ملي ٿي.
5. 950هہ (1543-1544ع) ۾ شيخ قاسم ۽ شيخ طاهر، مسيح الاولياءَ جو پيءُ ۽ چاچو پاٽ کان گجرات، ان کان پوءِ بِرار ۽ نيٺ برهانپور لڏي ويا. ايئن سنڌ ۾ همايون جي اچڻ ۽ هلڻ جي ڪري پيدا ٿيل ڏڪار ۽ مرضن جي ڪري ٿيو.
6. 962هہ (1555ع) ۾ مرزا عيسىٰ ترخان پاران سيوهڻ جي گهيري مهل سيوهڻ جا ڪيترائي عالم ماڻهو بيمار ٿي پوڻ جي گجرات ۽ پوءِ ڏکڻ هندستان لڏي ويا، جتي وڃي منعم خان جا ملازم ٿيا.
7. ڪي ٻيا بزرگ مختلف ايراضين ڏانهن لڏي ويا: شيخ طيب (مرڻو 991هہ يا 1583ع)، شيخ ابراهيم ڪلهوڙو (مرڻو 956هہ يا 1549ع)، شيخ ابراهيم پٽ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمر (987هه يا 1580ع ۾ لڏيائين)، شيخ مبارڪ سنڌي (مرڻو 988هه يا 1580ع)، شيخ حڪيم عثمان بوبڪاني (982-983هه يا 1575ع لڏيائين)، شيخ موسيٰ بوبڪاني (947هه يا 1540ع لڏيائين)، شيخ ابراهيم قوي شٽاري سنڌي (991هه يا 1583ع)، شيخ ابراهيم بکري (مرڻو 998هه يا 1590ع)، شيخ لاڏ جِيو سنڌي (مرڻو 1007هه يا 1598-1599ع)، شيخ اسحاق قلندر (947هه يا 1540-1541ع ۾ گجرات ڏانهن لڏيائين، پوءِ بِرار ۾ نيٺ 958هه يا 1551ع ۾ برهانپور) ۽ شيخ صالح سنڌي (مرڻو 1008هه يا 1599-1600ع).

انهن جي لڏپلاڻ جا سال انهن بدترين واقعن وارن ورهن سان ٺهڪي اچن ٿا جيڪي ارغون ۽ ترخان ڏورن ۾ سنڌ اندر ٿيا.

1591ع ۾ اڪبر جو شاهي لشڪر بکر کان ٺٽي ڏانهن وڌيو ته جيئن لاڙ کي فتح ڪري سگهي. حالتون پوءِ به نه سڌريون توڙي جو 1575-1591ع تائين بکر کي پاڻ سان ڳنڍيو ويو. جڏهن سڄي هيٺين سنڌ (لاڙ) جيتي وئي، بيان ڪيل اهي ته، هيٺيان واقعا ٿيا:

1. 1575ع ۾، اڪبر شهنشاهه پاران بکر جي حاڪمي (Governorship) مير عادل جي حوالي ڪئي وئي. هن بنين جي ڍل جي شرح تمام گهڻي مقرر ڪئي جنهنڪري ڪَڪڙ (ضلعي دادو) جا مڱيچا اٿي پيا ۽ ڪيترن ئي ڍل اڳاڙيندڙ آفيسرن ۽ ٻين ملازمن کي قتل ڪري ڇڏيائون. ان ڪري مڱيچا قبيلي کي ان اراضيءَ مان ڪڍي ڇڏيو ويو؛
2. 1580ع ۾، ڏاريجا قبيلي پاڻ کي الور ۾ مورچيبند ڪيو ۽ مَڌوداس (Madhvdas)، توڊر مل جي هڪ مائٽ ۽ بکر جي نگران حاڪم (Governor)، خلاف به ٽي لڙايون وڙهيا جنهن ۾ ٻنهي ڌرين کي ڳرو جاني نقصان رسيو؛
3. نومبر-ڊسمبر 1587ع ۾، اڪبر پاران بکر ۾ مقرر ڪيل حاڪم، نواب صادق خان سيوهڻ تي ڪاهيو پر ان تي قبضي ۾ ناڪاميءَ سبب ("اڪبرنامه"، جلد 3، ص 715) نصرپور ڏانهن وڌيو، ڦرلٽ ڪري بکر موٽي آيو؛
4. 1585ع ۾، اڪبر شِرَويا سلطان کي بکر جو حاڪم مقرر ڪيو. هن جي راجوٽي ۾ تشدد ۽ ظلم حدون اورانگهي ويو.

---

[1] تاريخ معصومي (فارسي) ص 245-246

[2] ح س. ص 247

[3] ح س. ص 248

[4] ح س. ص 249-250



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو اڃا سوڌو هڪ راز ٿيو پيو آهي ته ڇو اڪبر اها ڪوشش ٿي ڪئي ته لاڙ ۾ ننڍڙي ارغون بادشاهت کي ختم ڪري، توڙي جو ارغون به هن جيان منگول هئا ۽ هن سان امن پريا سهڪاري ناتا جوڙڻ لاءِ تيار هئا. ايراني دستاويز پڙرو ٿا ڪن ته شاهه عباس صفوي جي انڊيا ڏانهن پرواڌ (expansion) بابت اڪبر ڏاڍو شڪ پريو هو ۽ هن چاهيو پئي ته ويجهي ۾ ويجهي ٻهرچوڪي (out post) يعني ٺٽو پنهنجي مڪمل قبضي هيٺ آڻي رکي. شهنشاهه جي لشڪر کي منهن ڏيندڙ هن ننڍڙي بادشاهي جي ويڙهه لاڳيتو هڪ ورهه هلندي رهي ۽ پنهنجي اڳتي وڌڻ کي لاڳيتو ملول/مايوس/موڳو ڪندي رهي. اڪبر جي سپاهين کي هيٺين سنڌ جي حدن کي گهٽائڻ لاءِ هڪ ورهه کان وڌيڪ وقت لڳي ويو جو لڪي وارا ٽڪر هيٺين سنڌ ڏانهن وڌڻ جي ڪُنجي هئا. لڪي جي اولهائن جبلن ۾ بلوچ، نومڙيا (نهمردي)، جوکيا ۽ جت قبيلا ويندي ڪيچ مڪران تائين موجود هئا ۽ اوير ۾ ندي هئي جنهن جي پريان سميجا ۽ نوا (Nawa) قبيلا رهندا هئا جيڪي ويندي امر ڪوٽ جي وارياسن ٽڪرن/پِٽن تائين پکڙيل هئا. انهن ٻن قبيلن ڪڏهن به ڪنهن حاڪم کي نه مڃيو هو. انهن ٻن طرفن کان ڪنهن لشڪر جو وڌڻ عمل جوکو نه هو، معصومي لکي ٿو ته جاني بيگ پاران لڪي ٽڪرن کي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ خانِ خانان کي سوڀ جي پڪ ٿي وئي پر هو اهو سبب نه ٿو ٻڌائي ته ڇو شاهي لشڪر متبادل دڳ نه وٺي سگهيو. اهو ٿي وقت هو جنهن ۾ هيٺين سنڌ هڪ پيرو وري پوريءَ طرح پينگ ڪئي وئي. ان صديءَ جي منجهڻ مهل سنڌ جو سچو مٿاڇرو ڪيترائي پيرا مَنجي چڪو هو.

1592ع ۾ ٺٽي جي فتح کان پوءِ سڄي سنڌ اڪبر جي قبضي هيٺ اچي وئي ۽ هن جي مرڻ تائين (1605ع) هيٺيان واقعا ريڪارڊ ڪيل آهن:

1. 1591ع کان 1599ع تائين (1001 - 1007هه)، جڏهن بختيار بيگ ترڪمان سيوهڻ جو صوبيدار هو، ٽاڪرو قبيلن — نومڙين ۽ نوحاڻي ٻروچن — اڪبر آباد (سَمتاڻي) جي ماڇين تي ۽ سميجا انڙن تي لشڪر چاڙهي ويو ۽ انهن مان ڪيترن کي ٿي ڪُهڻ کان پوءِ انهن جي اڳواڻن مان ڇهن ڄڻن — پَريو، بودلو محمود، فريد، جيوندي (Jiwandi) ۽ جوڏو — کي گرفتار ڪري مٿن ڏنڊ مڙهيو.[1]
2. 1591ع کان 1599ع تائين بکرُ خانِ اعظم جي جاگير طور رهيو. هن جي ايلچي مرزا عزيز ڪوڪا ۽ ان جو پٽ مرزا انور ان ڪليل ويڙهه ۾ هارجي ويا

[1] تاريخ طاهري (فارسي) ص 181-182
[2] مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 91-97


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا چاندين قبيلن ڪئي. نيٺ سيوهڻ جي صوبيدار بختيار بيگ ڪي وڏو لشڪر وڌائڻو پيو تہ جيئن چاندين کي شڪست ڏئي سگهي.[1]

3. 1598ع ۾، جڏهن بختيار بيگ موتمار بيماريءَ ۾ ورتل هو، بکر ۽ سيوهڻ سرڪار جا سمورا قبيلا حڪمرانن خلاف سنبري اٿيا ۽ انهن امن پسند ۽ حڪومت ڏانهن لڙيل ماڻهن تي (جن حڪومت آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا هئا) ڪاهه ڪئي ۽ انهن جا ڳوٺ ۽ فصل ساڙي ڇڏيا. جيئن تہ حڪومت انهن جي آزاديءَ/بچاءَ لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو، آزاريل/ستايل پنهورن ۽ ڪوريجن 5-هزار گهوڙسوار ۽ پيادا گڏ ڪيا تہ جيئن سميجا انڙن جي 5-6 هزار سپاهين سان ڳچيرا (تعلقو مورو) ۾ خونخوار ويڙهہ وڙهي سگهن. سميجن کي هار ملي ۽ سندن اڳواڻ پَريو ڪُسجي ويو.[2]

4. جڏهن خواجہ نورالدين کان ڪاروي سيوهڻ جو صوبيدار مقرر ٿيو تہ هن هڪ لشڪر پنهنجي ياءُ تيمور بيگ جي اڳواڻيءَ هيٺ سميجن کي چيپاڻڻ لاءِ موڪليو. سميجن هن کي شڪست ڏني ۽ هن جڏهن وِرجا قلعي وٽي پناهہ ورتي تہ هنن ان جو گهيرو ڪيو ۽ پرپاسي ايراضيءَ جي سڄي خريف فصل تي قبضو ڪيو. پوءِ جڏهن ڳهاڻا (ڪاهان) کان مدد پهتي تڏهن سميجن گهيرو ختم ڪيو ۽ ٽڙ ڏانهن پٺي ويا.[3]

5. خواجہ نورالدين کان پوءِ سيوهڻ شيخ موسيٰ گيلاني جي جاگير ۾ آيو. هن پنهنجي پٽ جان محمد کي سيوهڻ سرڪار تي حاڪمي لاءِ موڪليو. حڪومت-مخالف قبيلا ايذا تہ سگهارا ٿي چڪا هئا جو هُو تہ مورڳو شڪار لاءِ بہ سيوهڻ قلعي کان ٻاهر نہ نڪري سگهندو هو ڇو تہ اهڙا امڪان موجود هئا تہ هيڏانهن هي نڪتو ۽ هوڏانهن هو اچي ماڻهن جو ڪوس ڪرڻ لاءِ پهتا.[4]

6. شيخ موسيٰ گيلاني جي بدليءَ کان پوءِ سيوهڻ قرهہ بيگ جي جاگير ۾ آيو جنهن پنهنجي نمائندي کي حاڪم ڪري موڪليو. هن جي مُدي دوران سيوهڻ قلعي ۾ ويڙهہ ٿي. هڪ سنڌي جان محمد، جاگيردار جي شقدار آقا محمد کي قتل ڪرڻ کان پوءِ قلعي جي پٽ پچي پچي ويو.[5] اهو واقعو لڳ ڀڳ 1008هہ ۾ ٿيو ڇو تہ قرهہ بيگ کان پوءِ مير نمڪين کي 1008هہ يا 1009هہ (1601ع) ۾ مقرر ڪيو ويو.

---

1 مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 97-102
2 ح س. ص 103-105
3 ح س. ص 105-107
4 ح س. ص 107
5 ح س. ص 107-108


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7. قرهه بيگ جي بدليءَ کان پوءِ سيوهڻ پير غلام جي جاگير هيٺ ڏنو ويو. هن جي ايامڪاريءَ ۾ سميجا اٺرن جي هڪ بغاوت چيپاڻي وئي، بي هڪ موقعي تي باغبان پرڳڻي جو سميجا قبيلو ڪاڇي (جوهي ۽ ڪَڪڙ) جي چاندين سان ٻانهن ٻيلي ٿيو پر دٻايو ويو. نومڙين کي پڻ دٻايو ويو.[1]

متي ڏنل ڳالهين مان پڌرو آهي ته 16-صدي دوران هر هر لڳ ڀڳ سمورا ڳوٺ ساڙيا پئي ويا. سمورا ادارا ــــ مذهبي، تعليمي يا سماجي ــــ تباهيا پئي ويا ۽ سنڌين جي سموري ملڪيت ڪانئڻ زوريءَ کسي پئي وئي. ڪو به مقامي ڪتاب بچي نه سگهيو. ڪو به عالم نه رهيو نتيجي ۾ سنڌين کي اٿپڙهيل ماڻهن جي ميڙ ۾ بدلايو ويو. شهرن کي پرڏيهي والاريو ويا هئا. تعليمي ادارن تي انهن جي حاڪمي هئي. تعليمي، سماجي ۽ ثقافتي سرگرميون، حڪومتي نوڪريون ۽ ملازمت جا موقعا شهرن ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ هئا جيڪي سنڌي ماڻهن جا دشمن هئا. ان ڪري، سنڌي ٻوليءَ جو معمولي ريڪارڊ ملي ٿو جيڪا ڄام نندي جي مرڻي مهل تائين ڏاڍي سٺي ترقي ڪري چڪي هئي. ان زماني جا ڪجهه سلوڪ ۽ بيت محفوظ رهجي ويا آهن ۽ اهي ان جي اوسر جي اوچيءَ سطح جي نشاندهي ڪن ٿا نون آيل ماڻهن کي، جيڪي بکر، سيوهڻ، نصرپور ۽ ٺٽي جهڙن شهرن ۾ اچي آباد يا هئا، گهڻا ئي موقعا ميسر هئا پر انهن وٽ مقامي ڌرتيءَ ۽ مقامي ماڻهن سان لاڳاپي جي کوٽ هئي. انهن جي ذهني رويي جي دڪدائڪ حالت سنڌن ان سُڃي شاعريءَ مان پڌري آهي جيڪا ماڻهن کان ڪَٽجي رهڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿي. اهي گل ۽ بلبل جي شاعري ڳائيندا رهيا جيڪي سنڌ ۾ اڻلڀ هيون ۽ جن ايران ۽ وچ ايشيا ۾ وجود رکيو ٿي.

ڪو به اهو سوچي سگهي ٿو ته اڪبر پاران سنڌ تي فتح سنڌ جي ماڻهن لاءِ ساهتا/آرام (relief) ڪٿي آڻي هوندي پر اهو سچ نه ٿو ٿي سگهي. سنڌ جي حالتن جا مڪمل پاريتا تاريخ مظهر شاهجهاني (1635ع ۾ لکيل) ۾ موجود آهن ۽ ان کان پوءِ 1635-1662ع وارا احوال انڊيا جي فئڪٽري/ڪمپني ريڪارڊ ۾ موجود آهن. مغلن پاران سنڌ تي فتح سنڌ ۾ جاگيرداري جو نئون سرشتو سجاڳايو. حاڪمن/گورنرن، صوبيدارن ۽ ٻين ملازمن کي پگهارون نه ملنديون هيون، پر ان جي بدران سنڌ جون ايراضيون جاگير ڪري ڏنيون وينديون هيون. آفيسرن جي هر هر بدلي ۽ جاگيرن جي هر هر هڪ کان ٻي ڏانهن منتقلي جي نتيجي ۾ زمين جي سڌاري لاءِ دلچسپي ختم ڪري ڇڏي ۽ جاگيردار رڳو ان

---

[1] مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 109-110

[2] ح س، ص 110



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش ۾ هوندو هو تہ پنهنجي اياماڪاري دوران ان مان گهڻي ۾ گهڻو نفعو ڪمائي سگهي. اها بہ عجيب ڳالهہ آهي تہ جَهانگير ۽ شاهجهان جي حڪمراني دوران سنڌ جا ڪيترا ئي مغل حاڪم انتظام ۽ ان سان گڏ جاگيرن جي سنڀال جي سلسلي ۾ جڏا/نالائق هئا ۽ انهن اهو وڏيڪ پسند پئي ڪيو تہ پنهنجون جاگيرون پَٽي تي اجا بہ ڪنهن ٽين ڌر جي حوالي ڪن جيڪا وري ڳرا محصول/ڍلون وصول ڪندي هئي. انهن صوبي تي حاڪمي پڻ بدتر نموني هلائي. جَهانگير جي راجوڻي دوران پڻ سنڌي قبيلا مغل والار خلاف گڏجي سڏجي وڙهيا، جيئن انهن 1519ع کان وٺي ڪيو پئي. 17 صدي ۾ جهانگير جي راجوڻي دوران مغل حاڪمن ۽ مقامي قبيلن جي وچ جهيڙي جو احوال هن طرح آهي:

1. 1608-1607ع (1016هہ) ۾ سردار خان (مرزا غازي بيگ جي صوبيدار) جي لشڪر کي سميجا گهوڙسوار سپاهين سان ٽڪرائڻو پيو ۽ ان جا 500 سپاهي مارجي ويا.
2. سردار خان جي بدليءَ کان پوءِ سيوهڻ پير غلام جي جاگير ۾ ڏنو ويو. هن جي اياماڪاريءَ ۾ لاکا ۾ سميجا انڙن ۽ ڳچيرو ۾ سميجا ٻگهين جون بغاوتون ٿيون. انهن کي دٻايو ويو پر نصرپور ويجهو سعيد ڳڙهہ قلعي وٽ سڀ کان وڏي ويڙهہ ٿي جنهن ۾ 2-هزار سميجا مارجي ويا.¹ هڪ ٻي موقعي تي 500 سميجا انڙ قتل ٿي ويا.² سميجن ادلي جي بدلي ۾ جهانگير آباد قلعي تي هڪ هزار گهوڙسوارن ۽ 2-هزار پيادن سان چڙهائي ڪئي ۽ 200 ماڻهو ڦيان ڪيا.
3. جڏهن نئي جو صوبيدار تاج خان مُئو تڏهن سيوهڻ جي صوبيدار شمشير خان کي نئي جو صوبيدار مقرر ڪيو ويو ۽ سيوهڻ مير عبدالبقا جي جاگير هيٺ آيو هن کي مختلف قبيلن سان ڪيترين ئي ويڙهيون وڙهڻيون پيون. مثال طور:

الف۔ چانديا ۽ سميجا ٿيبا.³

ب۔ نومڙيا.⁴

ب۔ سميجا انڙن لاکا ۾ 10-15 سپاهي قتل ڪيا ۽ ٻي هڪ موقعي تي اوپرائين رڻ (ٿر) ۾ 40-50 سپاهي ماريائون. پر آخري جهيڙي ۾ 200

---

[1] مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 114-118
[2] ح س، ص 119
[3] ح س، ص 118-122
[4] ح س، ص 123-124
[5] ح س، ص 124


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سميجا انڙ قتل ڪيا ويا ۽ ادلي جي بدلي ۾ سميجن جا 2-3 هزار چوپايا
پڻ ڪُنا ويا.
پ۔ ڪاسائي ڳوٺ ويجهو شورن جي بغاوت.
ت۔ سميجن جي 200 ڳوٺن کي باهه ڏني ساڙيو ويو.

4. خان شمشير خان کي بيو پيرو نٽي جو صوبيدار مقرر ڪيو ويو. هن سميجا ڏيهه (هاٽوڪي نواب شاهه ضلعي ۽ هالا سب-ڊويزن) جي مختلف قلعن ۾ ڊاہو ڪيو ٿي ۽ سپاهين کي موڪليندو هو جيڪي ڌاڙي 50-60 سميجن کي ڪُهي انهن جون مُنڍيون ڪٽي ايندا هئا.

هڪ موقعي تي، شمشير خان چاندين تي چڙهائي ڪئي جو هنن باغبان، گهاها ۽ اڪبر آباد کي تاڙي ورتو هو ۽ اتي پنهنجين تلوارن سان جوار جي فصل جي واڍي شروع ڪري ڏنائون. انهن بوءِ پنهنجي ئي فصل جي پيل/تباهي ٿيندي ڏسي هٿيار ڦٽا ڪيا. ساڳيءَ ئي صوبيداريءَ دوران ڪائِي ۽ نئنگ جي نوحاڻي ہروجن سميجا انڙن جي واهر تي ڪئي. ان ڪري شمشير خان متائن ڪاهه ڪئي جنهن ۾ سردار نتالا، هن جي پٽ ۽ پائرن سميت سندن پنجاهه سٺ ماڻهو ماري ڇڏيا.
شمشير خان جي حڪمراني هلندي ست اٺ سَو نومڙين پيادل سپاهين سيوهڻ کان کي 10 ميل پري ڪڇي ڳوٺ تي ڪاهه ڪئي ۽ ڪجهه ماڻهن کي ماري سندن ڍور ڍڳا ڪاهي ويا. جيئن تہ انهن شمشير خان جي سپاهين جي ڳٽپ ۾ ڪوٽ پيدا ٿي ڪئي ان ڪري شمشير خان ساڻن ان ڳالهه تي سمجهوتو ڪيو تہ اهي سيوهڻ ۽ سَن مان نڪري جبلن ڏي هليا وڃن.

5. شمشير خان ازبڪ کي جڏهن 1025هه (1616ع) ۾ نٽي کان سيوهڻ بدلي ڪيو ويو تڏهن هن ساموَتي ۾ پالي ڳوٺ تي سميجا دلَن (Dals، دَلَ) مٿان ڪاهه ڪئي، ڪيترن کي قتل ڪيو ۽ ڪيترن کي گرفتار ڪيو.
6. هالا ڪَنڍِي پرڳڻي جي انڙن ڊل ڏيڻ کان نهڪر ڪئي ۽ هالا جي ڏکڻ ۾ اٺ ميل پري ڪيبر ويجهو مير حسام الدين مرتضىٰ خان-2 جي سپاهين سان ويڙهه ڪئي ۽ توڙي جو هارائيندا پئي ويا پر ويڙهه بند نہ ڪيائون.

---

[1] مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 125-127
[2] ح س. ص 128
[3] ح س. ص 129
[4] ح س. ص 131-132
[5] ح س. ص 133-134
[6] ح س. ص 136
[7] ح س ص 36
[8] ح س. ص 38-40


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7. ٺٽي جي حاڪم، خصلو بيگ کي شورن ماري ڇڏيو. تنهن کان پوءِ انهن شمشير خان جي سپاهين کي قتل ڪيو ۽ نيرون ڪوٽ تي سنڌن گهيرو ڪيو تان جو شمشير خان شمشير خان اچي ڪوٽ کي آزاد ڪرايو. ٿورڙو نقصان جيڪو ٺٽي جي صوبيدار شمشير ازبڪ هٿان شورن کي پهتو، اهو هي ته جبلن ۾ هڪ ويڙهه دوران سنڌن ڪجهه ماڻهو مارجي ويا.

8. 1225هه (1616ع) ۾ مظفر معموري جي حڪمراني دوران هن جي سپاهين تي شورا ڌل ڇانئجي ويا ۽ شول ڳوٺ ويجهو هن جي ڪجهه ماڻهن کي ماري ڇڏيو.

9. ان کان پوءِ معموريءَ پنهنجي پائٽي کي وڏو لشڪر ڏئي اسماعيل شوري کي چيپاڻڻ لاءِ موڪليو. جيڪو پوءِ هڪ ويڙهه ۾ شاهي فوجن سان وڙهندي مارجي ويو، پر شورن هٿيار ڦٽا نه ڪيا. ساڳي ئي سال سيوهڻ جي حاڪمي لاءِ تيار ڪيل خُشام بيگ جي هڪ مائٽ شاهه خواجه ان جي جاءِ تي ڪم ڪندي ڪيترن ئي سپاهين ۽ ساز سامان سان بيڙا پري سيوهڻ کان روانو ٿيو ۽ ٻِهاڻ پٽڻ وٽ لهي خاصائي شورا ڳوٺ تي ڪاهه ڪئي ۽ دائود شوري جي ڪيترن ئي ماڻهن کي ڪُهي ڪيترن کي ئي گرفتار ڪيو جن ۾ دائود شوري جي زال به هئي. دائود ان کان پوءِ ئي سمجهوتي لاءِ سيوهڻ آيو.

10. شورا اڃا به وس هيٺ نه آيا چو ته 1028هه (1619ع) ۾ ٺٽي جي صوبيدار سيد بايزيد بخاري کي لشڪر ساڻ ڪري اسماعيل شوري جي پٽ جهونجهار (Junjar) جي ڳوٺ جو گهيرو ڪرڻو پيو. ڪيترن ئي مردن کي قيد ڪيائين ۽ سنڌن ڍور ڍڳا ۽ ملڪيت ڪسي ورتائين.

11. سيد بايزيد بخاري، ٺٽي جي گورنر، پنهنجي ماروٽ شاهه محمد جي اڳواڻي هيٺ ساڪرا پرڳڻي (ٺٽي ۽ ڪراچي ضلعن جي ٿاڪرو ايراضي ۽ ساڪري تعلقي تي ٻڌل) جي ڪَلمتين ۽ جوکين کي چيپاڻڻ لاءِ لشڪر ڏئي روانو ڪيو پر هُو هڪ ويڙهه ۾ پنهنجن پنجاهه کن سپاهين سميت ٻجار جوکيي جي پٽ جاجِي (Jaji) هٿان مارجي ويو.

---

[1] مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 42-43
[2] ح س. ص 44-45
[3] ح س. ص 45-47
[4] ح س. ص 47-48
[5] ح س. ص 49
[6] ح س. ص 50-51


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

12. دربيلي جي سهتا، پان ۽ راڄپال (راڄپر) قبيلن مغل راڄ جي ابتدا (يعني 1575ع) کان ٿي ڍل ڏيڻ کان نابري واري هئي. بايزيد بخاري جي (1620ع ڌاري) وقت کان پوءِ ٿي انهن کي پنهنجي وس هيٺ آندو ويو.

13. مير عبدالبقا کي سَميجا ڏلن سان جهيڙو ٿيو ۽ 360 ڏل قتل ڪيا ويا.

14. لاکاٽ جي اتر ۾ سَيار (Sayara)، ڳبيلن، پنهنجيءَ هڪ هزار گهوڙسوار ۽ 4-هزار پيادل فوج واريءَ سگهه سبب، ٺٽي جي حاڪم شير خواجه جي ڏينهن کان وٺي ڪڏهن به ڍل نه ڏني هئي.

15. 1032هه (1622-1623ع) ۾ شير خواجه (باقي خان خوجه) سيوهڻ جو جاگيردار مقرر ٿيو ۽ پنهنجو نمائندو موڪليائين. ان نمائندي ٺٽين فصل جو سمورو لاب قبضي ۾ ڪيو گهٽ اگهه ڏنو ۽ ماپ تور ۾ ٺڳي ڪيائين. هن واپارين جي ٻيڙين تي واڌو رائر (ڍل، ٽئڪس) مڙهيو ۽ انهن جي وکرن جي قيمت گهٽائي ڏني. جيڪڏهن ڪنهن شڪايت ٿي ڪئي ته ان تي ڏنڊ وڌو ٿي ويو ۽ ڪيس سزا ڏني پئي وئي.

ان هوندي به رجب 1037هه (1627-1628ع) ۾ شير خواجه جو عهدو وڌائي کيس ٺٽي جو حاڪم مقرر ڪيو ويو، پر هو ان سال ئي مري ويو.[1]

16. 1034هه (1624-1625ع) ۾ بايزيد بخاري جي مرڻ کان پوءِ ٺٽي جو انتظام سلطان شهر يار جي حوالي ڪيو ويو جنهن شريف الملڪ کي ٺٽي جو صوبيدار مقرر ڪيو ۽ ان وري ٺٽي جي حڪمران (Ruler) طور شمس الدين جي چوند ڪئي.

شمس الدين جي دفتريءَ (Officer) خواجه عارف ڪجهه سميجا ٽيهن کي گرفتار ڪيو جيڪي اڪبر آباد واهيءَ جي پنهورن جا مهمان هئا. پنهور ان ڳالهه تان چڙي پيا ۽ خواجه عارف تي ڪاهه ڪري سندس 200 گهوڙسوار ۽ پيادن سپاهين کي ماري ڇڏيو.

17. جڏهن حڪيم موسيٰ عليه چندوڪا (Chanduka) جي نِدو (Nido) جي پٽ صديق ۽ نياڻي شاهه بيگ کي گرفتار ڪري بکر وٺي ويو ته ابڙا وير وڻ تي سنبريا ۽ ديال داس (بکر جي مانسنگهه ديوان جي مائٽ) ۽ تاراج (بکر جي

---

[1] تاريخ مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 11
[2] ح س. ص 84-85
[3] ح س. ص 146-147
[4] بادشاهنامو (Padshahnama)، جلد 1. ص 181
[5] مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 150-151


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوپال ڪَنگو جي پٽ) کي ماري سِوي جو قافلو ڦريائون. انهن ٺڪر پرڳڻي جي شقدار طاهر محمد کي پڻ شڪست ڏني ۽ هن جا سمورا 80 سوار سپاهي قتل ڪري ڇڏيا.[1]

18. جُون 1626ع ۾ شاهجهان پنهنجي پيءُ خلاف سرڪشي/بغاوت ڪئي ۽ سنڌ هليو آيو. نواب شريف الملڪ 9-هزار گهوڙسوار، 12-هزار پيادا ۽ يورپي (پورچوگيز) بندوقبازن سان ان جي سامهون ٿيو. ٽِن ويڙهن ۾ شاهجهان جِي هار ٿي، ڏاريجن، جَٽن (Jats) ۽ نومڙين شاهجهان کي سهارو ڏنو جيئن انهن همايون جي سلسلي ۾ ڪيو هو.

انهن مُنجهائيندڙ وڳوڙي (Chaotic) حالتن جي تصديق يورپي سياح نڪولس وِٽِنگٽن پڻ ڪري ٿو جيڪو 1613-1614ع ۾ سنڌ ايو ۽ سپاهين ۽ تمام هِيٺي مغل ڪنٽرول جو ذڪر ڪيو اٿائين. هن سان ٺڳي ڪري ڪيس ڦريو ويو پر هن جا سمورا ساٿي هڪ مقامي سردار هٿان ڦرجي ۽ قتل ٿي ويا.[2]

مظهر شاهجهاني ۽ فئڪٽري ريڪارڊ مان اسان کي ڄاڻ ملي ٿي ته ڪيترا ئي قبيلا لاڳيتو انتظاميا خلاف اٿندا ۽ وڙهندا رهيا. شاهجهان جي ڏينهنِ ۾ مقامي قبيلن پاران رنڊڪ ويڙهه اڃا به تيز ٿي وئي. مثال طور:

1. شريف الملڪ 1035-1037هه (1625-1627ع) کان پوءِ سيف الملڪ ڪَشغري کي سيوهڻ جو صوبيدار ڪيو ويو جنهن پنيان احمد بيگ آيو جيڪو سيوهڻ ۽ چندوڪا جو جاگيردار مقرر ٿيو. احمد بيگ سدائين پنهنجي حرم/زنان خاني ۾ رهندو هو ۽ هن جو پاءُ يوسف بيگ ئي اصلي حڪمران هو جيڪو ڏاڍو ظالم هو. بودڪ (Budak) شهر کي تباهه ڪرڻ لاءِ سميجا اُٺن کاهه ڪئي، حويلي ۽ سن کي نومڙين ناس ڪيو ۽ چاندين پاٽ، اڪبر آباد ۽ باغبان کي برباد ڪيو.[3] يوسف بيگ ڇاها جي پنهورن کي ڇيڀاٽيو، جيڪو هڪ امن پسند قبيلو هو ۽ ڪڏهن به تشدد نه ڪيو هئائون. ادلي جي بدلي ۾ احمد بيگ ڪيترائي پيرا پنهورن هٿان هار کاڌي، پر ڪجهه به ڪري نه سگهيو.[4]

---

[1] مظهر شاهجاني (فارسي) ص 246

[2] ح س. ص 318-219

[3] ح س. ص 323-324

[4] فوسٽر. "انڊيا ۾ اوائلي سيز". ص 188-233

[5] مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 152-154

[6] ح س. ص 154-160



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوسف بيگ معصوم ۽ مانوارن ماڻهن کي گهرايو ۽ ڪوڙيون تهمتون مڙهي انهن کي ايذاءُ ڏنا. واپارين ۽ هارين ۽ پرڏيهي وڻجارن جي بيڙن تي غيرقانوني رائـز (Taxes) مڙهيائين. وڻجارن کي دٻاءُ ۾ آڻي پنهنجا وکر هٿن کي گهٽ قيمت تي وڪڻي ڏيڻ لاءِ زور ڀريائين. ڦرلٽ ۽ ڌاڙن لاءِ منظم جٿا ٺاهيائين. بدمعاش ماڻهن کي پاڻاري ٺاهي گڏ ڪيائين ۽ قاضين جي ڪم ۾ دخل اندازي ڪندو هو. بدانتظاميءَ، ڪلچٽائپ (Corruption)، نالائقيءَ ۽ امن پسند عوام تي ظلم ۽ تشدد ڪرڻ باوجود احمد بيگ خلاف ڪو به قدم نـ کنيو ويو پر اجا بـ هن کي وڌائي ملتان جي حاڪمي (Governorship) ڏني وئي، جو تـ هو يمن الدولہ آصف خان جو مائٽ هو.

2. احمد خان پوءِ جڏهن ديندار خان سيوهڻ جو صوبيدار ٿيو، حالتون اجا وڌيڪ ان حد تائين خراب ٿي ويون جو سميجا انڙ سيوهڻ قلعي اندر اچي سپاهين کان گهوڙا ڦري ويندا هئا ۽ قلعي منجهہ ئي نعمت الله خان ۽ مانسنگهہ کي ڪُهي ڇڏيائون جيڪي واريسر سيوهڻ ۽ بکر جا ريورٽر هئا. ڪنهن ۾ اها همت نـ هئي جو سج لٿي کان پوءِ شهر مان ٻاهر وڃي سگهي.

ساڳي عرصي ۾ نومڙيا سن قلعي جا ڦاٽڪ ڀڃي رهاڪن کي ڦري ويا. احمد خان جي ڏينهن ۾ سميجن ڪيترن ئي سرڪاري ملازمن کي قتل ڪري ڇڏيو.

3. 1658ع (1069هـ) ۾ سنڌ ۾ ڏاڍو ڏڪار ٿيو ۽ ڪالرا (Cholera، اُچن دستن جي بيماري) پکڙي. ساڳي ئي سال دارا شڪوه پنهنجن سپاهين سميت اچي پهتو جنهن سڄي صوبي (سنڌ) ۾ حالتن کي وڌيڪ بدتر ڪري ڇڏيو

4. مظهر شاهجهاني (1044هـ يعني 1634-1635ع ۾ لکيل) جي ليکڪ يوسف ميرڪ جي چوڻ موجب حاڪمن/گورنرن ۽ صوبيدارن جي مقرريءَ ۾ بدانتظاميءَ جا نتيجا هي نڪتا:

الف- ٺٽي صوبي ۾ زمين جي ڍل اڌ کان بہ گهٽجي وئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ حقيقي ڪاٺي جي ٽين يا چوٿين پتي مس اگهڙي سگهندي هئي. اهو جاگيردارن جي غلط بندوبست جي ڪري ٿيو پئي.

بـ- حاڪم ۽ انهن جا نمائندا ظلم، ڪلچٽائي، اڌنگائپ، طاقت جو بيجا استعمال وغيره کُلي عام ڪندا هئا.

---

1 مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 175-176

2 ح س، ص 320 ۽ 66-67

3 ح س، ص 165-167

4 تحفة الڪرام (فارسي) ص 329

5 مظهر شاهجهاني (فارسي) ص 52

6 ح س، ص 52-53


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سميجا دريائي-ڏاڙيلن مُئنرڪ جي ٻيڙي تي ڪاهه ڪئي پر مئنرڪ وٽ موجود ٻمن جي مدد سان کين موٽڻ تي مجبور ڪيو ويو.

9. 1644ع ۾، ايسٽ انڊيا ڪمپني جي جاهن اِسپلر (John Spiller)، جنهن ساوڻ وارا مهينا سيوهڻ ۾ ان جي پرپاسي واري ايراضيءَ ۾ گذاريا. ٻڌايو ته توٽي جو مٽي زرخيز هئي ۽ نير جو وڏو مقدار اپائي سگهي پئي پر ماڻهو حد درجي ڏٻايل/ڦريل هئا. ڏاڍا ڏکيا ۽ غريب هئا ۽ وٽن زمين کيڙڻ يا آباد ڪرڻ جا وسيلا ئي نه هئا.[1] هتي اهو ٻڌائي سگهجي ٿو ته اسپلر اهو به لکيو آهي ته سنڌونديءَ ۾ اولهائين ناري جي وچ ۾ موجود سنڌ جي زمين ڏاڍي زرخيز آهي.

10. اورنگزيب جي ملتان تي حاڪميءَ دوران ڪوهستان جي جوکيا ۽ نومڙين قبيلن بغاوت ڪئي. اورنگزيب پاڻ پنهنجي خط ۾ شاهجهان کي لکيو ته اهي قبيلا ٺٽي جي صوبيدار جي آڻ نه مڃن ٿا. رستن تي ويهي ڦرلٽ ڪن ٿا ۽ ترخانن جي ڏينهنِ کان وٺي اجا تائين زير نه ٿيا آهن. باغين جا سردار هئا هارون، ڪَتَل (Khattal)، ڪامبو (Kambho)، مرِيد جوکيو ۽ سمورا نومڙيا. انهن پنهنجون سرگرميون ڪيچ مڪران تائين وڌائي ڇڏيون آهن. انهن کي سهارو ڏيندڙ جعفر نومڙيو، حاجي رانجهو، چاڪر جمعو، ٻڍو نومڙيو ۽ ڪڪرالي جا ڄام — هالو ۽ گاهِي هالو — آهن ۽ جيڪي پاڻ به دست اندازي ڪندا رهن ٿا. اورنگزيبَ ملڪ حسين کي مقرر ڪيو ته انهن قبيلن کي زير ڪري ۽ هڪ سال تائين جوتون ڏيڻ کان پوءِ هن جي لشڪر 41 ماڻهو گرفتار ڪيا جن ۾ عورتون به هيون.[2]

11. 1647ع ۾، مراد بخش، سائين خان ۽ خان آزاد خان جي وچ ۾ اختيارن جي جهيڙو نبرڻ ڪري، انهن مان هر هڪ کي ڪسٽم ڪاتو ڏنو ويو ۽ مقامي عملداري ٻي جي حوالي ڪئي وئي. اپر سنڌ (سِري) ۾ چڱو مانار اچي ويو. پنهنجي پٽ اورنگزيب کي ملتان جو حاڪم مقرر ڪري شاهجهان بلخ روانو ٿيو. اورنگزيب وري ڪيترائي صوبيدار مقرر ڪيا جنهنڪري اهو جاڻڻ ڏکيو ٿي پيو ته انهن مان هر هڪ جو اختيار نيٺ ڇا آهي. جيستائين هر هڪ صوبيدار جي اختياري بحال ٿئي، دربيلي ۽ ڪنڊياري وچ ۾ ايراضيءَ جا مکيه ماڻهو ابڙا ۽ ٻيا زميندار جند ڇڏائي ڀڄي ويا.[3]

---

[1] "انڊيا ۾ انگريز ڪوٺيون"، ص 215

[2] "رقعاتِ عالمگيري"، ص 105 ۽ "مڪاتب عالمگير"، ص 512

[3] "انڊيا ۾ انگريز ڪوٺيون" (انگريزي)، ص 118



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

12. سترهين صديءَ جي وچ تائين هندو اجا بہ چڱي هلنديءَ وارا هئا.[1] اهو ٻڌائڻ بہ ضروري آهي تہ سنڌي هندو (لوهاڻا ۽ عامل) سترهين صدي جي وچ ڌاري پنجاب کان سنڌ لَڏي آيا. جيئن ڀيرومل "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ۽ "عاملن جو احوال" ۾ پڪ ڏني آهي. گهڻو ممڪن آهي تہ انهن اچي اهو خال پُريو جيڪو سنڌ جي واپاري برادري — ميمڻن — جي لڏپلاڻ سبب پيدا ٿيو هو.

13. ردي حڪومت ۽ ننڍن عملدارن جي ڪلچٽائپ هر ڏينهن جو رهنوار ٿي پيا هئا.[2]

14. 1656ع ۾، مغل حاڪم پاران ڪرمتي بروچن جي سردار جي بي عزتي ڪئي وئي. هن ويڙهاڪ گڏ ڪيا. گهوڙا ٻاري جي بروچن کان مدد ورتائين ۽ اهڙيءَ طرح ٺهيل وڏي لشڪر لاري بندر (Laribandar) ۽ ٺٽي جي وچ واري ايراضي ڪسي ورتي. مال ۽ ماڻهو ڪٽي ويا پر انهن خلاف ڪو بہ قدم نہ کنيو ويو.

15. ٺٽي جو نئون حاڪم 1656ع جي مَئي مهيني ۾ پهتو. شهر ۾ جيڪو غريباڻو حال هو ان جي پيٽ ۾ سندس ناهہ نوهہ تمام متاهين هئي. هن جا ماڻهو بدنظر ۽ چڙواڪ ۽ ماڻهن کي ستائيندڙ هئا. هن جي زال جهل پل کان ٻاهر هئي. هوءَ واپارين جو سامان زوريءَ ڪٽي وٺندي هئي ۽ ڪين اڌ جيتري قيمت بہ نہ ڏيندي هئي.[3]

16. سميجن مرڪزي سنڌ ۾ سنڌوءَ تي پنهنجو معمول جاري رکيو جيئن ايسٽ انڊيا ڪمپني جي رپورٽن ۾ (1656ع) ٻڌايل آهي. اهي ٻيڙين کي ڦُري وٺندا هئا ۽ جن ٻيڙين تي سگهارا نگهبان هوندا هئا رڳو اهي ئي پنهنجي ماڳ پهچي سگهنديون هيون.[4]

17. مَنُوچي (Manucci) (1659ع) اورنگزيب جي ٻن لشڪري جٿن پاران، جيڪي شيخ مصر ۽ صف شِڪن جي اڳواڻيءَ هيٺ هئا، دارا شڪوه جي پيڇي جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو ڀِهريائين ٻکر جي ڪاهي پاسي ۽ پوءِ ساڄي پاسي وڌيو. انهن جٿن سيوهڻ ويجهو سنڌو جي پاٽيءَ مٿان دارا سان ويڙهہ وڙهي ۽ ڪيس گجرات ڏانهن ڌِڪي ڇڏيو. دارا جي ٻجري قوت ۾ 507 ٻيڙيون، سامان ۽ اهڙيون توبون هيون جيڪي مڻ کان ڏيڍ مڻ ڳرا گولا اڇلائي سگهنديون هيون. اورنگزيب جي ماڻهن کي رنڊاڻ/پوئتي رکڻ لاءِ دارا جيتريون ٻيڙيون گڏ ڪري سگهيو، اوتريون گڏ ڪيائين.

---

[1] "انڊيا ۾ انگريز ڪوٺيون" (انگريزي)، ص 119-120

[2] ح س، ص 81

[3] ح س، ص 77

[4] ح س، ص 77

[5] ح س، ص 79



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتظاميا بنيادي طرح بي قياس ۽ غير همدرد هئي. هيءَ جهيڙو حقيقت ۾ هڪ گهرو ويڙهه هئي جيڪا سڄي سترهين صديءَ دوران جاري رهي.

قبيلا، جيڪي ارغونن، ترخانن ۽ مغلن خلاف اٿيا ۽ وڙهيا، جيئن مظهر شاهجهاني (1635ع ۾ لکيل) ۾ ٻڌايل آهي، هي هئا:

1. سن، لاڪاڻ (سيوهڻ جي سامهون هاٺي سنڌو جي ساڄي ڪناري تي پر انهن ڏينهن ۾ ڪاٻي ڪناري تي)، ڪاٺ (اتر-اوڀر سيوهڻ تعلقو)، جوڻيجا (دادو رعلقي جي اتر ۽ ڪڪڙ تعلقي جي اوڀر ۾) ۽ لاڙڪاڻو پرڳڻن، جيڪي سڀ سنڌونديءَ جي ساڄي ڪناري تي آهن ۽ ماڻيلو الور، دربيلو ۽ نصرپور پرڳڻي جو وڏو حصو جيڪي سنڌونديءَ جي کاٻي ڪناري تي آهن، ۾ سميجا انڙ ڏاڍا سرگرم هئا. ان جو مطلب هي ٿيو تہ سميجا هاڻوڪي سکر، لاڙڪاڻي، اترادي دادو نواب شاهہ، اترادي حيدرآباد، اولهائين سانگهڙ ۽ اتر-اولهہ ٿرپارڪر ضلعن ۾ سرگرم هئا.[1]

سميجا ايڏا تہ سگهارا هئا جو شاهجهان جي حڪمراني دوران انهن کي سنڌونديءَ مٿان پورو پورو ڪنٽرول هو ۽ هالا ڪَنڊي (هالا) کان سيوهڻ تائين سلامتيءَ سان اکري وچڻ لاءِ راڻر وٺندا هئا.[2] انڙ ۽ سَنيار (Sanyara) قبيلن تہ رگو لاڪاڻ ۾ ئي هڪ هزار گهوڙسوار ۽ 4-هزار پيادا سپاهي 1044هہ (1635ع) ڌاري تيار ڪري ورتا هئا. پيادا سپاهي اڪثر ڪري گهوڙسوارن کان تيز هوندا هئا ۽ گهوڙسوار عام طرح گهوڙن تان لهي پيادن جيان وڙهندا هئا.[3] سميجا ايترا تہ سگهارا هئا جو تاريخ مظهر شاهجهانيءَ جي ليکڪ يوسف ميرڪَ شاهجهان کي صلاح ڏني تہ سميجن کي چيپاڻڻ جو اڪيلو ڏگ اهو آهي تہ انهن تي ٻکر ٽٽي، سيوهڻ ۽ جيسلمير کان (پهرين ٽن قلعن مان شاهي لشڪر وسيلي ۽ اوپر کان جيسلمير جي راجا جي سپاهين وسيلي) ڪاهہ ڪئي وڃي.[4]

2. چانڊيا هڪ ٻيو قبيلو هو جيڪو باغبان جي اتر-اولهہ (جوهي تعلقي جي اتر ۽ ڪَڪڙ تعلقي جي اولهہ) ۾ رهندو هو. اهي اڪثر ڪري سميجن سان ٻانهن ٻيلي ٿي آسوده حال جوڻيجا (دادو جي اتر ۽ ڪَڪڙ جي اوڀر) ۽ ڪاٺ (Khatah) پرڳڻن کي ڦريندا هئا.[5] اهي زمين ۾ ڪيڙي پوکي ڪندا ۽ دور ڏڳا

---

[1] مظهر شاهجهاني (فارسي)، ص 194-195

[2] ح س، ص 195

[3] ح س، ص 195

[4] ح س، ص 198-199

[5] ح س، ص 205 ۽ 197



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاليندا هئا. انهن جي نک ("قبيلي ، clan) جا ٻہ ٽولا هئا: "اڃا" ۽ "ڪارا". جيڪي سنڌن ڪل جي رنگ پٽاندر نالا هئا. انهن وٽ 700 پيادا ۽ 300 سوار سپاهي هئا. اهي سيوهڻ تعلقي ۾ سامتاڻي ويجهو باغبان، گهاها، پٽار، (پاٽ) ۽ اڪبر آباد جي آسوده حال قبيلن تي ڪاهيندا هئا.[1]

3. نومڙيا سيوهڻ، ڪونڙي ۽ محال ڪوهستان تعلقن جي ٽاڪرو پٽي ۾ اُٺَل ساوا، عزيزاڻي، ڀَهڻي ڪوٽ، ٿانِي (Thani)، جهانگارا، ڪاجي (Kaji) ۽ نار (Nar) ۾ رهندا هئا جيڪي سيوهڻ کان واريسر 38، 30، 20، 14، 10 ۽ 14 ميل پري هئا. اهي عام طرح ڪَڇي يعني سيوهڻ ۽ جوهي تعلقن جي اولهہ وارن ميدانن کي تباهہ ڪندا هئا. نومڙين جو واسطو سميجا قبيلي جي اپ-نک (Sub-clan)، ذات جي پاڙي) سان هو (هاڻي اهي پاڻ کي بلوچي سڏين ٿا). 1055هہ (1635ع) ۾ انهن وٽ 6-هزار سپاهي هئا جن مان هڪ هزار گهوڙسوار ۽ باقي پيادا هئا. اهي پوکي راهي نہ ڪندا هئا پر اُٺ، گهوڙا، رڍون، ٻڪريون، ۽ ڍور ڍڳا پاليندا هئا. انهن جو مکيہ ڌنڌو نديءَ پاسي حڪومت جي ورسايل ايراضيءَ تي ڪاهہ ڪرڻ هو. نومڙين ۽ سميجن پڻ ٽيري، ڪاهِي ۽ معاجُبي ڳوٺن کي تباهہ ڪيو جيڪي سيوهڻ کان لَڪِي واري واٽ تي شايد پڳي ٽوڙي ويجهو هئا.[2] نومڙين ۽ سميجن سن پرڳڻي، لڪي، آمري ۽ تاهني (هاڻي ڪاهي ڪناري تي) کي پڻ تباهہ ڪيو.[3]

انهن ڳوٺن ۾ سيد رهندڙ هئا. نومڙين ۽ سميجن انهن ڳوٺن کي ناس ڪيو ۽ گهڻن سيدن کي ڪُنو (چو تہ اهي حڪومت جا طرفدار هئا)، ان ڪري باقي بچي ويلِ سيد انهن ايراضين مان لڏي ويا.[4] نومڙين ۽ چانڊين ڪَڇي يعني سيوهڻ، دادو ۽ جوهي جي اولهائين پاسي کي ويران ڪري ڇڏيو.[5]

4. نئنگ جي نوحاڻي بروچن ٻن سَرن/چشمن مان ڦٽندڙ نَئِن تي زمين کي آباد ڪيو. اهي ڪا بہ ڍل نہ ڏيندا هئا پر ڪڏهن ڪڏهن رڍ ڏئي ڇڏيندا هئا.[6]

5. چانڊوڪا پرڳڻو ٻکهين، سانگين ۽ ابڙن سان، جيڪي سپ سميجا نک مان آهن، والاريل هو. پرڳڻو ٻيلن سان (اوير ۾) ڄنجهيل هو. ان جي اولهہ ۾ رٽن جهڙا ميدان ۽ اڃا بہ اولهہ ۾ جابلو قطارون (کيرٿر سلسلو) هو. سميجن جِي بروچ پنٿن (Sects) ـــ مگسي، لاشاري، رند ديناري، ڊومبڪي، ڪَلوهر

[1] مظهر شاهجهاني (فارسي)، ص 86-87
[2] ح س، ص 214-216 ۽ 219
[3] ح س، ص 224-225
[4] ح س، ص 224-225
[5] ح س، ص 205
[6] ح س، ص 220-221



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪلوڙ) ۽ بليدي ـــ سان. جيڪي سبي (يعني جيڪب آباد ۽ ڪڇي ضلعن) ۾ رهندا هئا. ۽ سيوهڻ. جوهي جي اتر ۽ ڪَڪڙ جي اولهه ۾ رهندڙ چانڊين سان سنگت هئي. حڪومت پاران چڙهت جي حالت ۾ چانڊوڪا جي انهن نڪن جا سميجا پنهنجين آکهين کي سبي ۽ سيوهڻ موڪلي ڇڏيندا هئا جتي کين ٺڪرين ۽ ٻيلن ۾ لڪايو ويندو هو.[1]

6. هالا جي اولهائن ٺڪرن (ڪوٽڙي تعلقو) ۾ رهندڙ شيرا ڏل ۽ ٻہر بروچ قبلا ڪنٽرول هيٺ اچڻ جهڙا نہ هئا.[2]
7. ڪَلمتي ۽ جوکيا قبيلا جيڪي ساڪري پرڳڻي (هاٽوڪو ساڪرو تعلقو) ۽ ڪراچي ۽ ٺٽي ضلعن جي ٺاڪرو پَٽي ۾ رهندا هئا. پنهنجو لشڪر ٺاهي وينا هئا جيڪو 1044هہ (1635ع) ۾ 3-هزار گهوڙسوار ۽ پيادل سپاهين تي ٻڌل هو.[3]
8. سنڌونديءَ جي ساڄي ڪناري تي ڪاسائي شورا ڳوٺ جا دائود شورا هُوسڙن (Hoosras). ملاحن ۽ چورن جو لشڪر ٺاهي وينا هئا جيڪي خشڪي توڙي پاڻي (ندي) تي حملوي ڪري سگهندا هئا.[4]

نيٺ، اورنگزيب جي ڏينهن ۾، اهي قبيلا ايترا تہ سگهارا ٿي ويا جو دهلي (حڪومت) تي داب وجهي سگهن تہ سنڌ جي مختلف حدن ۾ سندن حاڪمانہ صوبيداري مڃي وڃي. اورنگزيب جي راڄهوڪي سنڌ ۾ ڏُڪرن ۽ مرضن سان شروع ٿي ۽ هن جي آخري ڏينهن ۾ وَڏراهن (Highways) تي ڦرلٽ/ڌاڙ عام ٿي چڪي هئي.

1. 1659ع ۾. سنڌ ڏڪار ۽ پليگ (Plague، مهامري) جا ڏک ڏٺا ۽ سَٽڪا سَٺا جن جي نتيجي ۾ آباديءَ (ماڻهن توڙي فصلن جي) گهٽجي وئي. ان واپار تي ڏاڍو ڪِنو اثر وڌو.[5]
2. 1660ع جي اپريل ڏاري ايترا تہ ماڻهو مري چڪا هئا جو جيئرا بچي ويل ماڻهو لاشن کي پوري/دفنائي سگهڻ لائق بہ نہ هئا.[6]
3. 1699ع ۾. هَئملٽن اليگزينڊر ٻڌايو تہ جامَ. بروچ ۽ مڪراني لاري بندر ۽ ٺٽي جي وچ ۾ ٻيڙيون هلائيندا ۽ ٻيڙيون ۽ قافلا ڦريندا هئا. جامَ سنڌونديءَ جي ڪاہي ڪناري تي ۽ باقي ٻئي قبيلا ساڄي ڪناري تي. هر هڪ قافلو

---

[1] مظهر شاهجهاني (فارسي)، ص 15-16
[2] ج س. ص 42-43
[3] ج س. ص 450-451
[4] ج س. ص 43
[5] انڊيا ۾ انگريز ڪوٺيون" (انگريزي)، ص 209-210
[6] ج س. ص 306-307


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

100-200 نگهبان ساڻ ڪٺي هلندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن ته چار چار پنج پنج هزار ڦورو هڪ ئي مهل پهچي ويندا ۽ ڦري ويندا. ڪڏهن ڪڏهن ته نگهبان به ڌاڙيلن سان ملي ويندا هئا.

سنڌ جي قبيلن جي جدوجهد جاگيردارن کي ڏنل زمين هٿ ڪرڻ لاءِ ۽ جاگيردارن ۽ حڪومت پاران مڙهيل ڳرن محصولن (رائرن، ڊِلن، ٽيڪسن) خلاف هئي. آدم شاهه ڪلهوڙي جي اڳواڻيءَ هيٺ ڪلهوڙا تحريڪ ان سلسلي ۾ سنڌ جي قبيلن جي انتهائي جدوجهد هئي. اورنگزيب جي حڪمراني دوران مقامي قبيلن پاران رنڊڪ ايڏي ته سگهاري ٿي چڪي هئي جو انهن اقتدار لاءِ زور پريو جڏهن اورنگزيب جي پوٽي، شاهه عالم جي پٽ مُعزالدين کي ملتان جو حاڪم مقرر ڪيو ويو تڏهن هن جي حڪم تي آدم شاهه ڪلهوڙي کي قتل ڪيو ويو. تنهن کان پوءِ دين محمد ڪلهوڙي کي حاڪم جي دربار ۾ گهرايو ۽ قتل ڪيو ويو. دين محمد ڪلهوڙي جي ڀاءُ يار محمد ڪلهوڙي حڪومت خلاف هٿيار سنڀاريا ۽ سيوهڻ جي اتر ۾ ناري ۽ سنڌونديءَ جي وچ ۾ سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري تي سنڌ جون سموريون ايراضيون جيتي ورتيون. معزلادين مجهبور ٿي پيو ته سنڌ ۾ اچي پر يار محمد ڪلهوڙي کي ڏاڍو سگهارو ڏسي کيس "خدا يار خان" ڪو لقب ڏنو ۽ کيس اختيار ڏنو ته پنهنجي اثر هيٺ ايراضيءَ تي حڪومت هلائي. ان سان گڏ هن کي اها به موڪل ڏنائين ته سبي پرڳڻن تي حڪومت ڪري.

1701ع ۾، ڪلهوڙا، هڪ مقامي قبيلي، ٻين مقامي قبيلن کي هيٺاهون ڪري چڪڻ کان پوءِ ملتان ۾ مغل گورنر (شهنشاهه اورنگزيب جي هڪ پوٽي) کي داٻ هيٺ آڻي انهن پاران زوريءَ قبضي هيٺ آندل ايراضين مٿان سندن حاڪمي مڃڻ تي لاچار ڪيو. دهلي انتظاميا هن قبيلي جي قوت آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ تنهن کان پوءِ هن قبيلي کي ساديءَ طرح رڳو نالي ۾ مغل حاڪم طور مقرر ڪيو. هي قبيلو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ خدون والاريندو ويو ۽ انهن تي مغل شهنشاهن کان وڌيڪ رعايتون ۽ منظوريون وٺندو ويو. 1736ع ۾ انهن (ڪلهوڙن) هاڻوڪي سڄي سنڌ صوبي ۽ ان کان ٻاهر بلوچستان ۾ ڪيترين ئي ايراضين تي والاري ڪري ورتي. سورلي جي چوڻ موجب ڪلهوڙن جي پاليسي (مصلحت) اها هئي ته جيڪو ڪجهه هٿ ڪري پئي سگهيا اهو قبضي ۾ ڪن ۽ جيڪو ڪجهه قبضي ۾ ڪري سگهيا ان تي اقتدار قائم ڪن جو ته ڪين اها پڪ هئي ته دهلي سندن معاملن ۾ مداخلت ڪري سگهڻ کان گهڻو پري هئي.[1]

---

[1] سورلي. پٽ جو شاهه (انگريزي)، ص 100


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مغل حڪمراني جي هڪ صديءَ دوران گهٽ مغل حاڪمن/گورنرن ۽ صوبيدارن پاران مقامي مسلمانن تي ظلم ۽ بدانتظامي جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

1. زوريءَ پورهيو ڪرائڻ.
2. زوريءَ ڏلون/رائر اڳاڙڻ.
3. غيرقانوني محصول وٺڻ.
4. حڪومتي ڪارندن (آفيسرن) پاران منظم ڪيل چوريون، ڌاڙا ۽ ڦرلٽ.
5. ماڻهن جي ملڪيت/مال جي غيرقانوني ضبطي.
6. ڳانڍاپو (ڪميونيڪيشن) سرشتي جي تباهي.
7. حاڪمن جي غيرهمدرد/ظالم رويي سبب زراعت/پوکي راهي جا حال هيٺا ٿيڻ.
8. واهن مان لَٽ جي صفائيءَ جي اڻهوند.
9. وڏيل زميني ڍل جي مڙهپ.
10. ننڍن جانورن جي زوريءَ ضبطي.
11. قبيلن جو گڏيل ڪوس.

اُن جو نتيجو هي هو ته قبيلن وڙهڻ ۽ پناهه جي ڳولا ۾ هڪ ڪان ٻي هنڌ پچڻ شروع ڪيو.

1843ع ۾، هر هڪ ڪي سنڌ ۾ ٿورڙا ڪي وڏا-شهر نظر ايندا، جن مان هر هڪ ۾ آباديءَ جي گهٽائي هندن تي ٻڌل هئي. اهو هڪ راز/اسرار آهي ته منگول (ارغون، ترخان ۽ مغل) والار جي 200 ورهياتي ڪشت ۾ هندو ڪيئن وجود بچائي سگهيا. پيرومل هڪ ڏس ڏنو آهي ته سنڌ ۾ هندن جي گهٽائي 1600ع کان پوءِ پنجاب مان لڏي آئي ۽ لڳي ٿو ته اها لڏپلاڻ سڄي صدي ٿيندي رهي. 1600ع جو سال سنڌ مان ميمڻ واپاري برادريءَ جي لڏي وڃڻ سان ٺهڪي اچي ٿو ۽ هاڻي اهو سمجهڻ جوڳو ٿي پيو آهي ته ڏنڏي ۽ واپار جي دائرن ۾ پيدا ٿيل خال هندن جي لڏپلاڻ وسيلي ئي پرجي ويو. ڪلهوڙن، جن 1783ع تائين حڪمراني ڪئي، ماڻهن جي ترقيءَ لاءِ ڏاڍي محنت ڪئي. انهن جي شاندار حاصلات پيچارڪ (آبپاشي، Irrigation) سرشتي ۾ سڌارو هو جيڪو سمن جي ڏينهن کان خراب ٿي چڪو هو. نور محمد ڪلهوڙي جي پوين ڏينهن ۾ 1754ع ڌاري، ڪاٿو آهي ته پوکيءَ هيٺ ڪل ايراضي پنهنجي سڀ کان مٿين حد 30-لک ايڪڙن تائين وڃي پهتي. زمين/ٻنيءَ لاءِ سنڌين جي سِڪ ڪي هن نموني پورو ڪيو ويو جو نئين (اڳ غير آباد) زمين پوکيءَ هيٺ آندي وئي. ڪلهوڙن به،

---

[1] پيرومل، "عاملن جو احوال" ۽ "سنڌ جي هندن جي تاريخ"


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال، مغلن وارو جاگيرداري سرشتو برقرار رکيو. جاگيرداري عام طرح وراثت ۾ ملي سگهندڙ هئي نه ته به گهڻ ۾ گهڻ جاگيردار جي ڄمار دوران ان جي حوالي رهندي هئي. اها جاگيردار لاءِ هڪ سٺي ترغيب هئي جنهنڪري هن زمين جي سڌاري تي ڌيان ڏنو پئي. ان ڪري سنڌي مسلمانن جي حالت ۾ اڳوڻين ٻن صدين جي ڀيٽ ۾ بهرحال چڱو سڌارو آيو پر ڪلهوڙا جنهن شيءِ کي مڃي يا سمجهي نه سگهيا، اها هيءَ ته رڳو زراعت/پوکي راهيءَ ۾ سڌارو ٿي سنڌي مسلمانن کي مٿي آڻي نه ٿي سگهيو. انهن سنڌي مسلمانن کي شهرن ڏانهن آڻڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي. انهن ڏينهنِ ۾ موجود معاشي ڍانچي ۾، مال/خوشحالي ۽ اقتدار شهرن ۾ نه، پر جاگيرن ۾ مرڪوز هو. ان سرشتي جاگيردار کي مجبور ٿي ڪيو ته تعليم ۽ ثقافت/سماجي سرگرمي کان پري پنهنجي زمينن تي رهي. ان جي ڪري هو پاڻ ۽ سندس اولاد اڻڄاڻ ۽ تعليم کان تڙيل رهجي ويو. هامن باوجود، تعليمي شعبي ۾ سنڌين جي ترقي ڪلهوڙن جي ڏينهنِ ۾ اهميت واري نه ٿي چئي سگهجي، جنهن جو وڏو سبب اهو آهي ته اهي ڳوٺن ۾ رهندڙ هئا ۽ سندن وس ۾ اهڙا ڪي به وسيلا نه هئا. انهن لاءِ اهو ڏاڍو ڏکيو هو ته تعليم ماڻڻ لاءِ ڏهاڙي شهرن ڏي اچن ۽ موٽن. اها صورتحال پاڻ ٽالپرن جي راڄوڪيءَ ۾ به نه سڌري. اهڙيءَ طرح، 1843ع ۾ اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته شهر گهڻي قدر هندن سان ۽ ڳوٺ اڻتر نموني مسلمانن سان ڀريل هئا. ڪجهه هندو واپاري ڳوٺن ۾ ڏنڌو ڪري رهيا هئا پر انهن جا اڪثر ڪري ويجهن شهرن ۾ رهندڙ هئا 18-صدي ۾ سنڌين لاءِ ٻه وڏيون رنڊڪون هي هيون:

1. 1739ع ۾ محمد شاهه سنڌو جي اولهه واريون سموريون ايراضيون نادر شاهه حوالي ڪيون. يار محمد ڪلهوڙي ان صلح نامي کي مڃتا ڏني ۽ ان ڪري 1740ع ۾ نادر شاهه سنڌ تي ڪاهه ڪئي ۽ سنڌ جو سڄو خزانو ۽ حڪمران نور محمد ڪلهوڙي جا ڪتاب (لائبريري) ڪٽي ويو ان سان گڏ مٿس (يار محمد ڪلهوڙي تي) 20-لک رپيا ساليانِي ڍل مڙهي ويو. ڪلهوڙن ڏن ڀرڻ کان نٽايو پئي، 1754ع ۾ احمد شاهه ابدالي هڪ وڏو لشڪر وٺي سيوهڻ تي ڪاهي آيو ته جيئن ڍل اڳاڙي سگهي. احمد شاهه کان پوءِ ڪلهوڙن خاص طرح ڏن ڏيڻ ۾ گوسڙائپ ڪئي.
2. 1783ع ۾، آخري ڪلهوڙي حڪمران ٽالپرن خلاف افغاني واهر لاءِ واجهايو مدد خان پناڻ آيو، ڦريائين، ساڙيائين ۽ سنڌ جي وڏي ايراضيءَ کي پينگ ڪري ويو. اهو سنڌين لاءِ سڀ کان وڏيڪ خراب ڏک هو چو ته هن بدين جهڙي پراهين ڳوٺ کي به نه بخشيو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارلس نيپيئر کي، سنڌ کي فتح ڪرڻ جو ڏوهه ڏنو وڃي ٿو. ڪنهن به تاريخ-ڄاڻو سنڌ تي فتح جي اصلي سبب کي ڳولڻ جو جتن نه ڪيو آهي. پڙهندڙ جي عام دلچسپيءَ لاءِ هي ٽڪرو پڙهائڻ/پيش ڪرڻ ضروري لڳي ٿو. 1830ع ۾، لارڊ ايلنبورو جي سهڻي زال جين ايلنبورو جو آسٽريائي (Austrian) ڊپلومئٽ (سياسي نمائندي، ايلچي) سان پيار/عشق واري مامري جي نتيجي ۾ لارڊ پنهنجيءَ پارليامينٽ کي عرض ڪيو ته ڪيس پنهنجيءَ زال کي طلاق ڏيڻ جي موڪل ڏني وڃي. مَنجاٽڪ (''نفسياتدان''، Psychiatrists) ڄاڻن ٿا ته ان پائي جو ماڻهو هڪ عورت هٿان هار کائڻ کان پوءِ (اڪثر ڪري) ڪنهن ٻي شعبي ۾ سوبَ ماڻڻ جو جتن ڪندو آهي. ان ڪري لارڊ ايلنبورو برطانيا حڪومت ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني کي ٺيڪ ان ئي سال سنڌ کي فتح ڪرڻ جي رٿ ڏني. اهو عمل هڪ مَنجاٽڪ جي مطالعي سان ٺهڪي اچي ٿو ته هن پنهنجيءَ زال پاران پنهنجِي هار کي هڪ نئين زمين جي فتح وسيلي سوبَ ۾ بدلائڻ جو جتن ڪيو. ليڊي ايلنبورو بابت ٻڌايو ٿو وڃي ته هن 12 وڏا عشق ڪيا جن مان ٽي ته بادشاهن سان هئا ۽ هڪُ شام جي هڪ بدو سان هو. ايلنبورو کان سواءِ، ٻين عشقي معاملن مان هن کي 6-هزار پائونڊ هر سال عيوضي/بدلي (Compensation) طور ملندا هئا. جڏهن ته لنڊن جي اخبارن ۾ هن جا عشق پيا ڇپبا هئا. لارڊ لاءِ پنهنجيءَ هار کي سوبَ ۾ بدلائڻ جو وقت تنگ ٿي چڪو هو ۽ نيپيئر هن لاءِ (ان ٿوري وقت ۾) اهو ڪري ورتو پر ڏوهاري ضمير سان. جنهنڪري هن لارڊ ڏانهن لکيو ته ''ڏوهه ڪيو اٿم'' (''Pacavi'' i.e ''have sinned'').

نيپيئر سنو منتظم هو. هن شايد جاگيرداري سرشتي کي جاري نه رکيو هجي ها پر سنڌ ۾ جاگيرداري جاري رکڻ جي حامين/همدردن — اوٽرام، اِيسٽوِڪ، جان جيڪب ۽ ٻِئِسٽ ـــ وٽي پرچار ڪئي ته سنڌي نه ته انگريز راڄ خلاف اٿي پوندا. ان ڪري نيپيئر مجبور ٿي پيو ته اڳوڻن-جاگيردارن تي سوبَ ماڻي ۽ هن ترت ئي سنڌن جاگيرون انهن لاءِ بحال ڪيون. 1843ع ۾ پوکيءَ هيٺ ڪل ايراضي گهٽجي وڃي 10-لک ايڪڙن تي بيٺي هئي. پيڄارڪ سرشتي کي جديد بنائڻ وسيلي 1930ع ۾ برطانيا پيڄاريل (Irrigated، آبپاشي هيٺ) زمين کي 30-لک ايڪڙن تائين پهچايو ۽ باقي واڌ سکر بئراج ٺهڻ کان پوءِ ٿي. جاگيرداري سرشتي هارين کي شايد ئي ڪنهن ڪم لائق ڇڏيو هجي. هُو ''آٺيون ۽ چاڙهيون'' (ڏهاڙي پورهيي) تي جِيو پئي ۽ برطانوي حڪمراني دوران جڏهن نئين زمين خريدڻ جو موقعو پيدا ٿيو اهي، اڪثر ڪري جاگيردار ئي هئا جن وٽ وڌيڪ زمين وٺڻ ۽ کيڙڻ لاءِ پيسو وسيلا موجود هئا. نتيجي ۾


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمينداري ۽ جاگيرداري سرشتو وڏيڪ سگهارو ڪيو ۽ غريب هارين جي معاشي حالت وڌيڪ خراب ٿي جيڪي ڪل آباديءَ جي 70 سيڪڙو ڪان مٿي ۽ صوبي جي ڪل مسلمان آباديءَ جو 93 سيڪڙو هئا.

مسلمانن کي پوئتي/پسمانده رکڻ جو الزام انگريزن تي آڻي نه ٿو سگهجي. 1853ع ۾، ان وقت سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر سنڌي ٻوليءَ جي هاڻوڪي الف-ب/صورتخطي سجاڳائي. بمبئي حڪومت پاران سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لکيت (Script) جي حمايت باوجود ان لاءِ عربي لپي/لکيت واهپي هيٺ آڻڻ جو اعزاز به هن کي ئي سونهي ٿو. هن دليل ڏنو ته آباديءَ جو 80 سيڪڙو مسلمان هئا. ميسر سنڌي ساهت عربي لکيت ۾ هئي. تعليمي ادارن جا هلائيندڙ مسلمان ئي هئا جتي انهن سنڌي، عربي ۽ فارسي سڀ ساڳي ئي لکيت ۾ سيکاريون پئي ۽ اها سنڌي مسلمانن سان ناانصافي ٿيندي جو عربيءَ بدران ڪا ٻي لپي اختيار ڪئي وڃي. هُن، حڪومت پاران چونڊيل ڪميٽيءَ کي ڪم هلائڻ نه ڏنو ۽ بس پنهنجا خيال بيان ڪري/مڙهي ڇڏيا. سنڌين جي مدد لاءِ هن تمام گهڻي ڪِريا/همت سان سنڌ جي سيني تعلقن ۾ ڇنڊڇاڻي وارن امتحانن جو طريقو رائج ڪيو. اهي هر ڇهين مهيني ٿيڻا هئا ۽ هر تعلقي مان پهرين ٽن مٿير اميدوارن کي انعام ڏيڻو هو: پهريون نمبر ايندڙن کي سڌو چونڊيو ويندو هو، ٻيو نمبر ايندڙن کي پنجن سالن لاءِ ڪراچيءَ ۾ پڙهائي دوران اسڪالرشپ (وظيفو) ۽ ٽيون نمبر ايندڙن کي ستن سالن لاءِ بمبئي ۾ اسڪالرشپ ڏني ويندي هئي. انهن شاگردن/اميدوارن کي پاس ٿيندي ئي حڪومتي نوڪريءَ ۾ کنيو ويندو هو. ان جو مطلب هي ٿيو ته 270 نوڪريون هر سال انهن لاءِ جن سنڌي ٻولي سکڻ جي ڪوشش ڪئي پئي. سر بارٽل فريئر جي ان اڻڄهه عمل سنڌي مسلمانن کي وڌيڪ پوئتي ڌڪي ڇڏيو. جيڪا ڳالهه نه سمجهي وئي، اها هيءَ ته تعلقي مُک گهرن (هيڊڪوارٽرس) ۾ وڏي گهڻائي هندن جي هئي. اهي پهريان هئا جي سنڌي ٻولي ڪٽندا هئا. پيٽ وارن امتحانن ۾ ويهندا هئا ۽ گهريل وقت ۾ اهي حڪومت جي 90 سيڪڙو نوڪرين تي اچي ٿي ويا. جنهنڪري انهن لاءِ وڌيڪ موقعا هئا ته پنهنجي اولاد کي تعليم، واپار ۽ فني ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ آڻي سگهن. ايندڙ 90 ورهن دوران سنڌي هندن ۽ سنڌي مسلمانن ۾ اها وٿي اڃا به وڌي. عام سنڌي مسلمان کي، جنهن هارپ پئي ڪئي، شهرن ڏانهن لڏڻ جو ڪو به وسيلو نه هو. زميندار ۽ جاگيردار ته (شهر ڏانهن) لڏيندو ڪو نه، ڇو ته هُو زمين سان ٻڌل هو.

سنڌ جي برطانوي والار دوران اقتصادي ترقيءَ جا نوان ڏگ کلي پيا. مثال طور، سنڌ ريلوي ڪمپني جي شروعات ۽ تنهن کان پوءِ سنڌ ۾ ٻن ريلراهن جي


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بني تي ڪم ڪندي هئي جيڪا 1947ع تائين گھٽجي وڃي 7 سيڪڙو ٿي پر سنڌ ۾ ٻنيءَ تي ڪم ڪندڙ آبادي انهن 160 ورهن دوران ساڳي ٿي 80 سيڪڙو رهي. ٽيڪنيڪي (Technological) ترقيءَ جو مطلب آهي تہ گ.ا.ر جو هاري سنڌ جي هاريءَ جي ڀيٽ ۾ ڏهوڻ وڌيڪ اپت ڪري ٿو تنهنڪري سندس معيار بہ ڏهوڻ وڌيڪ (مزيدار) آهي. ٽيڪنيڪي ڄاڻ اسان جي اپڪنڊ ۾ 1928ع تائين، زراعت بابت رايل ڪميشن جي رپورٽ کان پوءِ بہ نہ پهتي هئي. هاريءَ کي پنهنجو اناج 1942ع تائين ڏيهان ڏيهي اگھن تي، قيمتن مٿان هٽرادو ڪنٽرول وسيلي، وڪڻڻو هو پر ان کي ڏيهان ڏيهي اگھہ کان گھٽ پئي مليو.

ٿوري ۾ چئجي تہ سنڌي مسلمانن جي پسماندگيءَ جو سبب ڪين 1520ع کان وٺي شهرن کان ٻاهر ڌڪي ڪڍڻ هو ۽ اهڙيءَ طرح اهي لاچار ڪيا ويا تہ ڳوٺن ۾ وڃي رهن جتي مٿائن منصبدار ۽ جاگيردار مڙهيل هئا جيڪي ڪين دٻائي رکندا هئا. بهرحال، سنڌين پاڻ مٿان ظلم ختم ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪجھہ سندن وس ۾ هو، اهو سڀ ڪجھہ سيڙائي جدوجهد جاري رکي.

❊❊❊

نوٽ: هيءُ ليکُ پنهور صاحب جي انگريزي مقالي "هِيروئِڪ اِسٽرگل آف سنڌ اگينسٽ فيُوڊلزم" (Heroic Struggle of Sindh Against Feudalism: 1500 A.D. to 1843 A.D.) جو ترجمو آهي. هيءُ ليک ڊاڪٽر محبت جي ميسر قلمي مواد ۾ موجود هو. پر اهڙيءَ ريت سڌاري اُتاريل (فيئر ٽيل) ناهي. جيئن ڊاڪٽر صاحب جو ٻيو مواد. پريس ڪاپي طور تيار هوندو هو ۽ گھٽو ڪري ڇپيل بہ ناهي. - مرتب


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم. ايچ. پنهور
ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# آبهوائي تبديلين ۽ انهن جو اتهاس تي اثر

## باب پهريون

## سڃاڻپ

گهڻا ٿي آبهواڄاڻڪ (Climatologists) اتهاس نه ٿا پڙهن جنهنڪري اهي آبهوائي تبديلين ۽ اتهاس جي وچ ۾ موجود ڳانڍاپي کي سمجهي سگهڻ لائق نه ٿي سگهيا آهن. ڪي ٿي اتهاسڄاڻڪ (Historians) مُنڊڄاڻ (Meteorology، منڊپياس) ۾ دلچسپي نه ٿا وٺن. جنهنڪري اُهي اِهو پرکي نه ٿا سگهن ته آبهوا ۽ اتهاس تي ڪو اثر وجهي ٿي. اهي حقيقتون ڄاڻڻ باوجود ته آبهوائي تبديلين ويجهڙ وارن ورهن ۾ ساحل (Sahel) ۽ ٿر ۾ سوڪهڙو (Drought) پيدا ڪيو آهي، جڃهن ۽ ڳرن مِينهنِ ٻوڏ آندي ۽ ٿڌين لهرن فصلن کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، تڏهن به اتهاسڄاڻڪن ڪا پرواهه نه ڪئي آهي. زرعي تعليم ۽ منڊڄاڻ سان تمام گهڻ اهميت واري موضوع جهڙو ورتاءُ ڪيو وڃي ٿو پاڪستان ۾، نه ته منڊڄاڻڪن ۽ نه ٿي وري زرعي ڪارڪنن ڪُڙمين کي اهو ڄِتو ڪري ٻڌائڻ لاءِ ڪو تحرڪ (Initiative) ورتو آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن ۾ جيڪڏهن تاءُ {تابش }، واءَ {واءُ، Wind} جي رفتار ۽ گِهمر ۾ هاڃيڪار تبديلين جو امڪان هجي تڏهن ڪهڙا اپاءُ وٺڻ گهرجن. آئِيس لَئَنڊ، چِلي (Chile)، صحارا ۽ مرڪزي ايشيا ۾ آبهوائي ڪيفيتون ڪيئن سنڌ جي آبهوا تي اثر وجهن ٿيون، انهن جو ذڪر ايندڙ صفحن ۾ ڏنل آهي.

اتهاس تي آبهوائي تبديلين جي ڪري پوندڙ اثرن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

- هيٺل (Lower) ۽ وِچَل (Middle) جُهويهڻي (Paleolithic، جهونو پٿر جو زمانو) دوران ماڻهو ندين ۽ ڍنڍن جي ويجهو رهندا هئا ڇو ته وٽن پاڻي نِڻڻ جا ڪي به ذريعا موجود نه هئا

---

* وچين ڏنگين ۾ ڏنل لفظ سنڌيڪار ٻاران ڏنل آهن - مرتب


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- مهين (موهن/موئن جي دڙي) جي اوج واري زماني کان پوءِ وارن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ڏاکڻي پاسي وراندن ۽ اُترئين پاسي دروازن جي اٿهوند ڏيکاري ٿي ته سنڌو سپيتاڻي زماني کان پوءِ سياري دوران اتر کان ٿڌيون هوائون لڳنديون هيون ۽ اونهاري ۾ ڏکڻ کان هِير گهلندي هئي، ۽ لَهسيندڙ گرمي ۽ سج-لُوسات پڻ وڏي ويندي هئي. ڏکڻ پاسي وراندا ناهي ۽ اتر پاسي دريون نه رکي انهن اثرن کي گهٽايو ويندو هو. مهين ۾ ڏاکڻي پاسي وراندن جي اٿهوند ڏيکاري ٿي ته ڏکڻ کان هِير گهلڻ وارو ڏاب (Pattern) ان مهل پيدا نه ٿيو هو ۽ انهن ڏينهن ۾ آبهوا ڪجهه ٻئي قِسم جي هئي.

## آبهوائي ڦارڦل (Fluctuation) ۽ ڪيئن اها انساني وهنوار سان ڪونس ڪري ٿي:

آبهوا ۾ هيٺ ڄاڻايل سڀ جزا شامل آهن:

تاءُ، گِهمَ، مِينهن-وَس، جُهڙ ڇانءَ، ڪوهيڙو، اُس جو مقدار، واچَ، ٻاڦجڻ (Evaporation) ۽ ماڪَ-درجو (Dew-point) — ڏينهون ڏينهن ۽ سال بسال جيئن اهي هجن. اهڙيءَ طرح، ڪيترن ئي وٽوڻ (Plants) جي وڌڻ، گُلجڻ ۽ ميوجڻ لاءِ گهربل ڪُل گرمي ۽ کيپ (Dormancy) لاءِ گهربل ڪل ٿڌ جي ڪَٿ ڪرڻ به ضروري آهي. تاءُ ۽ مِينهن، به تمام نازڪ عنصر آهن جيڪي آبهوا جي تقرري ڪن ٿا.

آبهوا ماڻهوءَ تي هيٺ ڄاڻايل طريقن سان اثر وجهي ٿي:

- آبهوا ئي آهي جيڪا مقرر ڪري ٿي ته ماڻهو ڪِٿي ۽ ڪڏهن شڪار ڪيڏن، ڪٿي رهڻ جا پائِن، ڪٿي پوکي راهي ڪن ۽ ڪهڙي قسم جا فصل اپائن.
- ماڻهو دنيا جي جيتري وڏي حصي ۾ رهن ٿا، جيڪڏهن باهه، ٻَتِي (هٽرادو روشني، Lamp)، گرم ڪپڙا، گِهمَ چمڙي جا جوتا وغيره نه هجن ته، ان کان وڌيڪ سوڙهي ايراضيءَ ۾ رهڻ تي مجبور ٿي پون ها.
- آبهوائي ڦارڦل زميني ٻٺت (Texture)، زميني پاڻيءَ جي سطحن، ندين ۽ ڍنڍن جي سطحن، بارفن (Glaciers)، پاڻيءَ جي قوت ۽ پاڻيءَ-برقي (Hydroelectric) قوت تي اثر وجهي ٿي.
- تاءُ ماڻهن ۽ جانورن ۽ انهن جي سهنج سهولت ۽ فصل-واڌ ۽ انهن جي لاپ (اُپت، Yield) تي اثر وجهن ٿا.
- اُس، گِهمَ ۽ جهڙالو ماڻهوءَ، جانور ۽ اوپڙ جي صحت تي اثر وجهن ٿا.
- واڪائي (Windiness) ٻاڦجڻ، ٻاڦ-نيڪر (Evapotranspiration) ۽ ان جي ڪري فصلن جي واڌ تي اثر وجهي ٿي. اها جيوڙن (Bacteria) ۽ ڦنگين (Fungi)


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نيپاجي حالتن تي پڻ اثر وجهي ٿي. اها فصلن جي ٻُورجڻ {پوڪجڻ، پٽارجڻ، Pollination} لاءِ ذميوار جِيتن جي چرپر تي پڻ اثر وجهي ٿي.

- آبهوا گُمڻ گهمڻ، سير سفر، مواصلات، راندين ۽ صحتي وندرگاهن تي اثر وجهي ٿي.
- اها زميني ڪاٽ (Erosion)، ٻوڏاٽ، سامونڊي ۽ نديائي پاٽ (Encroachment) جو ڪارڻ هوندي آهي.
- گذريل 4 لک ورهن دوران هاڻوڪو ماڻهو ــــ ماڻُو سُڌيت {هومو سَئپينس، Homo Sapiens} ــــ ڌرتيءَ تي وجود رکندو پئي آيو آهي ۽ ان تي آبهوائي گهٽاوَڌيءَ {ڦيرڦار variation} جو اثر پوندو ٿي رهيو آهي.
- جَجهرُوپ (پليئِسٽوسِين، Pleistocene) زماني (يعني گذريل 18 لک ورهن دوران تاپيَرِي {ڪوسي ڪمربند وارا، Tropical} ۽ اَپ-تاپيري (Sub-tropical) جبل هڪ حد تائين برفاني گِندِن سان ڍڪيل رهيا آهن. ماڻُو سڌيت رڳو تاپيري ۽ سجر (Warm) اپ-تاپيري ايراضيون والاري وينا هئا.
- مَليريائي مچر 16°س {سورهن ڊگري سينٽيگريڊ} کان گهٽ تاءُ ۾ يا 63% کان گهٽ نسبتي گِهمر ۾ نسلي نيپاج نہ ڪري سگهندا آهن. سنڌ ۾ اهي گهٽ ۽ وڌ تاڻن ۾ ۽ اونهاري جي گهٽ گِهمر ۾ مري وڃن ٿا پر انهن جا آنا (Eggs)، آبهوا بدلجي جڏهن فائديمند ٿئي ٿي، ڦُرڄڻ تائين تڳي اچن ٿا.
- رِڻائي مکڙ (Desert Locust) 25°س کان 35°س تائين تاڻن ۾ تمام ڦڙت هوندو آهي. اهو 15°س ۾ نستو ٿي پوي ٿو ۽ 50°س کان مٿي تاءُ ان لاءِ موتمار آهي.

اهي سڀ شيون ماڻهن تي اثر وجهن ٿيون ۽ ڏينهن، گذرندڙ حياتيءَ کي مقرر ڪن ٿيون.

## اولهايُون (Westerlies) ۽ سڄيءَ دنيا ۾ آبهوائي گهٽاوڌيون:

- چَوماسي جون هوائون اولهايُن (جن جو ذڪر هيٺ ايندو) جي وهڪري سان لاڳاپيل آهن.
- ڌرتيءَ جو ڦِرڪو (Rotation)، ڌرتيءَ جي مختلف حصن ۾ پهتل گرميءَ ۾ موسمي تبديليون، زمين ۽ سمنڊ ۽ پڻ واءُ تي اَسَ جن مختلف نمونن سان اثر وجهي ٿي. واءُ جنهن جو ڪارڻ خشڪ زمين ۽ سمنڊ جي گهٽ-وڌ ڪوسائپ آهي. انهن سڀني عملن تي اولهاين جو اثر پوي ٿو. اولهايون آئيس لئنڊ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اترئين يورپ، روس ۽ مرڪزي ايشيا ۽ سندن ڀرائي (Periphery) تي ٽيندڙ هوا جي چرپر کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي رکن ٿيون پر اهي ... oscillate time and again* ۽ آبهوائي تبديلين جو ڪارڻ هونديون آهن.

- ساحل ۾ مينهن-وس سنڌ ۾ مينهن-وس تي اثر انداز ٿئي ٿي. 1972ع ۾، ساحل ۾ آيل سوڪهڙي ڏکڻ ايشيا جي مينهن ۾ 40% کوٽ پيدا ڪئي.
- اولهاين جي ڪري آئيس لئنڊڪ تاءِ پاڪستان ۾ اترئين پارٽ (هماليا ۽ سنڌو ۽ ان جي پرتو شاخن جي آسَهہ {Catchment}) ۾ چوماسائي مينهن سان سَهہ-ناتيدار (co-related) آهن.
- آئيس لئنڊ جڏهن ٿڌي ۾ ٿڌي ٿيڻ جي سانت (Process، عمل) هيٺ هوندي آهي تڏهن ڏکڻ ايشيا ۾ ڏڪار منهن ڪيندو آهي ۽ ان جو ڪارڻ وري به اولهايون هونديون آهن.
- ڏکڻ ايشيا چوڏهينءَ کان اٺويهين صديءَ تائين، وچ وچ ۾، ڪي ئي ورهہ ڏڪار ڏٺو. ساڳي عرصي دوران آئيس لئنڊ ۾ ڪوساڻ ۽ ٿڌاڻ جا ڪي ئي اڻ-پتيا {غير يقيني} مُدا ٿي گذريا ۽ ڪي ئي ڏهاڪين ورهہ تمام گهٽي ٿڌ، پارو پوندو رهيو.
- ڊِبار (Normal) تاءَ-پڙهٽيون گذريل 30 ورهن جي سراسري آهن. 1890ع کان 1940ع تائين ملندڙ تاءَ 1940ع کان 1980ع تائين ملندڙ تاڻن کان مٿيرا هئا. اِٿوپيا، سُوڊان، چاڊ، نائجر، مالِي، اُپر {Upper، ماٿيل} وولٽا، سينيگال ۽ ماريطانيا ۾ تازو آيل تبديلين ۽ سياسي اوٿاڙ (Up-heavals) ساحل ۾ 1968ع کان هلندڙ سوڪهڙي جي ڪري آهن.
- اولهايون ڏکڻ ايشيا ۾ چَوماسي جي ڊاب تي ڀڻ اثر وجهن ٿيون. ڏکڻ ايشيا ۾ چوماسو نہ ٿو ٿئي تہ باراني زرعي ايراضيءَ ۾ اناج جي اپت 1/3 (ٽيڻ تي) گهٽجي وڃي ٿي.
- 1945ع کان پوءِ تائين ۾ آيل گهٽتائيءَ سنڌ ۾ ڏهن ورهن اندر سڳداسي چانور جنس جي ٻوٽي جو ٿڙ پورالو ڪري ڇڏيو ۽ جيئن تہ فصل جي رچجڻ {ساماڻجڻ} جي مند ۾ ٻن هفتن جي دير {وِٿي} وجهي ڇڏي، ان ڪري اهو فصل ئي جهڙوڪر ختم ٿي ويو.

---

* هن هنڌ "آسٽيليٽ ٽائيم اينڊ اگين" لفظ اڳيان، پنهور صاحب جي اصل مسودي ۾ ڪو/ڪي لفظ لکيل ناهن جن جي جڳهہ خالي ڇڏيل آهي! يا شايد اتي ڪو بہ لفظ ناهي! بهرحال، مفهوم جڙندي نظر نہ ٿو اچي. اتي سنڌيڪار خال ڀاڻائڻ لاءِ ٽبڪا هنيا آهن - مرتب


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتري موٽائي تي ان جي پيٽ وڏيڪ تروراٿپ (radiation، ڪرٿاٿپ) وصول ڪري ٿي. ان ڪري رڻن ۾ ۽ قطبن تي ڏينهن جي وقت تاءُ گهٽجيو وڃي ۽ رات جي وقت وڌي ٿو پر اڌوڙڪ (Equator، خط استوا) تي گهٽجيو وڃي ۽ رات جي وقت دوران رهندڙ تاءُ ۾ فرق ڪجهه گهٽ ٿي ٿئي ٿو.

- مُنداٿت سرشتي (Weather System) جو ڪو به جز ٻئي کان ڌار نه ٿو ڪري سگهجي ۽ اهي سمورا جزا هڪ ٻئي سان ٽڪيل (Integrated) ايڪائي حيثيت ۾ ڪم ڪن ٿا.
- سج چوڌاري ڌرتيءَ جو مدار (Orbit) 90-هزار کان 1-لک ورهن دوران بدلجي ٿو. ڪن موقعن تي اهو پوريءَ طرح گولاٽون هوندو آهي ۽ ٻين موقعن تي بيضوي. ۽ اهو ڌرتيءَ تي تاٿن، بارفو (Glacial) ۽ وچات-بارفو (Inter-glacial) واقعن {ماجراٿن، episodes} کي جنم ڏئي ٿو.
- گذريل برفاني چمار دوران يعني 17-هزار ورهه اڳ ڌرتي گولي جو سراسري-وچ (mean) تاءُ اڄوڪي جي ڀيٽ ۾ 6°س گهٽ هو ۽ برطانوي ٻيٽ برف هيٺ هئا. سج چوڌاري ڌرتيءَ جي مدار سبب پيدا ٿيل شايد آخري بارفاٿپ (Glaciation) جو اوج هو گورک کان ڏاڙهياري تاٿين 50 ميل ڊگهو ڪيرٽر سلسلو اوس برف سان ڍڪيل هوندو ۽ بارفا (Glaciers) جڏهن رڙهي ويا تڏهن انهن U-روپ برساتي سِير جو مَنڌياٿي وڍ (cross-section) ٺاهي ڇڏيو.

## سِجاٿت مَوجُون ۽ سج-داڳ ۽ ڪيٿن اهي آبهوا کي بدلاٿن ٿا

سج-داڳن (sun spots) ۽ سِجاٿت مَوجن (solar surges) جي ڪري پونڊڙ آبهواٿي اثرن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

- ڌرتيءَ جو ساليانو مدار جيٿن ته بيضوي آهي ان ڪري سجاٿت تِروراٿپ {ڪِرٿاٿپ} هڪ ورهه جي مُدي يعني ساوڻ ۽ سياري دوران 30 سيڪڙو گهٽ وڌ ٿئي ٿي.
- ڌرتي سج چوڌاري پنهنجي ڦيري (Oscillation) تي 7 ٻَڌن (Degrees) جو جُهڪاءُ (tilt) رکي ٿي.
- جيترو وڌيڪ جهڪاءُ، سياري ۽ ساوڻ جي تاٿن ۾ اوترو وڌيڪ فرق. گذريل آخري وڏي ۾ وڏو آبهواٿي وڌاڪ سان ٺهڪندڙ جهڪاءُ 10-هزار ورهه اڳ ٿيو هو جيڪو، سڄيءَ دنيا ۾، ڪيترن ٿي جانورن ۽ فصلن کي گهريلو (هاٿيلي) پالنا ڏانهن وٺي ويو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڌرتي پنهنجي محور (axis) سَرائيءَ تي جهڪندي جهولندي ڦرندي رهي ٿي ۽ اهو چڪر پورو ٿيڻ تائين 21-هزار ورهه وٺي ٿو.
- سج پڻ (پنهنجي محور تي) ڦري ٿو ۽ ان جو چڪر 9 کان 27 ورهن جي عرصي جيترو اختلاف ڏيکاري ٿو.
- سج-داڳن جو 11-ورهيو يا وڌيڪ درست رهندي 22-ورهيو ڦيرو وڌيڪ مڃيل آهي.
- سج-داڳن جو 22-ورهيو ڦيرو پڻ گهٽ وڌ فرق ڏيکاري ٿو ۽ اهو سجائت ڪِرڻائپ ۾ گهٽ وڌائي ۽ ان ڪري ڌرتيءَ تي آبهوا ۾ گهٽ وڌائي پڻ آڻي ٿو
- 1645ع کان 1715ع جي وچ واري عرصي ۾ ڪرڻائپ هاٺوڪيءَ جي ڀيٽ ۾ 1.4 سيڪڙو گهٽ هوندي ۽ ان ڪري ٽاءُ ۾ $1^{o}$س کان $2^{o}$س جو فرق هوندو اهو سڄيءَ دنيا ۾ ۽ سنڌ ۾ ننڍي برفاني ڄمار جو سڀ کان وڌيڪ بچڙو عرصو هو.
- 1916ع ڌاري ڪرڻائپ وڌي وئي ۽ جڏهن ابتڙ سات (reverse process) شروع ٿيو ته 1947ع تائين ٽاءُ مٿي چڙهيل رهيو.
- ڌرتيءَ سميت، سج چوڌاري ڦرندڙ گرهن جي ڦيري واري مدي ۾ فرق سج تي گڙٻڙ پيدا ڪن ٿا. جيئن 17-سَو ورهن جي لاڳيتو رهندڙ تال (rhythm) سان ٿيندي رهي ٿي.
- سج ۽ ڌرتي جي ڇِڪ وِيرون اپائي ٿي. عام طرح اوچيون ويرون 18-سَو ورهن جي وٿيءَ سان عمل ۾ اچن ٿيون ۽ آبهوائي ڍاڃن ۽ ساتن ( Patterns and Processes) کي تحرڪ ۾ آڻن ٿيون جن کي پنهنجي معمول تي موٽي اچڻ لاءِ ڏگهي عرصي جي گهرج رهي ٿي. ننڍڙي برف ڄمار جي مهميز جو ڪم 1433ع ۾ انتهائي اوچاين تي ڪنهن وِيرائت وڌياڪ (tidal maximum) سرانجام ڏنو هوندو جنهن جي ڪري قطبي برف ۾ ڏکڻ پاسي ڌوهه تي هوندي ۽ نتيجي طور اٽڪل 400 ورهن لاءِ "ننڍڙي برف ڄمار" شروع ٿي وئي.
- هڪ پاسي اڻاٺيل/سوڪاٺيل (Arid) ايراضين ۾ اٽڪل سوڪهڙن ۽ ڪوسن علائقن ۾ وڌيل مينهن-وس ۽ ٻئي پاسي سج-داڳن جي وچ ۾ هڪ سهه-ناتو (co-relation) موجود آهي. انهن جو مدو 80 کان 90 ورهه يا 120 کان 200 ورهه هجي ٿو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڏکڻ ايشيا جي چوماسن تي آرڪٽڪ (Arctic) جي برف تهن ۾ سوس يا ڦونڊ جو پڻ. جيڪي پڻ اولهاين جي اثر هيٺ ٿين ٿيون. اثر پوي ٿو
- اوچين ليٽاڪن (Latitudes، ويڪرائي يا سمهيل/ليٽيل ڦاڪن) يعني سائبيريا، ناروي، سويڊن، آئيس لئنڊ، اسڪاٽ لئنڊ ۽ الاسڪا) ۾ ڪنهن زماني ۾ جڏهن تاء تمام گهٽ هوندا هئا تڏهن ڏکڻ ايشيا ۾ چَوماسا گهڻجي ويندا هئا. آئيس لئنڊ جي آبهوا، ڪيترن ئي مندچاٽڪن جي راء موجب، ڏکڻ ايشيا جي آبهوا سان ڪيترن ئي سهه-ناتن ۾ ڳنڍيل آهي ۽ نتيجو ڪڍيو ويو آهي تہ آئيس لئنڊ ۾ پونڌڙ پارا ڏکڻ ايشيا ۾ چوماسن کي گهٽ ڪري ڇڏيندا آهن. ڏکڻ ايشيا ۽ آئيس لئنڊ جي وچ ۾ تاء آبهوائي وڏياڪ، ننڍڙي برفاني ڇمار ۽ ان جي ڪڍ ايندڙ هجرائپ جي حوالي سان 900ع کان وٺي هڪ عمومي سهه-ناتي ۾ رهندا آيا آهن ۽ شڪ کان آجي نموني ثابت ٿي چڪا آهن.
- انگلنڊ ۾ڏا عرصا صحارا ۾ سوڪهڙن سان ڻهڪي اچن ٿا ۽ آئيس لئنڊ ۾ ڏا عرصا ڏکڻ ايشيا ۾ چَوماسي کي ختم ڪري ڇڏين ٿا. تجربو ڪري ڏٺو ويو آهي تہ جيڪڏهن تاڻن ۾ سراسري طرح 0.8°س جي گهٽتائي هجي تہ فصلن جي لاپ ۾ 25 سيڪڙو ڪوٽ اچي ٿي.

## دنيا جي غريب ملڪن ۾ آبهوائي تبديلين جا نتيجا

مند ۾ تبديليءَ جي ڪري بيماريون ظاهر ٿين ٿيون، جن جي ڪري گهٽ قوت وارو ڪاڌو کائيندڙ انساني آبادي اُجڙي وڃي ٿي.

## مختلف مٿاڇرن تان روشنيءَ جي موٽ ۽ مقصد (Implications)

مختلف مٿاڇرن تان موٽايل روشني هن طرح آهي:

- برف — 80 سيڪڙو
- خشڪ گاهہ — 20 کان 30 سيڪڙو
- آلا گاهہ — 8 کان 20 سيڪڙو
- رڻ — 24 کان 30 سيڪڙو
- ٽڪريون — 15 کان 12 سيڪڙو

آبهوا ۾ ننڍيون تبديليون موٽايل ۽ جذب ڪيل روشني جي ڪري ٿين ٿيون.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻيون

# ڏماڪيدار ٻاھوٽنيائي اُبڙڪا

## سنڌن ورباتا، آبھوا تي اثر ۽ اتھاس

ٻاھوٽنيائي (Volcanic، آتشفشاني) اُبڙڪا (eruptions، اوڳاڇون) ڪيئن آبھوائي تبديليون آڻن ٿا. ان سوال جو جواب سانتارن (Santarin) ۽ ڪراڪارتو (Krakarto) زلزلن، 1886ع ۽ 1883ع، جي ڏنل ٻن ڪلاسيڪي مثالن وسيلي سمجھي سگھجي ٿو.

### سانتارن ٻاھوٽنيائي اُبڙڪو

هِن ٻاھوٽنيائي اُبڙڪي يونان ۾، 1320 ق.م، اقتدار جو انت آندو جيڪو سنڌ ۾ جھڪر (Jhukar) ثقافت جي پُڄاڻيءَ ۽ ان جي جاءِ تي آيل زوال ڏانھن مائل جھانگر (Jhangar) ثقافت جي اچڻ سان ٺھڪي اچي ٿو. سانتارن ٻاھوٽني (volcano، آتشفشان)، ڪريٽ (Crete) ڪان 120 ڪلوميٽر اتر طرف، پنھنجي چار چڏڻ شروع ڪئي. جنھنڪري چار جو 30 ميٽر (100 فوٽ) ٿلھو تھہ پکيڙي ڇڏيو جنھن ھڪ ٻڻ جو ھيٺيون حصو پُوري ڇڏيو. اھو ٻڻ پروسي سان 3370 ورھ اڳاٽو ڄڻي سگھجي ٿو. اُبڙڪن چار کي فضا ۾ 50000 ميٽر (30 ميل) اوچو اڇلايو ۽ سوين ميل پري تائين پکيڙي ڦٽو ڪيو. اھا چار 1000 ڪلوميٽر پري يونان جي اتر، اٽليءَ جي ڏکڻ، سِسِليءَ ۽ آفريڪا جي اتر تائين پکڙجي وڃائجي وئي. چار جي رَءُ (لَٽَ) وسيلي ٺھيل تھہ جي وڏياڪ ٿولھہ 22 سينٽي ميٽر (س.م)، 500 ڪلوميٽر پري 1 ڪان 2 س.م ٿلھي ۽ 1000 ڪلوميٽر پري 1 س.م ڪان گھٽ ٿلھي آھي.

سانتارن ٻاھوٽنو پھريائين چاريت (Quaternary يعني گذريل 10-لک ورھن واري) زماني ۾ 10-لک ڪان 1-لک ورھ ڏاري ٺھيو ھوندو جاچ ڏيکاريو آھي تہ سانتارن اُبڙڪا 1-لک، 2-لک 50-ھزار ۽ 3-لک ورھ اڳ بہ ٿيا ھئا. 3370 ورھ ڇڏي، وري اھو 197 ق.م ۾ ڦاٽو ھو ۽ پوءِ وري 726ع، 1573ع، 1650ع، 1707ع ۽ 1886ع ۾ ڦاٽو. 1886ع وارو اُبڙڪو جنوري ڪان مئي تامين رَتي-تَتي (red-hot) تاڳار (Lava، لاوا) سان ھلندو رھيو جيڪا سمنڊ ۾ وڃي ٿي پئي، جنھنڪري سامونڊي پاڻيءَ جو تاءُ 46°س تائين ۽ نئين ٺھيل ٻيٽ چوڌاري 84°س تائين وڌي ويو. رتي-تتي تاڳار جا گِنڊا 500 ميٽرن تائين اوچا اڇلجي ٿي ويا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانتارن آپدا جي پکوڙ (extent)، ڪِندِن (انڊونيشيا ۾ بالِي جي سُندا ٻيٽ تي ڪراڪارتو ٻاهوئي جي اوٻڙڪ واري تازي مثال مان پروڙي سگهجي ٿي. ريزانوف (Rezanov) جنهن جا تفصيل گڏ ڪري تت ڏنو آهي:

- 20 مئي 1883ع تي ڪُنيپيءَ جهڙو ڪڪر ٻاهوئي جي ڦلاڪي (crater، سڙيل وات) مان اڀري 11000 ميٽرن (6.6 ميلن) جي اوچائي تائين پهچي ويو ۽ ان کان ڪي ٿي ميل پري بيٺل جرمن جنگي ٻيڙي (وارشپ) جو ڊيڪ (deck، ٿلڙ) ان جي چار سان ڍڪجي ويو.
- 27 مئي تي، پنجن کان ڇهن منٽن تائين جي وٿيءَ سان ڌڌڪو ٿيو پئي ۽ دونهون ۽ دز 2-هزار کان 3-هزار ميٽرن جي اوچائي تائين پهتا پئي.
- 11-آگسٽ تائين ڌڌڪا ٿيندا رهيا تان جو ذڪر ڪيل وارشپ جي ماٿهن تي وڏا ۽ ڪي ٿي ننڍا ڦلاڪا ڏسي ورتا جيڪي سڀ جو سڀ دونهون ۽ دز اوڳاڇي رهيا هئا.
- 26 ۽ 27 آگسٽ تي آپدا وڏي وٺي ۽ ڪراڪارتو کان 20 ڪلوميٽر پري هڪ ٻيٽ جي ڪل آبادي ناس ٿي وئي.
- 26 آگسٽ تي 2 وڳي منجهند جو گُهگُهوڪ گوڙ (rumbling sound) تيز ٿي ويو ۽ چار جو هڪ. ٿُلهه ٺهندي ڏٺو ويو جيڪو 27-هزار کان 33-هزار ميٽرن تائين اوچو هيو.
- 5 وڳي شام جو اٻڙڪو بند ٿي ويو. ٿُلهه ڊهي پيو ۽ سنهڙي خاڪ جو مينهن وسڻ لڳو. ساموندي ڇوليون وڏي ويو جيڪي ساموندي ننڍن ٻيڙن ۽ ٻيڙين کي ڊِڪي ڪناري ڏانهن وهائي ويون. پاڻيءَ جهازن جي ٿلڙن تي خاڪ جو ٿلهو تهه وڃائجي ويو ۽ ڪن ٻيڙن تي ته اهو هڪ ميٽر ٿلهو هو.
- گجگوڙ شروع ٿي ويو ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ وڄ جا وراڪا. اوجل چمڪا ٿيڻ لڳا ۽ پاڻيءَ جهازن جو هر ڌاتُوئي حصو برقي جهٽڪا ڏيڻ لڳو.
- 27 آگسٽ تي، اينڊڙ 18 ڪلاڪن لاءِ هر شَيءِ ہاٽ ۾ ويڙهجي وئي.
- ڇوليون 6 وڳي صبح جو هيناهن ڪنارن تي چڙهي آيون.
- ڌهين وڳي ڌونگر ڌڪائيندڙ ڌماڪو ٿيو ۽ گُسُون. ٻاڦ. دونهون. چار ۽ ڇِپن جا گُنل روڙا 70 يا 80 ڪلوميٽر اوچائي تائين اڇلجي ويا ۽ چَوڦير 10-لک چورس ڪلوميٽر ايراضيءَ يعني لڳ ڀڳ 1125 ڪلوميٽر (لڳ ڀڳ 700 ميل) قطر رکندڙ دائري ۾ پکڙجي ويا. ڌماڪن جا ڌڌڪا تامل ناڊو. سريلنڪا.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوجهل نہ ٿيندو هو. جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ ڪيترن ئي مهينن تائين واءُ منڊل (Atmosphere)، وائول) جي مٿين تهن ۾ دز موجود رهندي پئي آهي.

- ٿلهي ليکي ساڳي ئي وقت يورپ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ڦلهيار مليل مِينهن وسيو جنهن زمين کي وسندڙ برف جيان ڍڪي ڇڏيو. ان ڦلهيار ۾ سنهڙا اڇا ڦلم (crystals) هئا بلڪل اهڙا جهڙا ڪراڪارتو وارا.
- ڇار جي ڪل مقدار بابت ڪاٿو ڪيو ويو آهي تہ اهو 18 ڪيوبڪ ڪلوميٽر ٿيندو يعني ڌرتيءَ جي سڄي مٿاڇري کي 1-انچ (2.54 س.م) ٿلهي تهہ ۾ ڍڪي سگهندو.
- آپدا جي هنڌ کان 6 ڪلوميٽر نيم قطر (radius) ۾ ٻاهوئيائي ڇپون ۽ پٿرن جا روڙا 20 کان 40 ميٽر ٿلهن تهن ۾ ڍڳ ٿي ويا.
- نوان ٻيٽ اڀري آيا ۽ اڳوٽن موجود ٻيٽن جي ايراضي وڌي وئي.
- ليمپنگ (Lampung) ۽ سيمانگڪا (Semangka) اپسمنڊن جو ٻيڙياتو ڍڳ ترندڙ ڪُرنڊ (pumice) جي تهہ سان ڇٽڪ بند ٿي ويو.
- ڇار لڳ ڀڳ 750000 چورس ڪلوميٽر ايراضـيءَ ۾ پکڙجي وئي.

ڪراڪارتو ۾ 1883ع کان اڳ ٽي وڏا ٻاهوئيائي اٻڙڪا اچي چڪا هئا. هِن کان اڳ وارو 1670ع ۾ آيو هو ۽ ان کان پوءِ بہ 1927ع، 1951ع ۽ 1960ع ۾ آيا.

## ٻاهوئيائي اٻڙڪي سبب اٿندڙ دز ۽ ڪيئن اها آبهوا تي اثر وجهي ٿي

- ٻاهوئيائي اوٻڙڪ جي حالت ۾ فضا ۾ اُڇلايل دز اندر ايندڙ ننڍلهر (short wave) شڪتيءَ کي روڪي ٿي پر ڌرتيءَ تان اٿندڙ ڊگهہ لهر (long wave) ڪرڻائپ کي بنا رنڊڪ گذري وڃڻ ڏئي ٿي جنهنڪري ڌرتيءَ تي تاءُ گهٽجي وڃن ٿا ۽ آبهوا ٿڌڪڙي ٿي پوي ٿي. ٻاهوئيائي اوٻڙڪ جي ورياتا آبهوا کي اوچتو ئي تبديل ڪري سگهي ٿي.
- اٻڙڪا ٿڌڪار پيدا ڪري سگهن ٿا جيڪا ڪجهہ ورهن کان ويندي هڪ يا ٻن ڏهاڪن ورهن تائين رهي سگهي ٿي ۽ اها سڌريل سماجن کي برباد ڪري سگهي ٿي.
- ٻاهوئيائي اٻڙڪا بارفو چڙهتي وڌائي ۽ وڏيون آبهوائي تبديليون پيدا ڪري سگهن ٿا.

---

* ان هنڌ تائين ترجمي جي ڪاپي فيڪر ٽيل آهي. جنهن کان اڳتي مواد رف لکيل مليو آهي - مرتب


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ نا اميديءَ (desperation) جو ۽ ڪلهوڙن کان ٽالپرن جي راڄوٽيءَ ڏانهن تبديليءَ جو عرصو هو.

- 1811ع ۽ 1813ع ۾ باهوٺيائي اٻرڪا ٿيا. انهن ٿڌ پيدا ڪئي ۽ نيپولن کي روس جي عام طرح ٿينڊڙ سخت ۽ تکي سياري آڌو موٽ ڪاٽڻي پئي.
- 1815ع انڊونيشيا ۾ تمبورا (Tambora) وٽ اٻرڪي فضا ۾ دز جو اهڙو ته پردو بيهاري ڇڏيو جو اترادي اڌول ۾ سراسري تاءُ 1816ع ۾ 1°س ڪري پيو. انگلنڊ ۾ مئي کان آڪٽوبر تائين تاءُ 3°س ڪريل رهيو ڪئنادا ۾ جون مهيني دوران برف وسي ۽ ان سال سرءُ جي سيني مهينن دوران پارو پوندو رهيو. سنڌ ۾ 1816-1821ع وارا ورهه ٿڌا هئا ۽ ڏڪار پيا.
- 1883ع ۾ انڊونيشيا جي ڪراڪارتو اٻرڪي 13 ڪيوبڪ ميلن جي مقدار جيڏو مواد خارج ڪيو جنهنڪري آسمان جو رنگ غيرمعمولي ٿي ويو: ڏکڻ ايشيا ۾ سائو سج، يُوايس.اي جي صاف آسمان ۾ انڊلٺ جو ظاهر ٿيڻ ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي صبح ۽ سانجهيءَ ويل (چِٽِي) ڳاڙهاڻ. دز اُس (سج جي روشنيءَ) کي بند ڪري ڇڏي ٿي پر ڌرتيءَ جي ڪوساڻ کي ڪِرٽائپ جي صورت ۾ نڪرندو رهڻ ڏئي جنهنڪري ڌرتي ٿڌي ٿي وڃي ٿي. 1883ع ۽ 1884ع ۾ سنڌ اندر چانورن جو فصل ڏاڍو گهٽ لٿو.
- واءُ جي ڪري ٽيل ڪاڌ سبب سنڌ-راجستان فضا ۾ دز جي ذرڙن جو هڪ تهه ٺهي پوي ٿو. اهو ڏينهن جي تاڻ کي گهٽ ڪري ۽ رات جي تاڻ کي وڌائي ڇڏي ٿو.
- 1963ع ۾ جبل آگنگ اٻرڪي سويت يونين مٿان سجائت ڪرٽائپ کي 5 سيڪڙو گهٽائي ۽ ممڪن ڪٽڪ فصل کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ ان ڪري 1964ع ۾ خروشوف (Khurovshoff) جو اقتدار ختم ٿي ويو

## سنڌ مٿان باهوٺيائي چار جهڙو دز-پيالو ۽ ان جو اثر

عربي سمنڊ کان سنڌ ۽ راجستان مٿان هلندڙ هوا ڪيترن ئي رِڙن جي پيٽ ۾ چئوٽو پاڻيءَ-بخار (vapour) ۽ تاپيري برساتي ٻيلن جي پيٽ ۾ 80 سيڪڙو آلهه رکي ٿي پر پوءِ به مينهن نه ٿو وسي. هوا جي سراسري رفتار اپريل کان سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ تائين هر ڏينهن جي ڏهن ڪلاڪن دوران 16 ميل في ڪلاڪ (7.5 ميٽر في سيڪنڊ) آهي. واڄَ اگهاڙي مٽيءَ جي ڪاڌ ڪري ٿي. دز ڪٽي ٿي ۽ ڏاڪٽي سنڌ ۽ راجستان مٿان چانيل فضا کي دز جي ذرڙن سان ڀري


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ماڻھو گھٽي ڪيتيءَ ۽ ڳاهه ڪارائڻ ڏانھن اچا وڌيو جيستائين رڻائپ (desertification) غالب پئجي وئي، پنجو ڪمزور (deteriorated) ٿيو ۽ ماحول هُن لاءِ گھريلو جانورن ۽ فطرتي وڻن ٽڻن لاءِ جوڪائتو (غيرمهمان نواز) بڻيو.
- انهن عملن جي ڪري ماڻھو انهن آبادين کي سهڪاري نہ پئي بڻجي سگھيو جن سان ميدانُ ڪنهن وقت آباد هئا ۽ هن کي ڏڪار، بُک ۽ موتن سان مُنهن ڏيڻو پيو، جنهن ۾ گھريلو جانور، پنجوءَ ۾ ٿيندڙ وڻ ٽڻ، ۽ پَٽ تي جھنگلي جانور بہ مُنهن مقابل ٿيا.

## نتيجا

- آبھوا مقرر (fix، پائدار) ناهي.
- آبھوا هوري هوري بدلجڻ بدران تڪڙو بدلجڻ جو لاڙو رکي ٿي.
- راهپي/ثقافتي (سيپتائي) تبديليون عام طرح آبھوائي تبديلين سان گڏ ٿين ٿيون، جيئن دنيا جي تاريخ مان بہ ثابت ٿئي ٿو ۽ سنڌ ۾ واقعن مان ثابت ٿئي ٿو
- موجوده آبھوا ويجھڙ وارين صدين جي ڊگھي تناظر ۾ رواجي نہ آهي.
- جڏهن اُها اُوچن ليٽاڪن (ويڪرائي ڦاڪن، Latitudes) تي ٿڌي آهي تہ چَوماسا ڪوسن ڪمربندن (tropics) ۽ گھٽ ليٽاڪي نيم گرم علائقن ۾ وسن ٿا.
- ڌرتيءَ جي تاريخ جي ٿڌي عرصي (واپَل، period) ۾ رواجي آبھوائي ناپائداريءَ جي پيٽ ۾ وڏا عرصا آهن، ۽ جن ۾ سوڪهڙو ۽ ٻوڏون ٿيون آهن ۽ تاءَ ڪِن خاص انتهائڪ اونهارن ۾ ٿيا آهن، جھولا (heat waves) لڳا آهن ۽ جن سان زراعت اچا رنڊڪ هيٺ آئي آهي.
- توانائيءَ جي عالمي کاپي (واهپي، consumption) ۾ موجوده مسلسل واڌِ غفلت پرين آبھوائي تبديلين ڏانهن وڏي پئماني تي، ڪنهن بہ وقت، هڪ يا ٻن ڏهاڪن اندر وٺي وڃي سگھي ٿي.
- آبھوائي تبديليون دنيا جي تباهيءَ جو سبب بڻجي نہ ٿيون سگھن، پر قطبي برفاني ٽوپن (icecaps) جي رِجڻ سان ساموندي ايراضين ۾ وڏيون ٻوڏون اچي سگھن ٿيون ۽ دنيا جي مکيہ اناج اپائيندڙ ايراضين کي پڻ متاثر ڪري سگھن ٿيون، جنهن سان اڌ کان هڪ ارب (50 کان 100 ڪروڙ) ماڻھو بک (ڏڪار) جو شڪار ٿي سگھن ٿا.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- اترئين اڌول ۾ جُون ۾ وڌ ۾ وڌ ۽ ڊسمبر ۾ گهٽ ۾ گهٽ ترورائيپ (ريڊيئيشن) ٿئي ٿي. جيئوٽيڪ اُتي جنوري وڌ ۾ وڌ ٿڌو مهينو آهي. اترادي سنڌ (24 ڊگرين کان 26 ڊگريون اُتر) ان حوالي سان نمائندگي ڪندڙ آهي. جتي اونهاري ۾، وڌ ۾ وڌ تاءُ اپريل جي آخري هفتي ۾ يا مئي جي پهرين چوڏهي ۾ پهچي وڃن ٿا.
- باهوئياڻي اُڀڙڪا گذريل ڪجهه ورهن کان آبهوائي تبديليءَ جو مکيه ڪارڻ آهن، جنهن سان زراعت جي تباهي ٿي آهي ۽ جنهن جي نتيجي ۾ ڏڪار ٿيا آهن، هجرتن حڪومت خلاف بغاوتون ڪيون آهن ۽ حڪمران طاقتن ۾ تبديليون آنديون آهن.

❊❊❊

نوٽ: هي ڇٺو باب پنهور صاحب جي هڪ انگريزي ڪتاب جا ترجما آهن، جنهن جو نالو اصل مسودي تي لکيل ناهي. خبر ناهي ته چوا مڪمل مسودو 82 صفحن تي ۽ اي-4 (A4) ماپ جو آهي، جنهن جا مٿي ترجمو ڪيل ڇٺي باب 19 صفحن تي مشتمل آهن. ممڪن آهي ته زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي ان لائق ٿي سگهان جو ڪتاب جو رهيل مسودو معزز پڙهندڙن اڳيان ترجمو ڪري، پيش ڪري سگهان. - مرتب


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم. ايچ. پنهور
ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# سنڌ ۾ زرعي- آبهوائي (Agro-climatic) علائقن بابت نئين سوچ

[ايم.ايچ. پنهور مُنڊپياسي (Meteorological)* انگن اکرن يا "ڄاڻوڪي" (Data) جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو ۽ هُو سنڌ کي اهڙن 9-علائقن ۾ ورهائڻ جي رٿ ڏي ٿو جن جي بنياد تي زرعي رٿابندي ڪري سگهجي ٿي. - سنڌيڪار]

اڄ ڪلهه زراعت لاءِ آبهوا جي اهميت کي ڌيان ۾ گهٽ رکيو ٿو وڃي، توڙي جو آزاديءَ کان اڳ ان تي جوڳو ڌيان ڏنو ويندو هو. آبهوا (Climate) هڪ وسيع مفهوم وارو لفظ آهي، جنهن ۾ روزاني توڙي سڄي سال دوران پوندڙ گرمي (تاپو، تاءُ، temperature)، گهم (humidity)، وسڪارو (rainfall)، جهڙالو ( cloud cover)، ڪوهيڙو (fog)، سج جي تابش کان بچاءُ، گهلندڙ هوائون، بخارجڻ (evaporation) ۽ ماڪ-درجو (dew-point) شامل آهن. آبهوا اسان کي گهڻن ئي ٻوٽن (plants) جو ڦوٽهڙي، گُلجَڻ (گل ٽيڻ/گل ڦُٽڻ جو عمل) ۽ ميوجڻ (ميوو ٽيڻ/ميوو ٺهڻ جو عمل) لاءِ گهربل ڪل گرميءَ ۽ ڪجهه وٽوٽن (وڻ+ٻوٽو = وٽوٽو، Plant) کي سندن وري ڦوٽهڙي ۽ گلجڻ کان اڳ ساهي (dormancy) ماڻڻ لاءِ گهربل ڪل ٿڌ (chill) جو مقدار به ٻڌائي ٿي. آبهوا جا عنصر مختلف وٽوٽن جي بقا ۽ ستابائيءَ لاءِ مناسب فضائن کي مقرر ڪن ٿا.

برطانيا آبهوا جي اهميت کي محسوس ڪيو ٿي تنهنڪري بمبئي پريزيڊنسيءَ پنهنجي اثر هيٺ علائقي جو 1878ع ۾، 12x17 انچ ماپ جو هڪ مُنڊپياسي نقشو ڇپرايو. اُپڪنڊ ۾ برساتن جو پهريون چارٽ 1884ع ۾ (ماپ

---

* منڊپياس (منڊڄاڻ) = منڊ+اپياس (منڊ+ڄاڻ) = (Meteorology)
منڊپياسڪ (منڊڄاڻڪ) = Meteorologist
منڊپياسي (منڊڄاڻي) = Meteorological

نوٽ: انگريزيءَ ۾ ڪنهن موضوع جي ڄاڻو/مڃيندڙ/سيکڙات لاءِ عام طرح "اِسٽ" پڇاڙي ڪم ايندي آهي پر سنڌي ۾ سڪيل/اُستاد/ماهر لاءِ "ڄاڻڪ" ۽ شاگرد/سيکڙات لاءِ "پياسڪ" (اپياسڪ) ڪم آئي. انهن ٻنهي کي مخصوص مفهوم ڏئي سگهجي ٿو. - سنڌيڪار


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

37x19 انچ) انڊيا گورنمينٽ ڇپائي پڌرو ڪيو. 1874ع ۾ ڇپيل سنڌ جو پهريون گزيٽيئر (Gazetteer) سنڌ جي مختلف ضلعن جي آبهوا تي بحث ڪري ٿو. ان کي سڌاري 1876ع ۾ وري ڇپيو ويو. هنٽر جو "امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا" (1886ع) آبهوائي نقشا ڏي ٿو. "سروي آف پاڪستان ائٽلس (Atlas)" جيڪو 1983ع ۾ جاري ٿيو. سنڌ جي ساڳي اها ئي آبهوائي ورچ پڌائي ٿو جيڪا هنٽر جي گزيٽيئر 1886ع ۾ لڳ ڀڳ هڪ سو ورهه اڳ ڏني وئي هئي.

زراعت لاءِ آبهوا جي اهميت ايتري ته ضروري سمجهي پئي وئي جو صديءَ جي منجهه تي، 1904ع ۾، هر تعلقي جي مختيارڪار پاران موسم جا بنيادي انگ اکر روزانو گڏ ڪري زراعت جي ڊائريڪٽر ڏانهن موڪليا ويندا هئا. جيڪو مليل ڏور ۾ ساليانو سراسري جي انگن اکرن ڏيٺ ۽ ڇپڻ سان گڏ سنڌ حڪومت جي گزيٽ (سرڪاري خبرنامي، Gazette) ۾ هر سال (1904ع کان پوءِ) ڇپرائيندو هو.

## تاريخي ڄاڻوڪي (Historical Data)

زرعي شعبي جا مختلف ايگزيڪيوٽو انجنيئر پڻ پنهنجي آفيس ۾ منديپاسي اوزار رکندا ۽ ڄاڻوڪي رچيندا هئا. سمورن سرڪاري کيتن (ڀنين، فارمن، Farms) تي وسڪاري ۽ گهٽ/وڌ تاءَ-پد کي رڪارڊ ڪرڻ لاءِ منديپاسي اوزار رکيا هوندا هئا. انڊيا جو منديپاسي شعبو آبهوا جي اثرن کي چڱيءَ طرح سمجهندو هو. ان 1945ع ۾ "آبهوا ۽ انڊين هاري" (کيتار، Farmer) نالي ڪتاب ڇپرايو. هن ڪتاب ۾ وسڪاري تاپي (گرمي جو درجو)، مجموعي بخارجڻ ۽ فضائي داب سان گڏ تيهن ڏينهن، ستن ڏينهن ۽ چوويهن ڪلاڪن ۾ 5 انچي وسڪاري جي ڪسوٽي ڏني. اج به، ساڳي ڪسوٽي زرعي رٿابندي ۾ ڏيهان ڏيهه ڪم آندي وڃي ٿي.

آبهوا ۾ دلچسپيءَ جو اندازو ان مان ڪري سگهجي ٿو ته سموريون انگريزي ۽ سنڌي اخبارون اپڪنڊ جي مکيه شهر، ۽ جيڪب آباد، روهڙي، پڊ عيدن، حيدرآباد، چور، ڪراچي، منهوڙي ۽ سنڌ جي هڪ يا ٻن ٻين هنڌن جو وڌ ۾ وڌ ۽ گهٽ ۾ گهٽ تاءَ-پد ڇپينديون هيون.

آزادي ملندي ئي، زراعت سان واسطيدار آبهوا ۾ دلچسپي گهٽ ٿي وئي. کيترن ئي سرڪاري ادارن آبهوائي ڄاڻوڪي پئي گڏ ڪئي آهي. پر ان کي ڪڏهن به مجموعي طرح رٿيو نه ويو آهي جو ساليانو سراسري ۽ آبهوائي رويو ڄاڻي سگهجي. پاڪستاني منديپاسي شعبو جنهن وٽ 2300 ملازم آهن. سڄي ملڪ اندر کيترن ئي هنڌن تي آبهوائي ڄاڻوڪي گڏ ڪندو رهي ٿو. پر ان


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي گذريل ويهن-پنجويهن سالن ۾ ڪڏهن به هڪ هنڌ ڪٺو نہ ڪيو ويو آهي. انهن وٽ ڏهاڙي جاچوڪي (Daily Data) داخل ڪرڻ وارا دستخطي رجسٽر موجود آهن. واپڊا (واٽر اينڊ پاور ڊولپمينٽ اٿارٽي) جاچوڪي گڏ ڪري ۽ ڇپي ٿي، پر اها اهڙي صورت ۾ ناهي جيئن سنڌ ۾ زرعي ڊائريڪٽر 1946ع کان اڳ تائين ڇپيندو هو يعني مختلف هنڌن لاءِ مهيني ۽ سال جي حساب سان گهٽي ڊگهي عرصي تي پکڙيل سراسريءَ جي صورت ۾.

مختلف سرڪاري رپورٽن ۾ ڇپيل ڪجهہ نقشن تي هڪ نظر وجهڻ سان ئي سَمڪ پئجي وڃي ٿي تہ اهي 70 ۽ 80 ورهہ اڳ ڇپيل منديپاسي نقشن تان ورتا ويا آهن. اهي سنڌ کي رڳو ٽن آبهوائي علائقن ۾ ورهائن ٿا:

1. ڪوسو (Hot)، گهٽو سوڪاٽيل (گهٽو سوڪ ورتل، Arid) — مينهن 5-انچن يا 125 ملي ميٽرن (م.م) کان گهٽ.
2. ڪوسو سوڪاٽيل — مينهن 5-10 انچ (125-255 م.م).
3. سجر (Warm) اڌ-سوڪاٽيل (Semi-arid) — مينهن 10-14 انچ (255-355 م.م).

هِن ليکڪ (ايم.ايچ. پنهور) سنڌ جي مختلف ايراضين لاءِ ڪيترن ئي وسيلن تان 1904-1984ع تائين منديپاسي جاچوڪي پئي هٿ ڪئي آهي، جنهن جي بنياد تي سنڌ جو هڪ زرعي-آبهوائي نقشو تيار ڪيو آهي. هڪ نئون پر مکيہ عنصر جيڪو سنڌ جي ڪيترين ئي ايراضين لاءِ ڳولي هٿ ڪيو آهي، اهو آهي ڪل سَٽيل (گڏ ٿيل، ڪٺي ٿيل، Accumulated) گرمي (ساوڻ ۾ 13 ڊگريون سينٽيگريڊ کان مٿي ڪل ڪٺي ٿيل گرمي) يا گرمي-ڏساڪ (Heat-index)، جنهن هيٺ ڪيترائي وٽوٽا (وڻ ٻوٽا) ڦٽن، وڌن، رسجن ۽ ميوو/اناج يا ڏاڪو ڏين ٿا.

گرمي-ڏساڪن لاءِ ڏيهان ڏيهي مڃيل ڪسوٽي ڪل پد-ڏينهن (Total Degree-days) آهي يعني 13 کان 37 سينٽيگريڊ جي وچ ۾ رهندڙ تاءُ انهن ٻن انتهائن کان هيٺ گهٽ يا مٿي وڌ گرميءَ درجي ۾ ڪيترائي اپ-تاپيري (Sub-tropical)* وٽوٽا پنهنجو سڦل ڦوٽهڙو بند ڪري ڇڏن ٿا.

سنڌ جي پيچارڪي (آبپاشي هيٺ، Irrigated) ميدانن ۾ (جتي واهہ جو پاڻي پڪيءَ طرح مهيا ٿئي ٿو) ساليانِي مينهن جي اهميت گهٽجي وئي آهي. وسڪارو ٿر ۽ ڪوهستان لاءِ اهم آهي جيڪي پوريءَ طرح رڳو مينهن تي پاڙن ٿا.

---

* تاپير = ڪوساڻ وارو = تپ وارو، ڪوسو (Tropic) (ڪوسو ڪمربند)، اپ-تاپير (Sub-tropic)، تاپيري (Tropical)


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بخارجڻ ۽ وسڪاري ۾ فرق ڪي ڏسي سوڪهڙي جي درجيبندي ڪجي ٿي ۽ ان نڪتي کي ذهن ۾ رکي چئي سگهجي ٿو ته ننگر پارڪر ۽ مٺي تعلقن جي ڏکڻ-اوڀرائين ڇهنب کان سواءِ، جيڪا اڌ سوڪاٽيل ايراضي آهي، باقي سڄي سنڌ سوڪاٽيل آهي. سوڪاٽ وڃي اتي دنگ ٿئي ٿو جتي پڪ سان پيچارڪ (Irrigation) پاڻي ميسر آهي.

ڪل گرمي ڏساڪن جي مدد سان موسمي يا آبهوائي نقشو تيار ڪرڻ لاءِ بي مکيہ ڪسوٽي "ڪل سياري-سياٽو" (Total Winter Chill) آهي، جنهن کي "سياٽي-ايڪو" (Chill Unit) سڏجي ٿو. سياري-سياٽو 7.2°س (ست ڏهائي ٻہ پد دگري سينٽيگريڊ) کان هيٺ 0°س (ٻڙي پد دگري سينٽيگريڊ) تائين ڪل ساليانا ڪلاڪ آهي. وڻن جي سياري واري ساهي/ننڊ جي پڄاڻيءَ جو مدو سياٽي-ايڪن ۾ ڪٿجي ٿو ۽ اهو پورو ڪرڻ کان پوءِ وڻ وري ڦٽڻ شروع ڪن ٿا. سياٽي ايڪا گُلجڻ، ميوجڻ ۽ ڪيترن ئي ليماڻن (ليمي جهڙو/جيان، سٽرس، Citrus) ميون جي پيدائش/اُپت تي اثر ڪن ٿا. ڪيترين ئي ٻاجيون سياري-سياٽي جي گهرج رکن ٿيون.

## 9- علائقن جي چنڊچاڻ

سنڌ جو آبهوائي يا موسمي نقشو تيار ڪرڻ لاءِ هن ليکڪ سنڌ جي 14 هنڌن، جن ۾ ڪراچي (صدر) بہ شامل آهي، جي ڪيترن ئي ورهن تي ٻڌل ڄاڻوڪي گڏ ڪري، ان جي بنياد تي نومبر ۽ فيبروري جي وچ ۾ سياٽي-ايڪن ۽ مارچ کان آڪٽوبر تائين ساوٽيءَ جون گرمي-ڏساڪون تيار ڪيون آهن جن ۾ سياٽي-ايڪن ۽ گرمي-ڏساڪن لاءِ ورودي عنصرن کي ريٽيو ويو آهي.

ان ڄاڻوڪيءَ وسيلي سنڌ جو هڪ زرعي-آبهوائي نقشو تيار ڪيو ويو آهي جيڪو سنڌ کي نون علائقن ۾ ورهائي ٿو. انهن مان ٽن علائقن کي گرمي-ڏساڪ جي فرق سبب ٻن ٻن اُپ-علائقن ۾ ورهايو ويو آهي. ان ڪري هن نقشي ۾ 9 سياٽي-ايڪا ۽ 12 گرمي-ڏساڪ علائقا نهي پيا آهن.

### علائقو-1

هن ۾ روهڙيءَ کان جيڪب آباد تائين ايراضي شامل آهي جنهن کي مارچ ۽ آڪٽوبر جي وچ واري عرصي دوران سٽجنڊڙ/ڪَٽي ٿينڊڙ ڪل گرميءَ جي حساب سان 4696 گرمي-ڏساڪ ۽ 420 سياٽي-ايڪا آهن. اها سنڌ جي سڀ کان وڌيڪ ڪوسي ايراضي آهي پر ڪنهن بہ طرح سڀ کان وڌيڪ ٿڌي ناهي، جيئن ان-امڪاني طرح علائقي-2 ۾ ٿئي ٿو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




سنڌ جو زرعي - آبهوائي نقشو

هن ۾ ٻه اپ-علائقا "الف" ۽ "ب" آهن. سڀ کان وڏيڪ ڪوسو حصو "الف" آهي جيڪو ٺُل، شڪارپور، ڳڙهي ياسين ۽ ڳڙهي خيرو تعلقن جي وچ ۾ اچي وڃي ٿو. هن ايراضيءَ جي گهٽي ڪوساڻ اتر ۾ سبي ۽ ڪڇي ضلعن جي ميدانن ۾ موجود وسيع رڻ سبب آهي. ايئن ٿو لڳي ته بلوچستان ۾ ٽيمپل ديرا (ديرا مراد جمالي) سنڌ جي جيڪب آباد کان وڏيڪ ڪوسو آهي، ۽ ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته اهو سڄي اپکنڊ ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪوسو هنڌ آهي.

اوڀرائون حصو "ب" ٻيو اپ-علائقو آهي جنهن ۾ ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، روهڙي، گهوٽڪي، پنو عاقل، اُٻاوڙو ۽ ماٿيلو تعلقا اچي وڃن ٿا. اهو ايترو ڪوسو ناهي ۽ ساوڻ گرمي-ڏساڪ موجب علائقي-2 سان ملندڙ جلندڙ بيهي ٿو.

## علائقو-2

هن ۾ سڄو لاڙڪاڻو ضلعو، دادو ضلعي جو منڇر جي اتر وارو حصو ۽ خيرپور ميرس کان موري تائين، سنڌوءَ جي کابي ڪناري واري سنهي پٽي شامل آهي. هيءَ سنڌ جي سڀ کان وڏيڪ ٿڌي ايراضي آهي ۽ منجهس 550 سياٽي-ايڪا آهن، جيڪي پنجاب جي مرڪزي علائقن سان برابري ڪن ٿا. آزاديءَ کان اڳ هيءَ ايراضي ليماڻن ميون، ڏاڙهن ۽ شرابي انگورن جي لحاظ کان مشهور هئي. 1918-1920ع ۾ تنهي قسمن جا ميوا ڏيساوري واپار لاءِ ٻه اپايا ويندا هئا. جيئن ان ايراضي جو زرعي آفيسر بارڪزئي ٻڌائي ٿو. ويجهڙ وارن ورهن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ان جي ليماڻن ميون کي ڪِين جهڙو ڪري ڇڏيو آهي، ٻيا ٻه فصل ته مورڳو گم ٿي ويا آهن.

ساوڻ ۾ لڳ ڀڳ 4500 گرمي-ڏساڪن جي ڪري اهو جيڪب آباد کان گهٽ ڪوسو آهي. ڪوٽ ڏيجي ٽڪرين واري اپ-علائقي "الف" جي ايراضي ساوڻ ۾ وڏيڪ ڪوسي ٿئي ٿي ۽ ڪوساڻ ۾ جيڪب آباد کان ٻئي نمبر تي اچي ٿي.

جيئن ته ڪيرٿر جبل ٿڌين اترادي هوائن کي رنڊائي ٿو ان ڪري سياري ۾ پارا پوَن ٿا. اهو جابلو سلسلو شهدادڪوٽ کان سيوهڻ تائين سمنڊ-سطح کان 5600-7200 فُوٽ مٿي اوچي ڳاٽ بيٺو آهي. جيڪڏهن مناسب وٽوتا مهيا ڪجن ۽ اپ-تاپيري هيٺاهين زمين تي ڪوسن علائقن ۾ ميون اپائڻ واري ٽيڪنالاجي اختيار ڪئي وڃي ته هن علائقي ۾ ڪيترين ئي اهي ميويدار جنسون اپائي سگهجن ٿيون جن جا وٽوتا سياري ۾ پن ڇاڻي ڇڏيندا آهن.

ان سان گڏ هتي ڏاڙهون، پرسيمَن (Persimmon)، ٽماٽي جهڙو هڪ جپاني ميوو) ۽ لوڪاٽ (Loquat) ۽ مٿين ويڪرائي-ڦاڪ وارن اپ-تاپيري علائقن جا ڪيترائي ميورا اپائي سگهجن ٿا.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## علائقو-3

هن ۾ اوپرائين ناري وارو سوراهه (Sorah) ۽ پڊ عيدن ۽ ڏکڻ ۾ دولت پور شامل آهن. هن علائقي ۾ به علائقي-2 جيان ساوڻ ۾ گرمي وڌيڪ آهي (4450-4500 گرمي-ڏساک) ۽ سياري ۾ علائقي-1 کان ڪجهه وڌيڪ ٿڌو آهي. ايئن علائقي-2 کان ايندڙ ٿڌين هوائن جي گهلڻ سبب ٿئي ٿو جيڪي سٽجي 450 سياٽي-ايڪا ٿين ٿا.

## علائقو-4

هن ۾ نواب شاهه، سانگهڙ، سَن ۽ سڪرنڊ شامل آهن. هن ڪي 360 سياري سياٽا ڪلاڪ آهن ۽ منجهس 4450 گرمي-ڏساک (اهي ساڳيون لاڙڪاڻي ۽ پڊ عيدن واريون) آهن. هن علائقي جي گرمي ماٿهن لاءِ ايڏي سخت ناهي جيتري علائقي-2 جي، جو ته هتي سيارو ڪجهه اڳاٽو اچي ۽ ڪجهه دير سان ختم ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح هتي سياري مُند جي ڪل ڊيگهه ڪجهه وڌيڪ آهي پر ساوڻ جا ڪاڙها علائقي-2 ۽ 3 کان ڪجهه گهٽ آهن.

## علائقو-5

هن ۾ هالا، ٽنڊو آدم، ڪپرو، ٽنڊو ڄام، ميرپورخاص ۽ مَتياري اچي وڃن ٿا. هيءُ علائقو حيدرآباد، ڪوٽڙي، ڄام شوري (علائقي-9) کان ڪجهه ٿڌو آهي تو ٽي جو گرمي-ڏساڪون 4200 اٿس. هيءُ علائقي-6 کان ڪجهه ڪوسو آهي. ان جو ساوڻ ٺيڪ انُن مهينن تي پکڙيل آهي ۽ سياري سياٽا 300 ايڪا. هتي مقامي انب ۽ لِچي جي جنسن (Lychee cultivars)، سنڌي ٻير جيترو ڏاڍو مِٺو ميوو) ڪي هر سال باقاعدي ڳيپرو رکن ٿا. گهٽ سياٽي وارا ڪي پن-ڇاڻو (Deciduous) ميوا پڻ هتي اپائي سگهجن ٿا: رات ۽ ڏينهن جي وچ ۾ تاءَ جو فرق 15°س آهي ۽ ان ڪري ڪيترائي وٽوٽا سجو ساوڻ ڦٽندا/وڌندا رهن ٿا.

آبهوا جي لحاظ کان اهي عنصر سنڌ جي هن ايراضيءَ کي سڀ کان وڌيڪ اُپائتو/لاپائتو ناهن ٿا. علائقي-5، 6 ۽ 7 مٿان اپريل کان سيپٽمبر تائين عربي سمنڊ کان هِندي رڻ ڏانهن تيز گهلندڙ هوائن جي ڪري دز مٿي اڏامندي رهي ٿي. دز جو اهو تهه ڏينهن جي وقت ۾ سج جي تابش کان بچاءَ جو ڪم ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح هن علائقي کي ڏينهن جي پهرن ۾ علائقي-1، 2، 3 ۽ 4 جي ڀيٽ ۾ ٿڌڪڙو ۽ رات جي پهرن ۾ ڪوسڙو رکي ٿو. علائقي-1، 2، 3 ۽ 4 ۾ جُون مهينو سڀ کان وڌيڪ ڪوسو ٿئي ٿو، پر انهن جي ڀيٽ ۾ هتي سال جو سڀ کان وڌيڪ ڪوسو مهينو مئي آهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## علائقو-6

ڪنهن زماني ۾ هيٺين (لوئر) سنڌ سڏجندڙ، جنهن ناليِ پٽيان لوئر سنڌ (ڪوٽڙي) بئراج جي رٿابندي ڪئي ۽ اها ٺاهي وئي. هن ايراضيءَ ڪي نسبتن هلڪو ساوڻ آهي جيڪو عام طرح مارچ جي ابتدا سان شروع ٿئي ٿو ۽ آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ تائين هلندو رهي ٿو. هتي جا سيارا پڻ هلڪا آهن پر ٿڌو جنوري 200 سياٽي-ايڪا ڏي ٿو. هن علائقي ۾ هڪ ننڍڙي ايراضي (علائقي-6 "ب" سڏيل آهي) ميرپور بٺوري، سجاول، ميرپور ساڪري ۽ گهوڙا باري تي ٻڌل آهي، منجهس سيارا ۽ ساوڻ ڪجهه هلڪا ٿين ٿا ۽ ان ڪري هتي اهڙي آبهوا رهي ٿي جيڪا اڌ-تاپيري (Semi tropical) علائقن جي آبهوا سان ملندڙ جُلندڙ آهي ٿنهنڪري پام آئل (Palm oil)، انناس، ڪاجا (ونگڙا، Cashew)، اٽيموبا (Atemoya، سيتا ڦل جي نسل جو ڳاڙهي رنگ وارو ميوو)، مئڪيڊيميا (Macadamia) ۽ ٻيا وڻوٽا اپائڻ لاءِ ٺاهوڪي آهي.

## علائقو-7

هيءَ سامونڊي علائقي واري ايراضي آهي. منجهس اڌ-تاپيري ساوڻ ۽ لڳ ڀڳ 100 سياٽي-ايڪا ۽ 3700-3800 گرمي-ڏساڪون موجود آهن. هن ۾ علائقي-6 "ب" وارا ساڳيا فصل اپائي سگهجن ٿا.

## علائقو-8

هي علائقو دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي اولهاون جبلن تي ٻڌل آهي جيڪي 2000-6800 فوٽ اوچائي رکن ٿا. ان ۾ 700-2000 سياٽي-ايڪا سئجي اچن ٿا ۽ اتي جا ساوڻ هلڪا آهن. هيءَ علائقو هر قسم جا پن-ڇاڻو وڻوٽا اپائي سگهي ٿو، جيڪڏهن پاڻي ميسر هجي.

## علائقو-9

هي علائقو حيدرآباد، ڄامشوري، ڪوٽڙي ايراضي تي ٻڌل آهي. ساوڻ ۾ پنهنجي پاڙيسري ايراضين کان ڪجهه ڪوسو آهي ۽ وٽس 150 سياٽي ڪلاڪن وارو هلڪو سيارو آهي. علائقي-9 جي هيءَ درجيبندي حيدرآباد جي 1904-1984ع تائين (80 ورهن تي) پکڙيل سراسري ڄاڻوڪي تي بيهاريل آهي ۽ ان ڪري صنعتي گرمي هنن سراسرين لاءِ ذميوار نہ ٿي سڏي سگهجي.

تڪرين تي ٻڌل هئڻ ڪري هيءَ ايراضي سياري ۾ سجر ۽ ساوڻ ۾ ڪوسي آهي. صنعتي گرمي ايندڙ ورهن ۾ هتي ڪجهه ڪوساڻ اڃا وڌائيندي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميويدار/ڦلاٽا فصل، جيڪي مختلف علائقن ۾ اپاري سگهجن ٿا. هيٺينءَ ريت آهن:

**ڪجيون:** علائقو-1، 2 ۽ 3 (سنڌ ۾ ملندڙ ڪجيءَ جون سڀ جنسون). علائقو-4، 5 ۽ 6 (ڪجيءَ جون رڳو اهي جنسون جيڪي مينهن سَهي سگهن).

**ليمانا:** گرئپ فروٽ (Grape fruit) سيني علائقن ۾. نارنگي (Mandarins) علائقو-1، 2 ۽ 3 ۾، نارنگيون ۽ ليما علائقو-1، 2 ۽ 3 ۾، ۽ ٽئنجلاس (Tangelos) علائقو-4، 5 ۽ 7.

**انب:** سڄيءَ سنڌ ۾، پر گُلجڻ لاءِ علائقي-6 "ب"، 7 ۽ 9 ۾، نومبر کان جنوري تائين پيچارڪ پاڻي بند رهڻو آهي.

**ڪيوڙو:** علائقي-1 کان 7 تائين مختلف جنسون.

**چڪو** (Sapodilla)**:** علائقو-5، 6 ۽ 7.

**انگور:** علائقو-1، 2، 3، 4 ۽ 5.

**گهٽ سياتو پن-ڇاڻو ميوا:** علائقو-1، 2، 3، 4 ۽ 5.

***

نوٽ: هي مضمون روزاني "برسات" ڪراچي ۾، 24 سيپٽمبر 1994ع تي ڇپيو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم. ايچ. پنهور
ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# سنڌ ۾ ڳوٺاڻي مفلسي

سنڌ جي ڳوٺن ۾ مفلسيءَ جي حالت هيٺراڏو نموني، ڄاڻي ٻجهي پيدا ڪئي وئي آهي. ان جي ذميواري وفاقي حڪومت جي 'پرائيس ڪنٽرول بورڊ' (اگهن تي قابو رکندڙ اداري) مٿان اچي ٿي.

آزادي مهل 1947ع ۾ ڇانيل پيداواري شعبو زراعت (پوڪراهپ) هو جنهن جملي-ڏيهي-اُپت (ج.ڏ.ا = گرانڊ ڊوميسٽڪ پراڊڪٽ) جو 53 سيڪڙو مهيا پئي ڪيو. پاڪستان ٺهڻ کان 40 ورهه پوءِ 1987ع ۾ ان ئي زرعي (پوڪراهي) شعبي ج.ڏ.ا جو رڳو 26 سيڪڙو پئي ڏنو. جڏهن ته ان مهل تائين به سڄي ملڪ جي ڪل مزدور قوت جي 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهن کي روزگار ڏيندڙ هي شعبو ئي هو. ملڪ جي ڪل روانگي ڪمائيءَ جو 80 سيڪڙو پوڪراهپ ۽ پوڪراهي صنعت مان ايندڙ وکرن جي روانگي واپار مان اچي ٿو. ملڪ جي لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو آبادي ڳوٺاڻين ايراضين ۾ رهي ٿي. اچو ڏسون ته انگ اکر ڇا ٿا چون:

1. ج.ڏ.ا جو 75 سيڪڙو جيڪڏهن 50 سيڪڙي دان وڌيڪ آبادي مهيا ڪري ٿي ته ڳوٺاڻي ڪمائيءَ سان شهري ڪمائيءَ جي نسبت هيءَ بيهندي:

$$\frac{74}{50} : \frac{26}{50}$$

يعني 1 : 2.8 يا اچا به ائين چئجي ته (تلهي ليکي) 1 : 3

2. اها نسبت ڏهاڙي ڪمائي يا ماهوار جي شرح جي حوالي سان به ثابت ٿئي ٿي. هڪ کيت مزدور هڪ مهيني ۾ 600-700 رپيا بنا ڪنهن ٻئي نفعي جي ڪمائي ٿو جڏهن ته هڪ شهري مزدور گهٽ ۾ گهٽ 1100 رپيا پگهار سان گڏ طبي سهولت (جيڪا ڊاڪٽر آفتاب قريشي جي ڇوڻ موجب 400-500 رپيا ماهوار آهي). تنهن سان گڏ موڪل جو پتو، اهڙيءَ طرح سندن ڪل ڪمائي 1800-2000 رپيا ٿئي ٿي. نسبت هيئن بيهندي:

2000-1800 : 700-600

يعني 1 : 2.85 يا (تلهي ليکي) 1 : 3

قومي زرعي ڪميشن 1988ع هيٺيون حقيقتون مڃڻ تي مجبور ٿي پئي:

1. زراعت جي اهميت توڙي جو هڪ ڊگهي عرصي کان ڄاتي وڃي ٿي. پر ان کي ڪڏهن به هڪ اڳواڻ شعبي جي حيثيت نه ڏني وئي آهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. زرعي شعبي ملڪ کي جديد ناهڻ ۾ شاندار ڪردار ادا ڪيو آهي. توڙي جو اُن ڏانهن (حڪومت پاران) ڇيهو رسائيندڙ پاليسي (انسٽيٽيوشنل) دٻاءُ سدائين جاري رهيا آهن.
3. ڪيترين ئي سرڪاري ۽ اداراتي ڪوششون رڳو "وڏن" فصلن (ڪڻڪ، چانور ۽ ڪپهه) لاءِ سيڙيل آهن ۽ نام نهاد "ننڍن" فصلن جي اڪثريت بي ڌيانيءَ جو شڪار رهي آهي. "ننڍي" فصل کي نياڳ چئجي جو "اڻ-اهم" سان منجهڙايو ويو آهي. ننڍن فصلن کي ، ـون. ڀاڄين، ڪوپارن (Nuts)، جيئن سوپاري، اڪروٽ، مگيرو وغيره) صنعتي فصلن ۾ درجيبند ڪيو ويو آهي، جيڪي في ايڪڙ ڏاڍي وڏي رقم ڪمائن ٿا. انهن مان ڪي ته ڪڻڪ ۽ چانورن جي ڀيٽ ۾ ساڳي ئي ايڪڙ ٻنيءَ مان، ڏهوڻيءَ کان وڌيڪ ڪمائي ڏين ٿا.
4. 1947-1960ع وارن ابتدائي ورهن ۾ زرعي شعبي سان لوئيندڙ روّيو جاري رکيو ويو ۽ ابتدائي واڌارڪ (ڊيولپمينٽ) ڪوششون، سڀئي جون سڀئي صنعت جي واڌاري لاءِ سيڙايون ويون.
5. ڀهرين 5 ورهي رٿا (1955-1960) جي پڄاڻي مهل زرعي معيشيت تي ٻه ڌيان ڏنو ويو، توڙي جو اهو ڪافي نه هو.
6. 1970-1977ع زراعت کي ٽيڪ ڏيندڙ ورهه هيا، پر ساليانن واڌارڪ پروگرامن ۽ ڪوشش جو پورو ڌيان اداراتي جوڙجڪ ۽ زرعي اڏاوت (زميني سڌارن، ٻئنڪ مان زرعي قرضن وغيره) ڏينهن رهيو.
7. 1977-1986ع جاڳرتا جا ورهه هيا.

هن ڪميشن اها حقيقت دٻائي لڪائي ڇڏي آهي ته 1977-1986ع وارا ورهه زراعت لاءِ بدترين ورهه هئا. ليڪڪ (ايم ايچ پنهور) ڪڻڪ جي اگهن کي 1950ع کان 1990ع تائين هر سال جي حساب سان ڀيٽيو آهي. 1950ع ۾ 40 ڪلوگرام (مڻ) جي اگهه ۽ ناٽي جي ملهه کي، هر هڪ ورهه جي حساب سان ٺهڪائي ڏسڻ کان پوءِ هيٺيان نتيجا ملن ٿا:

1. 1950ع ۾ 100 سيڪڙي کان گهٽجي 1963-1964ع ۾ اگهه وڃي 41 سيڪڙو بيٺو. جڏهن ايوب حڪومت ڏٺو ته ماڻهن ڪڻڪ اپائڻ ۾ وڌيڪ دلچسپي نه پئي ورتي، تڏهن ڊپٽي ڪمشنرن کي تحرڪ ۾ آڻڻ ۽ زرعي توسيعي آفيسرن کي پنهجي ڪمان هيٺ آڻڻ بدران ڪڻڪ کي 1950ع واري اگهه جي ڀيٽ ۾ 47 سيڪڙو مان وڌائي 60.2 سيڪڙو ڪري ڇڏيو.
2. 1967-1968ع ۾ اگهه وري 50.2 سيڪڙي تائين ڪري پيا. ايوب راڄوڪي (رجيم، regime) جي آخري سال دوران ڳوناٽي بيچينيءَ کي محسوس ڪندي


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(شهر اڳ ئي احتجاج/وڳوڙ ڪري رهيا هئا) اهو اگهه وڌائي 1950ع جي پيٽ ۾ 72 سيڪڙي تائين وڌايو ويو.

3. 1972-1973ع ۾ اهي وري 1950ع وارن اگهن جي پيٽ ۾ 53 سيڪڙي تي اچي پهتا. تڏهن (ذوالفقار علي) ڀٽي صاحب جي حڪومت 1973-1974ع ۾ انهن کي 1950ع واري اگهه جي پيٽ ۾ 65 سيڪڙو تي آندو ۽ ايندڙ سال (1974-1975ع) ۾ 1950ع واري اگهه جي پيٽ ۾ 106.5 سيڪڙي تي پهچايو.
4. ڀٽي حڪومت خلاف شهرن ۾ وڳوڙ هلي پيو ۽ انهن "مهانگائي" يا "گراني" جو پوٽ جاڳائي ڇڏيو. جنهن حڪومت کي ڊيجاري رکيو ۽ ان پنهنجيءَ حڪمرانيءَ جي ايندڙ ٻن ورهن ۾ قيمت وڌائڻ جي جرئت وري نہ ڪئي.
5. ڀٽو راڄوڪي جي آخري ڏينهنِ ۾ اهو اگهه 1950ع جي پيٽ ۾ 88.7 سيڪڙو هو.
6. ان کان پوءِ اگهه لاڳيتو ڪِرندو رهيو ۽ 1988-1989ع ۾ اهو 1955ع جي پيٽ ۾ 42.39 سيڪڙو هو. هي آهي اهو اگهه جنهن کي زرعي ڪميشن تڪ جي پڪائيءَ سان "جاڳرتا جو دَور" سڏي ٿي.
7. ڪڻڪ جو اگهه 85 رپيا في مڻ (40 ڪلوگرام) وڌائي 97 رپيا ڪري بينظير حڪومت ان کي 1950ع جي پيٽ ۾ 45.18 سيڪڙو تي آندو.
8. انهن ئي ڏينهن (1989-1990ع) ۾ دنيا ۾ ڪڻڪ جو اگهه 220 رپيا في مڻ هو. بينظير حڪومت اندروني طرح ايتري تہ هيٺي هئي جو اها اگهه وڌائي نہ پئي سگهي.
9. 1950-1990ع تائين چانورن جي اگهه جي قسمت بہ اها ئي هئي. ميون، ڀاڄين ۽ صنعتي فصلن جا اگهه ڪڻڪ جي ان اگهه جي حساب سان ٺهڪايل آهن. جڏهن تہ ميون ۽ ڀاڄين جي مهانگي هجڻ ڪري ماڻهو رڳو ڪڻڪ ۽ چانور سان پنهنجو پيٽ پريندا!

گوشت، مڇي، ڪڪڙ، ڪيرَ، مکڻ ۽ ٻين شين جي اگهه تي بہ حڪومت ڪنٽرول رکي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح اها چڪاس رکي ٿي تہ شهري آبادي وڪر هڪ جائز گهٽ قيمت تي خريدي تہ جيئن ڪو سياسي وڳوڙ نہ ٿئي.

سنڌ جي رٿابندي شعبي پاران 30 ۽ 31 آگسٽ 1990ع تي سڏايل ورڪشاپ ۾، جنهن ۾ هارين، هاري نمائندن ۽ ماهرن شرڪت ڪئي، مون (ايم ايچ پنهور) پنهنجا هي ويچار پيش ڪيا:


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1. ڪٽڪ جي ڏيهان ڏيهي (بين الاقوامي) اگهه جي ڀيٽ ۾، جيڪو لڳ ڀڳ 220 رپيا في مڻ (40 ڪلوگرام) هو، سنڌي هاريءَ کي هر 40 ڪلوگرام ڪٽڪ لاءِ 97 رپيا ڏنا ويا ٿا.
2. ڏيهان ڏيهي منڊيءَ جي ڀيٽ ۾ هڪ ڳوناٽي ڊراڙ کي ننڍي توڙي وڏي گوشت جو اگهه چوٿين پتي جيترو ملي ٿو.
3. اهڙيءَ طرح ڏيهان ڏيهي منڊيءَ ۾ پاڄين ۽ ميون جا به جيڪي اگهه آهن، انهن جي ڀيٽ ۾ هاريءَ کي ڇهين پتي جيترو ملهه ڏئي ڪيس ڦريو وڃي ٿو.
4. شهري مزدور جي ماهوار ڪمائيءَ 1800-2000 جي ڀيٽ ۾ ڪيت مزدور کي ماهوار 600-650 رپيا ڏنا ويا ٿا.
5. حڪومت پاران مزدور طبقي لاءِ بونس (نفعي مان خاص حصي)، ويمي، طبي ۽ ٻين سهولتن سان گڏ گهٽ ۾ گهٽ اجورو 1100 رپيا ماهوار آهي.
6. وچٿرا زميندار/ڪاتيدار (يعني جن وٽ 50-60 ايڪڙ زمين آهي) انهن جي ڀيٽ ۾ گهٽي اپت ونن ٿا. جن ۾ 50 کان گهٽ يا 200 کان وڌيڪ ايڪڙ زمين آهي. 50 ايڪڙن کان گهٽ ٻني وارن وٽ ايترا وسيلا يا دولت ناهي جو زمين جون گهرجون پوريون ڪري سگهن، جڏهن ته اهي زميندار جن وٽ 200 ايڪڙن کان وڌيڪ آهي، اُهي سٺي نموني انتظام سنڀالي نه ٿا سگهن.
7. زرعي اگهن جي جوڙجڪ ۾ گهٽ وڌائي/ناموافقت ڳوناٽي مفلسي ۽ امان امان ۾ رخنو وجهندڙ مسئلا وڌائڻ جو ڪارڻ آهي.
8. گذريل ڏهن ورهين دوران عمل ۾ آندل پروگرام جي بي اثرائيءَ جو سنڌ جي ايراضيءَ ۾ زمين هيٺ پاڻيءَ کي رنڊائڻ ۽ سِم وڌائي 39 سيڪڙو ڪرڻ ۾ وڏو هٿ آهي، جڏهن ته انهن ساڳين پروگرامن وسيلي پنجاب ۾ واپڊا جي آشيرواد سان اتان جي سِم 49 سيڪڙو گهٽائي وئي آهي.

## پرائيس ڪنٽرول بورڊ جا ڪارناما:

زرعي وکرن/انگن جي گهٽ اگهن جا نتيجا هي آهن:

1. پوکي ڪندڙ برادريءَ کي نفعي ملڻ جا گهٽ موقعا.
2. ٻنيءَ کي ترقيءَ ڏيڻ جي گهٽ گنجائش.
3. ڏيڄ (Inputs) جي گُهرجن جيئن پاڻيءَ جي بندوبست، فرشي پاڻيءَ جي ترقيءَ، پاڻيءَ جي بچت ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ ڀيڄارڪ هنرن، سونهندو پاڻ وجهڻ، سنا ٻج هٿ ڪرڻ، وٿونا بچائيندڙ اپائن جو سونهندڙ واهپو، لاپائتي پالنا (ڪيتي، پوکي) ڪرڻ لاءِ گهربل جوڙجڪ تي مجموعي لاڳت، زميني


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنوت/سذائي ۾ عمدگيءَ نون فصلن جي واقفيت ۽ ٻين اهڙن معاملن ۾ دلچسپي جي کوٽ.

4. ڏيجن جي کوٽ. ڏيج جي سلسلي ۾ ڪَري سگهجندڙ خرچ جي لياقت گهٽائي ڇڏي ٿي ۽ فصل-لاٻ جي سطح هيناهينءَ تي بيهي ٿي. ميوَن، ڀاڄين ۽ گاهن سميت سمورن زرعي وڪرن جا فصل-لاٻ واڌاريل ملڪن جي پيٽ ۾ پوٽائيءَ ۾ 1/3 تائين گهٽيل آهي.

5. ڪيت مزدور جو گهٽ اجورو.

6. پنهنجي ڀُڪي (نصيب) سان گڏ پنهنجي گهراڻي جي قسمت سنوارڻ لاءِ هاريءَ جي گهٽ لياقت.

7. هو پنهنجي کهول کي سنيالي/سهارو ڏئي نہ ٿو سگهي ۽ هن کي کاڌي تي گهٽ خرچ. سادن سودن ڪپڙن پاڻ ۽ پيرين اگهاڙو گهمي گذارو ڪرڻو پوي ٿو.

8. کاڌي جا خسيس معيار سندس آکهہ ۾ بيماري پيدا ڪرڻ ۽ موت جي شرح وڌائڻ سان گڏوگڏ سندس چمار جو مدو گهٽائڻ جو ڪارڻ ٿين ٿا.

9. ڪيت تي پلجندڙ ڪُٽنب کاڌي جون گهرجون پوريون ڪندڙ قوت ماڻڻ لائق نہ ٿو رهي. ڳوٺاڻي سنڌ ۾ اڄوڪي سراسري عورت لاءِ 1600 ڪلوڪَئلري ۽ مرد لاءِ 2000 ڪلوڪئلري آهي (ڪئلري کاڌي جي ملندڙ شڪتي/سگهہ جو ايڪو/يونٽ آهي). جڏهن تہ ڏهاڙي گهرج ان کان 20 سيڪڙو وڌيڪ آهي. اها شڪتي هُو اڻ پاليل (جهنگلي) وڻوٽائي کاڌي، جيئن ٻير، مٽريءَ ۽ مٽر جي پليءَ، چورايل ڀاڄين ۽ ڪمند ۽ گهر ۾ يا گهر کان ٻاهر ڪو بہ وڌيڪ پورهيو ڪري ماڻي ٿو.

10. ڳوٺاڻن مزدورن، سرڙين هارين ۽ ننڍن ڪاتيدارن جي گهٽائيءَ جو کاڌو رُکي اَن يا اُن سان گڏ چانهہ ۽ ڪڏهن ڪڏهن مٽريءَ ۽ مٽر-ڦري تائين محدود ٿي ويو آهي.

11. گوشت (مان ملندڙ پروٽين) وڏ ۾ وڏ مهيني ۾ هڪ ڀيرو کائيندا هوندا.

12. کير رڳو وڪري لاءِ آهي ۽ مٿي ڄاڻايل طبقن مان شايد ئي ڪو واپرائيندو هوندو.

13. گذريل ويهن ورهن جي جاچ/تحقيق ڏيکاري ٿي تہ جيڪڏهن 14 ورهَن کان گهٽ چمار جو ٻار گهٽ ۾ گهٽ 0.5 ڪلولٽر/اڌ سير کير نہ ٿو پيئي تہ اهو ذهني طرح پٺتي پئجي وڃي ٿو ۽ موڳو/مورک ٿي پوي ٿو. اڄوڪي سنڌ ۾


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها هڪ عام شي ٿي پئي آهي. يعني غريب طبقن مان ايندڙ نئون نسل/اولاد ذهانت ۾ پوئتي ۽ ذهني طرح پٺتي پيل/ڪٽل آهي.

## اگهن تي ڪنٽرول ڇو رکيو آهي؟

1. قيمتن تي ڪنٽرول ان ڪري رکيو آهي ته جيئن صنعت کي سستو پورهيو مهيا ڪري سگهجي. صنعت پنهنجيءَ ٺاهيل شي کي ڏيهان ڏيهي اگهن موجب يا ان کان مهانگو وڪڻي ٿي ۽ ان تي اهي بونس ڪمائن ٿا. اهڙيءَ طرح صنعت وڏو نفعو ناهي ٿي ۽ نفعي مان وڏيڪ صنعتون هٽي ٿي. شهري پورهيتُ اجوري لاءِ وڙهي سگهي ٿو پر ڪيس سستو اناج، ڀاڄيون، گوشت، کير ۽ ميوو مهيا ڪيو وڃي ٿو. انهن کي طبي مدد پڻ مهيا ڪجي ٿي. جنهن جو بل هر مزدور آڪهه لاءِ هر مهيني 500 رپيا ڪن ٿئي ٿو. موڪل دوران پگهار، گريجوئٽي (نوڪر تي رهڻ جو انعام) ۽ موڪل ٿي ويندي پاڙو پُٽو چڻ ڪيس موڪلون گذارڻ لاءِ ڳوٺ وڃڻ ۾ مدد ڪري ٿو يا وري جيڪڏهن هو شهر ۾ ئي رهي ٿو ته سندس ڪٽنب کي سهارو ڏي ٿو. هو آواز نه ٿو اٿاري پر جيڪڏهن ائين ڪري ٿو ته سندس اجورو ڪجهه وڌائجي ٿو. جڏهن ته صنعتڪار کي وڏيڪ نفعو ڪمائڻ جو وجهه ملي وڃي ٿو.
2. ان جي ابتڙ سيني زميندارن جو ڏيوالو نڪتل هوندو آهي ۽ لڳ ڀڳ سڀ پنهنجو فصل وڌائڻ لاءِ هر سال بئنڪ مان قرض وٺن ٿا.
3. صنعت لاءِ قرض شهري ملڪيت جي بنياد تي ڏنو وڃي ٿو ۽ ملڪيت جي 75 سيڪڙو تائين ڏجي ٿو. ٻنيءَ تي ملندڙ قرض پيداواري ايڪن تي ٺاهيل هوندو آهي. 40 ايڪن واري ٻني في ايڪڙ 50000-40000 رپين ۾ وڪامي ٿي، پر زميندار بئنڪ مان ان جي واڌاري لاءِ رڳو 3000 روپيا قرض وٺي سگهي ٿو. يعني ان جي ملهه جو 10 سيڪڙو يا اجا به گهٽ.

زرعي وڙن تي پرائيس ڪنٽرول (اگهن تي قابو) جو مجموعي طرح اجهو اهو فلسفو آهي.

***

نوٽ: هيءُ ليڪ پنهور صاحب جي انگريزي مقالي "روُرل پاوَرٽي اِن سنڌ" (Rural Poverty in Sindh) جو ترجمو آهي، جيڪو روزاني "جاڳو" ڪراچيءَ ۾، 25-26 جنوري 1994ع تي، ٻن قسطن ۾ ڇپيو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# پاٿر جمار

پاٿر جمار (Stone age) يعني پٿر جي وڪرن وارو دَور عام طرح جنهن زماني کي سڏجي ٿو ان جي ابتدا ۾ پاٿر (پٿر جي) وڪرن جو ڪارج ٻِٽو هو: (1) ڪاڄ ٿي سگهندڙ شڪار ۽ ويريءَ لاءِ جوکر، ۽ (2) پاڻ لاءِ ڍال-مار ۽ بچاءُ وقت گذرڻ سان گڏ اهو ڪارج گهڻ طرفو ٿيندو ويو ۽ نيٺ رهڻي ڪرڻيءَ جي هر گهرج کي نڀائڻ لڳو.

پاٿر جمار کي پاٿر وڪرن جي بنياد تي ٽِن ڀَڃَن ۾ گڏ ڪري رٿي سگهجي ٿو. هر هڪ مرحلي دوران مخصوص، ڪي هڪجهڙا گڻ رکندڙ پٿر جا وڪر/اوزار ٺاهيا ويندا هئا. اهي ٽي مرحلا هن طرح هئا:

## 1. جُهوپهڻي/پَليولٿڪ (PALAEOLITHIC)

- جُهو = جهونو (آڳاهون)+پهڻ=پٿر+-اِي=سان واسطيدار جو/جِي، وارو/وارِي.
  Palaeos (پليئو)=جهونو+Lithos (لِٿو)=پٿر+ic (-ڪ)=سان وسطيدار، جو/جِي، وارو/وارِي.

جُهوپهڻي هڪ اهڙو اصطلاح آهي، جنهن وسيلي ماڻهوءَ جي سڀ کان آڳاٽي ۽ ابتدائي زماني کي بحث هيٺ آندو وڃي ٿو. هن اصطلاح مان اصولي مراد پاٿر جمار جو اهو اهو پهريون، ڏاڍو ڊگهو عرصو آهي، جنهن دوران ماڻهو اجا سادڙا، کهرا ۽ اَرِڄ (Primitive) قسم جا پاٿر وڪر ٺاهي ۽ انهن ۾ هلڪي قسم جي سادي سودي ڦيرڦار ۽ سڌارو آڻي سگهندو هو.

هن جمار جِي ابتدا انهن اوائلي پٿر جي وڪرن/اوزارن سان ٿئي ٿي جيڪي شڪار لاءِ ڪم اچي سگهيا ٿي. ماحول ۾ قدرتي طرح ملندڙ ڇهنبدار ۽ تکا پاٿر وڪر ڪم آندا ويا ۽ پوءِ هوري هوري ۽ وقت جي هڪ وڏي مدي جي وٿيءَ سان انهن ۾ سڌارو آندو ويو. واهپي لائق پٿر جي ڪنهن وڏي ڳنڍي کي ڪنهن ٻئي وڏي ۽ سخت پٿر سان ڀڃي گهڙيل، شڪار ڪري سگهڻ لائق. شڪاري وڪر جي صورت ڏيڻ هن ئي زماني جي ابتدا دوران ٺيل ايجاد آهي. وقت گذرڻ سان گڏ جيئن جيئن تجربو ۽ سمجهه وڌيا، گهڙيل پاٿر وڪر ڪنهن نوس مٿاڇري تي گسائي پنهنجي پسند جي صورت ڏجڻ شروع ٿي وئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### 2. وچيهٽي/ميسولٿڪ (MESOLITHIC)

- وچ = وچون. واچ وارو + پهڻ = پٿر + -اي = سان واسطيدار.

Mesos (ميزو/ميسو) = وچون+Lithos (لٿو) = پٿر+ic (-اڪ) = سان واسطيدار.

وچين پاٿر چمار (جيڪا جهويهٽي جو وچون مدو آهي) ۽ وچيهٽي اصطلاحن ۾ فرق کي ضرور ذهن ۾ رکڻ گهرجي.

وچيهٽي چمار جو مدو 10 هزار ـــ 5 هزار ورهه ق.م چيو وڃي ٿو.

وچيهٽي هڪ اهڙو اصطلاح آهي، جنهن وسيلي انهيءَ پاٿر وکرن واري ڏور کي نشانبر ڪيو وڃي ٿو جنهن دوران ماڻهوءَ جي سمجهه انهيءَ اوچي پد کي پهچي چڪي ۽ تجربو ايترو وڌي ويو جو مخصوص قسمن جي پٿر جي چونڊ ڪري سگهي ۽ انهن کي مخصوص شڪل ڏيڻ لاءِ هڪ ماهرانہ طريقي سان گهڙي گهربل صورت ڏئي سگهي. جهويهٽي دوران ناهيل پاٿر وکر توڻي جو لاڳيتو اسرندڙ، ترقي ڪندڙ ۽ پيچيده ٿيندڙ انساني سماج جون لڳ پڳ سڀ گهرجون پوريون ڪري سگهيا ٿي پر وچيهٽي دوران انهن کي وڌيڪ عمدو، لسو، ڪارائتو ۽ گهڻا ڪارج پورا ڪري سگهندڙ وکر بنايو ويو انهن جون صورتون بہ بدلجڻ لڳيون ۽ نمونا بہ گهڻا ناهيا ويا.

### 3. نويهٽي/نيئولٿڪ (Neolithic)

- نو = نئون + پهڻ = پٿر + -اي = سان واسطيدار.

Neos (نيئو) = نئون + Lithos (لٿو) = پٿر + ic (-اڪ) = سان واسطيدار.

نويهٽي چمار جو مدو 7500 ـــ 3000 ورهه ق.م چيو وڃي ٿو.

نويهٽي اصطلاح وسيلي پٿر جي عمدن، لسن، نازڪ ۽ نفيس، سڌريل وکرن واري ڏور جي نشاندهي ڪئي وڃي ٿي. جڏهن گهڻو اڳتي اسري آيل انساني سماج هڪ مستقل رهائشي شڪل وٺڻ لڳو. چونڊ پٿر جي ڳنڍن کي ٽپائي پٿر جي ئي ڇيٽين ۽ مترڪن جي مدد سان ڇلهيو. گهڙيو ويندو هو ۽ انهن کي گسائي تکو، تيز ڪيو ويندو هو. پٿر جا قسمين قسمين وکر وجود ۾ اچي ويا ۽ انساني حياتي هڪ مقرر ڏنگ تي هلي پئي.

هتي ضروري ٿو ڀانئجي تہ پڙهندڙ کي ٻن ٻين اصطلاحن کان بہ واقف ڪري ڇڏجي، جيڪي انساني سڀيتا ۾ ٻن اهم ڏورن جي حيثيت رکن ٿا:

### 1. ٻنگارپهٽي/ايئنيولٿڪ (Aeneolithic)

- ٻنگار = هڪ قسم جو ڌاتو، ڪنجهو + پهڻ = پٿر + اِي = سان واسطيدار.

Aeneus (ايئينس) = ٻنگار، ڪنجهو+Lithos (لٿو) = پٿر+ic- (-اِڪ) = سان واسيطدار.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرج آهر واهپي ۾ آٽڻ جي ابتدا به جهڙوڪر سيپيتائي زماني ۾ ممڪن ٿي سگهي آهي. آڳاٽي سيپيتائي زماني ۾ جانور پالڻ ۽ فصل اپائڻ جو رواج ڪو نه هو. ماڻهو اڪثر ڪري هڪ هنڌ کان ٻئي ماڳ ڏانهن لڏپلاڻ ڪندو رهندو هو. هن جي جياپي جو دارومدار قدرت جي تيار ٿيل مال تي هو. انهيءَ آڳاٽي سيپيتائي زماني ۾ وڪر طور ڪم ايندڙ شيءِ رڳو پٿر نه هئا پر هڏو ۽ هڏي مان ٺهيل مختلف قسمن جا وکر پڻ ڪم ايندا هئا. ايتري قدر جو سُئي ۽ ڪُنڊو به هڏي مان ٺهيل هئا ۽ ننڍن جانورن جي آنڊي کي ڏاڳي طور ڪتب آندو ويندو هو. شڪار ڪيل مختلف قسمن جي جانورن جون کلون اوڍڻ لاءِ واهپي ۾ هيون ۽ انهن مان ٺهيل خيما/تنبو ناهي "گهر" جي آسيس ورتي ويندي هئي. پاڻي رکڻ ۽ پيئڻ لاءِ پڻ کلن ۽ هڏن (ڪوپڙين) کي ڪم ۾ آندو ويندو هو.

ڪاٺ پڻ ان سماج ۾ هڪ مکيه ڪارج ادا ڪندڙ شيءِ هئي (۽ اڄ به آهي). ڏنڊو ڏڪُ، ڪامَ ۽ تُوٽي ته ڪاٺ جا هئا ئي، پر ڪيترن ئي هڏي ۽ پٿر جي وکرن پٺيان ڏنڊو ڳنڍي ڪانئس نيزي، ڀالي، چاپڙ وغيره جو به ڪم ورتو ويندو هو. ٻارڻ جو گذريل صديءَ تائين اڪيلو وسيلو ڪاٺ ئي رهيو آهي ۽ باهه انسان کي زنده رکڻ ۾ ۽ ترقيءَ جي راهن تي وڌائي هلڻ ۾ هڪ مکيه ڪردار ادا پئي ڪيو آهي.

ٻولي ۽ سمجهه ڪيڏي به ابتدائي سطح جون هيون، ڪيتريون به گهٽ مواد رکندڙ هيون پر انساني تجربي (موڪ)، پَرک ۽ پروڙ ڪي، اپياس ۽ علم ڪي، هنر ۽ هنرمنديءَ کي ٻئي ماڻهوءَ، ايندڙ نسل ڏانهن تبديل ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندڙ هيون. هڪ هڪ آواز وڏي ٻول جڙيو آهي، ٻولن وڏي ٻوليءَ جي صورت ورتي ۽ هڪ هڪ عملَ ۽ احساس جي عڪسَ سمجهه کي وڌايو آهي. آڳاٽي سيپيتائي زماني جي گهٽ ۾ گهٽ 6 لک ورهن جو ٻوليائي ذهني ذخيرو سيپيائي زماني جي ٻوليائي ۽ ذهني ترقيءَ لاءِ پيڙهه جو ڪم ڪري ٿو.

ماڻهوءَ جهڙو جانار توٽي جو پهرئين پيداواري پورهيي جي عمل، پهرئين ٻول، پهرئين سمجهدار عڪس ۽ پهرئين وڪر جي "ايجاد" سان جانوراڻي دنيا کان ڇڄي، الڳ ٿي، هڪ نئين راهه تي اُسهي نئين ماڳ ڏانهن هلڻ لڳو ۽ آڳاٽي سيپيتائي زماني ۾ جانوراڻي زندگيءَ جو گهڻو ڪجهه وڃائي، انساني زندگيءَ جو گهڻو ڪجهه ماڻي سگهيو ۽ سندس "ماڻهو" ٿيندو رهڻ جو عمل جاري رهيو پر اهو اڃا سوڌو سيپيتائي زماني جي هِن اوج وارن ڏينهن تائين جاري آهي. سُڌ ناهي ته ڪيستائين هُو جانوراڻيون عادتون ڇڏي، مڪمل ماڻهوءَ جي درجي کي رسي سگهندو!؟

❊❊❊

نوٽ: هي مضمون ماهوار "ڪينجهر" حيدرآباد ۾ مارچ 1995ع ۾ ڇپيو ۽ بيهر ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ڪتاب "ماڻهو ۽ ماڻهپو" (1999ع) ۾ ڇپيو ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر محبت برڙو

# ”ماڻهو - جهڙو - جانار“ ۽ ماڻهو

اوهان ۽ آنءُ ۽ هي ۽ هُو اهي سڀ جن ساهوارن. جانارن ڪي اڄ ماڻهو سڏجي ٿو اُنهن ڪي ”ماڻهو“ بنائڻ ۾ پاٿر (پٿر جي) وکرن جي واهپي مکيہ ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي.

پاٿر وکر واهپي ۾ آڻڻ ئي انساني پورهيي جو پهريون نشان آهن. انهن جي مدد سان پهريون پيرو اها اپت ماڻي وئي جيڪا جبلي طريقن وسيلي ماڻجندڙ لاڀ کان ڪجهہ نياري، ہئي ۽ انوکي نموني جي هئي. انساني پورهيو ئي آهي جيڪو ماڻهو جهڙي جانار کي جانوراڻي دنيا کان ڇنڀي ڌار ڪري، هڪ نئين راهہ انساني راڄ ڀاڳ (سماج) ڏانهن وٺي آيو. انساني پورهيي جي ابتدا سان گڏ ئي انساني ٻوليءَ جي پهرين آواز ٻولڻ جي ابتدا ٿئي ٿي ۽ انساني سوچ سمجهہ جو ٻج پوي ٿو. پورهيو، ٻولي ۽ سمجهہ ماڻهوءَ جي اها مايا خلقين ٿا. جنهن کي انساني راهپ (ثقافت، ڪلچر) چيو وڃي ٿو.

ڏٺو ويو آهي تہ جانورن جون ڪي ذاتون، خاص ڪري اُچو بانڊر (High Ape) ڪڏهن ڪڏهن ڪن مخصوص حالتن، خاص ڪري حيات ۽ موت سان لاڳاپيل مامرن دوران بي اختيار ٿي، جبلي طرح (Instinctively) ڪجهہ قسم جي شين، جيئن ڪاٺ (سُڪل ٽاري، ٻُنڊي وغيره)، هڏي، پٿر جي ڳنڍي، مٽيءَ جي ڦوڙي (پٿر) وغيره کي پنهنجي فائدي ۾ ڪم آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڏهن لکن کان ٻہ گهٽا ورهہ اڳ، ان ذات جي پيٽ ۾ ماڻهوءَ جهڙي جانار جي ذات ارتقا جي وڌيڪ اوچيءَ سطح تي هئي. تنهنڪري وڌو امڪان آهي تہ اها ٻہ ڪن مخصوص حالتن ۾ ڏنڊي، ڳنڍي، هڏي، پٿر وغيره کي واهپي ۾ آڻيندي هوندي. جنهن دوران پچي پُري اهي ڪا نہ ڪا خطرناڪ خنجر يا ڀالي جهڙي شڪل پڻ اختيار ڪريَ وٺندا هوندا جيڪا ويريءَ لاءِ وڌيڪ موثر هوندي. انهيءَ دوران ڪو اهڙو مرحلو بہ دريپش آيو هوندو ۽ هَر هَر آيو هوندو جو، جڻڪ ارادي سان ڏنڊي ۽ ڳنڍي کي پچي موثر شڪل ڏني وئي هوندي. اها ماڻهوءَ جهڙي جانار هٿان ڪنهن شيءِ جي پهرئين غير جبلي گهاڙ ثابت ٿي هوندي. ۽ پوءِ وقت وقت سان ورجائجندڙ غير جبلي گهاڙ جي عمل هوري هوري، پهرئين غير جبلي هنر جي صورت اختيار ڪري ورتي هوندي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهاڙ جو اهو/اهڙو عمل انساني پورهيي جي ابتدا آهي.

اهو هڪ ٽپرس ۾ وجهندڙ، نئون نيارو ۽ انوکو واقعو هو جنهن ان ماڻهوءَ جهڙي جانار جي وجود ۾ هڪ چاچول، هيجان ۽ جوش پري چڙهيو هوندو ۽ ان ڪري شڪ نه آهي ته هن چٽڪ بي اختيار ٿي، اهڙي ڪا رڙ، ڪو واڪو ڪيو هجي جيڪو پڻ سندس جبلي حياتيءَ جي واڪن کان نئون نيارو ۽ انوکو هجي. ماڻهو - جهڙي - جانار جي جڏيءَ (اڻ گهڙيل) نڙيءَ مان ان قسم جو آواز/واڪو پڻ هڪ ٽپرس ۾ وجهندڙ عمل ثابت ٿيو هوندو ان ٽپرس جهڙي ڪارنامي کي چٽڪ ارادي سان هر هر ۽ وٺيءَ وٺيءَ سان ورجايو. آوازيو ويو هوندو آوازن جي دنيا ۾ اهو آواز پهريون غير جبلي واڪو هوندو ۽ ان جهڙو آواز اڳ ڪڏهن ڪنهن قدرتي تبديليءَ يا چرپر جي نتيجي ۾ به نه اڀريو هوندو. اهو جڏيءَ نڙيءَ لاءِ پهريون گهاڙڪ عمل (مشق) ثابت ٿيو هوندو ۽ پوءِ ان غير جبلي عمل هوري هوري ۽ وٺيءَ وٺيءَ سان ورجائجي پهرين غير جبلي پولن جي صورت ورتي هوندي.

نڙيءَ جي مشق/گهاڙ ۽ آوازن جي گهاڙ جي ان/اهڙي عمل اڳتي هلي انساني ٻوليءَ کي جنم ڏنو.

گهاڙڪ ان/اهڙي عمل (پورهيي) ۽ ان/اهڙي آواز (ٻول) ماڻهو - جهڙي - جانار جي ذهن ۾ هڪ نئين قسم جي نياري عڪس جي چِٽَ ڪئي هوندي جيڪو هر هر ۽ وٺيءَ وٺيءَ سان ورجائجندڙ عملن سان گڏ وڌيڪ چِٽو ۽ پختو ٿيو هوندو. اهو هڪ نئون نيارو ۽ انوکو ذهني عڪس هو جنهن جهڙي عڪس سان ماڻهو جهڙي جانار جو پنهنجيءَ جبلي حياتيءَ ۾ ذري جيترو واسطو به نه پيو هوندو. اهو عڪس پنهنجيءَ بناوت ۾ ٻن عڪسن جو ميلاپ هو: هڪ گهاڙڪ عمل جو عڪس ۽ ٻيو گهاڙڪ آواز جو عڪس، ۽ انساني سوچ سمجهه (شعور) جو پهريون اولڙو.

**عڪسن جي ان/اهڙي مواد اڳتي هلي انساني سوچ سمجهه جي ذهني دنيا کي تخليق ڪيو**

هر ساهوارو، جانوت (جانور جهڙو، "جانور دنيا" سان واسطيدار) هجي يا وڻوت (وڻ جهڙو، "وڻ دنيا" سان واسطيدار) پنهنجو جياپو برقرار رکڻ لاءِ قدرت (Nature) جي ڪيترين ئي مخصوص حالتن جو قيدي آهي. ڪو ڪوسن علائقن ۾ وڌيڪ سولائيءَ سان جيئي اُسري نسرجي، مورچي ۽ ڦلارجي سگهي ٿو، ته ڪو ٿڌن يا وچٽرن ۽ ڪو خشڪ، ته ڪو گهميل علائقن ۾ ڪوسن ٿڌن يا وچٽرن علائقن جي حوالي سان به ڪو جابلو، ته ڪو ٻيلائي، ته ڪو ميداني، ته ڪو وارياسي، ته ڪو پاٽيائن علائقن ۾ وڌيڪ سهنجائيءَ سان وڌي ويجهي ٿو. وري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن حوالن کي آڏو رکيو وڃي ته کو اوچائين تي جيئي ٿو. ته کو پاڻيءَ يا مٽيءَ جي متاڃڙي تي ۽ کو مٽيءَ يا پاڻيءَ جي مختلف اونهاين تائين ٿيٺ.

هر ساهوارو پنهنجي پنهنجي مخصوص ماحول ۾ ڪيترن ئي سمن جا پر مخصوص ۽ محدود رد عمل ظاهر ڪندو رهي ٿو. اڪثر ڪري هر ساهوارو پاڻ کان هيٺن ڪن مخصوص قسمن جي جاندارن کي پنهنجو کاڄ يا واڌ ويجهه جو وسيلو ڪري ڪتب آڻي ٿو ۽ گهرج مهل انهن تي "ڪاهه" به ڪري ٿو. ته ساڳئي ئي وقت ۾ پاڻ کان ڏاڍن ڪن مخصوص قسمن جي جاندارن کان ڏڄي ۽ ڀڄي ٿو (ته جيئن انهن جو کاڄ نه ٿي وڃي) ۽ اچيءَ ويل وڙهي به پوي ٿو يا بچاءَ ڪري ٿو.

هر جانار (ننڍيو توٽي وڏو جيت جڻيو، پکي پکڻ، مڇي، جهينگو، مرون، ماڻهو هر جانور) گهٽي پاڳي پنهنجي همذات جانارن ويجهو ساڻن ميٺ محبت، سِڪ پريت ۽ پنهنجائپ جي جذبي هيٺ (جيڪي سڀ مخصوص ماحول جي پيداوار آهن) گڏجي سڏجي رهي ٿو. رهڻ تي مجبور آهي، پر ڪن مامرن ۾ ساڻن جهيڙو پڻ جوٽي ٿو. ڪي ساهوارا ڄمندي ئي ڄام هوندا آهن. ته ڪي پنهنجيءَ پنهنجيءَ حياتيءَ جي هڪ مخصوص عرصي تائين پنهنجن وڏڙن جا ڳيجهو. محتاجيءَ جو اهو مُدو پورو ڪرڻ کان پوءِ اهي هڪ قسم جي محدود پر خود مختيار، پاڻ وهيٽي، پاڻ تي پاڙيندڙ زندگي گذاريندا آهن. هڪ مخصوص ماحول ۾ مخصوص گهرجن سبب پاڻ وهيٽو هئڻ باوجود سندن حياتي گروهي پڻ هوندي آهي. ماڻهوءَ جهڙو جانار به پنهنجي ساڪيات سمورن جانارن کان ارتقائي اوچائين ۽ جبلي برترين جي ڪري اتم سطح تي هئڻ باوجود، هڪ گروهي ۽ ماحول جي ٻانڌي حياتي گذارڻ تي مجبور هو.

انهيءَ گروهي ماحول ۾ مروج سمورن جبلي ناتن کان نئين کان نئين، نياري ۽ انوکي، هڪ نمايان ناتي جو وڏارو ٿيو.

جبلي اثرن هيٺ، فطرتي ماحول جي مخصوص، نظر نه ايندڙ دائري ۾ هڪ گروهي حياتي گذاريندڙ ماڻهو جهڙي جانار ۾ نياري قسم جي پورهيت عمل "ڪاهه" ويڙهه. بچاءَ جو هڪ اڻ لکو ۽ اڻ ڄاتو احساس پيدا ڪيو. گهاڙڪ عمل هن کي هڪ اهڙو وکر مهيا ڪري ڏنو جنهن نه رڳو شڪار ۾ سهولت پيدا ڪئي پر ويريءَ کان بچاءَ کي به سهنجو ڪري ورتو. اهو هڪ عجيب قسم جو نئون نيارو ۽ انوکو ناتو هو جيڪو جبلي ناتن کان وڌيڪ سگهارو ۽ مٽير هو. اها نئين ۽ نياري ناتيداري جبلي گروهه کي هڪ سهڪاري (co-operative) جٿي ۾ تبديل ڪرڻ لڳي ۽ ان جٿي وٽ هوري هوري هڪ ٻئي جو بچاءَ ۽ هڪ ٻئي جو ڪاڄ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهيا ڪرڻ جي حوالي سان مواد موجود ٿيڻ لڳو. پورهيي جي اثرائتي عمل ۽ شريڪ سهڪاري ٿيڻ جي ڪري پيداواري ناتا نهن ٿا ۽ ماڻهن جو راڄ (سماج، سوسائٽي) جڙڻ لڳي ٿو. هيءَ نيارو ناتو انهيءَ انساني راڄ جو ٻج هو جيڪو پنهنجي بنيادي بناوت ۾ ٽي پهلو/پرت رکندڙ هو. پورهيي جو پهلو (اپت)، آواز جو پهلو (ٻولي) ۽ ذهني عڪس جو پهلو (شعور).

ماڻهو جيڪو ڪجهه جسماني پورهيي وسيلي ٺاهي، بدلائي ۽ گهڙي اپائي ٿو. ذهني پورهيي وسيلي خلقي ۽ پرائي ٿو ۽ ٻوليائي پورهيي وسيلي ٻڌائي ۽ سمجهائي ٿو. ان جي لاءِ اسان جي اڄوڪي ماحول ۾ هڪ لفظ آهي راهپ (ثقافت، ڪلچر). ٽوٽي جو جانارن جي هر ذات هڪ مخصوص قسم جي راهپ رکي ٿي پر جيئن ته اها جبلي هوندي آهي ان ڪري منجهس ڪا ٻه نيارپ نه هوندي آهي. اها نسل در نسل هڪ مخصوص دائري اندر قيد هوندي آهي. ان ۾ ڪا ٻه نئين يا انوکي تخليق، تبديلي ۽ اوسر نه هوندي آهي. جبلي قدرن کان هٽي ڪري، هن راهپ ۾ هڪ نئين، نياري ۽ انوکي تخليق جو عنصر موجود هو. انساني راهپ جا چار روپ هئا:

1. جسماني پورهيي وارو روپ،
2. ٻوليائي پورهيي وارو روپ،
3. ذهني پورهيي وارو روپ، ۽
4. سماجي پورهيي وارو روپ.

قدرتي ماحول جو ٻاندي ٿي، فطرت جي مهيا ڪيل مال تي پلجندي، هڪ مخصوص دائري ۾ محدود رهي، سڄي حياتي گذاري ڇڏڻ بدران ان/انوکي (ٻيءَ سموري ساهواري دنيا لاءِ اڻچاتل) راهه کوجي ڪڍڻ جي پيڙهه رکي، جنهن تي هلي هو پنهنجيءَ آئينده زندگيءَ لاءِ ڪي نئين قسم جا سک (۽ ڏک)، سولايون (۽ اولايون) سهنج (۽ اهنج) ۽ سهولتون پيدا ڪرڻ وارو هو.

پورهيي
وکر ڏنو
ٻول ڏنو
شعور ڏنو
سماج ڏنو ۽
ماڻهوءَ جهڙي جانار کي بدلائي "ماڻهو" بنايو.

❊


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوٽ: هن سموري ساڻ (Process) کي مشيني، مڪينيڪل انداز ۾ نہ، پر تخليقي انداز ۾، لکين ورهن جي وسعت ۾ پکيڙي، پوءِ ڏسڻ گهرجي. جيئن پاڻي اٻارڻ لاءِ ڪن مخصوص شين جي گهرج ٿئي ٿي ۽ آخر ۾ ٻاهر ٻارڻ کان پوءِ بہ هڪ ڊگهي عرصي تائين ڪوسو ڪندي، نيٺ اهو ڏاڪو اچي ٿو جو پاڻي پنهنجي مخصوص صورت تبديل ڪري، هڪ نئين روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿو. پاڻيءَ جو ڪوسو ٿيندو رهڻ هڪ "ارتقا" آهي ۽ ان لاڳيتي ارتقا کان پوءِ ڪنهن ڏاڪي تي جهٽڪ اوچتو "انقلاب" برپا ٿئي ٿو. تيئن ساهوارن جي دنيا ۾ جيوت جي حوالي سان هڪ ارتقا ۽ انقلاب جو سلسلو لاڳيتو جاري رهندو اچي ٿو. انهيءَ اوسر جي سڀ کان اوچي پَد تي ماڻهوءَ جهڙو جانار پهتل هو. ۽ ان کي اڃا وڌيڪ هڪ ارتقائي سفر طي ڪرڻ کان پوءِ نيٺ ان ماڳ تي پهچڻو هو جو انقلاب برپا ٿئي، هڪ انساني سماجي زندگي وجود ۾ اچي، جنهن لاءِ پورهيو، ٻولي، سوچ ۽ راهپ اٽر گهرج آهن. اڄ بہ جيڪڏهن اهي شيون انسان کان کسي وٺجن، تہ انساني سماج پڇي پيري پوندو ۽ ماڻهو تبديل ٿي، "ماڻهوءَ جهڙو جانار" بڻجي ويندو.

❋❋❋

نوٽ: هيءَ مضمون ماهوار "ڪينجهر" حيدرآباد ۾ مارچ 1995ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيهر ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ڪتاب "ماڻهو ۽ ماڻهپو" (1999ع) ۾ ڇپيو ويو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم.ايچ. پنهور

# ڊاڪٽر محبت برڙي ڏانهن خط

Mr. Muhabbat Buriro,
Latif Clinic,
Kamber-77210,
District Larkana.

**Dear Mr. Buriro,**

I have no objection to your translating "Chronoligical Distionary of Sindh" in Sindh however enormous new material has to light since I sent this book to the press in 1977. I am planning to revised the text, but revision will be incorporated in the additional years and so it will make no difference to translator. I can send you the additional material after you have completed your translation and this can be incorporated under appropriate years.

My Articles have appeared all most regularly in journals "Sindh Quarterly" and "Sindhological Studies" of Institute of Sindhology since 1976 and 1979 respectively. These should form some basic idea of my work on Sindh, in addition to "Source Material on Sindh" and "Ground Water in Sindh" (1969). You have to collect these books and journals.

In case you find any difficulty in translating certain technical terms, I can guide you if you visit me at Karachi or Hyderabad addresses.

With thanks and regards,

Very Sincerely Yours,

**Muhammad Hussain Panhwar**

Dated 7th September, 93.

❋❋❋



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جناب ايم. ايڇ. پنهور ڏانهن خط-1

مانوارا سائين ايم. ايڇ. پنهور صاحب
سدا خوش، سُکيا ۽ سلامت رهو

"ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" (ڪ ڊ س) جا پهريان هڪ سَو ڪن صفحا ۽ توهان جي مضمونن واري فوٽو اسٽيٽ مجموعي "Ancient Sindh" (اينشنٽ سِنڌ) مان ٽي ڪن مضمون ترجمو ڪري چڪو آهيان. ان سان گڏ توهان جي لکيل مواد مان جيترو ڪجهه پڙهيو اٿم ان جي بنياد تي آءٌ پاڻ کي اها ڳالهه چوڻ ۾ حق بجانب ٿو پايان تہ ڪي ڳالهيون ڏاڍيون مُنجهيل آهن. مثال لاءِ "ساموندي سطح ۾ تبديليون" پيش ڪيان ٿو جنهن جا انگ اکر (1) ڪ ڊ س، (2) سنڌ جي تاريخ ۽ آثار قديمه تي تحقيق ۽ اشاعت (جيڪو The development in the study of history and archaeology of Sindh جو ترجمو آهي) ۽ (3) Languages of Sindh between rise of Amri and fall of Mansura i.e 5000 years ago to 1225 AD (جنهن جو ترجمو ڪري توهان ڏانهن موڪلي چڪو آهيان) تان ڪٿي ترتيب ڏئي رکان ٿو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1) | 0 - ميٽر | 1-لک ورهه اڳ | اجوڪي سطح تي. |
| 2) | 15 - ميٽر | 90-هزار ورهه اڳ | ٺٽي ۽ سونڊا ويجهو/حيدرآباد ويجهو |
| 3) | 30 - ميٽر | 80-هزار ورهه اڳ | آمري ويجهو/موهن دڙي ويجهو. |
| 4) | 52 - ميٽر | 70-هزار ورهه اڳ | لاڙڪاڻي ويجهو/گهوٽڪي ويجهو. |
| 5) | 90 - ميٽر | 60-هزار ورهه اڳ | رحيم يار خان ويجهو/پنجند ويجهو. |
| 6) | 130-ميٽرن کان ڪجهه مٿي | 50-هزار ورهه اڳ | ملتان ويجهو/ملتان جي اتر ۾ |
| 7) | 90 - ميٽر | 40-هزار ورهه اڳ | ............/پنجند ويجهو. |
| 8) | 30 - ميٽر | 30-هزار ورهه اڳ | آمري ويجهو/ موهن دڙي ويجهو |
| 9) | 120-ميٽرن کان ڪجهه مٿي | 20-هزار ورهه اڳ | پنجند ويجهو/ ملتان ويجهو. |
| 10) | 37 - ميٽر | 10-هزار ورهه اڳ | دادو ويجهو/لاڙڪاڻي ويجهو |
| 11) | 3 - ميٽر | 5-هزار 5-سَو ورهه اڳ | بدين ۽ ساڪري ويجهو/....... |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي انگ اکر هڪ تضاد کي ظاهر ڪن ٿا 37-ميٽر اُوچو پاڻي جيڪڏهن دادو ويجهو هوندو ته 30-ميٽر اوچو پاڻي آمري ويجهو ته ٿي سگهي ٿو پر "موهن دڙي ويجهو" نه ٿو ٿي سگهي. ان ڪري پاڻيءَ جي سطح ۽ علائقو طَي ڪري لکجي.

ٻيو مسئلو آهي سَنن جو ڪ ڊ س جي صفحي 8 ۽ 9 تي ٻڌايل آهي ته 12-هزار ورهه اڳ سمنڊ جو پاڻي اپر سنڌ مان لهڻ شروع ٿيو. 11500 ق.م يا 9500 ق.م ۾ سمنڊ ضرور رُڪ اسٽيشن کي ڇهندو هوندو. 10000 ق.م ۾ 160 فوٽ اوچو لاڙڪاڻي ويجهو هو ۽ 20-هزار ق.م ملتان پاڻيءَ هيٺ ٻڏل هو (هن خط جي صفحي 1 تي ڏنل جدول ۾ ڏيکاريل آهي ته 20-هزار ورهه اڳ پاڻيءَ جي سطح 120-ميٽرن کان ڪجهه مٿي هئي ۽ پاڻي پنجند/ملتان ويجهو هو!) ۽ ڪ ڊ س جي صفحي xxiv تي ٻڌايل آهي ته

| | |
|---|---|
| 1) اپر سنڌ ۾ وچون پٿر دَور | 5-لک سال اڳ — 35-هزار ق.م |
| 2) اپر سنڌ ۾ پويون پٿر دَور | 35-هزار — 9-هزار ق.م |
| 3) شڪار ڪندڙ ۽ مڇي ماريندڙ قبيلا | 9-هزار — 35-سَو ق.م |
| 4) ميزولِٿڪ دَور | 6-هزار — 4-هزار ق.م |
| 5) ميزولٿڪ/نِيولٿڪ دَور مهرڳڙهه ۾ | 6-هزار — 4-هزار ق.م |

هن سڄي احوال مان توهان تي پڌرو ٿي چڪو هوندو ته جيڪڏهن 12-هزار ورهه اڳ (يعني 10-هزار ق.م ۾) سمنڊ جو پاڻي اپر سنڌ مان لهڻ شروع ٿيو ته 11500 ق.م (يعني 13500 ورهه اڳ) اهو رُڪ اسٽيشن ويجهو نه ٿو ٿي سگهي. 20-هزار ق.م ۾ ملتان ٻڏل هو ته 20-هزار ورهه اڳ (يعني 18-هزار ق.م ۾) پنجند يا ملتان ويجهو نه ٿو ٿي سگهي. ۽ 9500 ق.م ۾ پاڻي جيڪڏهن رُڪ اسٽيشن ويجهو هو ته 9000 ق.م ۾ شڪار ڪندڙ ۽ مڇي ماريندڙ قبيلن جي سنڌ ۾ موجودگي شڪ ۾ پئجي وڃي ٿي.

"Ancient Sindh" ۾ توهان جو "مهراڻ" 2، 1984ع (ص 163) وارو مضمون* ٻڌائي ٿو ته مهرڳڙهه جو عروج 6-هزار ق.م ٿيو. ان مضمون جي هڪ عنوان "سنڌ ۾ وچين ۽ پٿر واري دَور جا اوزار" ۾ لکيل آهي ته وچين پٿر جي اوزارن وارو دَور 5-لک کان 35-هزار ورهه اڳ (؟ ق.م)، پٿر جي اوزارن وارو پويون دَور 35-هزار کان 10-هزار ورهه اڳ ۽ باريڪ پٿر جي اوزارن وارو دَور 5-هزار 5-سَو

* ان لاءِ آهنشنٽ سنڌ جا صفحا نمبر 628-629 ڏسجن. - مرتب



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهه اڳ هو. "انهن (سيني ڏورن !؟) کي Mesolithic يا EPI-Paleolithic يا Microlithic پڻ چيو وڃي ٿو. روهڙي جا اوزار ته اوائلي پٿر واري ڏور يعني 10-لک کان 50-لک سال اڳ جا ٿي سگهن ٿا." (ص 162). "اهڙي ريت مهرڳڙهه 8-هزار سال پراڻو آهي." (ص 163)

اوائلي پٿر ڏور جيڪڏهن 50-لک کان 10-لک ورهه اڳ هو ۽ وچون پٿر ڏور 5-لک کان 35-هزار ورهه اڳ هو ته 10-لک کان 5-لک تائين وچ وارن پنجن لکن ورهن ۾ ڇا ٿيو؟

ڇا Mesolithic، EPI-Paleolithic ۽ Microlithic اصطلاحن ۾ معنا/ مطلب ۽ ڏور/مُدي جو فرق ناهي؟

ساڳي مضمون ۾ ٻڌايل آهي ته سنڌو سڀيتا جي شروعاتي توڙي پوءِ جي ترقي مهرڳڙهه سڀيتا جي ڪري ٿي (163) ۽ ٿر توڙي هندستاني ريگستان ۾ ثقافتي اوسر 9000-1500 ق.م (ص 165) ٿي

جيڪڏهن سنڌو سڀيتا جي ابتدا مهرڳڙهه کان ٿي جيڪا 6-هزار کان 4-هزار ق.م جي آهي ۽ ٿر (جيڪو پڻ سنڌ جو حصو آهي) ۾ 9-هزار ورهه ق.م ڌاري اوسر ٿي ته آڳاٽي سڀيتا ڪهڙي؟

تيون مسئلو پٿر ڏور بابت طئي ٿيل سَنن جو آهي. پٿر ڏور بابت جيڪي سَن پڙهيا اٿم اهي صاف ناهن. منحهائيندڙ آهن. ڪ ۽ س ۾ پٿر جي مختلف ڏورن جي ورهاست هن طرح بيان ڪيل آهي:

Pre-Cambrian Period — 3-ارب 50-ڪروڙ ورهه يا ان کان به اڳ.

Paleocene Period — 6-ڪروڙ 20-لک ـــ 4-ڪروڙ 80-لک ورهه اڳ.

انهن ٻنهي ڏورن جي وچ واري عرصي بابت ڄاڻ نه ٿي ملي.

Eocene Period — 4-ڪروڙ 70-لک ـــ 3-ڪروڙ 90-لک ورهه اڳ.

10-لک ورهن جي وٿي ڇو؟

Middle and lower Miocene Period — 1-ڪروڙ 85-لک ـ 1-ڪروڙ 20-لک ورهه اڳ.

(1) Upper Miocene آهي يا نه؟

(2) 3-ڪروڙ 90-لک کان 1-ڪروڙ 85-لک ورهه واري عرصي جي ڄاڻ نه ٿي ملي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا اهو وڏيڪ سنو نہ ٿيندو تہ Pre-Cambrian کان وٺي Pleistocene تائين سمورا دَور ۽ Pleistocene کان Neolithic تائين سمورا سَن ٻن جدولن، (1) بين الاقوامي جدول ۽ (2) سنڌ جدول، وسيلي ظاهر ڪيا وڃن؟ جدولون هن مسئلي کي سولو ۽ حل ڪنديون.

مون کي چڱيءَ طرح احساس آهي تہ توهان جو وقت ڏاڍو قيمتي ۽ ڪارائتو آهي ان ڪري پنهنجي ڳالهہ ٿورن لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. توهان کي هيءَ تڪليف ان ڪري ڏيڻ ٿو گهران جو منهنجو اندازو آهي تہ توهان جي مواد ۾ اهڙو مونجهارو مختلف وقتن تي مختلف تحقيقون سامهون اچڻ جي ڪري آهي، ان ڪري مختلف هنڌن تي ٽڙيل پکڙيل ۽ گهٽ وڌ مواد کي گڏ ڪري سَموهي ۽ سُوڌي نِٽِيءَ ۽ چنڊيل ڇاٽيل ترتيب موجب لکيو وڃي تہ جيئن سنڌي ۾ چجندڙ مواد جُڪن ۽ مونجهارن کان آجو هجي.

توهان جي تحقيق سنڌ ۾ سنڌ بابت هڪ وڏيءَ ۽ مکيہ کوٽ کي پورو ڪري ٿي پر توهين سنڌ جي علمي دنيا ۾ ڪجهہ ڇاتل سببن جي ڪري پوريءَ طرح سڃاتل ناهيو. آءٌ پاڻ کي انهن ماڻهن ۾ ڳڻيان ٿو جيڪي علم جو قدر ڪندا ۽ عالم کي عزت ڏيندا آهن ۽ ان ڪري سَڌ رکان ٿو تہ جيڏو توهان جو علمي مرتبو آهي اوترو ئي توهان کي مانُ ۽ محبتا ملڻ گهرجي (۽ اهڙي ئي سَڌ هر عالم لاءِ رکان ٿو).

منهنجي اها بہ سَڌ آهي تہ ذهانت ۽ انسانيت وڌائيندڙ سڄيءَ دنيا جو سمورو علمي مواد سنڌيءَ ۾ اَچي. ظاهر آهي تہ هزارين ماڻهو سوين سال پورهيو ڪن تڏهن ئي عملي طرح ائين ٿي سگهي ٿو پر جيترو آءٌ پاڻ ڪري سگهان ٿو اوترو اوس ڪندم. توهان جي لکڻين کي اوليت ان ڪري ڏني اٿم جو توهان جو مواد نہ رڳو علمي ۽ تحقيقي آهي پر سنڌ سان بہ واسطيدار آهي. ارادو اٿم تہ 1994ع جو سڄو سال توهان جي لکڻين کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ لاءِ صرف ڪندم.

پر منهنجون ڪي مجبوريون بہ مون سان گڏ آهن. انهن مان هڪ آهي منهنجي گهٽ ڄاڻ. آءٌ هڪ شاگرد/سيکڙاٽ آهيان. جيترو وس هلي ٿو اوترو ڪيان ٿو. تڏهن بہ ڪيترن ئي لفظن ۽ اصطلاحن کي سمجهي سگهڻ ۽ انهن کي مَٽائي سنڌي ۾ آڻڻ جي عمل ۾ ڏکيائي محسوس ڪيان ٿو. مون وٽ ڪي سنئيون (خاص طرح خصوصي علمن سان واسطيدار جيئن آرڪيالاجي، جيالاجي، باٽني، زولاجي وغيره جون) ڊڪشنريون ۽ انسائيڪلوپيڊيا موجود ناهن ان ڪري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن لفظن ۽ اصطلاحن جي معنا/مطلب ۽ انهن جي سنڌي متبادل لفظ ۽ اصطلاح لاءِ توهان کي تڪليف ڏيڻي پوي ٿي. ايئن ڪرڻ سبب توهان جو وقت سيڙبو ضرور پر آءٌ سمجهان ٿو ته ان کي "ڏيان ٿيو" نه سڏي سگهبو.

وڏيڪ سنو ايئن ٿيندو ته ڪي ڏينهن توهان وٽ رهي هن مهل تائين ڪيل ترجمن کي توهان جي نگرانيءَ ۾ درست ڪيان پر جيئن ته منهنجي مجبورين سبب ايئن ڪري سگهڻ ممڪن ناهي پنهنجي ننڍي ڀاءُ "صحبت" جي سهاري توهان وٽ مواد موڪلي ڏيان ٿو. ٻي پاسي اهو به ٿي سگهي ٿو ته توهين ڪي ڏينهن مون ڪي پنهنجيءَ خدمت جو وجهه ڏيو. آءٌ ته توهان جي اڪيون وڃائي آجيان ڪيان ۽ جيءَ ۾ جايون ڏيان پر منهنجو غريباڻو گهر، وڏو کهول ۽ ٻوٽي ٻيل شهري ماحول شايد توهان کي پاڻ نه پوي ۽ توهين پاڻ کي بي آرام محسوس ڪيو.. ان ڪري دعوت ڏيندي ڏجان ٿو ۽ ڏجندي به دعوت ڏيان ٿو جو ان ۾ منهنجو دلي خلوص سمايل آهي. توهان جو اچڻ مون لاءِ روحاني سگهه ۽ ذهني تازگي مهيا ڪرڻ جو ڪارڻ ٿيندو

مهرباني

خلوص سان

محبت پرڙو

06-12-1993

❊❊❊


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جناب ايم. ايڇ. پنهور ڏانهن خط-2

مانوارا ايم. ايڇ. پنهور صاحب
سدا خوش، سُکيا ۽ سلامت رهو.

توهان جي ڳالهين ۾ لکڻين ۾ مختلف هنڌن تي اها ڳالهه پڙهي آئي آهي تہ رگويدي آريا

سوات ۾ 1050، ق.م
اولهائين بلوچستان ۾ 800-900 ق.م
اوڀرائين بلوچستان ۾ 800 ق.م
سنڌ ۾ 800 ق.م
پنجاب ۾ 700-800 ق.م
راجستان ۾ 300-600 ق.م
مڌيا پرديش ۾ 400-500 ق.م
اتر پرديش ۾ 50-300 ق.م ۔
بهار ۾ 50-300 ق.م پهتا. ۽ اهو بہ بيان ٿيو آهي تہ رگويد جا اوائلي پڇڻ 1000 ق.م ۽ پوءِ وارا پڇڻ 900 ق.م ڌاري لکيا ويا. ان ڪري فطري طرح اهو سوال ٿو اڀري تہ

**رگويد ۾ سنڌو جي تعريف ڇو ۽ ڪيئن آئي؟**

توهان جو مضمون Languages of Sindh between rise of Amri and fall of Mansura ترجمو ٿي ويو آهي، مهرباني ڪري ان ۾موجود نقشا يا انهن جو نقل وڏي سائيز ۾ موڪليندا.

مهرباني.

خلوص سان

محبت ٻرڙو

❊❊❊


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضميمو ٽيون ـــ مضمون

مسز فرزانہ پنهور

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# ٿر ۽ ڪوهستان رڻ جا وڻ ٽڻ

سڃاڻپ: مسز فرزانہ حسين پنهور بايو-ڪيمسٽريءَ ۾ ايم.ايس سِي آهن. "ريسرچ ۽ ڊولپمينٽ انجنيئرس" سان وابسط رهِي گڏريل ستن ورهن کان ڪيترن ئي مختلف موضوعن تي تحقيق پئي ڪئي اٿن. پاڻ "ايگريڪلچرل سُٺائل ٽيسٽِنگ ليبارٽريز (پرائيويٽ) لميٽڊ" جِي مئنيجنگ ڊائريڪٽر بہ آهن. جن موضوعن تي ڪم ڪيو ۽ لکيو اٿئون، انهن مان ڪجهہ هِي آهن:

- هيرايل (گهريلو ڪيل) جانورن لاءِ ڪاج ۽ پاڻي راهِپ (Aqua Culture)
- جهينگي پالنا
- ڪڪڙ پالنا
- سَهي پالنا. سَهي ڪاج
- زرعي ڦوڳ مان جِيا-گئس (Bio-Gas) (ٺاهڻ)
- ڊور ڍڳي ۽ رڍ لاءِ ڪاج
- جوجُوبا تيل جي ڪيميائي بناوت ۽ ان جو واهپو
- وڻجُ ڪ (ڪمرشل) ۽ صنعتي حساب ڪتاب رکڻ
- گلاب ۽ (ٻين) گلن جو سُڪي وڃڻ
- جوجُوبا جو اپياس ۽ ان جو تيلي-ڪيميائي ۽ زرعي-ڪيميائي صنعت لاءِ واهپو
- جام قل ۽ ٻَڪنپالِي ۽ لنگڙي انب جو لاب ڪان پوءِ ڪيميائي دوائن وسيلي (مختلف بيمارين کان) بچاءُ
- تيلي-ڪيميائي ۽ زرعي-ڪيميائي صنعت لاءِ هڪ نئون ذخيرو/وسيلو
- مختلف زرعي فصل اپائڻ لاءِ لوڻياٺي زميني پاڻيءَ جو واهپو
- اسرنڊڙ ڏيهن لاءِ جِيا-گئس ڪارخانا
- پاڪستان (جي رهواسين) لاءِ پاڻي راهپ جو ڪتابڙو
- ٿر ۽ ڪوهستان جا جانور

- سنڌيڪار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذيان ڪري سگهجي ٿو. اهو مختلف جنسن ۾ مختلف ٿئي ٿو. ڪي جنسون ٿورو پاڻي ذيان ڪرڻ ڪان پوءِ اٿموٽ سوڪهڙي واري حالت ۾ ونجي وڃن ٿيون پر ڪي تہ چڱي چوکي پاڻيءَ جي ڪوٽ ڪان پوءِ بہ تازيون توانيون رهن ٿيون. ڪريئوسوٽ (Creosote) ٻوٽي ۾ پاڻيءَ جي موجودي سندس خشڪيءَ واري حالت ۾ ڪيل وزن جي اڌ جيتري گهٽجي سگهي ٿي، پر وٽوٽو وري بہ چڙهي پوندو. جيڪڏهن مينهن وسي تہ سندس صحت 42-47 ڪلاڪن ۾ يا اجا بہ گهٽ وقت ۾ سڌري ويندي.

اڪيشيا• جيڪئمونٽي (Acacia Jacquemonti) (جنهن کي ٻُو-ٻنويلي ۾ "راشو ٻبر" بہ چئبو آهي) کي ڏاڍين اونهين پاڙن وارو سرشتو آهي. جيڪو ان وٽوٽي جي واڌ کي خشڪ مند ۾ ممڪن بنائي ٿو.

پاڙ-سرشتو ويڪر ۾ پکڙجندڙ. جيئن ٿوهر (ڪئڪٽس، Cactus) ۾ آهي، يا اونهو ويندڙ بہ ٿي سگهي ٿو. جيئن ديوي (ميسقائيٽ، Mesquite) وڻ ۾ آهي، جنهن جون پاڙون 50 ميٽر اونهيون وڃي سگهن ٿيون تان جو اونهي زميني پاڻيءَ جي ذخيري کي پهچي سگهن. جوجوبا (Jojoba) تازو ئي سنڌ ۾ آندو ويو آهي ۽ ان جي حقيقي جڳهہ ٿر ۽ ڪوهستان ۾ ڪري سگهجي ٿي.

وارياسي يا ٻوٽي (اسٽيپِي/Steppe، هڪ سنئون ۽ گاهي بناوڻ ميدان) ۾ پيدا ٿيندڙ وٽوٽي کي سوڪ/اٿاٽ ۽ تاءَ (Temperature) جو انتهائي لاٽ يا چاڙهہ سان منهن مقابل ٿيڻ ۽ برميچڻ گهرجي. ان کي ان لائق بہ هئڻ گهرجي تہ مختصر ٻُورائتي (ٻُورجڻ يا انگورجڻ واري، Reproductive) مند سان گڏوگڏ پاڇي خور جانورن جو کاڄ ٿي سگهندڙ ڏگهي/گري عرصي کي بہ منهن ڏئي سگهي.

رٿائي وٽوٽن جي درجيبندي ٽن مختلف متن/اصولن پٽاندر ٿئي ٿي. پهرين اصول موجب رٿائي وٽوٽا چئن ٽولن ۾ ورهايل آهن:

1- اٿاٽ-پاچوڪڙ، ٿورجنائو (Drought-escaping, Ephemerals) وٽوٽا.
2- اٿاٽ-گوسڙاڪ (Drought-evading) وٽوٽا.
3- اٿاٽ-سَهندڙ (Drought-enduring) وٽوٽا.
4- اٿاٽ رنڊائيندڙ (Drought-resisting) وٽوٽا.

هن درجيبنديءَ موجب وٽوٽا رڻ ۾ تڏهن بقا رکي سگهن ٿا جڏهن اهي سوڪ/پاڻيءَ جي اٿاٽ سان گڏوگڏ تاءَ پد جي ٻنهي (گهٽ ۾ گهٽ توڙي وڌ ۾ وڌ) انتهائن ڪان گسائي/لنوائي/بچي سگهن.

• اڪيشيا: ٻبر جي سِڀني جنسن جو خانداني نالو.- سنڌيڪار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ميوي يا ٻج کي مٽيءَ منجهہ ننڍاڪڙو/ڳُجهو رکي گذارن ٿا). اهي وڏيڪ سخت حالتن کان پڇي پاڻ بچائي سگهن ٿا.

3- اٿاٽ-سهندڙ وڻوٽا:

جڏهن مٽيءَ ۾ گهم نہ هوندي آهي تڏهن بہ هي وڻوٽا وڌي ويجهي سگهن ٿا.

4- اٿاٽ-رنڌائيندڙ وڻوٽا:

هنن وڻوٽن کي رَسيلا (رس رکندڙ Succulent) پڻ سڏيو وڃي ٿو. جو تہ اهي پنهنجن ٽشوئن (Tissues، ٽِشو: هڪجهڙن جيوگهرڙن/سيلن جو جهڳٽو) ۾ پاڻي زخيرو ڪري رکن ٿا ان ڪري سوڪاٽيل (سوڪ ورتل، خشڪ، Arid) علائقن جي وڻوٽن جي گهٽائي مختلف طريقا اختيار ڪري پاڻي ذيان ٽيڻ کان بچائي ٿي. هڪ ئي وڻوٽي ۾ مختلف قسمن جا بچاءَ ڪندڙ اپاءَ هڪ ئي وقت ڪم آندا وڃن ٿا. مثال طور: چوڏي (Cuticle، ٻاهرين سُڪل ڪل) مان پاڻيءَ جي (بخارجڻ وسيلي) نيڪال کي پَن جي مٿاچري تي سٽيپ (Lipid) يا سٽين مادن ۽ گوُنڙن (Resins) جو تهہ ٺاهي رنڌائن ٿا. پنهنجيءَ شڪل ۽ بدني بناوت ۾ ڪجهہ ڦير ڦار ڪري بہ اٿاٽ جي رنڌڪ ڪئي وڃي ٿي. ڪي وڻوٽا خشڪ مند ايندي ئي پنهنجا پن ڇاڻي يا سج سامهون ڪليل پنن جي ايراضي گهٽائي ڇڏيندا آهن. ڪجهہ وڻوٽن ۾ چڱيءَ طرح سڌريل پاڻي ذخيرو ڪندڙ ٽشو (Tissue) سان گڏ مقداري شرح جي حساب سان گهٽ ايراضي هوندي آهي جنهنڪري اهي سدائين ٿُلها ۽ سَبر لڳندا ۽ اهڙيءَ طرح پاڻيءَ جو بخاربو نيڪال گهٽائي ڇڏيندا آهن. ڪجهہ راسيلن وڻوٽن پنهنجون پاڙون وڌائي ڇڏڻ جو سرشتو سڌاري رکيو آهي جيڪو پاڻي ڇهڻ جي سگهہ کي وڌائي ڇڏي ٿو. ٿوهر، اَڪُ، ڪِرڙ ۽ ڪبڙ ان جا سٺا مثال آهن.

## ٻيو اصول

رڻائي ايراضيءَ جي ياجيائپ ٽن عام درجن ۾ ورهائي سگهجي ٿي:

**1- مقامي پاڻيءَ جي ججهائپ تي ياڙيندڙ ياجيائپ:**

واريءَ پريل رڻن، مثال طور ٿر ۾. جيئن تہ واريءَ وٽ گهٽي گرمي جذب ۽ خارج ڪرڻ جي گنجائش آهي، ان ڪري تاءَ پد جي ڏهاڙي ٿيندڙ گهٽاوڌي (Fluctuation) ۾ گهم جو چڱو چوکو ذخيرو ملي پوي ٿو. جابلو رڻن ۾ انهن جي پرياسي يعني ڪوهستان ۽ ڪاڇي ۾ ماڪ-ذخيرو ڪجهہ گهٽ ٿئي ٿو پر واريءَ تي اها موچاري مقدار ۾ ڪَني ٿيندي آهي جيڪا پلاسٽڪ شيٽ تي گڏ ڪري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجي ٿي. ڪن صاف ۽ ٿڌين راتين واري مند ۾ اها 2-3 م.م (ملي ميٽر) في رات ٿي سگهي ٿي. اهائي ماڪ ڪجهه پاڃي طور ڪم ايندڙ وڻوٽن کي سدا سائو رکي ٿي.

**2- ڊورن ۽ نارن ۾ گڏ ٿيندڙ مقامي مينهن تي پاڙيندڙ وڻوٽا:**

رڻائي ايراضين جي هيٺاهن حصن ۾ ڊورن ۽ نارن وسيلي ڪچي/وهي آيل مينهن جو پاڻي ۽ ان جي نتيجي ۾ حقيقي وَسيل مينهن سان گڏ وڻوٽن جي واڌ لاءِ گهربل ماڪ گڄ ملي پوي ٿي. ان قسم جون ايراضيون، ان ڪري، خشڪ پوکي راهيءَ لاءِ خاص طرح سٺايون آهن ۽ اهو ئي سبب آهي جو ٿر ۽ ڪوهستان جون گهڻيون ايراضيون سٺو لاپ ڏين ٿيون.

**الف- وارياسن جبلن ۾ پاڃائپ:**

**چوٽ ڏاڪو** (Climax Stage): اڪيشيا جيڪئمونٽي (ٻہر)، اڪيشيا لِيُوڪوفِليا (Leucophiloea، جنهن کي "آراجيو" بہ سڏجي ٿو)، اڪيشيا نِلوٽِيڪا (Nilotica، ٻٻر، ڪيڪر) ۽ اڪيشيا سينيگال (Senegal، ڪُمبات).

**وچون** (Intermediate) **ڏاڪو**: يُوفوربيا ڪاڊُوسيفوليا (Euphorbia Cauducifolia يعني ٿوهر، Thor)، يوفوربيا ڪلارڪينا (Clarkeana، ڪير واري، ڏُڌيلي)، يوفوربيا ڊريڪنڪولائڊس (Dracucoloides، ٻمبُوري)، يُوفوربيا گِرئنيوليٽا (Granulata، ڏُڌيلي)، يُوفوربيا هِرٽا (Hirta، ڊيدي-ڏُڌيلي)، يُوفوربيا جوڌپورنسِس (Judhpurensis، ڏُڌيلي) ۽ يُوفوربيا پارويفلورا (Parviflira، ڏُڌيلي).

**سرواڻ** (Pioneer) **ڏاڪو**: پانيڪم اينٽِيڊوٽيل (Panicum Antidotale، گرمانو)، پانيڪم ٽرائفرام (Trypherom)، پانيڪم ٽرجيڊم (Turgidum، مَنٽ).

**ب- ٿر جي لَٽ/ڪَچي وارين ٻنين ۾ پاڃيائپ:**

هن قسم جي پاڃيائپ ۾ وارياسن جبلن ۽ سَنوَن لٽ/ڪچي وارن ميدانن جي وچ ۾ ايندڙ ماٿرين جا وڻوٽا شامل آهن. وارياسن جبلن جي هيٺاهن ڪَڏن ۾ پرياسي جي لاهين جو برساتي پاڻي ڪَنو ٿئي ٿو ۽ پاڻ سان گڏ مٽيءَ ۽ لوڻ جا تمام گهڻا ڪارائتا ذرڙا ڪٺي اچي ٿو. اهي هوري هوري ڪَڏن جي تري ۾ آٿرجي ويندا آهن جنهن جي نتيجي ۾ سخت چِيڪي پنجو جو تمام عهدو نمونو ملي پوي ٿو.

**ڪچي وارين ٻنين جي پاڃيائپ:**

**چوٽ ڏاڪو**: پروسوپِس چِلينسِس/ڪنڊي (Prosposis Chilensis، اَنيرجي باوانِيلو)، پروسوپِس گِلئنڊيولوسا (Glandulosa).



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. عمومي طرح، جهنگلي (Wild) جنسن تي پيٽ ۾ اپايل سوڪاٽيل (Arid) علائقي جي وڻن بابت هڪ سنو نڪتي نظر رکيو وڃي ٿو. ڪچي مال لاءِ دنيا ۾ وڏندڙ گهر ڪي ڏسندي ممڪن آهي ته هن قسم جي اپت هٿرادو ناهيل مال سان چڻاپيٽي ۾ اڃي سنو اگهه پيدا ڪري.

7. آندراچن آسپيرا اسپرينگ (Andrachne Aspera Spreng، ڏڻ واري ڪير ٻوٽي)، يوفوربيا ڪاڊيسيفوليا هائينس (Euphorbia Caudicifolia Haines، ٿور)، يوفوربيا هرتالن مَوئِس (Hirtalinn Mouis، ارنڊي)، يوفوربيا ڪلارڪينا ۾ زهر يا ڪرائيندڙ "ڪير" موجود آهي.

8. ڊپونيا اِليٽيَر (Dpunia Elatior، هَٽ اوٺي) ۽ يوفوربيا ڪاڊيسيفوليا، يوفوربيا ڪلارڪينا، يوفوربيا ڊريڪنڪيولاڊس، يوفوربيا گرئنيوليٽا، يوفوربيا هرتا، يوفوربيا جوڌپورنسس، يوفوربيا پارويفلاٽرا رسيلا (succulent) وڻوٽا آهن ۽ پنهنجن ٿڙن ۾ پاڻي گڏ ڪري رکن ٿا.

9. پينيسيٽَم ٽائفئاڊيَم (Pennisetum Typhoideum، باجهري)، رِسِينَس ڪمُونِس (Ricinus Communis، هيرَڻ)، سيسامَم انڊيڪم ( Sesamum Indicum، ترِ)، سارگهم ولگيئر (Sorghum-Vulgare، جوار)، ڪئموپسِس سورالاٽيڊس (Cyamopsis Psoralioides، گوار)، فيزيولس مُنگو ( Phaseolus Mungo، مُگ) عام فصل آهن.

10. سپ ڪان وڏيڪ عام فصل جوار ۽ باجهري آهن، اهي چاري لاءِ به عام فصل آهن جن کي سُڪائي خشڪ موسم ۾ ڍور ڍڳن جي کاڄ لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو. رِڻائي وڻ ٽڻ جي پريور واهپي لاءِ وڌيڪ تحقيق ضروري آهي.

## ڪتابسُٽ (Bibliography)


1. Leonard cloudsely - Thoompson, "The desert".
2. Ikram Ilahi Chaudhri and Muhammad Sharif Chuttar, "The Vegetation and range flora of the desert".
3. John Leonard Cloudsely - Thompson, "Desert Life".
4. E.J. Barrington, F.R.S and J. Willts, "Contemporary Biology."
5. Walter S. Philips, "Desert".
6. Dr. H.T. Sorley, "Gazetteer of Sind (including Khairpur state)


❊❊❊

نوٽ: هيءُ ليک محترم فرزانه پنهور جي انگريزي مقالي "فلورا آف ٿر اينڊ ڪوهستان ڊيزرٽس" (Flora of Thar and Kohistan Deserts) جو ترجمو آهي، جيڪو ماهوار "ڪينجهر" حيدرآباد ۾ جولاءِ 1996ع ۾ ڇپيو جڏهن ته ليکڪا جو تعارف ڊاڪٽر محبت جي قلمي ڪاپيءَ تان درج ڪيو ويو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رياضت ٻرڙو

# ايم ايڇ پنهور

## سنڌ جو نامور زرعي سائنسدان، محقق ۽ سنڌ جو عاشق

دنيا ۾ جن سنڌي شخصن پنهنجي مخصوص تحقيقي ڪم ۽ قلمي ڪاوشن وسيلي پنهنجو ۽ سنڌ جو نالو نروار ڪيو آهي، تن ۾ جناب ايم.ايڇ پنهور نمايان مَقام رکي ٿو. هن جا شعبا انيڪ هئا. جن ۾ ميوَن جي باغبانيءَ (هارٽيڪلچر) ۾ تحقيق نهايت اهم آهي، جنهن سبب ڪيس هڪ سائنسدان جي حيثيت به حاصل هئي. ان ڪان سواءِ هو ٻوليءَ ۽ آثار قديمه جو ماهر. سنڌ جي آڳاٽن نقشن جو جوڙيندڙ به هو. سنڌ جي تاريخ سان گهري وابستگي هيس. آبپاشيءَ، سم، ڪلر، پاڻيءَ نيڪال، زراعت ۾ ڪم ڪيائين. زرعي سائنسي اوزارن جو ڀرپور استعمال ڪيائين ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه. جيڪو هن جي لکيل ۽ ڪيل ڪم کي ڀرپور طرح سان مطالعي هيٺ آڻي سمجهي سگهجي ٿو.

ايم.ايڇ پنهور جو سچو نالو محمد حسين پنهور هو. هو 25 ڊسمبر 1925ع تي، ضلعي ۽ تعلقي دادو جي ڳوٺ ابراهيم ڪچيءَ ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو حاجي هو. هن سنڌ يونيورسٽي ڪراچيءَ مان 1949ع ۾ مڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل ۾ بي اِي (B.E.) فرسٽ ڪلاس ۾ پهرين نمبر سان پاس ڪئي، جنهن تي ڪيس سنڌ يونيورسٽي پاران ميڊل ڏنو ويو. هنَ يونيورسٽي آف وسڪانسن، آمريڪا مان 1953ع ۾ ايم ايس سِي (M.Sc.) جي تعليم حاصل ڪئي. سندس خاص مهارت (اسپيشلائيزيشن) جَر جي پاڻيءَ جي واڌ، زمين جي چرپر، زرعي مشينري، سِم، ڪلر روڪ وهڪري ۽ زراعت ۾ هئي.

ايم.ايڇ پنهور صاحب سنڌ سرڪار ۽ اولهه پاڪستان سرڪار سان 4 سال، 58-1953ع دوران، زرعي انجنيئر طور ڪم ڪيو ۽ 12 سال، 58-1969ع دوران، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سپرنٽنڊنگ انجنيئر طور ذميواريون نڀايون. ان عرصي ۾ پنهور صاحب زرعي زمين جي سنوت لاءِ 600 بلڊوزر هلرايا، ٽريڪٽرن ۽ بلڊوزرن جا 12 مرمتي ورڪشاپ، زرعي ڪاٽي لاءِ قائم ڪرايا. هر قسم جي زرعي مشينري استعمال ڪرائي، سنڌ ۾ 3000 ٽيوب ويل هٽايا ۽ بلوچستان ۾ ڊيزل پمپن سان 1000 کوهه کوٽرايا. سنڌ ۽ بلوچستان جِي گرائونڊ واٽر سروي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائي ۽ ان سلسلي هيٺ 11 ڪتاب لکيا. 1970ع کان 2007ع ۾ وفات تائين، پنهور صاحب ڪَنسلٽنگ ڪمپني هلائي جيڪا آبپاشيءَ، سِم، پاڻيءَ نيڪال، زراعت، سائنسي مشينريءَ جي استعمال ۽ باغن جي زراعت ۾ مهارت رکي پئي. پنهور صاحب ان حوالي سان سنڌ جي جر بابت 10 ڪتاب لکيا ۽ ٿر ۽ ڪوهستان، ۽ انجنيئرنگ بابت انيڪ مقالا ۽ مضمون پڻ لکيا. هُو 79-1970ع دوران ايجوڪيشنل ايڊس جو مينيجنگ ڊائريڪٽر رهيو، پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڪنسلٽنٽس جو مينيجنگ پارٽنر 79-1973ع دوران رهيو ۽ ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ انجنيئرس جو مينيجنگ ڊائريڪٽر 2002-1979ع دوران رهيو.

پنهور صاحب 1964ع ۾ باغن جو زرعي فارم قائم ڪيو، جتي ميوَن جي فصل تي خاص ڌيان ڏنائين. 1985ع ۾ هُن ان زرعي فارم کي تحقيقي فارم ۾ تبديل ڪيو ۽ ميوَن جو انيڪ نيون جنسون متعارف ڪرايون. جن ۾ انبن جون 17 جنسون ۽ لِچي (Luchee) جون 6 جنسون پڻ شامل آهن. پنهور صاحب ميوَن جي فصلن جي لاباري کان پوءِ واري پوک (Post-harvest) بابت 36 ڪتاب لکيا جن مان ڪيترائي اڃا تائين اڻ ڇپيل آهن.

پنهور صاحب، سنڌالاجسٽ طور هڪ ماڻهوءَ جي لحاظ کان سوچيندي، سنڌ جو مطالعو ڪرڻ جو بيحد شوقين هو. هن 500 صفحن کان وڌيڪ صفحا سنڌ جي حوالن سان ڇپرايا ۽ 10 وڌيڪ ڪتاب، سنڌ بابت، ڇپائيءَ لاءِ تيار هيس. سندس لائبريريءَ ۾ پنجاهه هزارن کان وڌيڪ ڪتاب غير فڪشن موضوعن تي هئا. (نوٽ: پنهور صاحب جا پونئير، اها لائبريري محققن لاءِ کولڻ جو ارادو رکن ٿا.)

جُون 2003ع ۾، پنهور صاحب، ٽنڊي جام ۾، هڪ ٽرسٽ "ايم.ايچ پنهور ٽرسٽ" قائم ڪئي، ته جيئن سنڌ ۾ سماجي ڪمن ۽ تحقيق کي وڌائي سگهجي. هن پنهنجو گهر، آفيس ۽ ٻي سموري ملڪيت ان ٽرسٽ حوالي ڪري ڇڏي آهي. اها ٽرسٽ سندس گهر واري ۽ پٽ هلائن پيا، گڏوگڏ سندس لطيف آباد (حيدرآباد) واري گهر ۾ لائبريري قائم ڪرڻ جو ارادو رکن ٿا.

ايم ايچ پنهور صاحب کي هيٺيان ايوارڊ ۽ مڃتائون مليون:

1. پاڪستان سرڪار پاران، انجنيئرنگ ۽ زراعت ۾ نمايان ڪم ڪرڻ تي، ستارهء امتياز، 1992ع ۾.
2. 1987/88ع ۾ "Who is who in the World" ۾ سندس نالو ۽ ڪم شامل ڪيو ويو.
3. ترقي پسند پارٽي پاران، تاريخ ۽ آثار قديمه ۾ خدمتن تي، لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ، 1999ع ۾.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4. رواٿيوَرس پاران. انجنيئرن ۽ زراعت ۾ خدمتن تي. لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ. 2002ع ۾.
5. خبرون اخبار جي ڪِسان ٽِي وي ۽ چاولا گروپ پاران. "ٽاپ هارٽيڪلچرسٽ آف پاڪستان" جو ايوارڊ. 2004ع ۾.
6. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن پاران. سنڌ بابت سچي چمار تحقيق ڪرڻ تي ميڊل. 2004ع ۾.
7. سنڌ زرعي يونيورسٽي پاران. زرعي ⁻ائنس ۾ عمر ڀر تحقيقي خدمتن جي مڃتا ۾ ايوارڊ. 2004ع ۾.
8. ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي پاران. سندس خدمتن جي ـ⁻ڃتا ۾. لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ. 2004ع ۾.

اهو پڻ ڄاڻائڻ ضروري ٿيندو، ته پنهور صاحب سواءِ پنهنجي پهرين ڪتاب جي خلاف پيدا ٿيل اجائي ردعمل ڪان پوءِ سنڌيءَ ۾ لکڻ بدران انگريزيءَ ۾ لکڻ کي ترجيح ڏني هئي. اهو ڪتاب عورت ۽ اسلام بابت هو.

هتي پنهور صاحب جي لکيل ڪجهه ڪتابن جا نالا ڄاڻائجن ٿا:

1. أئن السٽريٽيڊ هسٽاريڪل اٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ.
2. ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ.
3. سَسٽينيبل ميٿڊس ائز اپلائيڊ ٽُ ريزنگ فروٽ ڪراپس.
4. دَ ڊولپمينٽ اِن دَ اسٽڊي آف هسٽري ائنڊ آرڪيالاجي آف سنڌ.
5. واٽر رِڪائرمينٽ آف رِوريَن ايريا آف سنڌ.
6. سورس مٽيريل آن سنڌ.
7. گرائونڊ واٽر اِن سنڌ (هن سلسلي هيٺ 11 ڪتاب.)
8. فائيو ٿائوزنڊ ييئرس هسٽري آف اِريگيشن اِن سنڌ.
9. سِڪس ٿائوزند ييئرس هسٽري آف اِريگيشن اِن سنڌ.
10. نِيو فروٽس، نٽس اينڊ انڊسٽريل ڪراپس فار سنڌ.

سندس لکيل ٽيڪنيڪل مضمونن جو تعداد 51 آهي، هن 8 مضمون آٽوبايوگرافيءَ حوالي سان لکيا. 96 مختلف مقالا ۽ مضمون لکيا ۽ 7 عدد نيوز رپورٽون لکيون.

پنهور صاحب جا اعزازي ڪم هيٺينءَ ريت رهيا:

1. پروفيسر ايگريڪلچرل انجنيئرنگ طور. سڪرنڊ ۽ ٽنڊي ڄام جي زرعي ڪاليجن ۾. 75-1954ع دوران ڪم ڪيو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. وزٽنگ پروفيسر ۽ اِڪئپمينٽ ايڊوائيزر طور، مهران انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄامشوري ۾، 86-1980ع دوران ڪم ڪيو.
3. انجنيئرنگ ايڊوائيزر طور، سنڌ يونيورسٽي ۾، 86-1982ع دوران ڪم ڪيو.

مختلف ادارن سان ايم.ايچ. پنهور صاحب جون اعزازي رڪنيتون هن ريت رهيون:

1. چيئرمئن ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي، دائود ڪاليج آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي، ڪراچي، 93-1990ع دوران:
2. ميمبر بورڊ آف گورنرس، دائود ڪاليج آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي، ڪراچي، 93-1990ع دوران.
3. مُيمبر بورڊ آف گورنرس، نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ، ڪراچي، 93-1986ع دوران.
4. ميمبر بورڊ آف گورنرس، نيشنل ڪاليج آف آرٽس، لاهور، 93-1989ع دوران.
5. ميمبر ايگزيڪيوٽو بورڊ، نيشنل ڪاليج آف آرٽس، لاهور، 93-1989ع دوران.
6. ميمبر بورڊ آف گورنرس، خزدار انجنيئرنگ ڪاليج، 93-1989ع دوران.
7. ميمبر سليڪشن بورڊ، نيشنل ڪاليج آف آرٽس، لاهور، 93-1989ع دوران.
8. ميمبر بورڊ آف گورنرس، ڪاليج آف آرٽس، ڄام شورو 93-1989ع دوران.
9. ميمبر ايڊيٽوريل بورڊ، جرنل سنڌالاجيڪل اسٽڊيز، 93-1982ع دوران.
10. ميمبر بورڊ آف ايس ايس ايچ ايس، ڪراچي، 2005-1998ع دوران.
11. پريزيڊنٽ، سنڌ سوسائٽي فار هارٽيڪلچرل سائنس، 2005-1994ع دوران.
12. پريزيڊنٽ، انٽيگريٽيڊ ايگريڪلچر ڊولپررس، 2005-2001ع دوران.
13. چيئرمئن، ايم ايچ پنهور ٽرسٽ، 2005-2002ع دوران.

جڏهن تہ پنهور صاحب هيٺين بين الاقوامي ادارن جو رڪن رهيو:

1. ڪيليفورنيا ريئر فروٽ گرووَرس ايسوسيئيشن، 93-1986ع دوران.
2. آسٽريلين مئڪيڊاميا گرووَرس ايسوسيئيشن، 98-1986ع دوران.
3. ڪيليفورنيا ايووڪاڊو سوسائٽي 92-1987ع دوران.
4. جوجوبا گرووَرس ايسوسيئيشن 88-1985ع دوران.
5. انٽرنيشنل سوسائٽي فار هارٽيڪلچرل سائنس، 2007-1990ع دوران.
6. آمريڪن سوسائٽي فار هارٽيڪلچرل سائنس، 98-1990ع دوران.
7. فلوريڊا اسٽيٽ هارٽيڪلچرل سوسائٽي، 97-1987ع دوران.
8. ريئر فروٽ ڪائونسل آف آسٽريليا، 2000-1981ع دوران.
9. آسٽريلين سوسائٽي فار هارٽيڪلچرل سائنس، 97-1990ع دوران.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

10. آمريڪن پومولاجيڪل سوسائٽي. 93-1989ع دوران.
11. انٽرنيشنل بنانا ايسوسيئيشن. 90-1980ع دوران.
12. پروفيشنل ميمبر آمريڪن سوسائٽي فار اينالاجي اينڊ وائٽيڪلچر. 2007-1992ع دوران.
13. سائوٿ آفريڪن سوسائٽي فار هارٽيڪلچرل سائنس. 94-1993ع دوران.
14. انٽرنيشنل ريئر فروٽ ڪائونسل آف سائنٽسٽس اينڊ سائنٽيفڪ پروفيشن. 99-1982ع دوران.

ان ڪان سواءِ سندس رڪنيت پروفيشنل آرگنائيزيشنس سان هن ريت رهي:

1. ايسوسيئيٽ ميمبر، آمريڪن سوسائٽي آف ايگريڪلچرل انجنيئرس. 76-1953ع دوران.
2. ميمبر انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچرل انجنيئرس، انگلينڊ. 70-1964ع دوران.
3. فيلو، رائل جاگرافيڪل سوسائٽي لنڊن. 2007-1977ع دوران.
4. ميمبر، پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل اسلام آباد. 2007-1977ع دوران.

پنهور صاحب ٻه شاديون ڪيون. جن مان پهرين گهر واري وفات ڪري وئي اٿس ۽ ٻي گهر واري محترمه فرزانه پنهور بايو-ڪيمسٽ آهي. جنهن پڻ اڪيلي سِر ۽ پنهور صاحب سان گڏ ڪيترائي مقالا ۽ ڪتاب لکيا آهن ۽ ڏيهاڏيهي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي آهي. پنهور صاحب کي پهرين گهر واريءَ مان 4 پٽ آهن. جن مان هڪ 2004ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ 3 آمريڪا ۾ رهن پيا. جن مان سَني پنهور پڻ لکڻ جي شعبي سان لاڳاپيل آهي.

سنڌ جي هن يگاني عاشق ايم ايچ پنهور جي وفات 21 اپريل 2007ع تي، لطيف آباد واري گهر ۾ ٿي ۽ کيس ٽنڊي ڄام ۾ ابدي جڳهه ڏني وئي.

❊❊❊

نوٽ: هي مواد جوڙڻ ۾ ايم.ايچ. پنهور صاحب بابت جوڙيل ويب سائيٽ www.panhwar.com تان مدد ورتي وئي آهي. هي ليک ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران 21-اپريل 2008ع تي، لاڙڪاڻي ۾، جناب ايم.ايچ. پنهور جي منعقد ڪيل پهرين ورسيءَ ۾ پڙهيو ويو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر محبت ﭘرڙو

سنڌ جو نامور دانشوَر، محقق، اديب، ٻوليءَ-ڄاڻڪ، مترجم ۽ ڪاھوڙي سپوت

ڊاڪٽر محبت ﭘرڙو ھمہ گير شخصيت جو مالڪ ۽ سنڌ جو ھڪ لائق سپوت ھو. ھو ھڪ ئي وقت سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ ڪارڪن، اديب، مترجم، محقق، سياسي - ادبي - سماجي - لسانياتي - تحقيقي تنقيد نگار، صحافي، ايڊيٽر، 'استاد'، ڊاڪٽر، اتساھڪ ڪردار، ڪاھوڙي فرد، ڌرتيءَ، ڌرتيءَ واسين ۽ ماڻھپي سان پيار ڪندڙ ۽ انساني چڱاين ۾ يقين رکندڙ شخص ھو. ھو حقيقي معنيٰ ۾ پنھنجي نالي جو مفھوم رکندڙ انسان ھو.

## ڄم ۽ تعليم

ڊاڪٽر محبت علي ولد شوڪت علي "شوق" ﭘرڙو 25 مارچ 1952ع (گھريلو شجري موجب 22 ربيع الاول 1372ھ) تي قنبر شھر ۾ پيدا ٿيو. ڪيس ننڍپڻ کان ئي پڙھڻ، سِکڻ ۽ سمجھڻ سان پيار ھو. ھن پرائمري تعليم 64-1959ع دوران گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول قنبر مان، مئٽرڪ 69-1964ع دوران ميونسپل ھاءِ اسڪول قنبر مان ۽ انٽر سائنس (پري ميڊيڪل) 71-1969ع دوران گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان امتيازي حيثيت سان پاس ڪئي. ڊگري ڪاليج جي لائبريريءَ مان ڊاڪٽر محبت روزانو ٻي چار ڪتاب ڪڍي، سوين ڪتاب پڙھيا. ڊاڪٽر محبت ﭘرڙي ايل ايم سِي ۾ گريجوئيشن (ايم بِي بِي ايس) 79-1972ع دوران ڪئي. گريجوئيشن جي اَن طويل عرصي جو سبب ايم بي بي ايس جي آخري سال ۾ سنڌس تمام گھڻيون سياسي سرگرميون ۽ ملڪ ۾ مارشل لا سبب يونيورسٽين جي تعليم ۾ پيل رُخنا ھئا.

## نوڪري ۽ خانگي ڪلينڪ

ايم بي بي ايس پاس ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽر محبت ﭘرڙي 82-1980ع دوران ڪئپٽن ڊاڪٽر جي حيثيت سان ڪمپلسري ملٽري سروس ڪئي، جنھن دوران ھُو گلگت، اسڪردو ۽ ڪوئٽا ۾ بہ رھيو. پنھنجي آزاداڻي طبيعت سبب ڊاڪٽر محبت ڪئپٽن ڊاڪٽر جي عھدي تان مستعفي ٿي موٽي آيو. جنھن کان پوءِ ھن 1983ع ۾ *ميلون جونس بلڊ بئنڪ* ڪراچيءَ ۾ ۽ 84-1983ع دوران *ڏَ آغا خان چيريٽيبل ڊسپينسري* ڪراچيءَ ۾ پرائيويٽ نوڪري ڪئي، پر سنت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي نوڪريءَ جي پابندين کان پاڻ کي آجو ڪري، اباڻي شهر قنبر هليو آيو، ته جيئن پنهنجن غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪري سگهي. 1984ع کان 1997ع ۾ وفات تائين، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جنرل ميڊيڪل ڊاڪٽر طور *لطيف ڪلينڪ* تي، قنبر جي باگي ديري محلي، گوپانگ محلي ۽ علي خان محلي ۾ مريضن جو علاج ڪيو. شاهه لطيف سان کيس بيحد عقيدت هئي.

## شادي ۽ اولاد

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي شادي 1983ع ۾ محترمه صفيه ميمڻ سان ڪراچيءَ ۾ ٿي. کيس اولاد ۾ هڪ پٽ انجنيئر ساجد محبت آهي، جنهن ڪيميڪل ٽيڪنالاجيءَ ۾ بي اِي ۽ ايم اِي ڪئي آهي. هينئر ڪراچيءَ ۾ اين اِي ڊِي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر طور پڙهائي پيو.

## مطالعو

ڪلاڪن جا ڪلاڪ مطالعي ڪي اريينڊڙ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو پنهنجي تکڙي مطالعاتي رفتار ۽ ذهين هئڻ ڪري ڪتابن مان ڪم جا نُڪتا جهٽي وٺندو هو ۽ بيان ڪيل ڳالهه وغيره جي تهه در تهه خيال تائين رَسائي حاصل ڪري سگهندو هو. اها ئي ڳالهه سندس ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي سگهه ۾ به سمايل هئي، جنهن کيس سٺو محقق ۽ گهڻ پاسائون تنقيد نگار بنجڻ ۾ گهڻي مدد ڪئي. هن تمام گهڻا ڪتاب ۽ رسالا انگريزي، سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ پڙهيا. ڪو به ضخيم ڪتاب پڙهي پجائڻ ڪاڻ هن لاءِ ٻه چار ڏينهن ڪافي هوندا هئا.

## ادبي ۽ صحافتي سرگرميون

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي ايل ايم سي ۾ پڙهڻ دوران مختصر ڪهاڻيون، طنز مزاح جا ليک ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيا، جيڪي *"شاگرد"* پبليڪيشن، *انجيڪشن"* پبليڪيشن ۽ ايل ايم سي جي *لياقت"* ۽ ٻين مخزنن ۾ ڇپيا. شايد سندس پهرين ڪهاڻي "ڊاڪٽر" هئي، جيڪا ايل ايم سي جي سالياني مخزن *لياقت"* ۾ 74-1973ع ۾ ڇپي، جنهن سان سندس ادبي زندگيءَ جي شروعات ٿي. پوءِ ڊاڪٽر محبت مسلسل ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون، طنز و مزاح جا ليک لکيا ۽ چوند ڪتاب ترجمو ڪيا. ساڳئي وقت هُو *"سنڌي"* پبليڪيشن ڄامشوري (*'سنڌي ڊائجسٽ'*) جي ائين ۽ نائين ڪڙيءَ جي مُرتبن ۾ شامل (اسسٽنٽ ايڊيٽر) ۽ چيرائينڊڙ رهيو. اها سندس صحافتي ڪم جي شروعات هئي. 1977ع ۾ هو *سنڌي شاگرد پبليڪيشن"* جو ايڊيٽر ۽ *انجيڪشن پبليڪيشن"* ڄامشوري جو باڻهن ٻيلي ۽ ڪاتب رهيو. جن ۾ هن


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قلمي نالن سان ايڊيٽوريل ۽ مضمون لکيا. هُو "رهبر ڊائجسٽ" حيدرآباد سان سهڪار ڪندڙ رهيو. ڊاڪٽر محبت برڙو 92-1991ع ۾ روزاني "جاڳو" ڪراچيءَ جو قنبر تعلقي لاءِ نمائندو رهيو.

## پبلشنگ ادارو

ڊاڪٽر محبت برڙي قنبر ۾ 1978ع ۾ "ڏاهپ ڪتاب گهر" نالي پبلشنگ اداري جو بنياد رکيو. جنهن پاران پاڪيٽ سائيز ۾ هڪ ڪتاب "مائو زي تنگ" ليکڪ: رسول بخش پليجو، جنوري 1979ع ۾ ڇپرايو ويو.

1994ع ۾ ڊاڪٽر محبت جي ننڍي ڀاءُ رياضت برڙي پبلشنگ ادارو قائم ڪري، اداري جي نالي بابت ڪانئس راءِ ورتي ته ڊاڪٽر محبت ان جو نالو "ڏاهپ پبليڪيشن" تجويز ڪيو. جيڪو حتمي طور طي ڪيو ويو.

## سنڌالاجيءَ ۾ ڪيل ڪم

ٻوليءَ جي جهيڙن ۾، جڏهن سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ کي باهه ڏئي ساڙيو ويو. ته ڊاڪٽر غلام علي الانا جي نگرانيءَ ۾ لائبريريءَ جو ڪم ٻيهر شروع ڪيو ويو. ڊاڪٽر محبت برڙي پنهنجي آرٽسٽ دوست منصور عالم ابڙي سان گڏجي، سڄ لٿي کان پوءِ، ڪيترائي ڪلاڪ روزانو ويهي، پنهنجن خوبصورت اکرن سان ڪتابن جا اعزازي طور ڪيٽلاگ لکي، ان ڪم ۾ هٿ ونڊايو.

## سماجي خدمتون

ڊاڪٽر محبت برڙي 76-1974ع دوران "گلن جهڙا ٻارڙا سنگت قنبر" جي سرپرستي ڪئي، جيڪا سندس صلاح سان ڀائو درمحمد برڙي قائم ڪئي هئي. هر هفتي ٻارڙا سنگت جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ ٻارن کي تربيت ڏيڻ لاءِ ڊاڪٽر محبت ڄامشوري کان قنبر ڪَهي ايندو هو. سندس ان عمل سان قنبر ۾ ترقي پسنديءَ جي ڀرپور سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي دَور جي شروعات ٿي. ان ئي تسلسل هيٺ 1977ع ۾ هُو سماجي ڀلائيءَ جي تنظيم "قنبر ويلفيئر ايسوسيئيشن" جو باني ميمبر به رهيو.

قنبر ۾ اڄڪلهه کان پوءِ ڊاڪٽر محبت "سٽيزن (ويلفيئر) ڪاميٽي قنبر" جو باني ميمبر ۽ سيڪريٽري 94-1993ع دوران رهيو. هو "ڪاميٽيءَ" جي مختلف پروگرامن کي عملي روپ ڏيندڙ ساٿين مان هڪ هو.

هُو 1989ع ۾ "موهن جو دڙو سائنس ڪلب قنبر" کان 1997ع ۾ وفات تائين، ان ڪلب جي نئين نالي "ڪيرٽر سائنس اڪيڊمي قنبر" سان لاڳاپيل ۽ ان جي فڪري اڳواڻي ڪندڙ رهيو. جنهن پاران هن ڪجهه ليڪچر بنيادي سائنسي


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائون سائز ۾ 372 صفحن تي مشتمل هو ۽ جنهن ۾ سنڌ جي سياسي اڳوان جي ايم سيد ۽ ايم ڪيو ايم سميت سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ مختلف مختلف سياسي پارٽين جي سرگرمين جو تنقيدي جائزو ورتو ويو هو. ڊاڪٽر محبت ٻرڙي کي اهو ڪتاب لکڻ تي عوامي تحريڪ پاران 'علمي محاذ جو سپهه سالار' ايوارڊ طور اجرڪ اوڍايو ويو. "...جيڪو سچ چوي" جو آخري باب "هٽ وڏايو ـ سنڌ بچايو" نالي سان الڳ ڪتابي روپ ۾ 1988ع ۾ ڇپيو. ساڳئي عرصي ۾ ڊاڪٽر محبت جا مٿين ٻن ڪتابن کان سواءِ هيٺيان مختصر ڪتاب ڇپيا:

1. سنڌي ٻوليءَ جو دشمن نمبر ڀهريون ڪير؟ ۽ سنڌي قوم جو اردو ڳالهائيندڙ حصو سنڌ تي ميري نظر رکي ٿو (درحقيقت "...جيڪو سچ چوي" ڪتاب جا آخري ٻه باب الڳ ڪري ڇپرايل)
2. شهيد فاضل راهو ۽ سندس پارٽي (1988ع. قلمي نالو: لطيف. عوامي تحريڪ ۽ ان سان واسطيدار مختلف تنظيمن جي مختصر جاڻ)
3. ڄاڻي سڃاڻي ويهان ڪيئن ماٺ ڪري (مارچ 1988ع. قلمي نالو: سڄڻ. وطن دوست پارٽيءَ جو سياسي تجزيو)
4. سنڌي عوام جو قومي اتحاد ۽ ڪي سازشي (مارچ 1988ع. قلمي نالو: سڄڻ)
5. ڇا ايم ڪيو ايم ـ پ پ پ ناهه سنڌي ماڻهن خلاف خوفناڪ، تباهه ڪندڙ ۽ موتمار سازش ناهي؟ (جنوري 1989ع. قلمي نالو: مهراڻ مگسي. نام نهاد 'ڪراچي ٺاهه' جو تجزيو)
6. پ پ پ حڪومت جا ڀهريان تيهه ڏينهن (1989ع. قلمي نالو: مهراڻ مگسي)
7. سنڌيو سجاڳ ٿيو: سنڌ دشمن ۽ سنڌي دشمن سازشن کان هر گهڙي خبردار رهو (1989ع. قلمي نالو: مهراڻ مگسي)
8. سنڌي مار سورما (فيبروري 1990ع قلمي نالو: لطيف ۽ سڄڻ. ضياء دَور ۾ "جساف" جي ڪارنامن جو مختصر ذڪر)
9. سنڌين جا اتحاد (1990ع ۾، 200 عدد صفحن تي مشتمل، جنهن ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ وارن 40 سالن دوران ٺهيل/ڪيل سنڌي سياسي پارٽين جي اتحادن جو جائزو ورتل. اڻ ڇپيل ڪتاب)
10. ايم ڪيو ايم ڪِي دهشتگرد سياست (اردو ۾ لکيل تفصيلي ڪتاب. صفحا لڳ ڀڳ 600 عدد. اڻ ڇپيل)

## عوامي تحريڪ کان عليحدگي

1990ع ۾ عوامي تحريڪ سازشن جي وَر چڙهي ٽٽڻ لڳي. ته ڪيترائي سرگرم سياسي ڪارڪن ۽ اڳواڻ يا ته پارٽي ڇڏڻ لڳا يا انهن تي مختلف الزام



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽي ڪين خارج ڪيو وڃڻ لڳو. ٻئي طرف شهيد فاضل راهوءَ جو پٽ محمد اسماعيل راهو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ هن ڌار گروپ قائم ڪيو، ته ڪوڙ ساترا ڪارڪن سنڌس گروپ ۾ به شامل ٿيا. ڊاڪٽر محبت اهڙي وقت ۾ پنهنجن ويجهن دوستن سميت وڏي ڏک منجهان ان صورتحال کي جاچي رهيو هو. هن محمد اسماعيل راهو جي ڪارگذارين کي نظر ۾ رکندي هڪ مضمون "فاضل جيڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ هجي ها ته... پنهنجي محبوب ڪردار شهيد محمد فاضل راهوءَ جي چوٿينءَ ورسيءَ جي مناسبت سان لکيو. جيڪو 17 جنوري 1991ع تي *"عوامي آواز"* ۽ *"جاڳو"* اخبارن ۾ ڇپيو ۽ وري عوامي تحريڪ جي اڳواڻ رسول بخش پليجي جي ڪارگذارين جي پس منظر ۾ هڪ ٻيو مضمون "سنڌ جو سورهيه شهيد فاضل راهو" شهيد محمد فاضل راهوءَ جي پنجينءَ ورسيءَ جي مناسبت سان لکيو. جيڪو 17 جنوري 1992ع تي *"عوامي آواز"* *"الوحيد"* ۽ *"جاڳو"* اخبارن ۾ ڇپيو ته پليجي صاحب ايڪشن ڪٺندي، ڊاڪٽر محبت کي 1992ع ۾ عوامي تحريڪ مان ڪڍرائي ڇڏيو ان ريت، هڪ ڍهنڊڙ پارٽي ڪيس چاهيندڙن ۽ وڌائيندڙن مان هڪ اهم شخص کان محروم ٿي وئي.

## علمي ڪمن جي شروعات

ڊاڪٽر محبت ان کان پوءِ ٻيءَ ڪنهن سياسي پارٽيءَ ۾ شامل نه ٿيو. ان جي بدران هن سياسي صورتحال تي مضمون لکڻ ۽ ترجما ڪرڻ، مختلف علمي مقالا ۽ مضمون لکڻ ۽ ترجمو ڪرڻ، انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا جوڙڻ، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ سائنسي اصطلاح سازي ڪرڻ، سنڌي ٻوليءَ، ان جي لفظن ۽ گرامر تي تحقيق ڪرڻ، علمي ليڪچر ڏيڻ ۽ سماجي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. سندس اهو ڪم تمام گهڻو گهڻ طرفو ۽ ڳُوڙهو آهي. سياسي سرگرمين کان پوءِ ڊاڪٽر محبت جي اها هڪ اهم ۽ پائدار پيش رفت هئي، جنهن ڪيس سنڌ جي علمي، ادبي ۽ تحقيقي دنيا ۾ هڪ نئون ۽ پائدار تعارف ڏنو.

هتي سندس تحريري ڪم تي مٿاڇري نظر وجهون ٿا:

## ڪجهه تخليقي سياسي مضمون

1. سنڌ ۾ موجود ڌارين جون لوڏون ۽ ٻوڙي سرڪار جي خاموشي
2. سنڌ جي تاريخ ۾ وڏيراشاهيءَ جو منفي ڪردار
3. سوويت يونين کان پوءِ دنيا ڪٿي بيٺي آهي؟
4. پاڪستان ۾ جمهوري قدرن کي پائدار ڪيئن بنائجي؟
5. سنڌ دوستيءَ جي نالي ۾ دڙڪي واري سياست


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. سنڌ جون گھڻ گھريون ڏريون دهشتگردن کي ڪيئن منهن ڏين؟
7. رياست جي بڻ بابت نظريا
8. سنڌ جي سالميت ۽ ايم ڪيو ايم
9. سنڌ ۾ سياسي گھوٽالو ۽ وطن دوست ڌر جي ضرورت
10. عوامي تحريڪ ۽ پليجو گروپ
11. سنڌين جو نئون سياسي اڳواڻ
12. سنڌ جي بندرگاهه خلاف سازشن جو تاجي پيئو

۽ ٻيا انيڪ مضمون، جيڪي *"جاڳو"، "عوامي آواز"، "هلال پاڪستان"، "سنڌ"، "الوحيد"* ۽ ٻين اخبارن ۾ ڇپيا.

## ترجمو ڪيل ڪجهه سياسي مضمون

1. ڪئناڊا ايڪئل رهڻ جي اميد رکي ٿو (ليکڪ: اظهر علي)
2. سنڌ مسئلن جي حقيقي صورتحال ڇا آهي؟ (ليکڪ: اقبال جعفر)
3. سويت يونين ڪان پالهي ڏرتي (ليکڪ: مشتاق احمد)
4. آيت الله جو پوٽ (ليکڪ: فريڊ هاليڊي)
5. ماسڪو ۾ ڊپ ۽ ٻَل (ليکڪ: جوناٿن اسٽيل)
6. پي اين اي تحريڪ: ابتدا ۽ انتها (ليکڪ: منير احمد)
7. احمد شاهه ابداليءَ جون سنڌ تي ڪاهون (ليکڪ: عزيزالدين احمد)

۽ ٻيا ڪيترائي ترجمو ڪيل سياسي مضمون.

## ترجمو ڪيل سياسي ۽ فڪري ڪتاب

1. چين مٿان ڳاڙهو تارو (ليکڪ: ايڊگر سنو. هڪ باب هفتيوار "سنڌو" ۾ ڇپيل، وڌيڪ اڻڇپيل)
2. اٽڪ قلعي ڪان (ڇپيل، مئي 1990ع. 181 صفحا. ليکڪ: ميجر آفتاب احمد)
3. موسيٰ ڪان مارڪس تائين (ڇپيل، اپريل 2006ع. ليکڪ: سبطِ حسن)
4. جدلي ماديت جا بنيادي اصول (ڇپيل، اپريل 2008ع. ليکڪ: اي. اسپرڪن ۽ او. ياخوت)
5. ڇا اسين ڳَڏ رهي سگھون ٿا؟ (ليکڪ: پروفيسر عزيزالدين احمد. ٻه باب "جاڳو" ۾ ڇپيل، وڌيڪ اڻڇپيل)
6. سنڌ ڊيموڪريٽڪ گروپ ۽ ايم ڪيو ايم جي پٽيشن جو ترجمو (اڻڇپيل)

## تخليقي مقالا ۽ مضمونَ

1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (۽ ٻيا مضمونَ 'مواد سهيڙيو مهم' هيٺ لکيل)
2. ٻول گھاڙيتو


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي
4. هر هڪ لفظ هيري ڪاڻ
5. ضميري پچاڙيون ۽ صحيح سنڌي ٻولي
6. جامع سنڌي لغات جو جائزو: پهرئين جلد جي حوالي سان پهرئين پڙهڻي.
7. الفابيٽ/رسم الخط/اسڪرپٽ ـ ڪجهه اعتراض ۽ انومان
8. استدلال جو اهو طريقو غلط آهي
9. يُونجاڻي ڪئلينڊر بابت بنيادي ڄاڻ
10. ماڻهو ۽ ماڻهپو
11. زندگي ڪهڙن ڪمن ۾ گذريو وڃي
12. انساني حق ـ مختصر تاريخ
13. ماڻهوءَ جهڙو جانار ۽ ماڻهو
14. ماڻهوءَ ۽ سنڌس آڳيتن (پروسِيڊرس) جي ارتقا (اڻڇپيل)
15. خاڪن جو خاڪو

## ترجمو ڪيل تحقيقي مقالا ۽ مضمونَ (مختلف سبجيڪٽن سان واسطيدار)

1. سنڌ جون ٻوليون (ليکڪ: ايم ايچ پنهور)
2. چار هزار ورهيہ ق.م ـ سنڌ جي ٻولي (ليکڪ: ايم ايچ پنهور)
3. سنڌ ۾ نئين پاٿر (نويهڻي) جمار (ليکڪ: ايم ايچ پنهور)
4. سنڌ جا شهر ۽ وَسنديون (ليکڪ: ايم ايچ پنهور)
5. سنڌ ۾ ماڻهو (ليکڪ: ايم ايچ پنهور)
6. يُونجاڻي ڪئلينڊر (ليکڪ: ايم ايچ پنهور)
7. ٿر ۽ ڪوهستان رڻن جا وڻ ٽڻ (ليکڪ: مسز فرزانہ پنهور)
8. سنڌ ۾ زرعي ـ آبهوائي علائقن بابت نئين سوچ (ليکڪ: ايم ايچ پنهور)
9. پاڪستان ۾ سنڌ جي معاشي ڦرلٽ (ليکڪ: ايم ايچ پنهور)
10. ٻوليءَ ۾ ڦيرڦار جي اپياس لاءِ مکيہ ٻوليئاڄاڻي وٿڪن جي چونڊ (ليکڪ: ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو)
11. ڪميونيڪيشن ميڊيا جو استعمال (اڻڇپيل ليکڪ: ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو)

ان کان سواءِ ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي جي پي ايچ ڊِي ٿيسز جي پنجين باب جو ترجمو ڊاڪٽر محبت ڪيو، پر پوءِ ترجمي جو ناهہ ختم ڪيو ويو.

## تخليقي ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب

1. انقلاب (ليکڪ: جارج آرويل، ناول جو اختصار)
2. پڙهجي ڪيئن؟ (ترجمو، پبلشر وٽان مسودو گم ٿيل)


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. شعور (180 صفحا. اسڪريٽ پبلشر وٽان گم ٿي ويو)
4. ٻول جو ٻڻ (200 صفحا. وفات کان پوءِ ڇپيل)
5. ٻوليءَ جو ٻڻ (191 صفحا. وفات کان پوءِ ڇپيل)
6. ڌرتي منهنجو گهر (200 صفحا. ٻه باب ڇپيل)
7. ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ (ليکڪ: ايم.ايڇ. پنهور. ڪجهه باب ڇپيل)
8. سورس مٽيريل آن سنڌ (ليکڪ: ايم ايڇ پنهور)
9. ڪوٽيشنس/اقتباسات (ترجمو. 250 صفحا. ڪجهه اقتباس ڇپيل)

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي پنهنجي ننڍي ڀاءُ رياضت ٻرڙي جي مختصر سائنسي معلوماتي ڪتاب "سائنسي معلومات" جي تصحيح ڪئي ۽ سندس بين ڪيترن ئي مضمونن تي نظرثاني ڪئي.

## ادبي ايوارڊ

ڊاڪٽر محبت کي ماهوار "ڪينجهر" حيدرآباد پاران مضمون نويسيءَ جو "ڪينجهر ادبي ايوارڊ" 1994ع. سندس لکيل تحقيقي مقالي "جامع سنڌي لغات جو جائزو.." تي ڏنو ويو. ان نسبت سان جنوري 1995ع ۾ سانگهڙ سنڌي ادبي سنگت قنبر شاخ پاران ادبي ويهڪ پڻ ڪئي وئي.

## قلمي نالا

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جن مختلف قلمي توڙي اصلي نالن سان لکيو. تن ۾ هي نالا شامل آهن: محبت، محبت علي، م.ع.، ساجد، ساجد اجيد، سجاد قنبروي، قنبروي، لطيف، سڄڻ، سڄڻ ٻرڙو، مهراڻ مگسي ۽ محبت ٻرڙو.

## سنڌي ادبي سنگت قنبر سان وابستگي

سنڌي ادبي سنگت قنبر شاخ سان ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ويجهڙائي رهي. سنگت قنبر جي گڏجاڻين ۽ پروگرامن ۾ وقتاً فوقتاً شريڪ ٿيندو ۽ پنهنجون مفيد صلاحون ڏيندو رهيو. هو سنگت قنبر جو 1995ع ۾ باضابطا ميمبر ٿيو ۽ سنگت قنبر پاران هن "سنڌي ٻوليءَ جا آواز" موضوع تي ليڪچر ڏنو ۽ "لطيف جو فڪر" ليڪچر ۾ عظيم سومري سان ٻانهن ٻيلي رهيو.

## وفات

هن عالم، اڻ مُلهه ۽ محبتي شخص ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي وفات دل جي دَوري سبب، 9 اپريل 1997ع تي، اربع ڏينهن، منجهند جو ٻي وڳي ڌاري، قنبر جي گوپانگ محلي ۾ واقع پنهنجي گهر ۾ ٿي. جنهن سانگهڙ واسطيدار هر ماڻهوءَ کي بيحد ڏکوئي وڌو هو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر محبت پنهنجي زندگيءَ جي مختصر عرصي ۾، سياسي، علمي ۽ ادبي سفر دوران. انيڪ شاگرد ۽ دوست ٺاهيا. جن مان ڪيترائي سنڌ، سنڌين ۽ انسانيت جي واڌاري لاءِ هاڻي به پتوڙي رهيا آهن.

## ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي

ڊاڪٽر محبت برڙي جي وفات کان پوءِ سندس ويجهن دوستن ۽ شاگردن، سندس ياد ۾، ڪيرئر سائنس اڪيڊمي جو نالو تبديل ڪري ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي رکيو، جنهن جي منشور ۾ هڪ نُڪتو ڊاڪٽر محبت برڙي جي ڪيل ڪمن کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ شامل آهي. "اڪيڊمي" پاران سندس چاليهو 25 مئي 1997ع تي منعقد ڪيو ويو. ان موقعي تي سندس لکيل تعارفي بُڪ ليٽ ڇپرائي وئي. اڪيڊمي هر سال اپريل مهيني ۾ سنڌ سطح تي ڊاڪٽر محبت جي ورسي منعقد ڪري ٿي. ان موقعي تي ڊاڪٽر محبت جو نئون ڪتاب پڻ ڇپرائي پڌرو ڪري/ڪرائي ٿي. اڪيڊميءَ پاران 2002ع کان وٺي، ورسيءَ جي موقعي تي، علمي، ادبي ۽ سماجي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ نمايان شخصيتن کي ڊاڪٽر محبت برڙو ايوارڊ پڻ ڏنا وڃن ٿا.

## وفات کان پوءِ ڇپيل ڪتاب

1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (1998ع. مقالا، مضمون ۽ علمي خط)
2. ماڻهو ۽ ماڻهپو (1999ع. مقالا ۽ مضمون)
3. اڃو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون (2000ع. مقالا ۽ مضمون)
4. يادون ۽ سُڪون (2001ع. انٽرويو، ڪهاڻيون، طنز و مزاح ۽ ننڍايل ناول)
5. ٻوليءَ جو بُڻ (2002ع. تحقيقي ڪتاب)
6. سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت (2003ع. مقالا ۽ مضمون)
7. شعور (2004ع. مڪمل ڪتاب. ٻيو ڇاپو 2008ع)
8. موسيٰ کان مارڪس تائين (2005ع. ترجمو. ليکڪ: سبطِ حسن)
9. سنڌ: حڪمران، ايم ڪيو ايم ۽ سنڌي عوام (2006ع. سياسي مضمون)
10. ٻول جو بُڻ (2007ع. تحقيقي ڪتاب)
11. جدلي ماديت جا بنيادي اصول (2008ع. ترجمو. ليکڪ: اي. اسپرڪن ۽ او. ياخوٽ)
12. ڌرتي: منهنجو گهر (2009ع سائنسي معلوماتي ڪتاب)
13. آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي (2010ع. ترجمو. ليکڪ: ايم. ايڇ. پنهور)

❊❊❊


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Postanchio : پِستو (پوسٽانچيو)
Pot : پاٽ
Pot shred : ٺيڪراٽو
Potter's wheel : ڪنڀارڪو چَڪ
Pre-civilization : اڳ-سڀيتائي
Predecessor : آڳيلو/اڳيتو
Preserved moisture : محفوظ ڳِهم
Pre-sinjunthropus : اڳ ٻول مانس
Pressuring : دٻائڻ
Primary : ڀهريني/ڀهرينو
Primate : اتميت
(جانارن جي ان شاخ جو نالو جنهن جو آخري سرموڙ ماڻهو آهي)
Primitive : اَرچ
Process : ساٽ (عمل)
Productivity : اُپتائپ
Proto : آڳِل (ٻڌائتو)
Proto-Gujrati : آڳِل-گجراتي
Proto-Hindi : آڳِل-هندي
Proto-Indo-European : آڳِل-اندو-يورپي
Proto-Punjabi : آڳِل-پنجابي
Proto-Sindhi : آڳِل-سنڌي
Protoplasm : پروٽوپلازم
(سيل/جيوگهرڙي جو ٻڌائتو مادو)
Psychiatrist : مَنجاڻڪ ("نفسياتدان")
Pumice : ڪُرنڊ
Purple : واڱڻائي
Puzzling : ڏکيو حل-ٺيندڙ
Quaternary : چاريت
Race : نسل (قوم، ٽولو)
Radiation : تروراٺپ (ڪِرڻاٺپ)
Radio-Carbon Dating : ڪرڻا ڪاربن-تاريخ
Radius : نيم قطر
Railways : ريل-راهون

Rain-fall : وسڪارو/مينهن-وَس
Ramapithecus : راما ٻاندر
Red-hot : رَتو-تَتو
Re-examination : وري-چڪاس
Regime : راڄوڪي
Relief : ساهتا/آرام
Religious Literature : ڌرمي ساهت
Reproductive : وري-اُپائت/ٻُوراتي
(ٻورجڻ يا انگورجڻ واري)
Resin : ڳُونر
Reverse : ابتڙ
Rhizome : ٿُڙوٽ
Rhythm : تال
Rotation : ڦِرڪو
Rudimentary سوسِڙيَل
Ruler : حڪمران
Rumbling sound : گُهگُهوڪ گوڙ
Sacred : پوتر
Saint : اڪابر/بزرگ/وَلي
Sand hill : ڀِٽ
Sapodilla : چِڪُو
Scandinavian : اسڪينڊِينيويائِي
Science : سُجاڻ
Scraper : ڇيلهو
Carinated scrapers : جهوڪڙ ڇيلها
End scrapers : ٻِڪ ڇيلها
Script : لکيت
Sculptor : فنڪار (نقاش، بت تراش، مجسمه ساز)
Season : مُند (موسم)
Sect : پنٿ
Semetic : سامي
Semi-arid : اڌ-سوڪاٽيل
Short wave : ننڍيلهر
Shrub-Steppe : ٻُوٽائون-پوٺو


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Vapour : پاڻيءَ-ٻڦار
Variation : گهٽاوڌ (ڦيرڦار)
Variety : وٿڪ
Vedic religion : ويدائي ڌرم
Vegetation : ٻاجيائپ (ڦٽڻ/وڌڻ/ويجهڻ)
Volcanic : ٻاهوٽيائي (آتشفشاني)
Volcano : ٻاهوٽي (آتشفشان)
Vortex : ڪُن
Vowels : وائل (سُرَ)
Vowel less : بنا وائل
Warm : سجر
Warming : تپاڻ (ڪوسائپ)
War of nerves : تنتي جنگ
Upper : ماٿيل (سِري وارو/وارِي)
War ship : جنگي ٻيڙو
Waves : چوليون
Weather : مُند
Weather System : مُندائت سرشتو
Westerlies : اولهايُون
Wet : آلهدار
Wild : جهنگلي/اڻ هيرايل/اوهير
Wind : واڄَ (واءُ)
Windiness : وائڪائي
Work Platform : ڏنڏوڙڪ ٿلهو
Yield : لاپ (اُپت)
Zoroasterism : زرتش مت

❊❊❊

{ پورو ٿيو }


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڊاڪٽر محبت برڙو



ايم. ايڇ. پنھور

ڊاڪٽر محبت ۾ وڏو پوٽينشل ھو. ھُو جيڪڏھن ۴۵ بدران ۷۵ سال حياتي ماڻي ھا تہ الائي ڇا ھجي ھا! ھُو تمام گھڻو لرنيٽ ماڻھو ھو...

– ايم. ايڇ. پنھور

توھان جي تحقيق سنڌ ۾ سنڌ بابت ھڪ وڏي ۽ مڪمل ڪوٽ کي پورو ڪري ٿي. آءٌ پاڻ کي انھن ماڻھن ۾ ڳڻيان ٿو جيڪي علم جو قدر ڪندا ۽ عالم کي عزت ڏيندا آھن ۽ ان ڪري سڌ رکان ٿو تہ جيڏو توھان جو علمي مرتبو آھي اوترو ئي توھان کي مانُ ۽ ميٺا ملڻ گھرجي.

– ڊاڪٽر محبت برڙو

Designed by: Riazat Burrro

Rs. 120

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com